

# پوکڻ پوکڻ ۾

## امتياز ابڙو

مٽياري ڪتاب دوست پروگرام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پوکَن پوکَن ۾

امتياز ابڙو

مُئيارِي ڪتاب دوسِت پروگرام

2008ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا مصنف وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: پوڳن پوڳن ۾
مصنف: امتياز ابڙو
تعداد: هڪ هزار
ڇاپو: پهريون
ڇپيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
ٽائيٽل لي آئوٽ سڪندر علي شاهه ۽ مير علي شاهه
قيمت:

---

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو مان مٽياري ڪتاب دوست پروگرام تحت ڇپائي شايع ڪرايو ويو. مٽياري ڪتاب دوست پروگرام ضلعي حڪومت مٽياري ظرفان ضلعي اندر ڪتاب علم دوستي کي فروغ ڏيڻ ۽ ضلعي جي شاعرن، عالمن ۽ اديبن جي قلمي ڪوشش کي شايع ڪرائڻ لاءِ شروع ڪيو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيغام



مٽياري ضلعي حڪومت جي لاءِ اها ڳالهه باعثِ افتخار آهي جو مٽياري ڪتاب دوست پروگرام ذريعي ضلعي جي علمي و تاريخي ورثي کي محفوظ ڪرڻ لاءِ پهريون قدم کنيو. اسان جي اها ننڍي ڪوشش عالمن، اديبن، شاعرن ۽ تاريخدانن جي قلمي پورهئي کي شايع ڪري عام عوام تائين پهچائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي.

**سيد محمد علي شاهه ڄاموٽ**
ضلع ناظم مٽياري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

پنهنجن شهزادن
فيضان
۽
حيان
جي نالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻه اکر

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي سون ورني سنڌ ۾ مخدوم سرور نوح رح عليہ جي شهر هالا سان وابستہ امتياز ابڙي جو مظبوط تعارف، مزاح نگار هجڻ سان گڏ سنو استاد دوست، يار ويس ۾ خوبصورت انسان پڻ آهي. سمجهہ ۾ نہ پيو اچي تہ لفظن جي تند تند سان ڪيئن ملائيان جو امتياز جو ڪجهہ حق ادا ٿئي،ڪاوش اخبار جي ڪالم پوڳن پوڳن ۾ ڪيترن ئي سالن کان معاشري کي ٺهڪ ۾ کلون اريپندڙ امتياز. پنهنجي ذات ۾ حساس نظر اچي ٿو،شايد ننڍپڻ کان وٺي امتياز معاشري ۾ چاپلوسي،ٺڳيءَ،ڪوڙ،رهزني،لاقانونيت ۾ ناانصافي کي ويجهي کان مشاهدو ڪيو اٿس، نيوٽن لا مطابق اهي مذاحيہ ڪالم ڪنهن يقيناً طبقاتي ۾ معاشري Reactionn جونتيجو آهن.

شابس هجيس هن اهڙي ڏکي صنف تي ڪيترن ئي سالن سان انصاف سان نڀايو ۾ داد ورتو اٿس،شل پڙهندڙ انهن ڪالمن ۾ امتياز جا ڳوڙها ڏسي سگهن! دعا آهي خدا ڪيس وڏي عمر ڏي ۾ اهڙي خوبصورتيءَ سان سنڌ واسين کيَ سڄي دنيا ۾ کلائيندو رهي،شل وسي ۾ وسندو رهي،سچ پچ تہ سنڌ جي مٽيءَ ۾ جيجل جي جهوليءَ ۾ ملندڙ ٻوليءَ جو حق ادا ڪيو اٿس، ڪٿي اياز اهڙن لاءِ تہ نہ چيو آهي

جيڪا ٻولي ٿجّ سان تنهنجي پيٽ پئي!
سا تو ڪيئن ڪئي،اڄ ڪلهہ آهي اوپري!

- اظفر بهزاد هالا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| 1. شادي شدهه معنيٰ ختم شدهه | 7 |
| 2. بادشاهه جي تلاش | 10 |
| 3. گهوٽ | 16 |
| 4. No جوان گلوڪارائون | 21 |
| 5. گنجن جي زندگيءَ ۾ جهاتي! | 25 |
| 6. گنجن جي زندگيءَ ۾ ٻيهر جهاتي! | 29 |
| 7. ٿلهو ماٺو ڊوڙي ٿو! | 33 |
| 8. پيٽ | 37 |
| 9. گهوڙ ڏينهن | 41 |
| 10. اوٻاسي ڏينهن | 45 |
| 11. ڪونگهرا هٽڻ | 50 |
| 12. چڪ ڏيڻ | 55 |
| 13. ٻي شادي ڪرڻ | 59 |
| 14. وارَ نهرائڻ | 63 |
| 15. راڳ ڳائڻ | 67 |
| 16. مُڇون | 71 |
| 17. ٻڪرُ ۽ مڙس | 76 |
| 18. شادين جو منسٽر | 80 |
| 19. وزيرِ ڏاڙيل | 85 |
| 20. ڊاڪٽر چاپو خان | 89 |
| 21. مَڪِين جو ڊاڪٽر | 94 |
| 22. ٻَڪرن جا چَڪرَ | 98 |
| 23. مڇرن جا حملا | 102 |
| 24. ويلنٽائن ڊي: عاشقن جو ڏينهن! | 106 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| .25 | فقيرن جي دنيا | 111 |
| .26 | جهاز ۽ ايئرهوسٽس | 116 |
| .27 | ايوارڊ تقريب | 121 |
| .28 | سنڌي ادب ۾ اديبائن جي کوٽ | 125 |
| .29 | ”ڏ“ سان ڏاڙيل | 130 |
| .30 | سگريٽ نوشي | 135 |
| .31 | زلزلا | 139 |
| .32 | فروٽ بازار | 144 |
| .33 | هڪ شاعر جو پروفائيل | 149 |
| .34 | غريب ماڻهوءَ جي چٺي | 154 |
| .35 | هڪ اداڪارا جو پروفائيل | 158 |
| .36 | سائين ٽوپي | 162 |
| .37 | نصاب ۽ نصيب | 166 |
| .38 | ڪتاب: منهنجو دوست | 170 |
| .39 | هڪ سرڪاري اديب جو انٽرويو | 174 |
| .40 | مرد ۽ عورت | 178 |
| .41 | منهنجي پياري هاسٽل | 182 |
| .42 | جُوتا | 186 |
| .43 | بجيٽ جي تقرير | 191 |
| .44 | بيروزگاري هڪ نعمت | 195 |
| .45 | پاپ ميوزڪ | 200 |
| .46 | ڪجهه موالين جي باري ۾ | 205 |
| .47 | پروفيسر | 210 |
| .48 | گڏهه ۽ ڊيموڪريٽڪ پارٽي | 214 |
| .49 | ڪُرسي! | 218 |
| .50 | اليڪشن ۾ پوڳَ | 223 |
| .51 | واهه واهه هي ٻارَ تنهنجا....! | 227 |
| .52 | دانش وَرُ | 231 |

| | | |
|---|---|---|
| .53 | گُٽڪي تي پابندي | 235 |
| .54 | دواخانو دَجال | 239 |
| .55 | هِسٽري! | 244 |
| .56 | ڊِنر تي حملو | 249 |
| .57 | عيد جو ٽائيم ٽيبل | 255 |
| .58 | ٻُش ٻُش.....! | 260 |
| .59 | شادي شده بمقابلہ غير شادي شده | 264 |
| .60 | ٻنائيءَ جو ميلو | 268 |
| .61 | سياسي ڪرڪيٽ | 272 |
| .62 | ”Suffer نامو“ | 276 |
| .63 | فيملي پلاننگ | 281 |
| .64 | سنڌي ظالمي ڪانفرنس | 285 |
| .65 | موبائيل فون | 289 |
| .66 | ”لالُو پرساد“ يا ”ديوُ“ | 294 |
| .67 | گنجن جي واپسي | 298 |
| .68 | عيد جو چنڊ | 301 |
| .69 | سنڌ جو گِري ۾ گِرو شاعر | 305 |
| .70 | ريٽائر ملازم | 309 |
| .71 | محقق ۽ تحقيق | 313 |
| .72 | . اخبار | 317 |
| .73 | ڪالم گيري | 322 |
| .74 | ڪاوش جا ڪالم نگار ۽ انهن جا فوٽو | 326 |

***

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻوڳن ٻوڳن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شادي شده معنيٰ ختم شده

شادي ماڻهو ٽن سببن جي ڪري ڪندو آهي. پهريون جڏهن سندس ماءُ ڪيس چوندي آهي. ٻيو جڏهن سندس ٻارن جي ماءُ مرندي آهي ۽ ٽيون، جڏهن ڪيس ڪنهن ڪي ماءُ بڻائڻو هوندو آهي. شادي اهو واحد ڪم آهي جيڪو سوچي سمجهي ڪرڻ کان پوءِ به سوچڻ سمجهڻ ڪان سواءِ ڪيل لڳندو آهي. هڪڙيءَ زال واري مڙس کي سنڌيءَ ۾ شادي شده ۽ ٻاڙي ۾ ختم شده چوندا آهن. عورت ۽ مرد جي شادي شده هئڻ ۾ بس اهو فرق آهي ته عورت شاديءَ کان اڳ خوفزده لڳندي آهي ۽ مرد شاديءَ کان پوءِ. ... !

شادي هر مرد توڙي عورت تي فرض آهي. رڳو انهن تي فرض ڪانهي، جن جي اڳ ۾ ئي شادي ٿيل آهي. شاديءَ کي عقلمند بنا سوچڻ جي ڪندا آهن ۽ بيوقوف سوچي سمجهي ڪندا آهن. هي اهو عمل آهي جنهن کي مرد اهو سوچي ڪندا آهن ته انهيءَ جي نه ڪرڻ سان ٻيو ڪجهه به نه ٿي سگهندو ۽ عورتون اهو سوچي ڪنديون آهن ته انهيءَ سان ئي سيڪجهه ٿيندو... منهنجو هڪ ٻڇڙيوال دوست چوندو آهي ته "انهيءَ سان رڳو اعداد شمار ۾ اضافو ٿيندو، ٻيو ڪجهه ڪونه ٿيندو..." جيڪو مرد شادي نه ڪندو آهي، اهو پلي اسي سالن ۾ مري وڃي تڏهن به ماڻهو چوندا ته، "جوانيءَ ۾ مئو...!" جيڪي ماڻهو غير شادي شده مرندا آهن، انهن جو وري چوڻ هوندو آهي ته، "گدڙ جي سئو سالن جي زندگيءَ کان شينهن جي هڪ ڏينهن واري زندگي بهتر آهي!" گدڙ کان وري پڇبو ته چوندو، "آئون سئو سالن سان ته چاهه پر ٻن سالن ۾ هڪ سَسُ سان به زندگي نٿو گذاري سگهان...!"

سني زال اها جيڪا پاڻ ڪجهه به نه ڪري، پر سيڪجهه مڙس کان ڪرائي... ۽ سنو مڙس اهو جيڪو سيڪجهه پاڻ ڪري ۽ زال کي ڪجهه به ڪرڻ نه ڏي... جيئن هڪ مقرر تقرير ۾ چئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو هو تہ ”زال ۾ مڙس سائيڪل جا ٻہ ڦيٿا آهن...!“ اهو ڪونہ ٻڌايائين تہ ٻنهي مان اڳيون ڦيٿو ڪهڙو آهي!... اسان جي ملڪ ۾ تہ هر مڙس وٽ هڪ زال رکيل هوندي آهي... اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڏسڻ ۾ ائين ايندو آهي جڻ هر زال وٽ هڪ مڙس رکيل آهي....

شادي شڌهہ پلي بورجوادي هجي يا اُترادي هجي... هي اهو جانور آهي جيڪو پرولتاري دور ۾ بہ ملندو تہ لغاري دور ۾ بہ ملندو.. منهنجو هڪ دوست چوندو آهي تہ ”انسان شاديءَ لاءِ پيدا ٿيو آهي ۽ ٻچڙيوال ٿي مرندو!“ اسان جي تاريخ جا تہ ڪيترائي سورما رڳو زالن واري چڪر ۾ اهڙو قاتل رهيا. جو تاج محل تي تہ اجايا خرچ ڪري ويا پر عوام لاءِ ڪا اسپتال بہ نہ ٺهرائي سگهيا.... بادشاهہ تہ شاديون ڪندا ڪونہ هئا، پر شاديون ڪيڏندا هئا. جيڪا پرائي نياڻي سياڻي ڏٺائون... هڻ نڪاح ۾... ايران جي فردوسيءَ تہ ”شاهناما“ لکي اهو پئي ٻڌايو تہ شاهن (بادشاهن) جا ڪهڙا ڏنڌا هوندا هئا. اسان جي خيال ۾ مڙس تہ هالي ووڊ کان هالا پراڻا تائين سڀ ساڳيا هوندا آهن... رڳو ٿورو افعالن، اعمالن ۾ نالن جو فرق هوندو آهي... زالون وري سڀ هڪجهڙيون نہ هونديون آهن. رڳو انهن جو ميڪپ مختلف هوندو آهي... متان ڪنهن فنڪشن ۾ زال وڃائجي وڃي تہ مڙسن کي پنهنجي پنهنجي زال ڳولڻ ۾ تڪليف نہ ٿئي...!

هڪ دوست پنهنجي ٻئي دوست کي چيو، ”زال‘ جي لٺ کي بہ متا...!“ ٻئي دوست چيس، ”ڀُليو آهين، زال جي لَٽَ کي بہ متا...!“ زال سنڌيءَ واري هجي يا اردوءَ واري، هر زال اهو چوندي آهي تہ، ”مون جهڙي زال ڪاٿ ڪانہ هوندي....!“ اهوئي سبب آهي جو سنڌس مڙس بازار ۾ نڪرندو. تہ هر مائي پيو جانچي ڏسندو تہ واقعي هن جي زال جهڙي ڪا بہ ڪانهي. منهنجي هڪ ٻئي دوست جي ٿيوري پنهنجي آهي... چوندو ”زال ڪڏهن بہ محبوبا ٿي نٿي سگهي. جيڪڏهن ڪو مڙس چوي ٿو تہ زال سندس محبوبا آهي، تہ پوءِ اها هن جي نہ پر ڪنهن ٻئي جي زال هوندي..!“

دنيا ۾ هر جينيئس هڪ دفعو غلطي ضرور ڪندو آهي، پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس اها غلطي ان وقت پڪڙبي آهي جنهن وقت هو قاضيءَ جي پر ۾ وينو هوندو آهي. هڪڙي همراهه چيو ته، "شادي سوچي سمجهي ڪرڻ گهرجي." اسان جي خيال ۾ اگر شادي ٿي ڪرڻي آهي ته پوءِ سوچڻ سمجهڻ جي ضرورت ڪهڙي آهي؟. هڪڙي شادي شده کان پڇيم. "دنيا جو اهو ڪهڙو ڪم آهي، جيڪو سڀ کان آسان آهي...؟" ته چيائين "شادي..." پڇيم، "پلا مشڪل ڪم ڪهڙو آهي؟" ته چيائين، "اها به شادي..." روسو چيو هو ته، "انسان آزاد ڄمي ٿو ۽ پوءِ سڄي زندگي غلاميءَ ۾ گذاري ٿو..." اهو جملو دراصل هن شاديءَ کان پوءِ لکيو هو. فلمستار لهري چوندو هو ته "اگر مونکي ڄمڻ جي معاملي ۾ آزادي هجي ها ته آئون ڄمان ٿي شادي شده ها!" منهنجي ته خيال ۾ دنيا جو بدنصيب مرد اهو آهي جيڪو شادي نه به ڪري ته به شادي شده لڳي... ۽ خوشنصيب عورت اها آهي جيڪا شادي ڪري به ڇڏي، پوءِ به غير شادي شده لڳي. ٽاپ جي مزاحيا اداڪار ڄمر ڪيريءَ کان ڪنهن پڇيو "ڇا انسان شادين لاءِ پيدا ٿيو آهي؟" ته چيائين، "نه.... انسان شادين ڪانپوءِ پيدا ٿيو آهي"، ۽ جيتوڻيڪ ڪيترائي آهن جيڪي، شادين کان پوءِ به پيدا ٿيل نه لڳندا آهن....!

جيڪي ٿي شاديون ڪندا آهن، اهي سائنسدان هوندا آهن. ڇو ته سائنسدان جو ڪم ئي هوندو آهي تجربا ڪرڻ... پوءِ يا هيڏانهن يا هوڏانهن.... ڪي ته نه هيڏانهن جا رهندا آهن، نه هوڏانهن جا.... جيڪي ماڻهو پهرين شادي ڪري خوش نه هوندا آهن، اهي ٻي زال جي چڪر ۾ هوندا آهن ۽ جيڪي ٻي شادي ڪري خوش نه هوندا آهن، اهي وري ساڳي پهرئين زال جي چڪر ۾ هوندا آهن... جڏهن مون هڪ هيسيل مڙس کان انٽرويو ڪيو ته چيائين، "شاديءَ کان پهرين مڙس وٽ روزگار هوندو آهي ۽ شاديءَ کان پوءِ مڙس وٽ روز گار هوندي آهي! پڇيومانس، "تنهنجي پسند جو ڊرامو ڪهڙو آهي؟" ته چيائين، "شادي"... پڇيومانس، "ڇو؟" ته چيائين "واحد ڊرامو آهي، جنهن ۾ ڪو به هيرو نه هوندو آهي....!" وري پڇيومانس ته "شادي شده جي معنيٰ ڇا آهي؟" ته چيائين، "شادي شده معنيٰ ختم شده!"

# بادشاهه جي تلاش

ڳالهه ڪندا آهن، الائي ڪير ڳالهه ڪندا آهن ته هڪڙي مُلڪ ۾ هڪڙو بادشاهه رهندو هو... سڀ مُلڪ ۾ رڳو هڪڙو ئي بادشاهه رهندو هو. پين الائي ڇا پئي ڪيو! هونئن به هڪڙي ملڪ ۾ هڪڙو ئي بادشاهه نهي تو، گهڻا بادشاهه هوندا ته راڻين تان وڙهي مرندا... اسان کي ته گهڻا بادشاهه رڳو تاش ۾ سٺا لڳندا آهن... سال به هزار پنج عيسويءَ جي تيرهين مهيني جي پنجين آچر تي اسان سوچيو پئي ته ڪنهن بادشاهه کان انٽرويو ڪريون... رستي تي هڪ همراهه کي روڪيوسين ۽ پڇيوسين ته، ”توهان ڪير آهيو؟“ چيائين، ”آئون سئو گهوڙن وارو سوداگر آهيان!“ عرض ڪيوسين، ”توهان ڇا ڪندا آهيو؟ چيائين، ”آئون هارس ٽريڊنگ ڪندو آهيان!“

پڇيوسين، ”اي سوداگرن جا سوداگر! توهان مُلڪن جا مُلڪ ڏٺا ڪاڏا آهن، ٻڌايو ته اسان وارو بادشاهه ڪٿي تو رهي؟“ سوداگر ڦيرئين مون طرف ڏٺو، پوءِ پاڻ ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ ڪٿي به ڪونه ڏٺو... چيائين، ”هتان کان ڪجهه ڪوهه پري پهچي وري ڪجهه ڪوهه هلي.... وري به ڪجهه ڪوهه پنڌ ڪرڻ کانپوءِ هڪ ويران جاءِ ۾ پهچندين... جتي غور ڪري ڏسندين ته اها ويران جاءِ ٻي ڪا نه پر هڪ پرائمري اسڪول هوندو، جتي نه ماستر هوندو نه شاگرد هوندا، پر ڪٽڪ جون پوريون رکيون هونديون... ان جي ڪابي پاسي ڦري وري ٻيهر ڪابي پاسي ڦري وڃجان، پر گهڻو به ڪابي پاسي نه ڦرجان، نه ته ڪابي ڌر جو سمجهيو ويندين... سامهون ڏسندين ته اتي هڪ بادشاهه کٽ اونڌي ڪريو ستو پيو هوندو، ان کي جاڳائجان... پر اهو ڪونه جاڳندو، ڇو ته اهو بادشاهه آهي ۽ تون ان جي ڪن وٽ وڃي ست دفعا ٻليءَ جو آواز ڪيجانءِ. اگر ان آواز تي به بادشاهه نه جاڳي ته ٿورو پونڪجان... پونڪڻ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪثر بادشاهه اتي پوندا آهن. اگر ان ڪانپوءِ بہ نہ اتي تہ پڪ سمجهي وڃجان تہ اهو ڪنهن نگران حڪومت جو بادشاهه آهي، ۽ ننڍ جون گوريون ڪائي ستو آهي...!“

سوداگر کي چيم، ”اي سوداگر! تون ڄاڻين ٿو تہ اهو بادشاهه باتدبير آهي... ڇا اها منهنجي گستاخي نہ ٿيندي جو آئون هن کي خوابن جي دنيا مان جاڳايان!“

سوداگر چيو: ”اي پريا مڙس.... انهيءَ کي نہ جاڳائڻ سان وري ستر رشوت خورن کي کُلي عام رشوت ڏيڻ جيترو گناهه ملندئي... وڃ.... وڃي ان کي جاڳاءِ!“ ائين چئي سئو گهوڙن وارو سوداگر موڪلائي هليو ويو ۽ آئون بادشاهه جي تلاش ۾ پيهر نڪري پيس!

هلندو وڃان، هلندو وڃان... ۽ پئي هليس. رڪشا بہ ڪانہ ڪرائيم. رستي ۾ هڪڙو ڪانير مليو، ٻيو ڪانير مليو، ٽيون ڪانير مليو... پر آئون هلندو ويس. ٿورو ٿڪجي پيس تہ پونسٽان جي گوري کائي وري هلڻ لڳس... پر ويران جاءِ نہ ملي. وري هڪڙو همراهه مليو، ان کان پڇيم تہ، ”ڪير آهين؟“ چيائين: ”آئون بہ ڪانير آهيان.“ نيٺ مونکي ان کان ئي پڇڻو پيو تہ، ”اهو بادشاهه ڪٿي آهي، جيڪو گٽ .اونڌي ڪري سمهندو آهي؟“ ڪانير چيو، ”مونکي خبر ناهي، آئون تہ ڪانير آهيان.“

خار ۾ چئمانس: ”توکي خبر ناهي تہ پوءِ هتي جهنگ ۾ ڇا پيو ڪرين؟ ڪهاڻين ۾ تہ ڪانير رستو ٻڌائيندا آهن؟“ اهو ٻڌي چيائين، ”توهان هتان اوڀر طرف هليا وڃو.. پوءِ اتر طرف مڙي جيئڻ ئي اولهہ طرف مڙندائو تہ توهان جي بلڪل پٺيان اوڀر هوندو ۽ اتي هڪ ويران جاءِ نهيل هوندي... اها جاءِ بادشاهه ويران ٿي انڪري ڪرائي هئي تہ جيئن اُتي اچي گٽ اونڌي ڪري سمهي... ڇو تہ بادشاهه بلڪل واندو هو، ان کي ٻيو ڪو ڪم ڪار ڪونہ هو... راڻي رڳو هن کان رڌ پچاءَ جو ڪم پئي وٺندي هئي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻانهين کي ٻه موڪل ڏيئي ڇڏي هئائين. هڪڙي دفعي ته ولايت مان آيل هڪ ٻي راڻيءَ جي اڳيان بادشاهه کي ڏهه رپيا ڏيندي چيو هئائين، ”بادشاهه... گرم پڪوڙا وٺي اچ!... جيڪو ٻڌي بادشاه خود گرم ٿي ويو هو!“

ڪانير، ڪان پڇيم، ”بادشاهه ڪٿ اونڌي ڪري چو ٿو سمهي؟“ چيائين، ”چو ته بادشاهه ڪٿ سِڌي ڪري سمهي ٿو ته بادشاهه کي ننڊ ئي ڪانه ٿي اچي!“

وري چيائين، ”پهرئين پهرئين بادشاهه کي اولاد ئي ڪونه ٿيندو هو.... پوءِ ڪنهن ڪيس ياد ڏياريو ته توهان شادي ته ڪريو ته اولاد ٿئي... پوءِ بادشاهه سڄي ملڪ ۾ اعلان ڪرايو ته جنهن کي ٻه نه ٿيندو هجي، ان کي آئون پنهنجي راڻي بنائيندس... ائين بادشاهه جي نيٺ هڪ ڪانير جي ڌيءَ سان شادي ٿي.... ٻئي ڏينهن بادشاهه کي هڪ فقير صوف ڏيئي ويو ته، ”هي تون ڪائي ڇڏجئين، اولاد راڻيءَ کي ٿيندو.“ پر بادشاهه سڄو صوف راڻيءَ کي آڻي ڏنو. پوءِ ته راڻيءَ کي مفت جا صوف اهڙا وڻيا جو روزانو صوف ڪائڻ لڳي ۽ صوف ڪائي ڪائي ٿلهي ٿي ويئي، پر ڪيس ڪو رنگيلي جهڙو ٻار به نه ڄائو. جيتوڻيڪ بادشاهه کي ڪنهن ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ گهربو هو پر بادشاهه کي ضد هو ته، ”نه... راڻي، فقير جو ڏنل صوف ڪائيندي، پوءِ ئي اميد سان ٿيندي.... ۽ اجا تائين بادشاهه ان اميد ۾ آهي ته راڻي اُميد سانِ ٿئي!“

آئون ڪانير جو شڪر ادا ڪري اڳيان هلڻ لڳس... هلندو ويس، هلندو ويس ۽ پئي ويس... جهڙي نوڪري پئي ڳوليم... رستي ۾ هڪ ٻيو همراهه مليو. مون ان کان ڪونه پڇيو ته ڪير آهين... چو ته مون کي اها پڪ هئي ته اهو هجي نه هجي، ڪو ڪانير ئي هوندو. ڪانير مونکي هڪ بوتل ڏيئي پاڻ تڪڙو تڪڙو ڀڄي ويو. مون بوتل کولي ته ان مان دونهون نڪرڻ لڳو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ان مان هڪ جِنُ نڪري آيو... پهرئين ته اهو اڌ ڪلاڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پئي ڪليو، پوءِ وري فرحت وني ٻيهر ڪلڻ لڳو... چئمانس: ”بوتل ۾ لطيفن جو ڪتاب پئي پڙهئي چا؟“ ڪاوڙ ۾ چيائين، ”توکي ڪنهن جن سان ڳالهائڻ جي تميز ڪانهي؟“

چئمانس، ”ادا جن... دراصل اسان اهڙا اهڙا ماڻهو ڏٺا آهن، جو اسان جو جن ڏسڻ وارو شوق ئي مري ويو آهي....“ چيائين، ”تو مونکي بوتل مان آزاد ڪرايو آهي، انڪري.... چا حڪم آهي منهنجا غريب....!“.

پڇمانس: ”تنهنجي آزادي... چا ڪنهن ڊيل جو نتيجو آهي؟“

چيائين، ”ڏکيا سوال نہ پڇ.... منهنجا آقا... تون رڳو حڪم ٻڌاءِ!“

چئمانس: ”ڳاڙهو پان....

چيائين: ”تاش وارو حُڪم نہ... پر ڪا خواهش ٻڌايو؟“

چئمانس: ”ڪافي سال ٿيا آهن، اسان رڳو ٻين جا حڪم پيا ٻڌون، ايترو جو هاڻي تہ حڪم ٻڌي ٻڌي خود اسان کي وسري ويو آهي تہ حڪم ڏبو ڪيئن آهي...“ وري رڙ ڪندي چيائين: ”چا حڪم آهي منهنجا آقا!“

چئمانس: ”مونکي اسان وارو بادشاهہ جاڳائڻو آهي... جيڪو ننڊ جون گوريون ڪائي ستو آهي... مون کي ان بادشاهہ وٽ پهچاءِ!“

جن چيو: ”آئون جن آهيان... ڪو چنگچي ڪونہ آهيان... ڪو ٻيو حڪم ٻڌاءِ“ چئمانس: ”منهنجو پٽ امتحان پيو ڏيڻ... ان کي ڪارتوس پهچائڻا آهن!“

چيائين: ”اهي ڪهڙا ڪم پيا وٺو، انهن ڳالهين جي ڪري تہ بوتل ۾ بند هوس.... ڪو عزت وارو حڪم ٻڌايو منهنجا آقا!“

چئمانس: ”پوءِ پلا مونکي بک لڳي آهي... ڪجھہ ڪاراءِ!“

چيائين: ”توهان چا تا سمجهو... هتي منهنجي پيءُ جي

هوٽل پئي هلي...!“ چيوسين: ”گهر نهرائي ڏي....!“
چيائين:”توکي گهر چا نهرائي ڏيان... آئون خود بوتل ۾ رهندو آهيان!“

چئمانس: ”آئون پانيان تہ هن واري اليڪشن ۾ ڪائونسلر بيهان.... مونکي ميمبر ڪراءِ!“ جن يڪدم ڪلڙ لڳو... ۽ ڪلندي ڪلندي زمين تي ڪري پيو، وري اٿيو ۽ وري ڪلندي ڪلندي فرش تي ڪري پيو. چئمانس ”مونکي ميمبر ڪراءِ، خدا توکي سچ جهڙي ڪنوار ڏيندو!“ ڪنوار جو نالو ورتم تہ جن غصي ۾ ڳاڙهو ٿي، وري پُورو تي ويو... چيائين، ”شادي ڪريان، ان.ڪان تہ آئون بوتل ۾ خوش آهيان...!“ وري چيائين، ”ڪنوار جو نالو نہ وٺين ها تہ سرنهن جيڏا داڻا ڪري ڇڏين ها.... پر آئون توکي ٻڌائي ڇڏيان تہ آئون خود هڪ بادشاهہ جي اناويهين ڌيءُ تي عاشق ٿي پيو هوس... هڪ ڏينهن آئون محل مٿان اڏامي رهيو هوس تہ هيٺ شهزادي موبائيل تي ڪنهن ٿرڊ ڪلاس شهزادي سان ٺهڪ ڏيئي ڳالهائي رهي هئي. مونکي اهي ٺهڪ ڪونہ وڻيا، سو مون شهزاديءَ کي ڪيسي ۾ وجهي اچي ڪوهہ ڪاف جي هڪ پيلي ۾ رکيو. مونکي پوءِ خبر پئي تہ شهزادي تي ڪو سامري جادوگر بہ عاشق هو. ان ڪانسواءِ شهزاديءَ تي ڪئين واندا جادوگر، پاڙيسري پريزاد، بي روزگار بونا، رولو سوداگر، ٻن ٻن ۽ ٽن ٽن شادين وارا بادشاهہ عاشق هئا.... سامري مونکي sms تي الٽيميٽم ڏنو، جيڪو مون نہ مڃيو، تہ هن مونکي هڪ غليظ قسم جي ڪنگهہ جي ڪاري دوا واري خالي بوتل، جيڪا ڏوتل بہ ڪانہ هئي، انهيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيو.... جتي مون ٽي هزار سال بوريت ۾ گذاريا آهن.... اڄ تو مونکي آزاد ڪيو آهي پر افسوس جو آئون تنهنجو ڪو بہ حڪم بجا نٿو آڻي سگهان، چو تہ آئون اسلام آباد جو جِنُ ڪونہ

آهيان...!“ ائين چئي جن غائب ٿي ويو.

بادشاهه ته مون کي ڪونه مليو... ڪنهن کي به ڪونه ٿو ملي... سڀ ڳولي ڳولي ٿڪجي پيا آهن... پر اها ڳالهه ذهن ۾ اچي ٿي ته لوڪ ڪهاڻين ۾ بادشاهن کي جڏهن به اولاد نه ڄمندو آهي ته ڳڻ يا مَنجي اونڌي ڪري وڃي سمهندا آهن.... چاهي اها ڳڻ اسلام آباد جي واڻن جي ٺهيل هجي... سوال وري به اهو آهي ته اسان جي زندگيءَ جي لوڪ ڪهاڻيءَ ۾ اهو بادشاهه ڪڏهن ايندو، جيڪو رعيت جي لاءِ ڳڻ اونڌي ڪري سمهندو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## گهوٽ

گهوٽ هر ڪنهن کي ٿيڻ گهرجي. پوءِ چاهي ان لاءِ ڪنهن کي ملڪ ڇڏڻو پوي. مرد گهوٽ ٿيڻ لاءِ جيتري محنت ڪري ٿو. ان ڪان اڌ جيتري اگر ماڻهو ٿيڻ تي محنت ڪري ته هيءَ دنيا جنت ٿي وڃي. سنڌ ۾ ته سڀ ڪان وڌيون قربانيون گهوٽن ڏنيون آهن، جو هتي اهڙيون رسمون آهن جو گهوٽ جنهن مهل موڙ ٻڌندو آهي ته خود ماءُ پيءُ کي به خبر ڪانه پوندي آهي ته اندر سندن پٽ آهي يا ڪو پاڙي وارو ويٺو آهي! دراصل گهوٽ کي شاديءَ ۾ ايترو سينگاريو ويندو آهي جو هڪڙي غير ملڪيءَ ته هڪ سنڌي گهوٽ کي ڏسي پڇيو ته ”پليز .... هن کي اگر شوڪيس سميت ونجي ته گهٽي ۾ ملندو؟“ تاريخدان چون ٿا ته گهوٽن کي موڙ ان ڪري ٻڌا ويندا آهن، جيئن گهٽ ۾ گهٽ انهن ڪان ڪير اوڏر نه گهري سگهي، نه ته اڄڪلهه شادين تي خرچ ايترو ٿو ٿئي جو اسان جو هڪ دوست شاديءَ ڪان پوءِ به موڙ پائي پيو هلندو هو. رڳو ان ڪري ته متان ڪو قرضي نه سڃاڻي وٺي!

توهان شادي هال ۾ ويندئو ته توهان کي گهوٽ ڳولڻ ۾ تڪليف نه ٿيندي. سڄي هال ۾ توهان کي ٻيا به ڪيترائي احمق ڏسڻ ۾ ايندا، پر جيڪو سيني ڪان وڌيڪ سپر احمق نظر اچي، اهو گهوٽ هوندو... يا سڄي هال ۾ جنهن جي منهن تي ٻارنهن پيا وڄن. اهو ٻيو ڪير نه، پر اهو ئي همراهه هوندو جنهن جو نالو ڪارڊ ۾ وڏن اکرن سان لکيل هو ته ”پوري ڏهين بجي هن سان ڏاڍي ٿيندي.... توهان سڀ شريڪ ٿي ثواب حاصل ڪندا!“

گهوٽ اسان وٽ سڀ ٿيندا آهن. جن کي نه ٿيڻ گهرجي، اهي به ٿي ويندا آهن. خود انهن کي به اعتبار نه ايندو آهي، ته اهي واقعي به گهوٽ ٿي ويا آهن. ڪيترائي ته رڳو گهوٽ ٿيڻ مهل سٺا لڳندا آهن، باقي شاديءَ جي ٻئي ڏينهن پاڙي وارا به ان ڪان پيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇندا تہ ”ادا رات شادي ڪنهن جي هئي؟“ جيئن هڪ تمام ٿلهي همراهہ سهڪندي سهڪندي پنهنجي شاديءَ جا ڪارڊ خود پاڻ پئي ورهايا. پڇيائون، ”تون پاڻ چو پيو ورهائين؟“ چيائين، ”ان ڪري تہ جيئن ماڻهن کي اعتبار اچي!“ ٿلها گهوٽ وريٰ ڇچ جو نقصان هوندا آهن، جيئن هڪڙي ٿلهي گهوٽ کي گهوڙي تي ويهاريائون تہ مرڳوٰ گهوڙو ويهي رهيو. گهوڙي بہ صا ف صاف چئي ڏنو تہ، ”اهڙا ڳرا گهوٽ وهاريندائو تہ خود اسان جي ازدواجي زندگي خطري ۾ پئجي ويندي!“ جيئن آئون هڪ ٿلهو گهوٽ سڃاڻان، اُنَ جي سرگس ٽريڪٽر تي ٿي هئي. توهان پڇندائو تہ، ”ٽريڪٽر تي چو؟“ تہ ادا..... جنهن هاٿيءَ کي چيو هئائون، اهو ٽائيم تي نہ اچي سگهيو هو!

ڪجهہ ڏينهن اڳ مون هڪ گهوٽ کان انٽرويو ورتو. اهو انٽرويو هتي پيش ڪريان ٿو:

**آئون**: ادا، گهوٽ صاحب اسان ٻڌو آهي تہ گهوٽ ٿيڻ لاءِ توهان وڏا ڪشالا ڪيا آهن؟

**گهوٽ**: جي ها... گهوٽ ٿيڻ لاءِ پهرين مون کان هڪ ٽيسٽ ورتي ويئي. لکيلَ هو، ”ڪي بہ پنج سوال ڪريو. هر سوال تي هڪ جيتريون زالون ملنديون.“ آئون ڏاڍو خوش ٿيس، پر صرف هڪڙو سوال صحيح ٿيو!

**آئون**: توهان جي ٽيسٽ ڪنهن ورتي؟

**گهوٽ**: منهنجي ساهرن... منهنجي سس پڇيو، ”پَٽُ رڌڻ ايندو اٿئي؟“ چئمانس، ”شاديءَ کان پوءِ هوندئن ئي زندگي پٽ تي ويندي!“

**آئون**: ٻيو ڇا پڇيائين؟

**گهوٽ**: پڇيائين، ”هڪڙي واشنگ مشين هڪڙي منٽ ۾ ڏهہ وڳا ڌوئي ٿي. ٻڌاءِ تہ هڪڙو مڙس هڪڙي منٽ ۾ ڪيترا وڳا ڌوئيندو؟“ چئمانس، ”هڪڙو مڙس صرف هڪڙو ئي وڳو ڌوئيندو...

تہ مون کي فيل ڪري ڇڏيائين.

**آٿون**: پوءِ توهان گهوٽ ڪيئن ٿيائو؟

**گهوٽ**: رشوت ڏنم..... ويهہ وڳا سسُ جا ۽ سَت سَت وڳا سالين کي وٺي ڏنم، تڏهن وڃي ڪنوار ملي......!

**آٿون**: مطلب تہ توهان جو خرچ تمام گهڻو ٿيو؟

**گهوٽ**: ها- چيائون، ”اسان جي ڌيءُ ڏار رهندي....!“ مون چيو، ”ڇا مون ڪان بہ ڏار رهندي؟“ مون هڪڙو فليٽ خريد ڪيو، جنهن جون قسطون وري ايتريون هيون جهڙو قسط وار ڊرامو پئي هليو.

**آٿون**: ۽ ان ڪان پوءِ توهان جي زندگي ڊرامو ٿي ويئي؟

**گهوٽ**: ادا.... شاديءَ جي رات منهنجي سس چيو، ”مون کي چاليهہ ديڳيون کپن!“ سڄي شادي مرچينا وانگي چاليهن ديڳين مٿان چڙهيو بيني هئي. پڇمانس. ”ايتريون ديڳيون؟ ڇا، ديڳين ۾ ڪنواريتا لڪائيندئو؟“

**آٿون**: ڊيڪوريشن تي ڪيترو خرچ ٿيو.

**گهوٽ**: انهن جو بل تہ بل ڪلنٽن کي بہ ماري ويو هڪڙي هڪڙي چمچي جو ايترو ڪرايو وٺائون جڻ مون ڪو سرڪاري چمچو ورتو هجي. بل ۾ ٿالهيون ائين لکيل هو جڻ لکيل هجي: ”ساليون“. مون ڊيڪوريشن واري کي چيو، ”ادا، ٿالهين تي ايترو خرچ ٿا گهرو، ايترو تہ مون سالين تي بہ خرچ ڪونہ ڪيو.“

**آٿون**: توهان حق مهر ۾ ڇا ڏنو؟

**گهوٽ**: حق مهر ۾ مون قاضيءَ کي چيو، ”مون کي لکي ڇڏ!“ ان تان اسان جو جهيڙو ٿي پيو. قاضي ڪنواريتن سان مليل هو. مون لکايو پنجاهہ هزار... قاضيءَ ٻڙي وڏائي ڇڏي، تہ پنج لک ٿي ويو. مون چيو اهو دوکو آهي، آئون پنهنجو قاضي ٿو آڻيان!

**آٿون**: پوءِ توهان پنهنجو قاضي آندو؟

**گهوٽ**: ها.... آئون پنهنجو قاضي آڻڻ لاءِ قاضي احمد ويس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خبر پئي تہ قاضي احمد ۾ ڪو قاضي ڪونہ هو.... پوءِ مون علي قاضي کي خط لکيو تہ اتان بہ ڪو جواب نہ آيو.

**آٿون**: اسان ٻڌو آهي تہ توهان ڊيڪوريشن واري کي ڪوڙو چيڪ ڏنو هو؟

**گهوٽ**: انهن جو سامان بہ تہ درست ڪونهي. ڦاٽل ڪناتون، هڪڙي ڪنات خريد ڪندا تہ پنج سال ان کي ڍوئيندا بہ ڪونہ....... ڪناتن ۾ ايترا سوراخ جو انهن ۾ منهن وجهبو تہ اندر جهڙي ٽي.وي پئي هلندي، ڊيڪوريشن واري چيو تہ مون کي بئنڪ جو چيڪ ڏي!“ مون بہ چاٽي واٽي چيڪ ڏنو پر کهڙي بئنڪ جو؟.... بلڊ بئنڪ جو. اُتي وڃي چيڪ ڏيکاريائين تہ ڊيڪوريشن واري کي سزا طور هنن هڪڙي ڪنات ۾ ويڙهي، هڪڙي شامياني ۾ ٽنگي ڇڏيو ۽ ٻارن کي چيائون، ”جيڪو هن کي هڪڙو ڇمڇو اڇلي هڻندو. ان کي هڪڙي ڊيڪوريشن جي پليٽ انعام ۾ ڏني ويندي!“

**آٿون**: توهان ائين ڇو ڪيو؟

**گهوٽ**: ڇو تہ هڪ شاديءَ ۾ آئون پاڻ مردن واري پورشن ۾ وينو هوس تہ ڏٺم، منهنجي پر واري ڪنات ڦاٽي پئي هئي. ٻئي پاسي ليڊيز هئي.... مون شاديءَ ۾ گهوٽ گهٽ ۽ ليڊيز وڌيڪ پئي ڏٺي. ڪجهہ دير ڪان پوءِ گهوٽ جو پاءُ آيو تہ اها ڪنات تو ڦاڙي آهي ۽ مايون ڏسڻ جي الزام ۾ مون تي موڇڙن جو ڦهڪو ڪري ڏنائون. اهو سڀ خراب ڊيڪوريشن جي ڪري ٿيو، جنهن جو مون بدلو ورتو.

**آٿون**: توهان ڪنواريتن کي بہ تہ سامان ڏنو هوندو؟

**گهوٽ**: بلڪل نہ.... منهنجي هڪ سالي مون کي ڳلن جو هار وڌو، اهو پهرئين ٻئي همراهہ کي پيل هو. ان ڪان وٺي مون کي پاٿائين.... ۽ منهنجي وڏي سالي پاڪر پائي جنهن مهل مبارڪون ڏنيون تہ مون کي جيڪو نوٽن وارو هار پيل هو، ان مان هڪڙو سئو جو نوٽ ڇني، اهو ئي مون کي مناثيءَ ۾ ڏنائين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**آٿون:** معنيٰ تہ توھان گھوٽ ٿيڻ کان پوءِ خوش نہ آھيو؟

**گھوٽ:** ادا! مرد ان ڪري شادي ڪندو آھي تہ جيئن پاڻ کي مرد ثابت ڪري سگھي ۽ عورت ان ڪري شادي ڪندي آھي، چو تہ ھڪ عدد مرد ان جي ڳچيءَ ۾ اچي پوندو آھي. ڪن عورتن کي تہ اھڙا گھوٽ ملندا آھن جو انھن کي توھان گھوڙي تي ويھاريندئو تہ اڌ ڪلاڪ ٽائين تہ گھوڙو بہ اھو پيو سوچيندو تہ ھي منھنجي مٿان ڪھڙي غيبات اچي ويني آھي.... منھنجي خيال ۾، اھي ماڻھو جيڪي ٻيو ڪجھ نہ ٿي سگھندا آھن تہ گھوٽ ٿي، ڪجھ ڪري ڏيکارڻ جو سوچيندا آھن.... يا ڪن کي چيو ويندو آھي تہ توھان ھونءَ ٿي ڪجھ ڪونہ پيا ڪريو. ان کان سٺو آھي تہ گھوٽ ٿي وڃو!

# No جوان ڳُلُو ڪارائون

هڪڙي دوست کان پڇيم، ”بهترين ميوزڪ ڪهڙي آهي؟“ چيائين، ”اها جيڪا مفت ۾ ٻُڌجي!“ وري پڇيومانس، ”يلا خراب ميوزڪ ڪهڙي آهي؟“، تہ چيائين، ”اها جيڪا پئسن سان ونجي ۽ پوءِ بہ نہ ٻڌجي!“ آئون جن ڳلوڪارائن سان مليو آهيان، اهي مون سان ڪڏهن بہ ناهن مليون، ان جي باوجود جن ڳلوڪارائن اسان کي ڏنو بہ ڪونهي، اِسين وري انهن کي ٻڌندا آهيون. مائي ڀاڳي جڏهن ڳائيندي هئي تہ ڪن تي هٿ رکندي هئي. اسين ننڍڙا هئاسين ۽ سوچيندا هئاسين تہ شايد هيءَ پنهنجو ڪلام ٻڌڻ نٿي چاهي. جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ اسان کي ڇو ٿي ٻڌائي؟ ٿورا وڏا ٿياسين تہ اسان هڪ اهڙي ڳلوڪارا کي رڳو ڏٺو، چو تہ ان کي جڏهن ٻڌندا هئاسين تہ اسانِ جا هٿ بہ مائي ڀاڳيءَ وانگر ٿي ويندا هئا. جيئن جلال چانڊئي جا ڪلام اگر ڪير چوي تہ ”مون ڪونہ ٻڌا“ تہ سمجهو جڻ اهو جائو ئي ڪونہ، پر اگر ڪير چوي تہ ”ها.... مون ٻڌا“ تہ بہ جڻ اهو جائو ئي ڪونہ!

سنڌين کي موسيقيءَ ۾ گهڻو پسند ڳلوڪار آهن ۽ تمام گهڻو پسند وري ڳلوڪارائون آهن. جيئن منهنجي پسند جي هڪ ڳلوڪارا آهي، هن کي ڪي ٿي اين پيدا ڪيو. باقي وڏي پنهنجي محنت سان ٿي. هوءَ انهن ڏينهن ۾ بہ نظر ايندي هئي جڏهن اجا جوان بہ ڪانہ ٿي هئي ۽ هن جا ڪلام اسان تڏهن کان ئي ڏسڻ شروع ڪيا، جڏهن اسان کي اجا ٻڌڻ بہ نہ ايندو هو. اسٽيج تي ويهي ڳائيندي آهي، چو تہ اسٽيج تي سمهي ڳائي نہ سگهبو آهي. منهنجي هڪ دوست جو چوڻ آهِي تہ، ”اڄ جي زماني ۾ ڳلوڪارا کي ٻڌبو ناهي!“ جيئن هڪ سنڌي ڳلوڪارا آهي، جنهن کي ننڍپڻ کان ئي راڳ جي راڻي ٿيڻ جو شوق هو، ان ڪري پهرئين راڻي ٿي ۽ پوءِ راڳ ۾ آئي. هيءَ اجا ان عمر ۾ بہ ڇوڪري آهي، جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمر ۾ ڇوڪريون ۽ عورتون ٿي وينديون آهن. جوانيءَ ۾ جنهن گهٽيءَ ۾ رهندي هئي، اها استاد غلام علي ٻڙي ۽ ڍهي ٻڙي جي ڪري مشهور هئي. اڪيلي ۽ پنجن ڇهن ڇٽن جو ڳائي ويندي آهي. هڪ دفعي انٽرويو وٺڻ ويومانس ته گهر اندران پڇيائين، ”ڪون هي؟“، جواب ڏنم، ”مين هون...!“ ته يڪدم ڊوڙ پائي ماڻس کي چيائين، ”ٻاهر مينهون آهن.....!“

هڪ ٻي سنڌ جي وڏي ۽ شاهي گلوڪارا آهي. وڏي ان ڪري جو گهر ۾ سيني جي وڏي آهي ۽ شاهي ان ڪري جو جنهن جاءِ تي هيءَ هڪڙي ويهي ڳائيندي آهي ان جاءِ تي ٻه ڄڻيون ويهي ڳائي سگهن ٿيون. ڳائڻ شروع ڪندي ته پهرئين ته پئي ”او ميان.... او ميان...“ چوندي. اگر ڪنهن فنڪشن ۾ هوندي ته هر زال جو ڪنڌ پيو پنهنجي مڙس ڏانهن ويندو ته ”خبر ناهي... ڪنهن جي ميان کي پئي سڏي!“ راڳ سان هن کي ايتري محبت آهي جيتري راڳ کي هن سان آهي. سلمنگ سينٽر وڃڻ ته لنگهي ڪا نه.... جو هڪ دفعو هنن چيو هوس، ”توهان اسان کي پنهنجو فوٽو ڏيو، اسين ان جي بدلي ۾ توهان کي توهان جو اهڙو فوٽو ڏينداسين، جنهن ۾ توهان جا 20 پونڊ گهٽ هوندا!“

اسان جي خيال ۾ اصل گلوڪار اهو آهي جيڪو اڃا ڳائڻ ئي شروع نه ڪري ته ٻيا ڪيس ٻڌي وٺن، جيئن ملڪ ترنم نورجهان هر فنڪشن ۾ دير سان پهچندي هئي، ڪنهن پڇيو، ”آپا، توهان سدائين يارهين وڳي ڪان پوءِ ٿا اچو!“ چيائين، ”صرف آئون نه.... يارهين ڪان پوءِ ته ٻارنهن ٻه ايندا آهن!“

جيئن غربت ختم ڪرڻ جو واحد حل اهو آهي ته غريبن کي ختم ڪيو وڃي. ڳولي ڳولي غريب ماريا وڃن ته غربت پاڻهي ختم ٿي ويندي. اسان هڪ سنڌي ڳلوڪارا ڏٺي، جنهن ٻانهن سان ڇيڙي ۽ يڪ تارو ايترو تيز پئي هلايو جڻ ريسلنگ ڪلب جي ميمبر هجي! جيتوڻيڪ هن جو چوڻ هو ته، ”آئون نٻين ڏن پيدا

چيائين، ”پوڙو آهين ڇا، سوير کان ”ها“ تہ چوان پئي؟“

رات آچر جي وٽندي اٽس، جو ٻئي ڏينهن موڪل هوندي آهي. جيڪو ڪلام هوءَ پنج منٽ ڳائي سگهندي آهي، ان کي پندرنهن منٽن ۾ پورو ڪندي آهي. مزارن تي گهڻو ڳائيندي آهي ۽ اتي وري ڪپڙا اهڙا پائيندي آهي، جو پري کان پاڻ بہ ڪا مزار لڳندي آهي!، هڪ انٽرويو ۾ پڇيومانس، ”ڪامياب گلوڪارا ڪهڙي هوندي آهي؟“ چيائين، ”اها.... جنهن جي آواز ۾ ائين لڳي ڄڻ پنج ڪمزور ملي هڪ طاقتور کي ماري رهيا هجن!“

اها حقيقت آهي تہ دنيا ۾ شعر اگر شاعرا چوي تہ شعر کان بہ وڌيڪ وٽندي آهي. شاعرن کي تہ هميشہ اها ئي گذارش ڪئي ويندي آهي تہ توهان مهرباني ڪري پنهنجا شعر ڇپرايو، ٻڌايو نہ...! اهو ئي سبب آهي جو گلوڪارائن کي اگر ڪير ٻڌي نہ سگهندو آهي تہ ڏسندو ضرور آهي.

هڪ ٻي نوجوان سنڌي گلوڪارا آهي، راڳ ڇيڙيندي آهي تہ لڳندو ڄڻ سڄي شهر کي ڇيڙي رهي آهي. اسان تہ هن کي انهن ڏينهن ۾ ڏٺو، جن ڏينهن ۾ هن کي سيني ڏسي ورتو هو. ايتري تہ پلي گلوڪارا آهي جو ماڻهو بنا ٻڌئي بہ ڪلاڪ هن کي ويهي ڏسندا آهن. هن جو وڏي گلوڪارا ٿيڻ جو هڪ سبب اهو بہ آهي تہ هن ڪا تربيت نہ ورتي. اسان جي خيال ۾ وڏي گلوڪارا اها آهي جيڪا شاعري نہ هئڻ جي باوجود بہ ڳائي ڏيکاري ۽ تمام وڏي گلوڪارا وري اها آهي جيڪا آواز نہ هئڻ جي باوجود بہ گهڻو ڪجهہ ٻڌائي وڃي.

# گنجن جي زندگيءَ ۾ جهاتي!

گنجي کي سنڌيءَ ۾ ”گنجو“ چيو ويندو آهي. اردوءَ ۾ ”گنجو لکيو ويندو آهي ۽ انگريزيءَ ۾ ”گنجو“ سمجهيو ويندو آهي. سڀ گنجا پري کان ساڳيا لڳندا آهن. ويجهو کان مختلف رڳو ان ڪري لڳندا آهن ته جيئن گهٽ ۾ گهٽ ٻارن کي پنهنجو پنهنجو گنجو پيءُ ڳولڻ ۾ آساني ٿئي. دنيا جي هر حصي ۾ اسان کي مختلف رنگ ۽ نسل جا ماڻهو ملندا... رڳو گنجو آهي جيڪو هر ملڪ ۾ ساڳيو ملندو. گنجو پنهنجي زندگيءَ ۾ به وڏا صدما برداشت ڪندو آهي. پهريون جڏهن هو قاضيءَ جو منهن ڏسندو آهي ۽ ٻيو جڏهن هن کي ٻڌايو ويندو آهي ته هاڻي توهان ڦڻي استعمال ڪرڻ جي لائق نه رهيا آهيو. عورت وري هر ڏک برداشت ڪري سگهي ٿي سواءِ هڪ ڏک جي... اگر ڪا ٻي عورت ڪانئس پڇي ته، ”ادي چا ... توهان جو مڙس گنجو آهي؟“

گنجو پنهنجي عمر هميشه صحيح ٻڌائيندو آهي، چو ته هن کي خبر هوندي آهي ته ”جيترو آئون نظر اچان ٿو ان کان مٿي جي عمر وارا ڪونه ٿيندا آهن ۽ جيتري آئون گهٽ عمر ٻڌائيندس انهيءَ کان گهٽ عمرين وارا وري گنجا ڪونه ٿيندا آهن!“ گنجا سماج جو آئينو آهن... بلڪ گنجن لاءِ آئينو خود هڪ سماج آهي. جنهن ۾ ڏسڻ کان پوءِ گنجو محسوس ڪندو آهي ته هاڻي هن وٽ ڪجهه به ناهي بچيو. ڪنهن پڇيو ته دنيا ۾ اهو ڪهڙو ماڻهو آهي جيڪو بغير ڳالهائڻ جي به ٻين کي ڪلائي سگهي ٿو، يڪدم چيم ”گنجو...“ حقيقت به اها آهي جو سائنسدانن گنجن کي بلڊ پريشر گهٽائڻ جو اوزار سمجهي هڪ تجربو ڪيو. پنجاهه مريضن جي سامهون پنج گنجا ويهاريا ويا... مريض مسڪرائڻ لڳا. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ مريضن جو بلڊ پريشر ڏٺو ويو ته اهو حيرت انگيز طور تي نارمل هو... پر گنجن جو پريشر ڏٺو ويو ته اهو چڙهيل هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صدر ڪيو ويندو آهي.

گنجو ڪنهن به عورت جو آئيڊيل نٿو ٿي سگهي... ها باقي ڪجهه مرد اهڙا هوندا آهن، جيڪي آئيڊيل ٿيڻ ڪان پوءِ گنجا ٿي ويندا آهن. جيئن هڪ پريمي جوڙو عدالت ۾ پهتو ته وڪيل ڇوڪريءَ کان پڇيو ”ڇا توکي خبر نه هئي ته تنهنجو پريمي گنجو آهي؟“ ڇوڪريءَ به جواب ڏنس ”ڇا توهان کي خبر نه آهي ته عشق انڌو ٿيندو آهي!“ چيڪو سلواڪيه جو هڪ محاورو آهي ته ”گنجي جي خوبصورتي ان جي مٿي تي نه پر مٿي ۾ هوندي آهي...“ مسلمان سائنسدانن جو وري اهو خيال هو ته ”انسان گنجو ٿيڻ کان ڀرپائين ايترو ڪونه سوچيندو آهي جيترو گنجو ٿيڻ کان پوءِ... ان ڪري البيروني ته گنجي جي مٿي کي ”ذهانت جي ڪنجي“ چوندو هو. سنڌي وري ڪنهن گنجي جي ذهانت جو اندازو بن ڳالهين مان لڳائيندا آهن. هڪڙو وڳ پائڻ کان ڀرئين ۽ ٻيو وڳ لاهڻ کان پوءِ. جيئن هڪ حجام کان پڇيوسين ”توهان گنجن لاءِ ڇا ڪري سگهو ٿا؟“ ته چيائين ”اسين گنجن لاءِ رڳو دعا ڪري سگهون ٿا!“

هر ماڻهوءَ جو قانون ٿيندو آهي پر گنجي جو ڪوبه قانون نه ٿيندو آهي. جيئن هڪڙي گنجي اسٽيڪر ڇپرائي پنهنجن ٻين گنجن دوستن ۾ ورهايا ته ”وقت ۽ وار... ڪنهن جو به انتظار نه ڪندا آهن!“ گنجي جي مئٿميٽڪس به سٺي هوندي آهي ان ڪري ٻه گنجا جڏهن به پاڻ ۾ ملندا ته اکين بجاءِ مٿن ۾ نهاريندا ۽ دل ئي دل ۾ هڪ ٻئي جا وار ڳڻيندا ويندا ۽ اهو حساب لڳائيندا ته ”ٻنهي مان وڌيڪ گنجو ڪير آهي!“ گنجي جو ڪو به مستقبل نه ٿيندو آهي، جو ته هو مستقبل ۾ به گنجو هوندو آهي. گنجي جي زندگيءَ جو هڪڙو ئي مقصد هوندو آهي ته ڪيئن به ڪري باقي ڪرنڊڙ وارن کي بچائي...

”توهان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترائي گنجا ڏٺا هوندا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي غير شاديِ شده هوندا آهن پر پوءِ به شادي شده لڳندا آهن. ان ڪري گنجا پنهنجي زندگيءَ ۾ جلد شادي ڪري ڇڏيندا آهن. باقي جيڪي گنجا دير ڪندا آهن اهي پوءِ ائين اوچتو شادي ڪندا آهن، جو پاڙي کي به ٻئي ڏينهن خبر پوندي آهي ته "نيٺ گنجو گهوٽ ٿيو!" دنيا ۾ سڀ کان وڏيڪ جنهن مرض لاءِ دوائون وڪامجن ٿيون اهو "گنجو پڻ" آهي... ۽ سو به وري شرطيه علاج... پر اسان ڏٺو آهي ته جيڪي ڊاڪٽر يا حڪيم گنجي پڻ جو علاج ٻڌائيندا آهن اهي خود به گنجا هوندا آهن. انهن جي دوا استعمال ڪرڻ جو وڏو فائدو اهو هوندو آهي ته گنجي کي نوان وار ته ڪونه ايندا آهن پر گنجو پوءِ سڌري ويندو آهي... جيتوڻيڪ اسان جي ملڪ ۾ غريب ماڻهو لاٿيٽ جو بل ڏسڻ کان پوءِ ۽ امير ٻي شادي ڪرڻ کان پوءِ گنجو ٿي ويندو آهي. جيئن هڪ اين جي او جي دوست کان پڇيم ته "توهان وٽ گنجن جي حقن لاءِ ڇا آهي؟" ته چيائين "اسان وٽ گنجن لاءِ رڳو وِگيون آهن!"

# گنجن جي زندگيءَ ۾ ٻيهر جهاتي!

مون جيڪو گنجن تي ڪالم لکيو هو، ان تي مون کي گنجن جون ڪيتريون ئي اي ميل پهتيون آهن. انهن ۾ هڪڙي به فيِ ميل ڪانهي. هونءَ به اسان گنجو جڏهن ٻه ڏٺو، مرد ڏٺو... جيتوڻيڪ گنجن جون زالون ڪاوڙيل آهن، باقي گنجا خوش ٿيا آهن، ته گهٽ ۾ گهٽ ڪير ته آهي، جيڪو سندن حقن لاءِ ڳالهائي ٿو. منهنجا وري جيڪي دوست آهن، انهن ۾ اڌ گنجا آهن ۽ اڌ گنجا ٿي رهيا آهن. آئون پاڻ به هڪ ڏينهن آرسي ڏسندس ته ٿي سگهي ٿو اهو سوچيان ته ”هلو... هاڻي گهٽ ۾ گهٽ حجامن مان ته جند ڇٽي... بس هاڻي پاڻ ڦينچي ڪٽبي ۽ وار ڳٽي ناهي. ونبا!“ جيئن منهنجي چاچي کي ٻارنهن وار آهن ۽ ڇهه ٻار آهن. گنجن جا ٻار وري پنهنجن پيئرن کان پڇندا به ڪونه آهن ته توهان سان آخر هي ڪنهن ڪيو آهي. هو وڏا ذهين ٿيندا آهن. پيءُ جڏهن به هنن کي پنهنجن وارن جي باري ۾ ٻڌائڻ لڳندو آهي ته چوندا آهن، ”بابا... توهان نه ٻڌايو، اسين سڀ سمجهي وياسين!“

گنجو ڪٽي ڪتي جو به هجي، پر پنهنجي سنگت ۾ پسند ڪيو ويندو آهي، چو ته گنجا بيشڪ ذهين هوندا آهن ۽ اهو رڳو انڪري ته جيئن ماڻهن جو ڌيان صرف مٿي تائين وڃي... مٿي کان مٿي نه وڃي! گنجن جي پنهنجي نفسيات آهي. توهان ڪنهن به گنجي کي منهن تي گنجو نٽا چئي سگهو. هو توهان کي دل ئي دل ۾ اهڙو پاراتو ڏيندو جو توهان جا نسل گنجا پيدا ٿيندا.

گنجن جي وڏي فوج جو ذڪر چار سئو قبل مسيح ۾ ملي ٿو. سقراط نه صرف پاڻ گنجو هو پر سقراط کي جنهن زهر جو پيالو پري ڏنو هو، اهو به گنجو هو. گنجن ۽ وارن وارن جون جنگيون به جام لڳيون. سڀ کان وڏي جنگ جپان وارن ”ننجا“ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورت ۾ وڙهي. ننجا به اصل ۾ گنجا هئا، ڪوپرنيڪس پاڻ گنجو ڪونه هو پر هن جو هڪ گنجي سان جهيڙو ٿي پيو هو... ان کان پوءِ ئي ڪوپرنيڪس اهو دريافت ڪيو ته "دنيا گول آهي" مائوزي تنگ به گنجو هو. اهو رڳو ان ڪري جو پاڙي جي هڪ گنجي ڪيس پاراتو ڏنو هو. گنجي کي تنگ ڪرڻ جي ڪري انهي ئي گنجي سنڌس نالو مائوزي تنگ رکيو هو... اها خبر تمام گهٽ ماڻهن ئي آهي ته وليم ورڊس ورٿ نه صرف خوبصورت شاعر هو پر خوبصورت گنجو به هو. مون کي ته گنجن ۾ سڀ کان وڏيڪ گانڌي وڻندو آهي. جو ته گانڌيءَ جڏهن گول ميز ڪانفرنس جي آئيڊيا سوچي هئي ته ان مهل آرسيءَ سامهون بيٺو هو. سنڌ جي تاريخ ۾ به گنجن جو وڏو هٿ آهي. گنجا سنڌ ۾ ڪيئن آيا، ان لاءِ ڪجهه گنجا تاريخدان چون ٿا ته "محمد بن قاسم جي فوج ۾ لاتعداد گنجا سپاهي هئا، اهي پوءِ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ائين ڦهلجي ويا جيئن ڪنهن وارن واري جي. مٿي ۾ جوئون ڦهلجي ويندييون آهن!"

گنجن جي ڪا جاگرافي نه هوندي آهي؛ جو ته هي هڪ سڌو پٽ هوندو آهي، ڪٿي هموار ته ڪٿي لهوار... ڪٿي تيز ته ڪٿي هلڪو... اگر ڪا جوءِ ڪنهن گنج تي ڏيڍ انچ في ڪلاڪ جي رفتار سان اتر طرف هلي ته اها پورن ستن ڏينهن کان پوءِ اتي واپس پهچندي جتان هن سفر شروع ڪيو هوندو... ان ڪري گنجي جي مقناطيسي چڪ صرف ايستائين هوندي آهي، جو هو پاسي مان لنگهندڙ ڪنهن بئي گنجي کي پاڻ طرف ڇڪي سگهي ٿي يا متوجه ڪري سگهي ٿو. ان ڪري اهو محاورو سڄي دنيا ۾ رائج آهي ته "گنجو گنجي کي سئو ڪوهن تي به ڳولي لهندو آهي!" سنڌ ۾ ته گنجن هڪ شهر به قائم ڪيو هو، جنهن کي "ٽنڊو نوڙهو" چيو ويندو آهي.

گنجو ٿيڻ وڏي فخر جي ڳالهه آهي. آمريڪا ۾ ته گنجو ٿيڻ

جي ٽورناميٽ لڳندي آهي. پر اسان جي ملڪ ۾ گنجي کي گنجو چوڻ وڏي رسڪ ٿئي ٿي... ڇو ته گنجي جو هڪڙو ٽڪر توهان کي اهو ڪير به ياد ڏياري ڇڏيندو جيڪو توهان ڪڏهن پيتو به نه هجي. جيئن هڪ گنجي مون کي اِي ميل ۾ لکيو ته ”توهان گنجن لاءِ نه لکو ڇو ته گنجن جي حق ۾ لکڻ ڇڻ گنجن جي خلاف لکڻ آهي!“ هڪ ٻئي گنجي وري فون ڪري ڪالم متعلق ڪاوڙ جو اظهار ڪيو. پڇمانس، ”ڪهڙي نمبر تان پيو ڳالهائين؟“ چيائين ”رانگ نمبر تان پيو ڳالهايان!“

نناڍپڻ هر گنجي کي وڻندو آهي. ان جو سبب اهو آهي ته نناڍپڻ ۾ گنجي کي گهاٽا وار هوندا آهن. بهترين گنجو ان کي چئبو آهي جيڪو پنهنجو پاڻ کي ڪلئيِ عام گنجو سڏائي ۽ برو گنجو وري اهو هوندو آهي. جيڪو هر وقت ۽ هر جاءِ تي پنهنجو پاڻ کي گنجو سڏرائي.

گنجي جي متي تي ڏڪ به نه هٽجي... جيڪڏهن توهان مون تي اعتبار نه ڪريو ته ڀلي پنهنجي پير ۾ وينل گنجي کي هڪ ڏڪ هڻي ڏسو... جيڪڏهن توهان کي ڪجهه ٿيو ته پوءِ اهو توهان جو نصيب آهي ۽ ڪجهه نه ٿيو ته پوءِ اهو گنجي جو نصيب آهي! گنجا عشق نه ڪندا آهن... ۽ جيڪي ڪندا آهن اهي ٽوپيون پائي ڪندا آهن، ڇو ته عشق اهو معاملو آهي جنهن ۾ گنج زخمي ٿيڻ جا امڪانَ وڌيڪ هوندا آهن. جيڪي عورتون گنجن سان محبت ڪنديون آهن اهي ته محبت ۾ صفا انڌيون هونديون آهن. جيئن هڪ گنجي سان محبت جي شادي ڪندڙ ڇوڪريءَ چيو ”گنجو محبوب اهو ٿي سنو... جنهن جو متو ڀلي خالي هجي پر ڪيسو ڀريل هجي!“

گنجو اسان جي معاشري جو اهو فرد آهي، جنهن ڪي سندس ساهرا به گنجو چوندا آهن. گنجو ڪنهن سِر به ساٿ نه ڇڏيندو آهي. جيتوڻيڪ خود وار گنجي جو ساٿ ڇڏي هليا ويندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، جيئن هڪ گنجي دانشور چيو ته ”وار ۽ ساهه ڪيڏي مهل به وڃي سگهن ٿا.

”گنجن جي محفل ۾ وڃبو ته رڳو شيمپو ڦٽي ۽ حجامن جو ذڪر ملندو، باقي اها حقيقت آهي ته گنجو اگر حجام جي دڪان تي ويندو ته ان حجام جو وقار بلند ٿيندو آهي. وار هئڻ سان گنجو پنهنجو پاڻ کي وساري ويهندو آهي... ۽ وار نه هئڻ سان وري ماڻهو گنجي کي وساري ويهندا آهن. دنيا ۾ ڪيترائي عظيم ماڻهو آهن، جيڪي گنجا آهن، پر ڪيترائي گنجا آهن، جيڪي عظيم ناهن. جيئن هڪ گنجو سپهه سالار تقرير ڪندي چئي رهيو هو ته ”دشمن منهنجو وار به ونگو نٿا ڪري سگهن.“

گنجن کي اسان وارَن وارن کان جدا ڪري سگهون، چو ته هنن جو رشتو ائين آهي، جو هڪڙو گنجو جوئون مارڻ جو صابڻ وٺڻ ويندو آهي ته ڏهه وارن وارا حيران ڪري موٽندو آهي... ”ٻليءَ جي خواب ۾ ڇيڇڙا“ اهو محاورو ڪنهن ٻلي جو ٺاهيل ته لڳي، جيڪو پڪ هن ڪنهن ٻليءَ خلاف سوچيو هوندو... پر ”گنجي جي خواب ۾ ڦٽي!“ وارو محاورو وري ڪنهن وارن واري شخص جو ٺاهيل ٿو لڳي.

گنجو جيڪڏهن عدالت ۾ پهچي ۽ جج پڇندس ته توهان پنهنجي صفائيءَ ۾ ڪجهه چئو...“ ته اتي به گنج تي هٿ ڦيرائي چوندو، ”صفائي لاءِ آئون ڇا چوان... جنهن جي قدرت صفائي ڪري ڇڏي!“ جيئن هڪ گنجي کي جج سزا ٻڌائي ته ”هن کي ٻارهن مهينا ڪنهن حجام سان گڏ هڪ ئي ڪمري ۾ قيد ڪيو وڃي...“ وڪيل پڇيو ”ائين ڇو پيا ڪريو؟“ ته جج چيو ”دراصل اسان وٽ هڪ حجام به آهي... ان کي به سزا ڏيڻي آهي!“

# ٿلهو ماٺهو ٻوڙي ٿو!

ننڍپڻ ۾ اسان هڪ سبق پڙهيو هو. ”ٿلهو ماڻهو ٻوڙي ٿو“ پنهنجي زندگيءَ ۾ اسان يا ٿلهو ڏٺو آهي يا ماڻهو ڏٺو آهي. ڪتاب ۾ به ائين هئڻ گهربو هو ته، ”ٿلهو ۽ ماڻهو ٻوڙي ٿو!“ جيتوڻيڪ اسان ٿلهن کي ڪڏهن به ٻوڙندي نه ڏٺو آهي. جيئن هڪ ٿلهي چيو ته، ”نه ٻوڙڻ جي ڪري ته ٿلها ٿيا آهيون!“

ٿلهي جي خوراڪ ۾ ڇا هوندو آهي... بس رڳو سنهڙا سنهڙا ماڻهو هن جي اڳيان لنگهندي ٿنائيندا آهن، جو ٿلهي جي مذهب ۾ سڀ اُپرا جانور حلال هوندا آهن. ٿلهو اهي شيون کائيندو جن جي کائڻ سان وڏيڪ ٿلهو ٿي وڃبو آهي. ڪنهن دعوت تي ويندو ته ويهندو پنهنجي مرضيءَ سان ۽ اٿندو ڏٽين جي مرضيءَ سان. ان ڪري شادين ۾ ٿلهن کي دعوتون گهٽ ملنديون آهن ۽ ڪجهه ماڻهو ته ڪارڊن ۾ اهو به چيرائي موڪليندا آهن ته ”ٿلهن کي ڊنر ڪان پري رکو، ۽ خالي پيٽ ٿلهن کي ته هرگز نه آڻيو. ٿلهاڻ صحت لاءِ مضر آهي- وزارت صحت.“ منهنجو هڪ دوست چوندو آهي ته، ”ٿلهن کي به پيٽ هوندا آهن، ڏيکارڻ وارو هڪڙو ۽ کائڻ وارو ٻيو!“

ٿلهي جي پيٽ کي تاريخي حيثيت آهي. ڪيترن ٿلهن ته پيٽ جي زور تي حڪمراني ڪئي. هزارين سال اڳ ٿلهن ماڻهن جي پوڄا ڪئي ويندي هئي جو اُن وقت جا ماڻهو سوچيندا هئا ته ايئن نه ڪرڻ سان قحط ايندو. هاڻي ائين ڪونه ٿو ٿئي، هاڻي رڳو توهان پنهنجي دسترخوان تي پاڻ سان گڏ ڪو ٿلهو ويهاريو ته دسترخوان تي قحط ايندو. اسان ۽ ٿلهي ۾ بس اهو فرق آهي ته ٿلهو هميشه اهو چاهيندو آهي ته هن جي پيٽ ۾ اُپري جاءِ هجي

جو هُو پر ۾ وينئل دوست جي پليٽ ۾ ڪائي وجي!

گرامر ۾ ٽلهو ”اسم“ آهي، جو نه اهو وزن به رکي ٿو ۽ جاءِ به والاري ٿو. گهٽي ڪان گهٽي جاءِ هو ”بس“ ۾ والاريندو آهي. جو جنهن بس ۾ ٽلهو چڙهندو آهي، ان بس جي ڪنڊيڪٽر جو منهن سنهڙو ٿي ويندو آهي ۽ جنهن مسافر جي پر ۾ ٽلهو ويهندو آهي اهو مسافر به هر هر ٽلهي کي پيو گذارش ڪندو آهي ته ”سائين... ٿوري پاسهن پري ڪريو ته به منٽ ساهه کڻي وٺان!“ جيئن هڪ بس ۾ هڪ مسافر جي پر ۾ ٽلهو اچي وينو. ٻئي ڏينهن اهو مسافر ٽلهي جي گهر مٺائي جو دٻو کڻي ويو. ٽلهي پڇيس، ”هي ڪهڙي خوشي ۾ آهي؟“ ته مسافر چيس، ”سائين ڪالهه توهان منهنجي پر ۾ اهڙي زور سان ويٺائو جو منهنجي گڙدي جي پٿري ڀڄي پئي...“

ٽلها سنڌ ۾ ايترا آهن جو هر ڏهن ٽلهن ۾ ڏهه ئي ٽلها ملندا. ڪنهن چيو، ”ٽلها ڪو پورهيو ڪري نه سگهندا آهن!“ اها صحيح ناهي، ٽلهي جو ته هر ايڪشن پورهيو لڳندو آهي. هو رڳو ماڻهوءَ تي اڪيلو ويهندو ته به لڳندو ڄڻ سڄو محلو وينو آهي ۽ پوڙ پليٽن مان ائين غائب ٿي ويندو جيئن سرڪاري اسپتالن مان دوائون غائب ٿي وينديون آهن. پٽ کي ڏسي ايترو وات کوليندو آهي ڄڻ سنڌ جي ڪنهن شهر جو گٽر کليو پيو هجي. ائين ئي جيڪڏهن ڪا مرغي ڪنهن ٽلهي جي ڏندن ۾ ڦهتي ته جهڙي خودڪش حملي ۾ مُئي! ٽلهو وهنجڻ ويندو آهي ته هڪڙي بالٽي نه پر پوري ٽانڪيءَ جو پاڻي متاثر ٿيندو. اهو به هڪ پورهيو آهي جو جيڪو صابڻ ٽلهو استعمال ڪندو انهيءَ سان پوءِ ڪا ڪڪڙ به وهنجاري ڪانه سگهبي. جو ته ٽلهو هميشه نئون صابڻ کڻي ويندو ۽ واپسيءَ ۾ وهنجڻ جاءِ ۾ ڏسبو ته صابڻ جي جاءِ تي ٽافي پئي هوندي. ٽلها ٽوال به استعمال ڪندا ته لڳندو ڄڻ ٽوال ٽلهي کي استعمال ڪيو آهي. پوءِ اهو ٽوال ئي اهڙو ٿي ويندو آهي جو هفتي

ڪانپوءِ گهر وارا ان کي ”رومال“ چوڻ لڳندا آهن. ٿلهو ته پورهئي سان ايترو پيار ڪندو آهي جو جيڪڏهن قميص پيو بدلائيندو ته به لڳندو ڄڻ سماج پيو بدلائي.. ۽ اسان جيڪي ٿلها اليڪشن ۾ بيٺل ڏٺا، اهي پوءِ سدائين بيٺل ئي ڏٺا، پر وزارت واري قطار ۾!

ٿلهو واحد شخصيت هوندو آهي جنهن کي هڪ پيري ڏسو ته ٻئي پيري به ڏسڻ تي مجبور ٿيئبو آهي. رڳو ان ڪري ته پهرئين دفعي ۾ سڄو ڏسڻ ۾ نه ايندو آهي. ٿلهن جو اسٽار هميشه حمل ئي هوندو آهي ڇو ته ٿلهو جڏهن به ڏسبو حمل سان ئي لڳندو. خراب ٿلهو اهو هوندو آهي جنهن جهڙا توهان ٻيا به ڏٺا هجن. ان ڪري سٺو ٿلهو اهو هوندو آهي جنهن جهڙو ٻيو ڪو به ٿلهو نه هجي.

ٿلهو ماڻهو پنهنجن افعالن سان ٿيندو آهي. ٿلهي کي خبر هوندي آهي ته هو ٿلهو ٿي رهيو آهي پر پوءِ به هو ان جي روڪٿام لاءِ دعوتن تي وڃڻ نه ڇڏيندو. ٿلهن جا دوست وري ٿلها نه هوندا، جو ٿلها ٿلهن کي نه سهندا آهن. ان ڪري هڪڙي جهنگ ۾ ٻه ٿلها نٿا رهي سگهن. هڪڙي جهنگ ۾ هڪڙو ٿلهو به نٿو رهي سگهي، ٿلهن جو ڪو هڪڙو پيار جو نالو به نه هوندو آهي. ٿلهي کي توهان انهن نالن سان پڪاريندا آهيو جن نالن سان هن کي گهروارا به ڪونه پڪاريندا آهن. ٿلهن جو ڪو به قد نه هوندو آهي، ٿلهن جو رڳو بت هوندو آهي ۽ اهي ڊاڪٽر ڏاڍو ڪمائيندا آهن جن جي پاڙي ۾ ٿلها رهندا آهن. ٿلهن جي رڳو تعليم ٿيندي آهي، تربيت نه ٿيندي آهي. تربيت هجي ها ته اهي ٿلها نه هجن ها!

ٿلهو ڪيترن ئي خوبين جو مالڪ هوندو آهي. اسيمبلي کان ٻاهر هوندو ته قسمت ڦيرائي ڏيڻ لاءِ چوندو ۽ اسيمبلي ۾ اندر هوندو ته ميمبر ڦيرائي ڏيڻ لاءِ چوندو. ٿلهو افيئر ڪندو ته سڄي شهر جي عورتن جون اکيون ٿلهي ۾ هونديون ۽ افيئر نه ڪندو ته ٿلهي جون اکيون سڄي شهر جي عورتن ۾ هونديون. ٿلهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪچهري ۾ هوندو. ته اڌ زبان هلائيندو ۽ اڌ پيٽ هلائيندو. جيڪڏهن آفيسر هوندو ته پوءِ رڳو پنهنجي هلائيندو، دنيا ۾ رڳو ٽلها ڪونه ٿيندا آهن، ٽلهيون به ٿينديون آهن. عورتن کي ته رڳو هڪ عدد شادي ڪرڻ جي ضرورت پوندي آهي ۽ پوءِ ڪنهن افواهه جيان ڦهلجنديون وينديون آهن. پر ٽن سالن ۾ ته اهڙيون ٿي وينديون آهن جو جيڪي پهرئين ”هڪ“ هونديون اهي ”ٻه“. ڏسڻ ۾ ايندڙيون آهن. ۽ جيڪي شاديءَ کان اڳ ۾ ئي ٻه هونديون آهن. انهن کي پوءِ ڏسڻ لاءِ ٻه هاٿيءَ تي ويهي ڏسڻو پوندو آهي. تڏهن وڃي پوريون ڏسڻ ۾ اينديون آهن. مرد ۽ عورت ۾ هڪڙو اهو به فرق آهي ته عورت مرد جي اڌ جيترو ڪائيندي آهي ته به مرد کان ٻيڻ تي ٽلهي لڳندي ۽ مرد وري گهٽ ان ڪري ڪائيندا آهن جو جيڪڏهن نه ڪائيندا ته پوءِ پنهنجين ئي عورتن جي وچ ۾ ائين لڳندا جڻ گدرن جي وچ ۾ ٻير پيو هجي. شادي شده مرد وري تمام گهٽ ان ڪري ڪائيندا آهن ته جيئن زالون انهن کي به ڪائي وڃن!

اسان ڪڏهن به مزدورن ۾ ٽلهو مزدور نه ڏٺو... ٿي سگهي ٿو ته مزدورن ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ نالي ماتر ڪنهن ٽلهي کي شامل ڪيو هجي. پر ڏسبو اهو آهي ته سنها ۽ ايرا مزدور ئي اڏائي مڻ واري ڪٽڪ جي ٻوري اڪيلي سر کڻيو پيا ويندا. جيئن هڪڙي ٽلهي ڪٽڪ جي ٻوري کنئي ته ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ٻوريءَ سان گڏ پنهنجو فوٽو به ڪڍايائين. فوٽو زال کي ڏيکاريائين ته زال ڪجهه دير ڏسڻ کان پوءِ پڇيس، ”هن ۾ ڪٽڪ جي ٻوري ڪهڙي آهي؟“

لاءِ به هن کي درزيءَ وٽ وڃڻو پوندو آهي.

پيٽ اهو ڪونهِ هوندو آهي جيڪو صرف ٻاهر نڪتل هجي. پر پلو پيٽ اهو هوندو آهي جو ڪنهن سان ٻاڪر پائي ملجي ته ان کي لڳي... ۽ باقاعده ٺڪاءُ سان لڳي. ڄڏهن توهان محسوس ڪندا ته به نظريا ۽ به پيٽ ڪڍهن به هڪ ٻئي تي سگهن. هڪ عظيم پيٽ وري ان کي چيو ويندو آهي جو ڪنهن ماڻهوءَ سان توهان ٻاڪر پائي ملو ته توهان کي لڳي ته توهان صرف پيٽ کي ٻاڪر پائي رهيا آهيو. اسان جو هڪ دوست پيٽوڙي آهي. ان جو پيٽ ايترو آهي جو پاڙي ۾ ڪو ٻار روئندو آهي ته ان کي پيٽ ڏيکاري ماٺ ڪرائيندو آهي. پاڻ جسم جو هلڪو آهي پر پيٽ ايڏو اتس جڻ قميص اندر چور ڦاسايو اتس.چيائين "هي هٽرو پيٽ هڪڙي ڏينهن ۾ نه ٿيو آهي، ان جي لاءِ مون کي مهيني ۾ چاليهه دعوتون لتاڙڻيون پون ٿيون. مرغيون ته هن پيٽ کي ڏسنديون آهن ته ڊپ ۾ بيضا ڏيڻ لڳنديون آهن ۽ مرغا هن کي ڏسندا آهن ته پنهنجو آخري وقت ياد ڪري ٻانگون ڏيڻ لڳندا آهن.

فرينچ چوڻي آهي ته "شادي ڪريو پر پهرين پارٽنر جو پيٽ ڏسو!" اسان وٽ ائين ڪونهي. اسان وٽ شاديءَ کان اڳ پهرين ڪيسو ڏٺو ويندو آهي، ۽ هتي جنهن جو پيٽ وڏي ويندو آهي، ان جي جڻ سجاڻپ وڏي ويندي آهي. جيڪڏهن ڪير ڏس پڇندو ته هيئن پڇندو ته، "توهان قد جو ننڍو ۽ پيٽ جو وڏو همراهه ته ڪونه ڏٺو؟" ائين ئي پيٽ جيڪڏهن مرد جو وڌيو ته مرد ايترو ڪونه سوچيندو جو "پيٽ وڌيو آهي... نهيو عمر به ته وڏي آهي!" عورت وري اهو سوچيندي ته "پيٽ وڌڻ مان رڳو اها خبر نه پوي ته منهنجي عمر وڏي آهي." جو ته پيٽ جيڪڏهن عورت جو نڪري ته ان جو پيٽ گدري وانگر لڳندو آهي ۽ مرد جو نڪري ته سڄو مرد گدرو لڳندوآهي.

پيٽ ٿلهي لاءِ الماڙي هوندي آهي. اسان جو هڪ دوست

ڇونڊو آهي تہ ”نہ ... پيٽ ٿلهي لاءِ ڊبل الماڙي هوندو آهي... جتي هو پنهنجو سامان رکندو آهي!“ وڏي پيٽ واري کي تہ جڏهن بہ کائيندي ڏسبو تہ لڳندو ڇڻ هن اجا کائڻ ئي شروع نہ ڪيو آهي، جيئن ٿلهو ڪڏهن بہ ڇُري ۽ ڪانٽي سان نہ کائيندو... ائين تہ هن کي سڄو ڏينهن لڳي ويندو. اجا لنچ کائي مس پوري ڪندو تہ رات جي ماني جو ٽائيم اچي پهچندو. هڪ ٿلهي فرمايو تہ ”پيٽ جا وڏا فائدا آهن. پيٽ نہ هجي ها تہ اسين ڪجهہ بہ کائي نہ سگهون ها... بک مرون ها!“ هڪ ٻئي ٿلهي فرمايو ”پيٽ نہ هجي ها تہ پيٽ جي جاءِ تي ڪا ٻي اهڙي شئي هجي ها جيڪا ساڳي پيٽ جهڙي هجي ها!“ هڪ ٽئين ٿلهي وري فرمايو تہ ”پيٽ نہ هجي ها تہ اسين نہ .... پر سلمنگ سينٽرن وارا بک مري وڃن ها!“

پيٽ گهٽائڻ دراصل ماڻهوءَ کي دعوتن کان روڪي بک واري زندگي گذارڻ تي مجبور ڪرڻ آهي، ڇو تہ جتي بک هوندي اتي پيٽ هيسيل هوندو ۽ جتي پيٽ هوندو، اتي وري دعوت کارائڻ وارو هيسيل هوندو. توهان شاديءَ جي دعوتن ۾ وڃي وڏن پيٽن وارا ماڻهو ڳوليندئو تہ خبر پوندي تہ شهر ۾ جتي بہ دعوت ٿيندي هوندي اتي ساڳيا ئي ماڻهو ملندا. ڇو تہ گهر ۾ هنن کي اهو نصيب نہ ٿيندو، جو گهر ۾ پريل پليٽ کائيندا تہ بہ جهڙو خالي پيٽ محسوس ڪندا.

اهو وڏو پيٽ ئي آهي جنهن جي ڪري ننڍيون ڪمپنيون بہ ڪمائي رهيون آهن. هڪڙي ڪمپني چيو ”پيٽ 24 ڪلاڪن ۾ اندر... ڇڻ پيٽ نہ پر مجرم تي اندر ڪيائون.هڪ ٻئي اشتهار ۾ هو تہ ”وڏي پيٽ وارا دل ننڍي نہ ڪن.... اسان جا ڪئپسول کائين.... پيٽ اندر ۽ دم ٻاهر!“ جيئن ڪنهن چيو تہ ”يورپ ۾ جيڪي رشوت کائيندا آهن، اهي ان سان گڏ پيٽ گهٽائڻ جون دوائون بہ کائيندا آهن تہ جيئن پيٽ ٻاهر نہ نڪري پوي!“ ۽ اسان وٽ وري گهٽو پيٽ انهن آفيسرن جو ٻاهر نڪري ايندو آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي رشوت ايتري ڪائيندا آهن جو پيٽ پرجي وينِدو، پر پوءِ به چاهيندا ته ان وڏي پيٽ جي پر ۾ هڪڙو ننڍڙو پيٽ هجي ته جيئن اهو به پريون. سنڌ ۾ ته واهه ايترا پريل ڪونه آهن، جيترا آفيسرن جا سٽ پرِيل آهن. ”اسان هڪڙو رشوت خور ڏٺو. ان جو پيٽ ايترو ٻاهر نڪتل هو، جو اس ۾ پيٽ هيٺان ويهجي ته سني چانو ملي وجي. هڪ ٻيو رشوت خور ڏٺوسين جيڪو گهر ۾ ويهندو هو ته هڪڙو پيٽ هوندو هوس. آفيس ۾ ويهندو هو ته چار پيٽ ڏسڻ ۾ ايندا هئس. وري مٿان چوندو ”جنهن آفيسر جو پيٽ وڏو ڪونهي، سمجهه ته ان جو حلقو وڏو ڪونهي!“ هڪ همراهه پڇيس ”توهان ڪي ته هڪڙو پيٽ هو ... پوءِ هي ٽي ٻيا پيٽ ڪٿان آندا اٿانو؟“ چيائين ”اهي هڪڙي رٽائر آفيسر کان اڌ قيمت تي ورتا اٿم!“

هينئر اسان وٽ سنڌ ۾ ٽن قسمن جا ماڻهو گهور جي خلاف آهن. هڪڙا اهي جيڪي پاڻ گنجا آهن، ٻيا اهي جن جا مڙس گنجا آهن... ۽ ٽيان اهي جن جي پاڙي ۾ گنجا آهن... ٽي سگهي ٿو ڪجهه گنجا گهور جي حق ۾ هجن پر اهو فطرت جي خلاف آهي، ڇو ته "گنجو" "گ گڏهه سان پڙهبو آهي ۽ "گهور" گهه گهوڙي سان.

گهور ڏيڻ سنو ڪم آهي. ان سان ماڻهن جي طبيعت جي به خبر پوي ٿي ته ڪير ڪيترو ڪنجوس آهي. گهور ڏيڻ واري ڪي ڏسي توهان ان جي مالي حالتن جو به اندازو لڳائي سگهو ٿا... ڇو ته اهو ماڻهو ٿي سگهي ٿو توهان ڪي اوڌر به نه ڏيندو هجي، پر ڳائڻين جي پنيان پنج پنج سئو جا نوٽ اڇلائين پيو اُڇليندو جو توهان يڪدم اندازو لڳائي ويندئو ته اهو پئسو ڪٿان جو آيل ٿو.لڳي!

اسان ڪڏهن ڪنهن صحافيءَ کي گهور ڏيندي ناهي ڏٺو. جيڪڏهن ڪير چوي ٿو ته، "آئون صحافي آهيان، آئون گهور به ڏيندو آهيان ته پوءِ پڪ سان ان وٽ ڪوڙو ڪارڊ هوندو!" ماستر وري ڪنهن شاديءَ جي فنڪشن ۾ گهور ڏيندو ته ڪيسي مان پنج پنجين جا نوٽ ڪڍي، سڪڙو ڏيئي باقي چار وري ٻئي ڪيسي ۾ لڪائي ڇڏيندو. ڪلارڪ ماڻهو وري جتي گهور ڏني پئي ويندي، اتي ٻين ماڻهن جي پنيان ائين پيو لڪندو جڻ ڪيس پوليس پئي ڳولي...!

پٽيوالو ته پاڻ ئي پيو سوچيندو ته، "هتي گهور ڏيان ان کان سٺو آهي ته ٽي ڪلو اٽي جا وٺي گهر وڃان!" وڪيل وري گهور پنج رپيا ڏيندو ۽ ايستائين هٽ پري نه ڪندو جيستائين اهو ساڳيو ماڻهو به ڪيسيءَ مان ڪجهه ڪڍي سندس مٿي تي نه رکي...!

گهور کي مٿي تي رکڻ ته اسان کي سمجهه ۾ اچي ٿو، ڇو ته سڀ چالاڪيون انسان جي مٿي ۾ هونديون آهن، ان ڪري مٿي تي گهور رکڻ دراصل مٿي کي ماٺ ڪرائڻ هوندو آهي. مٿا ڪيترن ئي قسمن جا هوندا آهن. اسان هتي گهٽ مٿن تي مٿا ماري نٽا

ڪري سگهون، باقي ڏاهي جي لٽ ڪي ٻہ متا هوندا آهن. ان ڪري ماڻهو ڏاهن جي متن تي گهور رکڻ کان ڪيٻائيندا آهن. جو جيڪڏهن ڏاهن متان گهور رکٽي پئي تہ پوءِ ٻنهي متن تي رکٽي پوندي. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ هاڻي ڏاها نہ بچيا آهن، جيڪڏهن آهن تہ انهن وٽ لنيون ڪونہ آهن... لنيون تہ چا قابو ڪرڻ لاءِ ننيڙي اڳٽ ڪاني بہ ڪانهي. جيڪڏهن اتفاق سان ڪنهن سنڌ جي ڏاهي وٽ لٽ تي بہ ويئي تہ خبر پوندي تہ هن ويچاري جي لٽ ڪي هڪڙو بہ متو ڪونهي...!

گهورَ نہ هجي تہ خبر ئي نہ پوي تہ ڪنهن وٽ ڪيترو پئسو آهي. اسان جي هڪ دوست تہ پنهنجي شادي ڪارڊ ۾ اهو بہ لکايو تہ گهٽي کان گهٽي گهور ڏيڻ واري کي انعام ڏنو ويندو. ڪنهن انسان جي پٽ ڪي پٽ چمندو تہ ٽئين جنس وارا دهل ڪٽي گهور ونڻ لاءِ پهچي ويندا ۽ ٻار جي پيءُ کي اهڙو قري ايندا جڻ ڪيس گاڏي غلط پارڪ ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ چالان ڪندا هجن. هڪڙي پيءُ تہ هنن کي چئي ڏنو تہ، ”چا، توهان پيدا ئي گهور ونڻ لاءِ ٿيا آهيو؟“

گهور ڏيڻ بهادري آهي. ائين نہ هجي ها تہ هرڪو ماڻهو گهور ڏي ها. گهور ۾ پي ڪا بہ خوبي هجي نہ هجي پر چا اهو گهٽ آهي تہ ڪيڏو بہ وڏو ماڻهو هجي، جيڪڏهن گهور هن جي متي تي آهي تہ اهو گهور جي هيٺان هوندو. اسين گهور جي تاريخ ڏسنداسين تہ خبر پوندي تہ اهي عادتون برصغير ۾ بادشاهن کان آيون، جيئن هڪڙي بادشاهہ ناچڻيءَ جي ناچ کان متاثر ٿي ڳچيءَ مان موتين جو هار لاهي ان کي ائين ڏيئي ڇڏيو، جڻ هن جي پيءُ جي بادشاهي هجي... توهان کي گهور ڏيڻ جي خلاف ڪيترائي ماڻهو ملي ويندا پر گهور ونڻ جي خلاف رڳو انهن ڪپڙن وارا ماڻهو هوندا، جن جي ڪپڙن ۾ ڪيسن واري جاءِ تي ڏسبو تہ خبر پوندي تہ اتي ڪنهن وقت ۾ ڪيسا هوندا هئا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهور کي انگريزيءَ ۾ رائلٽي چئبو آهي ۽ رائلٽيءَ کي وري سنڌيءَ ۾ گهور چيو ويندو آهي. هڪڙي وڏي شاهي ۽ قد آور دانشور کان ڪنڌ مٿي ڪري پڇيم ته، ”گهور ڏيڻ جي وصف ٻڌايو؟“ ته هن وڏي دانشور هڪ ننڍڙي وصف ٻڌائيندي چيو ته، ”پنهنجي ڪيسي مان پئسا ڪڍي ٻئي کي ڏيڻ واري اهڙي عمل کي گهور چئبو آهي، جنهن جي بدلي ۾ هو به توهان کي ڪجهه ڏيندو هجي!“ پر اسان جي خيال ۾ گهور جا ايترا ته قسم آهن جو جيڪڏهن اسين هتي اُهي بيان ڪرڻ شروع ڪريون ته سڄي گهور ختم ٿي ويندي پر قسم ختم نه ٿيندا... هتي اسان بغير تفصيل جي ٻن اهم ۽ سڄاڻ قسمن تي اجايو بحث ڪنداسين.

(1) سرڪاري گهور: هيءَ اها گهور آهي جيڪا سرڪاري ادارن طرفان فنڪارن کي سرڪاري طرح سان چيڪ جي صورت ۾ ملندي آهي. هيءُ اهو چيڪ هوندو آهي جيڪو ڪيش ٿيڻ تائين فنڪار مري ويندو آهي.

(2) غير سرڪاري گهور: هن گهور ۾ ماڻهو پنهنجن ڪيسن ۾ هٿ وجهي پنهنجي مرضيءَ سان ڏيندا آهن. شادين ۽ طهر جي رسمن تي ته هيءَ گهور سڪن جي صورت ۾ مڱڻهارن کي ايئن اڇلي ڏني ويندي آهي ته جيئن آئندا مڱڻهار اهو ڏنڌو ڇڏي وڃي چنگچيون هلائين. پر چوندا آهن ته، ”مڱڻهار مري وڃي پر دهل تان ڏونڪو هٽڻ نه ڇڏيندو!“ سنڌ ۾ سڪن اڇلڻ جو رواج ايترو آهي جو هڪڙي همراهه ٻُڪُ سڪن جو پري اڇلايو ته اهو سڌو بيٺل هڪ همراهه جي ٻوٿ ۾ وڃي لڳو ۽ همراهه جو مٿو ڦاٽي پيو. هڪڙو سڪو ته وڃي هن جي ڪن ۾ ڦاٿو، جيڪو پوءِ ڊاڪٽرن کان به ڪونه نڪتو. نيٺ هڪڙي اين جي او جي ڊائريڪٽر کي چيائون ۽ ان وري سڪو ايترو جلد ڪڍي ڏيکاريو ڄڻ ڪنهن جي امداد مان پنهنجو حصو ڪڍندو هجي!

# اوباسي ڏيڻ

اوباسي ڏيڻ صحت جي نشاني آهي... ان لاءِ هڪ عدد وات جو هئڻ لازمي آهي. جيڪڏهن توهان وٽ پنهنجو وات ڪونهي ته ڪنهن کان وات اڌارو وٺي به اوباسي ڏيو ۽ پوءِ ان کي وات واپس ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن توهان وٽ وات آهي ۽ پوءِ به توهان اوباسي نٿا ڏيئي سگهو ته يڪدم ڪنهن ويجهي ڊاڪٽر کي ڇڏي ڪنهن پري واري ڊاڪٽر کي وڃي ڏيکاريو. جيڪو توهان کي يقين سان اهو مشورو ڏيندو ته، ”هاڻي مهرباني ڪري توهان شادي ڪري ڇڏيو!“ ڇو ته تازو تائيم وارن به بغير تائيم وڃائڻ جي اها رپورٽ ڏني آهي ته، ”دنيا ۾ گهٽي کان گهٽيون اوباسيون ڪنوارا ڏيندا آهن، ڇو ته شادي شده ماڻهن وٽ اوباسي ڏيڻ جو به ٽائيم نه هوندو آهي!“

اوباسي ڏيڻ لاءِ توهان کي وات سنڀالي کولڻ گهرجي. ائين نه ٿئي جو ماڻهو سمجهن ته توهان سرڪاري ملازم آهيو... يا توهان اهڙي نموني وات کوليو جو سامهون وارو ائين سمجهي ته توهان هن جي خلاف وات کوليو آهي... هر ماڻهوءَ کي پنهنجي وات مطابق اوباسي ڏيڻ گهرجي. هڪڙا ماڻهو قد جا ننڍڙا هوندا پر اوباسيءَ لاءِ وات ايترو وڏو کوليندا جڻ ان ۾ اندر ٻارن کي ويهاري پان ٻيڙي وڪڻندا... هڪڙا ماڻهو قد جا ڊگها هوندا پر اوباسيءَ لاءِ وات ايترو ننڍڙو کوليندا جو اوباسي ٻاهر نه نڪرندي پر جهڙو مُئل ٻار ڄائو!

مڇرن جي موسم ۾ اوباسيون بلڪل نه ڏيڻ گهرجن يا وات تي ڇاري رکي پوءِ اوباسي ڏجي... هڪڙا ماڻهو اوباسيءَ مهل آواز اهڙو ڪيندا جو لڳندو ته اوباسي...... ڊولبي اسٽيريو تي پئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلي..... جيئن اسان جو هڪ گرو ۽ ويڪرو دوست آهي. اهو اوپاسي ڏيندو تہ جهڙو اوپاسيءَ کي سنگسار پيو ڪندو، جيئن ئي وات ڪوليندو تہ ان سان گڏ آواز بہ اهڙو ڪيندو ڄڻ اپاچي هيلي ڪاپٽر ڪابل جي جبلن ۾ قاسي پيو هجي...!

اوپاسي سست قومن ۾ مقبول راند هوندي آهي. بنگالي تہ اوپاسي ڏيڻ ڪان پهرئين اهو سوچيندو تہ ان جي ڏيڻ سان ڪهڙو فائدو ملندو، پناڻ اوپاسي ڏيندو ۽ وات بند ڪندو ۽ پوءِ بہ ڪونہ سوچيندو تہ، ”خانہ خراب..... هي اسان ڇا ڪيو؟“ افغاني اوپاسي ڏيندو تہ پهرئين پستول لوڊ ڪندو پوءِ اوپاسي ڏيندو، متان ڪو پيو افغاني ڪيس اوپاسي ڏيندي ماري نہ وجهي.... سنڌي اوپاسي ڏيندو تہ ان سان گڏ آواز بہ ڪيندو تہ ڄڻ ٻن ڇٽن نہ ڏنو آهي اهي بہ ڏسي وٺن....... ۽ اوپاسي ڏيئي خوش ائين ٿيندو ڄڻ هن اوپاسي نہ ڏني هجي، پر ڪنهن آمر کي شڪست ڏني هجي!

اوپاسي ڏيڻ هڪ ڪاريگري آهي، پر اوپاسيءَ کي روڪڻ وري مها ڪاريگري آهي. جيڪڏهن توهان پنهنجي باس جي سامهون ميٽنگ ۾ ويٺا آهيو تو توهان کي هر اينڊڙ اوپاسيءَ کي ڇپن جي ڪنٽرول لائين وٽ روڪڻو پوندو. ان جي باري ۾ سستيءَ جي عالمي پڌرنامي ۾ فقري نمبر 24 جي شق نمبر نائين بي ۾ شڪ ظاهر ڪندي اهو بيان ڪيو ويو آهي تہ، ”جنهن وقت باس، زال يا ڪنهن اهڙي ٻئي قسم جي آمر سامهون، گفتگو هلندي يا گفتگو ٻوڙندي جيڪڏهن توهان کي اوپاسي اچي تہ يڪدم هٿ جي مُڪ ناهي وات تي هٽجي. اهڙي نموني جو آيل اوپاسي واپس موٽي وڃي. ان ڪانپوءِ يڪدم هٿ پري نہ ڪجي، پر انتظار ڪجي... ڇو تہ ڪڏهن ڪڏهن ويندڙ اوپاسي ٻيهر واپس اچڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن ساڳي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوباسي پيهر وات مَان نڪرڻ جي همت ڪري ته توهان به همت ڪري هڪ ٻي مُڪ وات تي وهائي ڪڍو... ائين جو اوباسي ڪاڪڙي ڪان به پار ٿي وڃي..... ان عمل دوران جيڪڏهن باس توهان کي غور سان ڏسڻ لڳي ته توهان يڪدم پنهنجو ڪنڌ ”ها ......ها“ ۾ لوڏيو...... اهو ڏسي باس ماٺ ٿي ويندو، ڇو ته دنيا جو هر باس ڪنڌ جي ان حالت کي ڏسڻ جو خواهشمند هوندو آهي!

اسين اوباسين جي تاريخ ڏسنداسين ته گهٽي ڪان گهٽيون اوباسيون آمريت جي دورن ۾ ايندڀون آهن... ڇو ته اتي سڀ ماڻهو ”ها ۾ ها“ ملائڻ وارا هوندا آهن. ان ڪري جڏهن آمر تقرير ڪندو آهي ته ٻڌڻ وارن مان ڪي اوباسيون ڏيئي رهيا هوندا آهن، ڪن اوباسيون ڏيئي اجا هاٺي پنهنجو وات بند ڪيو هوندو آهي ۽ ڪي هڪڙيون اوباسيون ڏيئي ٻيون اوباسيون ڏيڻ جي لاءِ وات کولڻ وارا هوندا آهن... آمر جڏهن تقرير پيو ڪندو آهي ته اڳئين لائينن ۾ ويٺل ماڻهو پنهنجين اوباسين کي روڪيو ويٺا هوندا آهن!

اوباسي اها نه هوندي آهي جيڪا جيڪڏهن محفل ۾ ڏجي ته سڀ ماڻهو ٻڌن.... پر شاندار اوباسي اها هوندي آهي جنهن جو آواز ٻڌي مائرون پار لڪائي ڇڏين. انگريز بادشاهه ”الفريڊ دي گريٽ“ ته پنهنجي دربار ۾ اوباسين جا مقابلا ڪرائيندو هو، انڪري انگلينڊ ۾ هينئر به جيڪو ماڻهو وڏي اوباسي ڏيندو آهي ته ان کي ”الفريڊ جي اوباسي“ چيو ويندو آهي. مشهور جاسوسي ناول نگار مائي ”آگاتا ڪرسٽي“ جي بايوگرافي ۾ لکيل آهي ته سندس مڙس پروفيسر ميلوئن ڪان پڇيو ويو ته، ”توهان اگاتا سان شادي ڪيئن ڪئي؟“ چيائين، ”هڪڙي ڏينهن اگاٿ اوباسي ڏيئي

رهي هئي تہ آئون هن تي عاشق ٿي پيس!“

برصغير ۾ وري سپ کان گهٽيون اوباسيون انهن محفلن ۾ ڏنيون ويندڀون هيون، جتي مشاعرا ٿيندا هئا. بهادر شاهه ظفر واري مشاعري ۾ تہ سڀ کان سٺو شاعر ئي اهو قرار ڏنو ويندو هو. جنهن جي غزل تي گهٽ کان گهٽ اوباسيون ڏنيون ويون هجن. ان زماني ۾ شاعري ايتري هوندي هئي، جو خود هڪڙي ڏينهن بهادر شاهه ظفر هڪ شاعر جو غزل ٻڌي ايڪيهہ اوباسيون ڏنيون ۽ ٻاويهين اوباسي ڏيڻ لاءِ جيئن ئي وات کوليو تہ اهو وات بند ڪرڻ کان بہ پهرئين انگريز کيس گرفتار ڪري چڪا هئا!

اوباسيِن جا بي شمار قسم آهن. جيئن فرينچ اوباسي اها آهي، جيڪا فرانس کان سواءِ هر ملڪ ۾ ڏني ويندي آهي. جرمن اوباسي اها آهي جنهن ۾ ماڻهو ايترو وات کوليندو جو اِهو سڄو ملڪ ڳڙڪايو بيٺو هوندو. هيءَ اوباسي رڳو مارشلائن ۾ نظر ايندي آهي. سنڌي اوباسي وري اها آهي، جنهن ۾ وات تہ ماڻهو پنهنجي مرضيءَ سان کوليندو پر بند ڪرائڻ لاءِ وڏو جرڳو ڪرائڻو پوندو آهي... جيئن اسان جو هڪ دوست اوباسي ڏيندو تہ جهڙو ڪنهن تي ٺورو ڪندو آهي. هڪڙي دفعي اوباسيءَ مهل ايترو تہ وات کوليائين جو پر ۾ ويٺل همراهہ چيس، ”ادا.... اهو وات اٿئي يا سنڌ جو صوبو... سڄو پڳو پيو آهي. زبان سڙيل ۽ سڀ ڏند ڏار ڏار لڳا پيا آهن.... ۽ ڏند قطار ۾ ائين پيا آهن جو ڪوبہ هڪڙو ڏند ڪنهن ٻئي ڏند سان متفق ڏسڻ ۾ نٿو اچي!“

هڪڙن ماڻهن جي اوباسي ڏيڻ تي جهڙي پي ايچ ڊي ڪيل هوندي آهي. ٻيو ڪجهہ نہ ڏيندا تہ اوباسي ڏيئي ڇڏيندا. ٿوري ٿوري ڳالهہ تي وات ائين کوليندا ڄڻ ڪنهن جو راز کولي رهيا هجن. هڪڙا ماڻهو تہ اوباسيءَ لاءِ وات کولي ويهي رهندا ۽ پوءِ

انهن کان پڇڻو پوندو آهي تہ، ”سائين.... وات اوباسيءَ لاءِ کوليو اٿانوَ يا وات ۾ پئسا ڳڻ ڪندئو؟“ ڪجهہ ماٺهو اوباسين مٿان اوباسيون ڏيندا ويندا آهن جو انهن کي بہ منٿون ڪرڻيون پونديون آهن تہ، ”سائين.... هاڻي توهان جو وارو پوروَ ٿيو... هاڻي اسان کي ٽائيم ڏيو تہ ڪجهہ اوباسيون اسين بہ ڏيئي وٺون!“ جيئن اسان جو هڪ ٽڪل دوست آهي اهو هر ڳالهہ تي اوباسي ڏيندو آهي. ڪهڙو بہ سنو لطيفو ٻڌائبس تہ پهرئين اوباسي ڏيندو ۽ پوءِ ٽهڪ ڏيندو. هڪڙي ڏينهن پڇيومانس، ”تون سڀ کان وڌيڪ اوباسيون ڪڏهن ڏيندو آهين؟“ تہ چيائين، ”جون جي مهيني ۾.... جڏهن ٽي ويءَ تي بجيٽ ٻڌائي ويندي آهي!“

# ڪونگهرا هٽڻ

ڪونگهرا هٽڻ به هڪ ميوزڪ آهي. هيءُ اهو راڳ آهي جيڪو ٻڌائڻ وارو پاڻ ڪڏهن به ٻُڌي نه سگهندو آهي. هڪ اديب جي نظر ۾ ”ڪونگهرا هٽڻ نڪ جي شاعري آهي!“ هڪ فقير وري چوندو ته، ”ڪونگهرا هَٽڻ غربت خلاف جنگ آهي!“ هڪ عاشق جي خيال ۾ جيڪڏهن ڪونگهرا محبوب پيو هٽي ته پوءِ اها چڻ ته ڪنهن ويراني ۾ بهار آهي... پر جيڪڏهن ڪونگهرا زال پئي هٽي ته ساڳيو عاشق چوندو ته اها رزق جي تنگي آهي...!

ماستر جا ڪونگهرا علم جي روشنيءَ سان منور هوندا آهن. پر گوسڙو ماستر جا ڪونگهرا وري تعليم دشمن پاليسين تي ٻڌل هوندا آهن... گوسڙو ماستر ڪونگهرا هٽندو ته جهڙو بنا ٻڌائڻ جي ٽن ڏينهن جي موڪل تي پيو وڃي... دنيا ۾ سڀ ماڻهو ڪونگهرا نه هٽندا آهن، چو ته جيڪڏهن سڀ ماڻهو ڪونگهرا هٽڻ لڳن ته پوءِ ڪونگهرا ٻڌندو ڪير...؟

ڪونگهرا هٽڻ سماجي پورهيو به آهي، جنهن جو ڪو به اجورو نٿو ملي... ڪن ماڻهن کي ته پادر سونگهايو ويندو آهي ته متان گهٽيَ سماجي پورهئي ڪري ٻين گهري ننڊ ۾ پيل انسانن جو استحصال نه ٿئي... ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته ڪونگهرا هٽڻ هڪ احتجاج آهي ته ”زمانو اسان کي سمهڻ نٿو ڏي ۽ اسين ٻين کي سمهڻ نه ڏينداسين!“

ڪونگهرا هٽڻ واري کي ڪونگهڙائو چئبو آهي ۽ جيڪو ڪونگهرا ٻڌيَ ننڊ مان چرڪندو آهي. ان کي ڪونگهرائي چئبو آهي... ۽ جيڪو ڪونگهرا ٻڌي جاڳي ڪونگهرا هٽندڙ ۾ نهاري وري سمهي رهي ته ان کي ڪجهه به نه چيو ويندو آهي. چو ته جيڪو پاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونگھرا ٻڌي ڪنهن کي ڪجهہ نٿو چوي ان کي اسين چا ٿا چئي سگھون. پر اهو شخص جيڪو ڪونگھرا ٻڌي جاڳي ڪونگھرا هڻندڙ ۾ نهاري، انهيءَ کي هڪڙو ڏک اُلاري وري گھٽ وڌ ڳالهائي ٻيهر سمهي رهي تہ ان کي اسين گھٽو ڪجهہ چئي سگھون ٿا.

ڪونگھرن جا ايترا تہ قسم آهن، جو خود ڪونگھرا هڻڻ وارا پڇندا آهن تہ اسين آخر ڪهڙي قسم جا ڪونگھرا ٿا هڻون... ايترا تہ دنيا ۾ ماڻهو ڪونہ هوندا جيترا ڪونگھرا آهن... جيئن اسان جو هڪڙو دوست ڪونگھرا هڻندو آهي، چڻ ننڊ کي لنيون هڻندو آهي... هڪ دفعي پڇيوسين "ادا.... تورو ڪونگھرن جو واليوم تہ گھٽ ڪر!" چيائين، "سوري... هي اهو نڪ آهي، جنهن ۾ mute جو بٽڻ ئي لڳل ڪونهي!" وري هڪ ٻيو ڏوست آهي، اهو تہ ڪونگھرا هڻڻ جي فيڪٽري آهي... ڪونگھرا پيو هڻندو جهڙو پڳهار وڏائڻ جو مطالبو پيو ڪندو... پڇيومانس، "توهان ڪونگھرن هڻڻ جي تربيت ڪٿان ورتي؟"... تہ ڪاوڙجي پيو!

ڪونگھرا ٻڌڻ هڪ طريقہءِ علاج آهي، جيڪو شفا جا در کولي ٿو... ڪونگھرا ٻڌڻ سان ماڻهوءَ ۾ برداشت جي اسٽيمنا وڌي ٿي... يا اسٽيمنا جي برداشت وڌي ٿي... توهان پنهنجي روزمرهہ جي زندگيءَ ۾ اهڙيون تقريرون ٻڌو ٿا، جيڪي توهان جي صحت لاءِ مضر آهن... "بيشڪ" اسين جنهن جمهوريت ۾ رهون ٿا، اتي هرڪو پنهنجي پنهنجي اسٽائيل جا ڪونگھرا هڻي رهيو آهي...!"

ڪونگھرا قديم زماني کان لڳي رهيا آهن... اڳي بادشاهہ ڪونگھرا هڻڻ تي انعام اڪرام بہ ڏيندا هئا، جيتوڻيڪ اڄ تائين اهو راز هو تہ تاريخ ۾ سڀ کان وڏا ڪونگھرا ڪنهن هنيا.. بادشاهہ اڪبر جي زماني ۾ بہ ڪونگھرن هڻڻ جا وڏا مقابلا ٿين ها، پر ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڪندي لڪندي خود سمهي رهيو ۽ ڪونگهرا هڻڻ لڳو... صبح جو ان کان پڇيائون ته انهن صاف انڪار ڪندي چيو ته، آئون هاڻي تاريخ نه، پر مهيني تي ڪم ڪندس...!

1977ع جي اونداهين دور ۾ مون هڪ ناول A great Khonghro in the mid night جي سيريس ڪري لکيو. جيڪو مزاحيه ٽي ويو... جيڪو پوءِ نه وڪامجڻ جي ڊپ کان ڇپجي ڪونه سگهيو ۽ نه ڇپجڻ جي ڊپ کان لکجي ڪونه سگهيو، پوءِ مون اهو اڌورو ناول ڪراڙ ڊنڊ ۾ وجي اڇليو... چو ته مون کي اها پڪ هئي ته اها واحد جاءِ آهي. جتي اهو ناول محفوظ رهي سگهي ٿو... ڊنڊ ۾ اڇلڻ وقت مون کي خبر پئي ته ... مار اتي ته ڪو سئو جي لڳ ڀڳ پيا به ڪتاب پيا هئا ۽ هر ڪتاب مان ڪونگهرن جا آواز اچي رهيا هئا...!

ڪونگهرا هڻڻ هر انسان لاءِ لازم آهن. ان ڪري جيڪي ماڻهو ڪونگهرا نٿا هڻن، انهن کي يڪدم پنهنجي ميڊيڪل ٽيسٽ ڪرائڻ گهرجي... انهن کي گهرجي ته اهو معلوم ڪن ته هو ڪونگهرن جي وئڪسين ڪٿان هٿائين...! ڪونگهرا انساني تمدن ۽ تهذيب جي به عڪاسي ڪن ٿا.... جيڪي ڪونگهرا مصر جي اهرامن ۾ مميون هڻنديون هيون، اهڙا ڪونگهرا جيڪڏهن اڄڪلهه جون مميون هڻن ته ڪيترن ئي ڊيڊين جا ٻوٽ ڦري وڃن... ان ڪري بظاهر ڪونگهرن صرف پنهنجي شڪل تبديل ڪئي آهي... باقي ڪونگهرا اڄ به پنهنجي آمرانا سوچ سان گڏ موجود آهن...

هڪ پوڙهي چيو ، ”اڄڪلهه ڪونگهرا هڻڻ ايترو ته عام ٿي ويو آهي، جو بار بار به ڪونگهرا پيا هڻن، چا اسان جي زماني جا ڪونگهرا هوندا هئا... مون وارو ڏاڏو ڪونگهرا هڻندو هو ته سڀ ڳوٺ وارا گڏ ٿي ويندا هئا، ڄڻ ڊڳي جي اضحي پئي ٿئي... چاچي

ڪي تہ ڪونگهرا هٽڻ تي ايترو عبور حاصل هو، جو پري پري کان ماڻهو هن کان ڪونگهرا هٽڻ جو گر سکڻ ايندا هئا...!“ چيائين ”شاندار ڪونگهرو اهو جيڪو وڏي واڪ هٽجي... باقي ننڍا ننڍا ڪونگهرا تہ اڄڪلهہ هر ڪو پيو هٽي...“

ڪونگهرا ٽن قسمن جا ماڻهو هٽندا آهن. هڪڙا اهي جيڪي ڪونگهرا هٽي سگهن. ٻيا اهي جن کي ڪونگهرا هٽڻ ايندا هجن. ٽيان اهي جن کي ڪونگهرا هٽڻ کان ڪير بہ نہ روڪي سگهي... ڪونگهرا ڪيڏيٰ مهل بہ هٽي سگهجن ٿا... سٺا ڪونگهرا ان مهل لڳندا آهن. جنهن مهل سڀ جاڳي رهيا هجن... پر هڪ اصلي ۽ تاريخي ڪونگهرو اهو جنهن سان ستل ٻار بہ جاڳي پوي ۽ اٿي پنهنجي ماءُ کان پڇي تہ، ”امان... تو سڄي زندگي هن بابا سان ڪٿ ڪيئن گذاري آهي!؟“

# چڪَ ڏيڻ

چڪ هر ماڻهو ڏيندو آهي. پر چڪ ڏيڻ ڪان پوءِ هر ڪوئي ظاهر ائين ڪندو آهي جڻ هن چڪ ڏني ئي ڪانهي. چڪ ڏيڻ لاءِ وڏي همت کپي چو تہ توهان چڪ ڏينديئو تہ تي سگهي ٿو تہ توهان جي پير ۾ وينل همراهہ ڏکي وڃي... يا ائين بہ ٿي سُگهي ٿو تہ توهان ٻي چڪ نہ ڏيئي سگهو چو تہ پھرئين ئي چڪ تي توهان جي پير ۾ وينل همراهہ توهان کي چماٽ وهائي ڪڍيٰ تہ، ”هي چا ڪيئي... منهنجي سڄي چانهہ هاري ڇڏيئي!“

چڪ سڄي دنيا ۾ ڏني وڃي ٿي، چڪ ڏيڻ مهل هر ماڻهو ”آچو“ چوندو آهي جيڪو سنڌي ٻوليءَ جو لفظ آهي انهيءَ مان خبر پوي ٿي تہ اسان جي سنڌي ٻولي ڪيتري وسيع آهي، جو دنيا جو هر ماڻهو سنڌي ٻولي ڳالهائي سگهي ٿو. چڪ جو آواز ان وقت ٻڌڻ ۾ ايندو آهي جنهن وقت ڪم لهي چڪو هوندو آهي. ماڻهو چڪون ڏيندا آهن ۽ خوب چڪون ڏيندا آهن ۽ اهو بہ ڪو نہ سوچيندا آهن تہ پر واري تي چا پيو گذري... ڪجهہ ماڻهو گفتگوءَ جي دوران چڪ ڏيندا آهن ۽ سامهون وارو پوءِ منهن اگهندو رهجي ويندو آهي. ڪجهہ ماڻهو چڪ ڏيئي گفتگو ائين جاري رکندا آهن، جڻ اها چڪ ڪنهن ٻئي جي هئي!

چڪ ڏيڻ جا ايترا تہ قسم آهن. جو توهان ڳڻيندئو تہ قسم ڪٽي پوندا ۽ چڪون بچي پونديون. ڪجهہ ماڻهو چڪ ڏيندا تہ پھرئين هيڏانهن هوڏانهن ڏسندا تہ ڪير ڏسي تہ ڪونہ پيو ۽ پوءِ چڪ ڏيندا... ڪجهہ ماڻهو وري اهڙي بهادريءَ سان چڪ ڏيندا جڻ هنن هرڻ ماريو هجي... ڪجهہ ماڻهو چڪ ڏيندا تہ شڪل اهڙي ٺاهيندا جڻ هنن جي پير ۾ ڪنڊو لڳو هجي ۽ ڪجهہ ماڻهو وري اهڙي تہ اطمينان سان چڪ ڏيندا جڻ چڪ ڪونہ پيا ڏين پر ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن.... توهان کي يقين نہ اچي تہ پلي توهان پاڻ ريسرچ ڪري ڏسو... واپاري چوندو تہ بهترين چڪ اها جيڪا گراهڪ ڀڏي تہ ٻيهر ڀڏڻ جي تمنا ڪري... شادي شده مرد وري چوندو تہ بهترين چڪ اها هوندي آهي جيڪا رات جو دير سان گهر موٽڻ مهل ڏجي تہ ٻہ زال نہ جاڳي.... شاگرد جيڪڏهن ڪلاس هلندي چڪ ڏيئي تہ سڀ ان ۾ ائين ڏسندا ڄڻ هنن پاڻ ڪڏهن چِڪ نہ ڏني هجي... استاد پڙهائڻ مهل چڪ ڏي تہ شاگرد ائين مسڪرائيندا ڄڻ ماستر پينسل ايجاد ڪئي هجي... منهنجو هڪ پاڙيسري نڪ کي ناس ڏيندو آهي ۽ چپٽي نڪ ۾ ائين وجهندو ڄڻ ڪنهن غريب کي زڪوات پيو ڏئي... ۽ پوءِ اُيتريون چڪون ڏيندو جو هڪڙي ڏينهن پاڙي مان ٻار ڊوڙندو آيو تہ، چاچا .... چا توهان جو ڳاڙهو موٽر خراب ٿي پيو آهي؟“

چڪ ڏيڻ جي تاريخ ۾ ايتري حيثيت آهي جو جهانگير جي دربار ۾ هڪ وزير چڪ ڏني تہ بادشاهہ ان کي گهر موڪلي ڇڏيو. اسان وٽ تہ وزير بغير چڪ ڏيڻ جي بہ گهر اماڻيا ويندا آهن. هڪڙي پراڻي بيورو ڪريٽ ٻڌايو تہ چڪون ايوب خان بہ ڏيندو هو. ۽ ايتريون زوردار ڏيندو هو جو هڪڙي ڏينهن اهڙي چڪ ڏنائين جو ون يونٽ لڳي ويو! ائين ئي هڪ مرحوم ڊڪٽيٽر نڪ جي چڪ کي بہ اقتدار جي چڪ ڪري سمجهندو هو. هيءُ تہ گڏجاڻين ۾ بہ اهڙي چڪ ڏيندو هو ڄڻ آئين جا پنا ڇڪبي رهيو هجي. هميشہ ڪرسيءَ کي قابو ڪري پوءِ چڪ ڏنائين متان ڪرسيءَ تان نہ ڪري پوي.

اسان جي خيال ۾ چڪ جو سدائين آڌر ڀاءُ ڪرڻ گهرجي چو تہ، ”موت ۽ چڪ ڪنهن وقت بہ اچي سگهن ٿا. “ڪجهہ ماڻهو چڪ ڏيندا تہ لڳندو ڄڻ وات سان ڪجهہ قاسائين ٿا. شريف ماڻهو تہ چِڪ لڪائي ڏيندو ڄڻ اج ڏي ٿو سياٽي واپس ورندو. جيڪڏهن توهان جي محبوبا چڪ ڏي ٿي تہ ان ۾ نہ نهاريو چو تہ ٿي سگهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو پوءِ اها توهان جي محبوبا نہ رهي.

شاعرن جون محبوبائون. تہ چڪ ڏيئي نڪ صافُ ڪنديون تہ بہ هو ان تي جيڪو غزل لکندا ان کي خوبصورت غزل چوندا. سياستدان وري اسيمبليءَ اندر چڪ ڏيڻ کان لهرائيندا آهن، چو تہ ائين ڪڏهن ڪڏهن اسيمبلي بہ ٽٽي پوندي آهي. صحافين جي چڪ هڪڙي نہ هوندي آهي.... صحافي هميشہ بہ ڪالمي چڪ ڏيندو. ڪجهہ صحافي تہ چڪ ڏيندا تہ لڳندو چڻ خبرون پيا ٻڌائين. منهنجو هڪڙو صحافي دوست آهي. ان جي تہ چڪ بہ هيڊ لائين ۾ هوندي آهي ۽ پاڻ چڪ ڏيئي پر واري کي چوندو ”تو چڪ چو ڏني؟“

# ٻي شادي ڪرڻ

پهرئين شادي ڪرڻ وارن کي دماغ نہ هوندو آهي. ٻي شادي ڪرڻ وارن کي کيسو نہ هوندو آهي ۽ ٽئين شادي ڪرڻ وارن کي ساهہ نہ هوندو آهي. مرد جڏهن پهرئين شادي ڪندو آهي تہ محبوبا ڳوليندو آهي، ٻي شادي ڪندو آهي تہ دوست ڳوليندو آهي ۽ جڏهن ٽئين شادي ڪندو آهي تہ ماءُ جي هنج ڳوليندو آهي...!

ٻن قسمن جا ماڻهو ٻي شادي نہ ڪري سگهندا آهن. هڪڙا اهي جن اجا پهرئين بہ نہ ڪئي هجي، ٻيا اهي جن جي اڳ ۾ ئي ٻي شادي ٿيل هجي. جيئن اسان جي هڪ صحافي دوست ٻي شادي ڪئي تہ شادي هال ۾ مُنهن اهڙو ناهي وينو هو، جڻ هڏن واري وارڊ ۾ ڊاڪٽر کي ڊيڪارڻ آيو هجي... پيار جو پرڻو ڪرڻ وارا تہ هونءَ بہ جهڙو سائيڪل تي وينل ماڻهن سان پنڌ ريس ڪري رهيا هوندا آهن، سو انهن جي اڳيان وري ٻي شادي جو نالو ونبو تہ اهڙو مُنهن ڪٽي ناهيندا جو اهڙي مُنهن تي هَزار وارو نوٽ رکجي تہ بہ مڱڻهار نہ ڪٽي...!

ٻي شادي ڪرڻ وارن مرد حضرات کي باڪسنگ ۽ ريسلنگ اچڻ لازم آهي... چو تہ ٻن زالنّ وارن مردن جي گهرن ۾ اڪثر اهڙيون ٽورناميٽون لڳنديون رهنديون آهن.... جيئڪڏهن ٻئي زالون توهان سان گڏ هڪ ئي گهر ۾ رهن ٿيون تہ آفيس مان سڌو گهر اچڻ وقت جيڪو موٽر سائيڪل توهان ٻاهر بيهاري آيا آهيو، اِن جو هيلمٽ نہ لاهيو، پر هيلمٽ سوڌو گهر ۾ داخل ٿيو... چو تہ اهي بہ جهاز جيڪي توهان گهر ۾ چڏي ويا هئا، اهي هاڻي توهان سان ڪنهن وقت بہ ٽڪرائجي توهان کي نائين اليون ۾ تبديل ڪري سگهن ٿا...!

ڪنهن چيو، ”مرد جا وار پلي اچا ٿي وڃن پر ان جي متي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ رڳو عورتون پريل هونديون آهن.“ پڇيوسين ”پلا عورت جا وار اڇا ٿي وڃن ته پوءِ ان جي مٿي ۾ ڇا هوندو آهي؟“ ته جواب مليو، ”ان جي مٿي ۾ به رڳو عورتون پريل هونديون آهن، سَسُ... نٺان... ڏيرياڻي...ياجائي يا ٻي نه ملي ته ڪا پاڙي واري....!“ جن مڙسن جون ٻئي زالون جيئريون هونديون آهن، اهي وري پاڻ جيئرا نه لڳندا آهن. هڪڙي زال کي مُنهن ڏيئي، اجا ٻي زال وٽ پهچندو ئي مس ته سندس شڪل ڪجهه اهڙي ٿي ويندي، جڻ هلندڙ ٽرين مان جَمپُ ڪائي گهر موٽيو هجي....!

اسان جي ملڪ ۾ حڪيم ان ڪري پيدا ٿيا آهن ته جيئن جيڪي مرد عزت واري زندگي گذاري رهيا آهن، انهن کي خوامخواهه شادين تي راضي ڪري سگهن.... ۽ جيڪي مرد حڪيمن جي چوڻ تي شادي ڪندا آهن، انهن جي رفتار پوءِ اهڙي شروع ٿي ويندي آهي، جو زالون ائين پيا گڏ ڪندا جيئن ننڍڙا ٻار ريل گاڏي ناهڻ لاءِ ماچيس پيا گڏ ڪندا آهن.....!

هڪڙا ماڻهو ٻي شادي ڪري نه سگهندا آهن جڻ هنن کي ڊپ هوندو آهي ته ٻي شادي ڪئي سون ته جهڙا پوليس مقابلي ۾ ماريا وياسين.... جيتوڻيڪ ٻي شادي ڪرڻ واري کي نشانِ جُرئت جهڙو ايوارڊ ملڻ گهرجي.... خود هڪ ئي ماڻهوءَ جا به نڪاح پڙهائڻ واري مولويءَ کي به نوٽن جا هار پاتا وڃن.... يا هڪڙا مولوي ئي اهڙا هجن جيڪي صرف ٻي شاديءَ جا نڪاح پڙهندا هجن.... جيئن ڊاڪٽرن ۾ اک جو اسپيشلسٽ ۽ دل جو اسپيشلسٽ هوندو آهي تيئن نڪاح پڙهڻ وارن وٽ به ٻي شاديءَ جو اسپيشلسٽ نڪاح خوان هجي.... پوءِ ته نڪاح خوانن ۾ به مقابلو شروع ٿي ويندو.... ٿي سگهي ٿو ڪو چئي ڏي، ”مون کان به نڪاح پڙهايو.... ان جي مٿان هڪڙي طلاق فري....!“

ٻي شاديءَ وارو گهوٽ شادي هال ۾ به منهن اهڙو ڪري ويٺو هوندو جو سوچبو ته جيڪڏهن زال جي اڳيان به اهڙو منهن

ڪٽجي ويو تہ زال تي اُن جا هاڃيڪار اثر پوندا.... ان ڪري ڪجھہ ماڻھو تہ ڊائريڪٽ ٻي شادي ڪندا آهن، ۽ بعد ۾ پهرئين جي باري ۾ سوچيندا آهن... ڪن ماڻهن کي وري اهو ڊپ هوندو آهي تہ جيڪڏهن ٻي شادي ڪئي سون تہ ان کان پوءِ ٽئين شادي بہ ڪرڻي پوندي... ۽ جيڪڏهن ٽئين بہ ڪري ورتي سون تہ پوءِ رَوزانو گھر ڪير ڪٽي پچائيندو....؟

شادين جو ماڻهن جي زندگين تي وڏو اثر ڏٺو ويو آهي....
پهرئين شاديءَ واري جو حال ڪونہ هوندو، ٻي شاديءَ واري جو ماضي ڪونہ هوندو ۽ ٽئين شاديءَ واري جو مستقبل ڪونہ هوندو.
جيئن هڪ همراھہ عورت جي نفسيات سمجھڻ جي لاءِ شادي ڪئي.
وري پهرئين زال جي نفسيات سمجھڻ لاءِ ٻي شادي ڪيائين....
وري ٻنهي زالن جي نفسيات سمجھڻ لاءِ ٽئين شادي ڪيائين....
اڄڪلھہ هو نفسيات واري وارڊ ۾ داخل آهي....!

جيئن هڪڙي همراھہ لِڪ چُپ ۾ ٻي شادي ڪئي تہ نڪاح مهل بہ اهڙو منهن ڪريو وينو هو، جڻ ڪنهن ٻئي جي شاديءَ تي آيو هجي.... مولويءَ حق مهر جو پڇيس تہ ائين چرڪيو جڻ ڪوڙو ووٽ ڏيندي هن کي ڪنهن ڏسي ورتو هجي.... قد جو ننڍڙو، بدن جو تلهو، مُڇون ايترين وڏيون جو مولويءَ جي پر ۾ وينو هو تہ مُڇ جي چهنب مولويءَ جي ڪن ۾ پئي لڳي..... ڪنهن چيو، "هي تہ هن جي ٻي شادي آهي پر اها ڪير بيوقوف هئي جنهن هن سان پهرئين شادي ڪئي....؟" دوستن سان وري ٻي شاديءَ جو ذڪر ائين مسڪرائي پئي ڪيائين جڻ ياڻ هيلي ڪاپٽر خريد ڪري آيو هجي.
جيئن ڪنهن چيو، "ٽئين شادي تہ ائين آهي جڻ ڪا بور فلم ٽي دفعا ڏسڻ.... بس رڳو نئين پرنٽ جي تلاش ۾ مرد ڪيڏيون ٻي وفايون تو ڪري....!

ٻي شادي لِڪ چُپ ۾ ان ڪري ڪئي ويندي آهي، ڇو تہ پهرئين شادي ڪلئي عام ڪئي ويندي آهي.... پهرئين شاديءَ ۾ تہ

باقاعدا ڪارڊ ورهائي ماڻهن کي اپيل ڪئي ويندي آهي تہ اچو ۽ اچي مون کي صبر جي تلقين ڪريو.... جيئن اسان جي هڪ دوست پهرئين شادي ڪئي تہ ڪارڊ ۾ مٿان لکيائين، ”همتِ مردان، مددِ خدا“.... وري ٻي شادي ڪيائين تہ ڪارڊ مٿان لکيل هو، ”انسان غلطين جو گهر آهي!“ وري ٽئين شادي ڪيائين تہ ڪارڊ ڪونہ ورهايائين ۽ خرچ بچائي رڳو بازار ۾ هڪڙو پمفليٽ پٽ تي هٽائي ڇڏيائين، جنهن ۾ ٿلهن اکرن ۾ وچ تي لکيل هو، ”آخري شادي“.... ۽ هيٺان لکيل هو، ”شريڪ ٿي ثواب حاصل ڪندا....!“

اصل ۾ خود شادي ڪرڻ سولو ڪم آهي، بس ان لاءِ توهان جو ميچالو ڪنهن غريب جي پيٽ وانگر خالي هجي.... جيڪڏهن توهان پنهجي زندگيءَ ۾ ڪو بہ چڱو ڪم نہ ڪيو آهي تہ پوءِ چئڻ فطرت توهان کان بدلو پئي وٺي.... مرد هڪڙي شادي ڪري سوچيندو آهي تہ هاڻي آئون لائين تي اچي ويو آهيان ۽ ٻي شادي ڪري سوچيندو آهي تہ لائين منهنجي هيٺان اچي ويئي آهي..... جيڪي مرد پهرئين شادي ڪري ٻي شاديءَ جو سوچيندا آهن، اهي وري ٻي ڪري ٽئين ڪرڻ ۾ ويرم ئي نہ ڪندا آهن.... جيئن هڪ فرينچ چوڻي آهي تہ، ”جنهن ڏينهن توهان سمجهو تہ توهان جي دل مان هاڻي اها شاديءَ جي خواهش نڪري ويئي تہ پوءِ سمجهو تہ هاڻي توهان ذهين ٿي ويا آهيو....!

جيڪڏهن توهان کان پڇجي تہ، ”دنيا ۾ سڀ کان پهرئين ٻي شادي ڪنهن ڪئي؟“ تہ توهان چوندئو تہ، ”اهو جنهن سڀ کان پهرئين، پهرئين زال ڇڏي!“ جيئن ڪنهن کان پڇبو تہ، ”سڀ کان سٺا ٻار ڪنهن جا؟ تہ چوندو، ”منهنجا“ وري پڇبو تہ، ”سڀ کان سٺي زال ڪنهن جي....؟“ تہ چوندو، ”پاڙي واري جي....!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وارَ ٺهرائڻ

وار ٺهرائڻ دراصل جوانيءَ کي مسواڙ تي جاءِ وٺي ڏيڻ آهي... بلڪل ائين ئي وارن تي ڪيس ڪرائڻ وري پناڻ واري هوٽل ۾ ڪِرائي تي ڪٽ وٺڻ آهي. ماڻهو وارَ ٺهرائي جنهن مهل دڪان تان لهندو ته به سئو دفعا آرسيءَ ۾ پيو ڏسندو ته. ”وچ... ڪهڙو هئس ۽ ڪهڙو ٿي ويو آهيان....!“ جيئن هڪڙي همراهه آرسي ڏسندي حجام کي چيو، ”چا هيءَ چيلي ڪٽ تون پنهنجي استاد کان سکيو آهين؟“ ائين ئي هڪ ٻئي همراهه پنهنجو مٿو گنجو ڪرائڻ کان پوءِ جڏهن آرسيءَ ۾ ڏٺو ته گنگنائيندي چيائين، ”تون چا هُئين.... چا مان، چا ٿي وئين...!“ حجام پڇيس: ”ڳايو چو پيا؟“ چيائين، ادا! ٻيو چا ڪريان.... هاڻي رڳو دعا ڪر ته گهر زال سڃاڻي....!“ ان جي برعڪس اسان جو هڪ سنهڙو دوست وري جڏهن به وارَ ٺهرائي آرسيءَ ۾ ڏسندو آهي ته چوندو، ”خدا جو شڪر آهي... هاڻي وڃي ڏسڻ جهڙو ٿيو آهيان...!“ ۽ حجام به چوندس، ”سائين وڏي ۾ وڏي ڳالهه اها آهي ته توهان هاڻي انسانن جي وچ ۾ به ويهي سگهو ٿا...!“

ڪجهه سال اڳ لاهور ۾ اسان هڪ گنجي جي مٿان جيڪو حجام ڏٺو هو، اهو به گنجو هو.... اهو هڪ حيرت ۾ ٻڌل منظر هو ۽ ڪمزور دل وارا ماڻهو ان کي ڏسن ها ته انهن جا وار به ڇڻڻ لڳن ها. اُن ڏينهن کان پوءِ اهو محاورو به گردش رنگ و چمن ۾ وائرس تي ڦهلجڻ لڳو ته، ”گنجو گنجي کي نه سهي.“ انهيءَ محاوري اسلام آباد جي ايوانن ۾ جيڪي گنجا رهندا هئا. انهن جي گنج ۾ ڏار وجهي ڇڏيا...!

وار ٺهرائڻ هڪ امتحان آهي، جيڪو حجام کان وڌيڪ، وارَ ٺهرائڻ واري جو هوندو آهي، جيئن اسانجو ٿلهو ٻيو دوست وارَ ٺهرائي ايندو آهي ته هفتو ڪن ماڻهو پيا پڇندا اٿس ته، ”چا...

توهان پنهنجو اهو مٿو ڪنهن درزيءَ کي ڏيئي آيا هئائو...؟“ هن جو مٿو به ايڏو وڏو ۽ گول آهي، جو حجام هڪڙي ڪن مٿان وار ڪتي جڏهن ٻئي ڪن وٽ پهچندو ته حجام کي رات ٿي ويندي. مٿو ايڏو وڏو، جو ٻئي ڪن تائين پهچڻ لاءِ ڪڏهن حجام کي رڪشا به ڪرائڻي پوندي آهي. ايڏو وڏو مٿو جو دڪان تي گهڻي رش هوندي ته حجام چوندس، ”سائين... اڌ مٿو اڄ نهرايو ۽ باقي اڌ مٿو سڀاڻي نهرائجو...!“ جيئن هڪڙي.تلهي همراهه جو مٿو پڪيڙ ۾ ايڏو آهي، جو ٽي حجام گڏجي هڪڙي مٿي تي لڳندا آهن، تڏهن وڃي ڪلاڪ ڪان پوءِ سهڪي واندا ٿيندا آهن، ائين جو هڪڙو حجام هڪڙي ڪن مٿان، ٻيو حجام ٻئي ڪن مٿان ۽ ٽيون حجام وچ ڪان... جهڙي گڙدي جي آپريشن پئي ٿئي...!

مرد دراصل پنهنجو پاڻ کي گنجو ان ڏينهن سمجهڻ شروع ڪندو آهي، جنهن ڏينهن حجام اُن کي چوندو آهي ته، ”سائين... توهان ڪلاڪ ڪان پوءِ اچجائو... چو ته توهان جا وارَ چوندڻ ۾ به ڪلاڪ لڳندو...!“ سريلنڪا ۾ ته گنجو دڪان تي چڙهندو آهي ته حجام سمجهندو آهي ته هن تي ديوي مهربان ٿي آهي، پر اسان وٽ گنجو دڪان تي چڙهندو ته حجام وري دڪان تان لهي ويندو...! جيئن هڪڙي همراهه وارَ نهرائي جيئن ئي آرسيءَ ۾ ڏٺو ته حجام پئسا گهريس. همراهه به مُنهن تي هٿ ڦيريندي چيو، ”ياڻو! تو ڪهڙو ڌورو ڪيو آهي، اهڙو عجيب و غريب ته آئون پهرئين به هئس.... ڪو فرق ته ناهي پيو...!“ حجام به نهه پهه چيس، ”بَس سائين.... فرق رڳو اهو پيو آهي ته هاڻي توهان کي نظر ڪانه لڳندي....!“

هڪڙا ماڻهو وارَ نهرائڻ مهل حجام اڳيان ائين ڪنڌ جهڪائي ويهندا، جڻ ڪنهن جي اڳيان آخري دفعو ڪنڌ جهڪائي رهيا هجن. غريب ماڻهو وري چوندو ته، اسان ايترن ماڻهن جي اڳيان ڪنڌ جهڪايا آهن، جو هاڻي حجام جي اڳيان ٿا ڪنڌ جهڪايون ته حجام به سمجهندو آهي ته اسان هن دفعي به وارَ

نهرائي پئسا اوڌر تي ڪرائيندا سين. جيئن قاسم آباد جي روڊ تي هلندڙ هڪڙي شخص چيو، ”اسان ته جڏهن به ڪنڌ جهڪايو آهي ته اهو هيٺ ڏسڻ لاءِ، ته اگر ڪنڌ جهڪائي نه ڏٺوسين ته پوءِ ڪنهن گٽر ۾ ڪِريل هونداسين....!“

حجام اهو عجيب دڪاندار آهي، جيڪو گراهڪ کي ته ويهڻ لاءِ ڪرسي ڏيندو آهي پر پاڻ سدائين بيٺل رهندو. حجام جي ڪرسي ٻين ڪرسين وانگر نه هوندي آهي، جن تي ويهڻ کان پوءِ ماڻهو اٿڻ وساري ڇڏيندا آهن. هيءَ ڪرسي دنيا جي واحد ڪرسي آهي، جنهن تي ويهڻ کان پوءِ هر ڪو چاهيندو آهي ته جلد اٿي ڀڄان، ته جيئن جان ڇٽي. جيتوڻيڪ ڪرسيءَ تان اٿي خوشيءَ خوشيءَ گهر وڃڻ انسان جي فطرت ۾ شامل ناهي... ۽ هيءَ واحد ڪرسي آهي، جيڪا ڪلاڪن جا ڪلاڪ خالي پئي هوندي ته به هرو ڀرو هن تي ڪير ويهڻ به پسند نه ڪندو...!

ڪجهه ماڻهو ايترا وڏا وار رکائيندا آهن، جو انهن جي دوستن کي نيٺ پڇڻو پوندو آهي ته ”چا توهان وٽ سپ اهي ئي وارَ آهن، يا ڪجهه گودام ۾ به رکيل آهن؟“ جيئن اسان جي هڪ دوست جا وارَ ايترا وڏا آهن، جو گهر وارا به هن کي دوربيني رکي پوءِ ڏسندا آهن... پاڙيوارا ته هن کي وارَ نهرائڻ جا پئسا الڳ ڏيندا آهن ته، ”مهرباني ڪري ڪنهن حجام وٽان ٿي اچو، چو ته صبح سوير تون آفيس لاءِ تو نڪرين ته پوءِ اسان جا ٻار وري اسڪول نٿا وڃن...!“ هو سڄو سال وارن ۾ ايترو گهيريل هوندو آهي، جو حجام وٽ ويندو ته حجام به پڇندس ته، ”سائين... چا توهان وارن کي بادام کارائيندا آهيو؟“

جيئن اسان وارو دوست گلوڪار مئٽرڪ فيل گنجراڻي حجامن سان نه نهندو آهي. هن جي مٿي جا وار ايترا ته ڏڪيا آهن، جو هڪڙي ڀار ته ايترا وڏا وار ڏسي هن کان پڇيو ته، ”چاچا.... چا، توهان اتي جهرڪين جا ٻچا پاليندا آهيو؟“ پنيان وري ايتريون

جهالرون لڙڪيل اٿس، جڻ جُوئن لاءِ ڏاڪڻيون نهيون پيون هجن. هڪڙي دفعي تہ شهر جا سيئي حجام منٺ ميڙ قافلو وٺي هن وٽ ويا تہ اسان جي ڏنڌي تي لت نہ هڻو ۽ رڳو هڪ ڪئنچي پنهنجي چُوٽيءَ تي ڦيرائي افتتاح ڪريو... پر هن هڪڙي بہ حجام جي هڪڙي بہ نہ ٻڌي. پوءِ وري ضلعي جي سيني حجامن پنهنجا متا ڪوڙي ۽ پاڪيون هٿن ۾ جهلي هن جو ڏڱهن وارن وارو پٽلو ساڙيو ۽ روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيا، تہ بہ هن پنهنجي مٿي جو وار بہ ڪونہ ڇنو. وري ڏسندي ڏسندي ڪجهہ عورت تنظيمون بہ هنن حجامن جي جلوسن ۾ پنهنجا بينر کڻي آيون، جن تي لکيل هو، "گنجراٽي اڳيان مرد ۽ پٺيان عورت تو ڏسڻ ۾ اچي.... اها عورتن ۽ حجامن جي توهين آهي...!"

حجام وٽ ڪي ماڻهو وارُ نهرائڻ مهل ائين سڌا تي ويهندا، جڻ موٽر سائيڪل تي ويٺا هجن. هڪڙا ماڻهو وري شيو مهل هر هر آرسيءَ ۾ ڏسي اها پڪ ڪندا تہ اهو سامهون وارو ٻوٿ منهنجو آهي يا حجام ڪرائي تي ويهاريو آهي، جيئن اسانجو هڪ دوست آهي، اهو تہ وارَ لهرائيندو تہ شڪل اهڙي ناهي ويهندو، جڻ شناختي ڪارڊ لاءِ فوٽو پيو ڪيرائي. حجام ڪئنچي ڪڻندو تہ اکيون ائين کڻي بند ڪندو، جيئن چيلو ڪاسائيءَ کي ڏسي ڪندو آهي. هڪڙا ماڻهو وري وار ائين پيا لهرائيندا، جڻ حجام تي ٿورو پيا ڪندا. وار نهرائي انکي چوندا. "يائو... هي چا ڪري ڇڏيئي....هن ڪان تہ سنو هو، آئون ٽوپي پائي هلان ها!" جيئن هڪ صفا گنجو همراهہ حجام وٽ ويو تہ حجام انڪار ڪندي چيس، "سائين توهان کي حجام جي نہ، پر موچيءَ جي ضرورت آهي...!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## راڳ ڳائڻ

راڳ ڳائڻ انهن ماڻهن لاءِ سنو آهي جيڪي ٻيو ڪجهه نٿا ڳائي سگهن. جن کي زڪام گهڻو رهندو هجي ۽ دم جا مريض آهن ته انهن لاءِ راڳ اڪسير جو ڪم ڏيئي ٿو ڇو ته اگر دم جو مريض راڳ شروع ڪندو ته اوستائين نه ڇڏيندو جيستائين سندس دم نه وڃي يا جيستائين ٻڌندڙن جو دم نه نڪري. اهي ڳائڻا جن جو راڳ ٻڌي ماڻهن جو ڪنڌ لڏندو. هو اڄڪلهه انهن ڳائڻن جو خود ڪنڌ لڏندو آهي جنهن مهل هو ڳائڻ ويهندا آهن ۽ پوءِ انهن کي اٿارڻ لاءِ به پوليس جي مدد وٺڻي پوندي آهي.

اهو مڃجي ٿو ته موسيقي صحت لاءِ ايترو ضروري آهي جو ڪنگهه هجي ته به ڪنگهه بند ڪري پهرئين ٽيپ ٻڌجي، پر اها موسيقي صحت لاءِ هاڃيڪار هوندي آهي جنهن ۾ ٻڌڻ لاءِ بس اهو هوندو آهي ته توهان سمجهندا آهيو ته توهان مڙيئي ڪجهه ٻڌو پيا... ڇا پيا ٻڌو، اهو خود ٻڌائڻ وارو به ڪونه ٻڌائي سگهندو آهي ته هو ڇا پيو ٻڌائي... اها موسيقي جيڪا توهان کي سمجهه ۾ نه اچي راڳ سڏائبي آهي. پڪو راڳ اهو هوندو آهي جنهن سان توهان مٿو هڻو ته توهان جو مٿو ڪچو ڪري ڇڏي. اهو راڳ جيڪو توهان پنهنجي مرضيءَ سان نه ٻڌو پر توهان کي ٻڌايو وڃي ته اهو به پڪو راڳ هوندو آهي.

راڳ ڪن ماڻهن لاءِ روڳ ثابت ٿيندو آهي جو اهو ڪنهن ڪنهن مهل شروع فرمائش سان ٿيندو آهي ۽ ختم منٿن سان ٿيندو آهي. راڳ جي رفتار ايتري هوندي آهي جو بس هڪڙو راڳ شروع ٿيندو تيسين ماڻهو بازار مان گوشت ۽ مڇي وٺي ايندو. راڳيءَ جو پهريون اصول ٿي اهو هوندو آهي ته راڳ شروع ڪجي باقي بند ماڻهو پنهنجي مرضيءَ سان ڪرائيندا. راڳ جا ايترا قسم آهن جو

ايترا قسم راڳن جا نه هئڻ گهرجن. جيڪڏهن توهان ڪنهن پارٽيءَ ۾ آهيو ته پوءِ توهان کي هڪ عمدو راڳ ڳائڻ لاءِ پارٽيءَ جي صدر سان تعاون ڪرڻو پوندو جو، اهو راڳ جيڪو صدرن جي پسند وارو هوندو ته پوءِ تي سگهي ٿو توهان پاڻ به جنرل سيڪريٽري ٿي وڃو. اسان جو هڪ دوست ته سيڪريٽري جنرل ٿيڻ کان گهبرائيندو آهي. پڇيوسين، "چو؟" ته چيائين، "ان ۾ لفظ جنرل ٿو اچي!" پڇيوسين، "پوءِ توهان جنرل اليڪشن ۾ حصو ڪيئن وٺندا؟" ته چيائين، "آئون حصو وٺندس ڪونه ... رڳو پنهنجو حصو گهرندس!"

اسان جي محلي جو هڪ ڪائونسلر به راڳ جو هڪ وڏو ڄاڻو آهي. پاڻ راڳ ائين چوندو جڻ سڀ ڪجهه چئي رهيو هجي. چيائين، "آئون گهٽين ۾ صفائي ڏسڻ چاهيان ٿو..." اسين لنگهياسين ته اسان کي چيائين، "ڏسو... منهنجا ٻئي هٿ صاف آهن!" هن کي صفائيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ هٿ جي صفائي وڻندي آهي. شهر ۾ گٽر بند هوندا آهن ته سڀ کان پهرئين وات هنيءُ کوليندو آهي، چيائين، "آئون ۽ غائب ناظم انقلاب آڻيندا‌سين!" پڇيوسين، "غائب ناظم يا نائب ناظم؟" ته چيائين، "غائب ناظم.... جو ته اهو آفيس ۾ گهٽ ويهندو آهي!"

راڳ اسان جي سنڌي سوسائٽيءَ جي سڃاڻپ آهي. ايترو جو سڃاڻپ ڪارڊ ۾ به راڳ وارو خانو هئڻ گهرجي. جيئن ماستري راڳ، ڪلارڪي راڳ، وزارتي راڳ، آفيسري راڳ، پنهنجو راڳ، پرايو راڳ.... بنيادي طرح راڳ صرف ٻن قسمن جا ٿيندا آهن. هڪڙا اهي جيڪي اهو ٻڌندو جيڪو ڳائيندو ۽ ٻيا اهي جن کي جيڪو ڳائيندو اهو ئي ٻڌندو.... راڳ جي باري ۾ اسين به ايترو ئي ڄاڻندا آهيون جو وڌيڪ ڄاڻڻ صحت لاءِ صحيح ڪونهي. سڀ کان سٺو راڳ اهي زالون ڳائي سگهنديون آهن، جيڪي سمجهنديون آهن ته مڙس کي اهي راڳ سمجهه ۾ اچي ويندا، جيتوڻيڪ مڙسن

جون به ڪيٽيگريون ٺهنديون آهن. ڪجهه مڙس راڳ صرف هڪڙي ڪن ڪان ٻڌندا ۽ ٻئي ڪن تائين پهچڻ ئي ڪو نه ڏيندا آهن. پيا مڙس ٻڌندا ئي ٻئي ڪن کان آهن ۽ پهرئين ڪن مان ڪڍي ڇڏيندا آهن. ٽيان مڙس راڳ ڇڙڻ کان اڳ ئي سمجهي ويندا ته اڄهو ٿو راڳ وڃي ٽنهنڪري ڪو بهانو ڪري گهر مان پڇي ويندا. ڪجهه مڙسن کي راڳ ٻڌڻ جو شوق هوندو آهي. انهن جي رڳو اها فرمائش هوندي آهي ته روز ساڳيو راڳ نه هجي. ڪجهه مڙسن کي راڳ بلڪل ڪونه وڻندا آهن. پر انهن کي ٻڌڻو پوندو آهي ڇو ته هو سمجهندا آهن ته، " جيڪي زال جو راڳ نه ٻڌندا آهن اهي پوءِ زماني جو راڳ ٻڌندا آهن!" ڪي مڙس روز ساڳيو راڳ ٻڌندا آهن ته به انهن کي ڪجهه ڪونه ٿيندو ۽ پيا مسڪرائيندا. توهان اگر انهن کي غور سان ڏسندا ته انهن جي ڪنن ۾ ڪپهه پيل هوندي آهي. ڪجهه مڙس وري راڳ جي بدلي راڳ ٻڌائڻ جا عادي هوندا آهن... پر پوءِ اڳيان هلي اهي مڙس نه رهندا آهن.... پاڙي وارا ٿي ويندا آهن!

سيني زالن کي راڳ ٻڌائڻ جو فن نه ايندو آهي بلڪ ڪي ته راڳ ۾ ايتريون پڙ هونديون آهن جو پاڙي وارين زالن کي به اهو هنر سيکارينديون آهن ته، "ادي... پنهنجي مڙس کي قابو ۾ رک!" چڻ مڙس نه پر "جن" هجي... "پنهنجي مڙس تي اک رک جو ته اهو بين زالن تي اک رکيو بيٺو آهي!"

راڳ سکڻ جي عمر ڪانهي، بس توهان کي رڳو ڪنهن ڪانگ جي اوبر پيئڻي پوندي. ڪيترائي ڳائڻا راڳ شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ پان ضرور کائيندا. پڇيوسين، "گهڻا پان جو ٿا کائو؟" چيائون، "گهڻا پان کائڻ سان آواز وڌندو!" جيتوڻيڪ اسان ڏٺو آهي ته گهڻا پان کائڻ سان رڳو خرچ وڌندو آهي. جيئن هڪ گلوڪارا کي آئون سڃاڻان، اها راڳ شروع ڪندي جهڙو قصو شروع ڪندي. ڳائيندي وري ايترو آهستي جو طبلي نواز به

چوندس، ”مئڊم... منهنجو طبلو ڀوڙو آهي. تورو تيز ڳايو...!“ ڳائڻ جي ڏنِ وري اهڙي رکندي جنهن سان ٻارن کي سمهاربو آهيَ. ماڻهن کي هن جو راڳ ٻڌڻ لاءِ وڏي محنت ڪرڻي پوندي آهي. ڪنهن چيو، ”هن کي ٻڌڻ لاءِ ٻه لوڻ پاڻيءَ جا غرارا ڪري پوءِ ٻڌجي!“ هڪڙي دفعي مون خود هن جو راڳ ٻڌو ته ڪلاڪ ڪان پوءِ منهنجا ٽانسلز وڌي ويا. جيئن اُستاد موڳو خان آهي. راڳ ۾ هو ضياءُ الحق جو شاگرد آهي. ڪنهن محفل ۾ ڳائيندو ته ڳائيندو ٻارنهن سال وينو هجان... جيتوڻيڪ عمر جي ان حصي ۾ آهي جتي ماڻهوءَ جو ڪو به حصو صحيح ڪم نه ڪندو آهي. اسان کي ته سنا راڳ اهي وڻندا آهن جيڪي ٽي ويءَ تي خبرن ۾ ڏيکاريندا آهن. جيئن هڪ دوست چيو، ”راڳ مون کي ايترو وڻندو آهي جو آئون ڪنن تي هٿ رکي ٻڌندو آهيان!“

غالب کان پڇيائون، ”ڇا راڳ ٻڌندئو؟“ چيائين، ”اگر راڳ درباري آهي ته پوءِ اهو ٻڌڻ لاءِ عمر ٿيپي!“ مهدي حسن کان پڇيائون، ”ڇا راڳ توهان ٻُڌندا آهيو؟“ جواب ڏنائين، نه، راڳ مونکي ٻڌندو آهي!“ مون کان پڇيائون، ”توهان راڳ ٻڌندا آهيو؟“ چيم، ”ها... پر ان وقت آئون ننڊ ۾ هوندو آهيان!“

# مُڇون

ڪنهن چيو، ”مُڇون رکڻ به هڪ فن آهي!“ منهنجي ته خيال ۾ مُڇون ڏسڻ هڪ فن آهي. هڪڙن جون مُڇون نه وڻنديون آهن ته به ڏسڻيون پونديون آهن. هڪڙن جا چهرا سنا هوندا آهن. رڳو غلط مڇن جي ڪري سڄي ڊزائين قتل هوندي اٿن. توهان تمام گهڻ شيدين کي تمام گهڻ مڇون ڏٺيون هونديون. اهي اهڙي رسڪ ڪونه ڪٽندا آهن، جو ته شيديءَ کي پنهنجي مُڇ سڌي ڪرڻ ۾ ٺي سال لڳي ويندا آهن.

مُڇن جو ڪو معاشي فائدو به ڪونهي، پوءِ به ڪجهه ماڻهو اهڙيون مڇون رکندا آهن، جڻ انهن سان روزگار ملي ويندو. هڪڙي ماڻهوءَ جي مون مڇ ڏٺي جيڪا ايتري ته ننڍڙي هئي جو هڪ ٺي مُنهن تي اهڙيون ڇهه مڇون رکي سگهبو ٿي. هڪڙي ٻئي ماڻهوءَ جي مُڇ ڏٺيسون، جنهن کي مڇ چوڻ مڇ جي توهين ٿيندي، جو ته اها مڇ جي نالي ۾ هڪ بلا هئي. اسان مُڇن وارن جو هوڻ ٺي احترام ڪندا آهيون، جو ته خود اسان کي به مڇون آهن. جيڪي ننڍ پڻ ۾ ڪونه هيون.

اسين جڏهن پنهنجي سماج ۾ نظر ڦيرايون ته اسان کي ڪيترين ٺي مڇون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون ۽ سوچيون ٿا ته مڇن جي سماجي ترقيءَ لاءِ ڪجهه به ناهي ڪيو ويو. سائنسدانن جو چوڻ آهي ته ”جيڪي ماڻهو مڇون لهرائڻ ۾ خوش ٿيندا آهن، ايتري قدر جو سنڌن وات به ڍڪجي ويندو آهي، اهڙا ماڻهو سخت دماغي دٻاءَ جو شڪار هوندا آهن!“ اسان ته اهڙيون مڇون صحافين جون ڏٺيون آهن، هڪڙي صحافيءَ کي آئون سڃاڻان. انهيءَ جون ته مڇون اهڙيون آهن جڻ آپريشن ڪري لڳايون ويون هجن. مون کي اسلام آباد جي هڪ صحافيءَ جون مڇون وڻنديون آهن. بس... نڪ جي

ڪپڙن سان گڏ بدلائيندو هو. اسان پنهنجي زندگيءَ ۾ ايوب خان جون مڇون به ڏٺيون. خود ان جا به به حصا هئا. هڪڙيون مشرقي مڇون ۽ ٻيون مغربي مڇون. ضياءُ الحق جي مڇن کي ڪير ٿو وساري سگهي. ائين لڳندو هو ڄڻ نڪ جي هيٺان هن پوٽان جو نقشو چنبڙايو هجي. باقي ان جي مٽي جي وارن جي الڳ ڳالهه آهي. هو پنهنجي مٽي ۾ وڇان سينڊ ڪڍي ايترو تيل وجهندو هو ته به تيل جا اگهه نه چڙهيا.

مڇون رکڻ ڪو سولو ڪم ڪونهي نه ته دنيا جي هر ماڻهوءَ کي هجن ها. مڇون رڳو اهي ماڻهو رکرائيندا آهن، جيڪي سمجهندا آهن ته اسان کي مڇون رکرائڻ گهرجن. ڪافي عورتن کي به مڇون ٿينديون آهن، جيڪڏهن بيوٽي پارلر نه هجن ها ته دنيا ۾ مڇن وارن ماڻهن جو تعداد ڪلين شيو وارن کان وڌيڪ هجي ها! جيئن هڪڙي ڪلين شيو، هڪ ڏگهين مڇين واري کي چيو ته ”تو ايتريون مڇون ڪٽي رکايون آهن. انهن کي مقابلي ۾ لاهيندين ' چا؟“ مڇن واري چيس ”چو... توکي ڪهڙو اعتراض آهي؟“ ڪلين شيو چيس ”آئون رڳو اهو سوچيان ٿو ته جنهن مهل تون پاڻيءَ جو گلاس پيئندو هوندين... ته اڌ گلاس ته اهي مڇون پيئنديون هونديون!“

مڇون رکرائڻ ڪا بهادري به ڪانهي، پوءِ به ڪجهه ماڻهو آهن، جيڪي مڇون رکائي لاهڻ وساري ڇڏيندا آهن. ايترو جو اهي وڏي وڻ تي وينديون آهن. اهڙي ئي هڪ همراهه کي پاڙي مان هڪ مائيءَ ماڻهو موڪليو ته ”مهرباني ڪري هاڻي پنهنجيون مڇون ننڍيون ڪريو، اسان جي ٻارن کي ڄُون اچي پيون آهن!“

سرڪاري آفيسرن جون ته مڇون به سرڪاري لڳنديون آهن. جيئن هڪ آفيسر حجام کي چيو ته ”سترهين گريڊ واري مڇ ناهجئين“ حجام ويچارو منجهي پيو چو ته خود هن جون مڇون به اهڙيون هيون. ڄڻ ڪيس سزا ۾ مليون هجن. مون حيدرآباد جي هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروفيسر جي مُڇ ڏني، جيڪا رڳوَ چپن جي مٿان هڪ سنهڙي ليڪ هئي... ۽ لڳو پئي ڄڻ مڇ ڪنهن زماني ۾ اتان گذري هئي. اها مڇ سيٽ ڪرڻ ۾ به حجام کي گهٽ ۾ گهٽ ڪلاڪ لڳو هوندو يا ته اهڙي ڏکي مڇ تي گهٽ ۾ گهٽ ٻن حجامن ڪم ڪيو هوندو.

اسان جي خيال ۾ مڇون رکرائڻ ۽ نئون بوٽ پائڻ جو اصل مزو تڏهن آهي جڏهن ٻيا انهن جي باري ۾ پڇن. جيئن اسان جو هڪ دوست سڄو ڏينهن مڇن ۾ هٿ وجهيو ويٺو هوندو آهي. هڪڙي ڏينهن نيٺ پڇيومانس ”يلا ... سڀ اهي مڇون اٿئي يا چار پنج ڪيسي ۾ به اٿئي؟“ شاعر ۽ شيو به الڳ شيون آهن. هڪڙي سنڌي شاعر مڇون رڳو ان ڪري لهرائي ڇڏيون جو بقول هن جي سندس مڇن ۾ وزن ڪونه هو. هڪڙي سنڌي دانشور جي مڇ هڪ انچ جي آهي. آئون سمجهان ٿو ته هن وٽ اهڙيون اٺ نَو مڇون پيون به هونديون. جيڪي عيد عيد تي ڪڍندو هوندو. هڪڙي ٻئي ڪراچيءَ جي اديب جون مڇون ته اهڙيون آهن، جو اگر شڪارپور ۾ وڃي ته اتي هن جا فوٽا ڪڍي آچارَ جي برتڻن تي هڻن. پڇيومانس ”تنهنجون مڇون ايتريون گهاٽيون ۽ چمڪدار ڇو آهن؟“ ته چيائين ”آئون پنهنجين مڇن کي پستا، بادام کارائيندو آهيان“

ٽالسٽاءِ هڪڙي دفعي چيو هو ته ”سُني مڇ هڪڙي ئي لڳندي آهي ۽ اها خود پنهنجي هونديَ آهي“ جيئن اسان جو هڪ سياستدان.. هُو مڇ پيو ٺاهيندو ته به لڳندو ڄڻ اليڪشن ۾ ويهڻ لاءِ پنهنجو رستو پيو ٺاهي. هڪ سياستدان جون مڇون ڏسي مون کي حيراني ٿي ته مڇون کي اهڙيون به ٿينديون آهن، هن جون مڇون ايتريون ته ڇهنبدار هيون جو آئون سمجهان ٿو ته هو پاسي واري ڪيسي ۾ پلاس رکندو هوندو.

مڇ ماڻهوءَ جو اعمال نامو ته ڪونهي پر افعال نامو ضرور آهي. توهان ڪنهن جي به مڇ ڏسي گهٽ ۾ گهٽ به ڳالهيون ٻڌائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهو ٿا. هڪ تہ هن وٽ ٿائيم ڪيترو آهي ۽ ٻيو تہ هو صفائيءَ کي ڪيترو پسند ڪري ٿو. منهنجي پسند جو هڪڙو سياستدان آهي، جنهن جون مڇون وري انهن مان آهن، جو هڪ مڇ ڏس تہ سئو مڇون ڏسڻ ۾ اينديون. توهان هن سان هڪ ڀيرو ملندا تہ هي صاف ڏسڻ ۾ نہ ايندو، رڳو مڇون ڏسڻ ۾ اينديون. توهان کي لڳندو ڄڻ توهان مڇن کان انٽرويو ڪري رهيا آهيو... جيئن اگر توهان نوابزادي نصرالله سان گڏ فوٽو ڪڍائيندا تہ لڳندو ڄڻ توهان ٻہ حقو پيئندا آهيو. توهان جيڪڏهن هن جي تعريف ڪندئو تہ هو خوشيءَ ۾ يڪدم مڇون وٽڻ لڳندو. ڄڻ توهان مڇن جي تعريف ڪئي هجي. هڪڙي لاهور جي سياستدان تہ پنهنجين مڇن جي باري ۾ سڌو سنئون ٻڌايو تہ ”هي اهو سوال آهي جنهن جو جواب عوام وٽ آهي“ هڪ صحافي پڇيس تہ ”سياستدان ۽ مڇ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟“ تہ چيائين ”مڇ ۾ اها خرابي هوندي آهي تہ هن ۾ صرف ٻہ پاسا هوندا آهن، جڏهن تہ سياستدان ۾ رڳو پاسا ئي پاسا هوندا آهن... ڪنهن مهل ڪنهن جو پاسو... ڪنهن مهل ڪنهن جو پاسو...“

# ٻڪرُ ۽ مڙس

هڪ سهيليءَ ڪي ٻي شادي شده سهيليءَ مشورو ڏنو ته ”شادي... ڪڏهن به نه ڪجان!... ان کان سٺو آهي ته هڪڙو ٻڪر ڏاري ڇڏ!... ٻڪرَ ”مڙسن“ کان بهتر آهن...“ ان جي دليل ۾ هن بي شمار ڳالهيون ڪيون، جيڪي هن طرح آهن:

- ٻڪر ڪي توهان زسيءَ سان ٻڌي سگهو ٿيون. اها سهولت توهان کي مڙسن وٽ نه ملندي!
- ٻڪر جي کل ڇٽندي ناهي... پر مڙس جلد گنجا ٿي ويندا آهن.
- ٻڪر جي ”اضحي“ جائز آهي، پر مڙس حرام آهن!
- ٻڪر بکيو هوندو ته صرف ”ٻه ٻه“ ڪندو ۽ مڙس بکيو هوندو ته پوءِ ان جي ٻولي ڪنهن کي به سمجهه ۾ نه ايندي.
- ٻڪر ”ٻه ٻه“ ڪندو ته توهان ان کي گاهه ڏيئي ماٺ ڪرائي سگهو ٿا. مُڙس ”ٻه ٻه“ ڪندو ته ان لاءِ توهان کي ڊاڪٽر کي فون ڪرڻي پوندي!
- ٻڪر صرف ”ٻه ٻه“ چوندو پر مڙس ”چار چار“ ٻڌائيندو!
- ٻڪرن جي وڏي ۾ وڏي خوبي اها هوندي آهي ته انهن کي توهان جيڪو به ٻڌائينديون. ماٺ ڪري ٻڌندا.
- ٻڪر سگريٽ به نه پيئنڊا آهن!
- ٻڪرا ايترا غائب دماغ به نه هوندا آهن جو باٿ روم ۾ اندر وڃي پوءِ دانهون ڪن ته ”ٽوال ڏيو... ٽوال ڏيو!“
- ٻڪر جو پيٽ به ٻاهر نڪتل ڪونه هوندو آهي.
- ٻڪر توهان جي هٿن مان ني ويءَ جو رموٽ ڪنٽرول ڦري پنهنجي پسند جو چينل به نٿو ڏسي سگهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- ٻڪر کي توهان ”ٻڪر“ چئي سگهو ٿيون... مڙس کي توهان ”ٻڪر“ چئي ڏسو......!
- ٻڪر ڪڏهن به ڪکڙن تي شرطون نه رکندا آهن.
- ٻڪر ڏڻ تي ويندو ته واپس موٽي ايندو.... ائين نه ته ٻَڪرُ ياڇي ونڻ ويندو ته ڪلاڪن جا ڪلاڪ گم!
- ڪجهه شيون ٻڪر بلڪل به استعمال نه ڪري سگهندا آهن.... ان ڪري توهان کي وسڪيءَ جي خالي بوتل ڪڏهن به الماڙيءَ جي پنيان لڪل نه ملندي!
- ٻڪر توهان وٽ هر وقت موجود رهندو.... ائين ناهي ته هو جيستائين آفيس ۾ هوندو ته توهان کي اهو ئي ڏبپ ماريندو رهندو ته، ”خبر ناهي هو ڪهڙي عورت سان ڪلي ڪلي چانهه پي رهيو هوندو!“
- توهان ٻڪر کي گهر ۾ اڪيلو ڇڏي ڪيڏانهن به وڃي سگهو ٿيون. پر مڙس کي اڪيلو ڇڏينديون ته توهان جي دل يڪدل چوندي ته نوڪرياڻيءَ کي به پاڻ سان گڏ وٺي وڃون!
- ٻڪر توهان کي ڪڏهن به ”تلهي“ ٿيڻ جو مهڻو نه ڏيندو.
- ٻڪر جا دوست به نه ٿيندا آهن... ائين نه ٿيندو ته ٻڪر دوستن جو هڪڙو هجوم آٺي اوطاق تي ويهاري ۽ پوءِ آرڊر ڪري ته، ”جهُوني...... ٻُڌ ته...... مهمان آيا آهن. چانهه ڪپني!“
- ٻڪر جي اها به خوبي آهي ته اگر توهان شاپنگ تي وينداِ... ته اهو توهان کي منع نه ڪندو!
- ٻڪر توهان کي ڪڏهن به ٻڪريءَ جي ڏيءُ ڪري نه سڏيندو!
- ٻڪر توهان کي صبح جو سوير جاڳائيندو.... ائين نه ته صبح جو دير تائين پيو کونگهرا هڻندو!

- اگر توهان جي گهر ۾ چور آيو ته ٻڪر ان کي ٽڪر هڻي سگهي ٿو ۽ توهان جو مڙس ٿي سگهي ٿو چور جو ٻڌي باٿ روم ۾ لڪي وڃي!
- ٻڪر کي توهان ڪنهن محفل ۾ ”او.... گنجا.....!“ ڪري پڪاريو..... ته اهو بلڪل به ناراض ڪونه ٿيندو.
- ٻڪر سان گڏ رڪشا ۾ چڙهندينءَ ته ٻڪرُ يڪدم چڙهي ويهي رهندو.... ائين ناهي ته ٻڪر رڪشا واري سان خوامخواهه ويهين ۽ پنجويهين رپئين تي اڌ ڪلاڪ بحث ڪندو رهي!
- چا.. توهان اهو سوچي خوش نٿيون ٿيو ته ٻڪر موبائل فون استعمال نه ڪندو آهي..... جو هو سڄو ڏينهن پين کي رڳو مس ڪاليون ڏيندي گذاريو ڇڏي!
- ٻڪر ڪڏهن به گهر جا سامان نه اُڇليندو آهي ۽ نه ئي زور سان دروازو بند ڪري هليو ويندو آهي.
- ٻڪر جي پنيان ڊوڙيندينءَ ته وزن گهٽ ٿيندئي ۽ مڙس جي پنيان ڊوڙيندينءَ ته اهو چوندئي ”موٽي ..... تيز ڊوڙ!“
- توهان ٻڪر کي سمنڊ تي وٺي وڃو اهو رڳو توهان جي پنيان هلندو ۽ مڙس کي وٺي وڃو.... اهو رڳو ٻين عورتن جي پنيان هلندو.
- ٻڪر کي زڪام ٿيندو ته توهان کي خبر به نه پوندي، ائين بلڪل به نه ٿيندو ته ٻڪر دانهون ڪري چوي، ”ٻارن کي ماٺ ڪرايو.... منهنجي مٿي ۾ سور آهي!“
- ٻڪر رڙندو ته پاڙي وارا سمجهندا ته توهان ٻڪرُ خريد ڪيو آهي...... ۽ مڙس رڙندو ته پاڙي وارا سمجهندا ته توهان به ٻڪر خريد ڪيا آهن!
- ٻڪر جي سونگهڻ جي حس تيز هوندي آهي... ائين به ناهي ته مهيني کان ساڳيا جوراب پائي هلي ۽ ڪيس خبر

ئي نہ پوي.

- ٻڪر اخبار بہ نہ پڙهندا آهن... ائين نہ تہ ڪلاڪ ڪن اخبار پڙهن ۽ بہ ڪلاڪ ويهي ان تي بحث ڪن.
- ٻڪر رات جو آرام سان سمهي رهندو آهي.... ائين ناهي تہ ٻڪر سڄي رات دوستن سان تاش ڪن ۽ فلمون ڏسي وڏا وڏا ٿهڪ ڏين!
- ۽ سڀ کان آخر ۾ اهو تہ توهان پنهنجي مڙس کي ناشتو نہ بہ ڏيئي ڏسو.... صبح جي ٽائيم تي بہ اهڙا ٻرڙاٽ ڪندو جو توهان کي ٻڪر ياد اچي ويندو.

# شادين جو منسٽر

هن صِاحب پاڪستان نهڻ ڪان پهرئين شاديون ڪرڻ شروع ڪيون ۽ آخر تائين پاڪستان نهي ويو پر هن جو گهر نہ نهيو. اجا به شاديون ڪندو آهي جو شادين ڪي بهتر ڪرڻ لاءِ به هڪڙو ”ڪوچ“ رکيو اٿس. ان ڪري عورتن ۾ ايترو مقبول ڪونهي، جيترو عورتن جي ڪري مقبول آهي. هر چوٿين عورت کي شاديءَ جيِ آفر ائين ڪندو جڻ نوڪريءَ جو ”آفر ليٽر“ اشو ڪري رهيو آهي. عورتن جي معاملي ۾ ايترو تہ سنجيدا جو ”شادي“ کي بہ ”شازي“ چوندو. جيڪڏهن مرد سامهون هجي تہ ڳالهہ جو خلاصو بيان ڪندو ۽ عورت سامهون هجي تہ رڳو خلوص بيان ڪندو. عورتن ۾ وينو هوندو تہ عورتون پريشان هونديون ۽ مردن ۾ وينو هوندو تہ پاڻ پريشان هوندو. ڪنهن صَحافيءَ پڇيس تہ، ”سائين.... توهان ايتريون شاديون ڇو ٿا ڪريو؟“ تہ چيائين، ”ڇو تہ عورتن لاءِ رشتن جو ڪوٽ آهي!“

شادين جي درست تعداد جي تہ هن کي بہ خبر ڪانهي جو نئين شادي ڪندو آهي تہ ٻي شاديءَ کي وساري ڇڏيندو آهي. جنهن نسل مان هي آهي ان جي ”افزائش نسل“ تي اجا پابندي ناهي ان ڪري عورتن کي ڏسندو تہ اهڙي شڪل ٺاهيندو جڻ انهيءَ شڪل ٺاهڻ تي مارڪون ملنديون.

روزانو شاديءَ لاءِ سوچيندو ۽ نيٺ هڪڙو ڏينهن اهڙو ايندو جو ماڻهو ڪيس چوندا ”آخري شادي مبارڪ هجئي“ ڊيڪوريشن وارن تہ هن جي شادي لاءِ نوان بورڊ ٺهرايا آهن. جيئن ”هيءَ شادي آخري شادي نہ سمجهندا....“ يا هڪ اهڙو ئي بورڊ پري رهيو هو تہ، ”نئين شادي مبارڪ“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعليم تہ هن جي ايتري آهي جو بس تعليمدان ۽ گلڊان ۾ ڪو فرق محسوس نہ ٿيندو. تعليم هن جي جيتري بہ آهي انهن سيني ڪان وڏيڪ آهي، جن جي تعليم هن ڪان گهٽ آهي.ان ڪري هي وزير تعليم هو تہ پاڻ ڪي غريب تعليم سڏيندو رهيو. انهن سيني ماسترياڻين ڪي رعايتون ڏنائين جن جن هن ڪان رعايتون ورتيون.صحت جي وزارت ۾ ويو تہ ڊاڪٽرن تي. ايترا ڇاپا ڪونہ هنيائين جيترا نرسن تي هنيائين.نرسن هڙتال ڪئي تہ انهن ڪي اهي بہ سهولتون ڏنائين جيڪي هنن گهريون بہ ڪونہ هيون.ڪنهن پڇيس، ”نرسن جي ايتري مدد ڇو پيا ڪريو؟“ چيائين، ”هيءَ ئي تہ قوم آهي جيڪا مرڻ وارن ڏينهن ۾ اسان جون اکيون ٺٽيون ڪندي آهي!“

جيتريون زالون بدلايائين اوتريون پارٽيون بدلايائين. مسلم ليگ ۾ ان ڪري ويو جو هن ڪي ڪنهن آفر ڪئي هئي تہ ڪيس مسلم ليگ ليڊيز ونگ جو صدر بنايو ويندو. وري اها ڇڏي پي پي ۾ ويو تہ چيائين، ”ٽي دفعا پي پي پي چوڻ سان مون ڪي پنهنجا نڪاح ٽا ياد اچن.“ وري اها ڇڏي پي پي پي ۾ هليو ويو ۽ چيائين، ”چار دفعا پي پي پي پي ٿي ٿئي تہ منهنجي شرنائين جي سڪ ٿي لهي ۽ لڳي ٿو آئون گهوڙي تي چڙهيو وينو آهيان!“ ان ڪانِ پوءِ وري اوچتو ايم ايم اي ۾ هليو ويو ۽ ان جو دليل اهو ڏنائين تہ، ”قاضيءَ سان دوستيءَ جو اهو فائدو ٿيندو تہ نڪاح جا پئسا بچي پوندا!“

پهرئين شادي جنهن سان ڪيائين اها ڇوڪري هئي. ٻي شادي جنهن سان ڪيائين اها هڪ ڇوڪريءَ جي ماءُ هئي، ٽئين شادي جنهن سان ڪيائين ان کي بہ طلاقون پهرئين هيون. پنهنجي چوٿينءَ شاديءَ ۾ تہ پاڻ بہ ڪونہ هو جو ان ڏينهن اليڪشن مهم

تي هو. مولويءَ کي هميشه چوندو، ”نڪاح نامو جلد تيار ڪري ڏي جو جيڪڏهن سستي ڪندين ته بئي نڪاح نامي جو ٽائيم اچي پهچندو!“ پاڻ وٽ نڪاح نامن جو فائيل ناهي رکيو اٿس. ڪير ٻار اچي پڇندس ته، ”بابا.... ڪاليج ۾ داخلا وٺڻي آهي!“ ته يڪدم فائل کولي ڇوڪري کان پڇندو، ”ڪهڙي نمبر زال جو ڪهڙو نمبر پٽ آهين؟“ هاڻي ته هن جي پٽن به پنهنجن حقن لاءِ تنظيم کولي ڇڏي آهي، جنهن جو نالو آهي ”آل سنڌ پٽ ايسوسيئيشن“ هن جي خانداني قبرستان ۾ به گهٽي کان گهٽيون قبرون هن جي زالن جون آهن ... جن مٿان خاندان وارن نمبر لڳائي ڇڏيا آهن. هاڻي ته قبرون ايتريون آهن، جو هيءُ ويندو آهي ته هفتو اڳ گلن جو آرڊر ڏيندو آهي.

1988ع واري اليڪشن ۾ بيٺو ته تقرير ڪندي چيائين ته، ”آئون 88 شاديون ڪندس... وري چام خادم جي گورنمينٽ آئي ته چام صاحب هن کي گهٽين شادين جي ڏوهه ۾ اندر ڪري ڇڏيو. اندر ويو ته هڪ فيميل پوليس آفيسرياڻيءَ سان شادي ڪيائين. نيٺ چام هن کي ان شرط تي آزاد ڪيو ته هاڻي هو ڪنهن به زال کي آزاد نه ڪندو. ائين چام هن کي آزاد ڪري شادين جي منسٽريءَ ۾ قيد ڪري ڇڏيو. انَ کان اڳ پتو جي دور ۾ ته زالون به ڪونه ڳڻيندو هو، چو ته ان دور ۾ رڳو نوٽ ڳڻيندو هو.

قومي اسيمبليءَ ۾ تقرير ڪندو ته چوندو، ”جناب اسپيڪر صاحب!“ ۽ نهاريندو عورتن جي سيٽن ڏانهن.... هڪڙي ڏينهن اٿي چيائين ته مون کي استحقاق جي تحريڪ پيش ڪرڻ ڏني وڃي، ته اسپيڪر چيس، ”توهان صرف طلاق جي تحريڪ پيش ڪريو!“ پارٽيءَ طرفان عورتن جي حق مهر جي باري ۾ ڳالهائڻ لاءِ اٿيو ته صرف عورتن جي حق تي ڳالهايائين ۽ مهر تي ڪونه

عظميٰ هو. پنهنجي برٿ ڊي پارٽيءَ تي به بيند باجي وارا گهرائيندو.... ڇا خبر ان ڏينهن ڪنهن شاديءَ جي سالگره هجي. جڏهن منسٽر هو ته پنهنجي ”ٽر ٽر“ جي ڪري مشهور هو. ان ڪان پوءِ ڊاڪٽرن هن کي اسڪوٽر، ٽريڪٽر ۽ موٽر ۾ ويهڻ کان منع ڪري ڇڏيو جو انهن جي پنيان ”ٽر“ هو. مردن سان گڏ فوٽو ڪونه ڪڍائي جو چوندو ته اهڙي فوٽو ۾ مان ايندوئي ڪونه آهيان، رڳو مرد ايندا آهن ۽ عورتن سان گڏ فوٽوءَ ڪڍائيندو ته پوءِ عورتون ڪونه ايندیون آهن، رڳو پاڻ ايندو آهي. هڪ دفعي هن لاءِ هڪڙي بيوهه جو رشتو آيو ته انڪار ڪري ڇڏيائين. رشتو آڻيندڙ چيس، ”عورت تمام گهڻي محنتي آهي!“ ته ان کي چيائين، ”ها، ايتري قدر جو بيواهه به پنهنجي محنت سان ٿي آهي!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وزيرِ ڏاڙيل

لاڙڪاڻو اهڙو ضلعو آهي. جتي هر اهو ڏوهه ٿئي ٿو جو سوچيو ويندو آهي تہ اهو ڏوهه بہ ٿيڻ گهرجي، جيڪو اجا هتي نہ ٿيو آهي. شهر کهڻ ۾ پيلو وڏيڪ لڳندو آهي. ڪنهن وقت ۾ هتي ڏاڙيل ڪونہ هوندا هئا. ماڻهو هڪ ٻئي کان پڇندا هئا تہ، ”يار... ڪافي ڏينهن ٿيا آهن ڪو ڏاڙيل نہ ڏٺو اٿئون!“ ائين ئي اڄ کان ڪيترا سال اڳ لاڙڪاڻي ۾ هڪ ڏاڙيل گهمڻ آيو تہ ان تي رش ٿي ويئي.... ماڻهن ان سان گڏ فوٽا پئي ڪڍايا... ۽ ٻارن ڏاڙيل کي هٿ لائي خوشيءَ ۾ پنهنجين مائرن کي وڃي ٿي ٻڌايو تہ، ”امان ڏاڙيل کي هٿ لاهي آيا آهيون!“ ڪيترائي سال اڳ هڪ لاڙڪاڻي جي نواب پنهنجي دوست رقاصا کي چيو هو تہ، ”هيترا ڏينهن ٿيا آهن نظر نٿي اچين.... صفا ڏاڙيل ٿي ويئي آهين!“

هاڻي لاڙڪاڻو اهو علائقو آهي جيڪو ڪڏهن ٻيلي ۾ نہ ويو هجي يا ٻيلي وٽان ناهي لنگهيو اهو سمجهي تہ لاڙڪاڻي ۾ ويو ئي ڪونهي. هتي هر گهٽيءَ جا پنهنجا ڏاڙيل آهن ۽ هر ڏاڙيل جي پنهنجي گهٽي آهي. هاڻي ڏاڙيل ايترا آهن جو ماڻهو ڳولڻ ۾ هفتو لڳيو وڃي!

لاڙڪاڻي وارن جي نظر ۾ اهو ماڻهو، ماڻهو ئي ڪونهي جيڪو اغوا نہ ٿيو هجي... هتي اليڪشن ٿيندي آهي تہ هڪڙي سيٽ تي هڪ کان وڏيڪ اميدوار چونڊيا ويندا آهن. هتي هڪڙو ماستر رڳو هڪڙي دفعي ٻيلي ۾ هليو ويو، هاڻي تہ اهو چوي ٿو، ”آئون رهندس ئي ٻيلي ۾!“ ڏاڙيل ماستر کي واپس ڇڏيو وڃن پر ماستر وري ٻيلي ۾ پهچيو وڃي. پڇيائونس، ”آخر چو؟“ تہ چيائين، ”ٻيلي ۾ گهٽ ۾ گهٽ پڙهائڻو تہ ڪونہ ٿو پوي!“ نيٺ ڏاڙيلن ماستر کي پُنگ ڏيئي ٻيلي مان ڪڍيو...!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتي ڏاڙيل ايترا مشهور آهن جو ماڻهو فروٽ وٺندا آهن تہ بہ دڪاندار کي چوندا، "انب ايترا مهانگا... اها انبن جي قيمت ٿو ٻڌائين يا ڀُنگ جا پئسا ٿو گهرين؟" ڏاڙيلن کي سڌارڻ لاءِ ڏاڙيلن جو وزير دريافت ڪيو ويو. هن جي هيڊ آفيس بہ لاڙڪاڻي ۾ مقرر ٿي. هن صاحب جي تعليم ايتري آهي جو پاڻ پنهنجي ذات ۾ ڏاڙيل ٿو لڳي. هن جي مئٽرڪ جي رزلٽ روڪي ڇڏي هئائون ڇو تہ ان سان خود بورڊ وارن جي رزلٽ خراب پئي ٿي. نيٺ جڏهن مارڪون آيون تہ خبر پئي تہ لسٽ ۾ پهرئين پوزيشن هيس پر هيٺان کان!

ڪالا باغ ڊيم جو ايترو حامي جو سيني کي سبز باغ ڏيکاريندو آهي. جهنگلي جانورن جي وزارت ۾ بہ رهيو. ائين جو سياستدانن ۾ وينو هوندو هو تہ جانور لڳندو هو ۽ جانورن ۾ وينو هوندو هو تہ سياستدان لڳندو هو. نيٺ اها وزارت ڇڏي وزير ڏاڙيل ٿي ويو. پنهنجي نالي جي پنيان "سنڌي" لکندو آهي. پر بدن جو ايترو وڏو جو پورو سنڌ جو صوبو لڳندو آهي. مُڇن جي ڪٽ اهڙي جو جيڪڏهن ڪنهن کي مڇ جي ڇهنب لڳي وڃي تہ ان کي Cut ٿي پئي. مڇ تي ايتري محنت ڪندو جو ايتري محنت سي ايس ايس (CSS) تي ڪري ها تہ هينئر ڪسٽم ۾ وينو هجي ها.

ڏاڙيلن جي فلاح ۽ پنهنجي بهبود لاءِ تمام گهڻو ڪم ڪيو اٿس. تقرير جو ايترو شوقين جو ڪير هڪڙو سوال پڇندس، تہ ان کي ڇهہ جواب ٻڌائيندو. ڪٿي مهمانِ خصوصي هوندو تہ ايتري تقرر ڪندو جو ٻيا مهمان ڀڄي ويندا. موضوع سخن کان سواءِ هر موضوع تي ڳالهائيندو. گرلس ڪاليج ۾ افتتاح ڪيائين تہ رڳو بهبودِي آباديءَ تي ڳالهايائين. هڪڙي اسڪول ۾ صدارت ڪري رهيو هو تہ سڄي تقرير انگريزيءَ ۾ ڪيائين. نيٺ ماڻهن مان ڪنهن اٿي چيس، "سائين.... هي انڌن ٻوڙن ۽ گونگن جو اسڪول آهي!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسيمبليءَ ۾ هوندو آهي تہ جانبداريءَ جو مظاهرو بہ وڏي غير جانبداري سان ڪندو آهي. ڏاڙيلن جي حقن لاءِ آواز اٿاريائين تہ سڀ ويهي رهيا. هر ڏاڙيل جي حقن لاءِ ڳالهائيندو چاهي اهو سرڪاري هجي... بهادر اهڙو جو پستول بہ ائين جهليندو ڄڻ ٻال پين جهلي اٿس. اڪيلو پوليس سان گڏ ٻيلي ۾ هليو ويندو ۽ لڳندو تہ هو ڏاڙيلن جي پنيان ڪونهي پر ڏاڙيل هن جي اڳيان آهن. جيئن ڏاڙيلن چٺي موڪلي تہ، ويهہ پتڪا، ويهہ راڊو واچون، ويهہ بوسڪيءَ جا وڳا، ويهہ جتيون." تہ انهن کي وري هن چٺي ڏياري موڪلي تہ، "ايترا سامان... ڇا ٻيلي ۾ دڪان کوليندائو؟"

هيءُ عمر جي ان حصي ۾ آهي جتي ماڻهو چاهيندو آهي تہ ٻين جا حصا بہ هن جا حصا ٿي وڃن... جتي بہ ويهندو تقرير ڪرڻ لڳندو. گهر ۾ ماتي گهرندو تہ جهڙو مائڪ جي اڳيان بيٺو هوندو. چوندو، "اڄ عوام پيندين جي پاڃي ڪائيندو!" جيڪي ڪم پاڻ ڪندو اهي عوام تي هٽندو. "اڄ عوام وهنجڻ ويندو!" ڪنهن صحافيءَ پڇيس تہ، "توهان پنهنجي پهرئين زال کي طلاق ڇو ڏني؟" تہ چيائين، "بس... اها عوام جي مرضي هئي!"

ڪچهريءَ جو ايترو شوق اٿس جو-پائيندو تہ سڀ هن جي ٻڌن، ڪنهن جي هيءُ نہ ٻڌي. ڪنهن جنازي تي ويندو تہ اتي بہ تقرير ڪرڻ لڳندو. قبرستان تي وڃي ايترو ڳالهائيندو جو مڙدو خود ڪنڌ مٿي ڪري چوندو. "مئو آئون آهيان يا تون...؟"

وزارت ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهي. اڄڪلهہ سرڪاري ڪم ايترا تہ ڏکيا ٿي پيا آهن جو رڳو فائيل منظور ڪرائڻ لاءِ بہ وزير هئڻ جو شرط لازمي آهي. هن کي ڏاڙيلن جي وزارت ملي تہ سيني ڏاڙيلن جا البم تيار ڪرايائين. هڪڙي جاءِ بچي پئي تہ اتي پنهنجي زال جو فوٽو هٽي ڇڏيائين. چيائين، تہ "سنڌ ۾ سڀ ڪان وڏيڪ ڏاڙا منهنجي ڪيسي تي لڳا آهن!"

ڏاڙيلن سان ايترو لڳاءُ جو جيڪڏهن پڇيس، "فلاڻو

مشهور ڊاڙيل تو ڏٺو؟“ تہ چوندو، ”ها.... اهو منهنجو ڪلاس فيلو هو!“ ننڍپڻ ۾ فلمون بہ رڳو ڊاڙيلن واريون ڏٺائين... ڊاڪو ڪي بيٽي، ڊاڪو ڪي بيوي، ڊاڪو اور ڊاڪٽر وغيره... هڪڙي جلسي ۾ چيائين، ”لاڙڪاڻو منهنجي اکيان نهيو آهي!“ تہ ڪنهن پٺيان چيو، ”ها... لاڙڪاڻو توهان جي اکيان ڊهيو آهي!“ ائين هڪڙي پرائمري اسڪول ۾ صدارت ڪندي چيائين، ”آئون هتي اسڪول ۾ پهريون دفعو آيو آهيان!“ تہ هڪ ٻار ٻئي کي چيو، ”ڏس! هي ڪڏهن اسڪول ڪونہ ويو... تڏهن بہ وزير ٿي ويو!“

# ڊاڪٽر چاپو خان

ڊاڪٽر چاپي خان کي سرڪاري اسپتال ۾ ايم ايس ڪري ان ڪري رکيو ويو ته جيئن هو انهن تي به نظر رکي، جن جي نظر گهٽ آهي. هاڻي ته هن جو نالو بڏي اسپتال جو عملو ايترو الرٽ تي ويو آهي جو رات جو چور تو اچي ته ان کي به ڊاڪٽر چاپو خان سمجهي سلام تا ڪن. ڊاڪٽر چاپي خان جو اسٽائيل ئي پنهنجو آهي. نرسن کي چوندو ته، ”ڊاڪٽر تي اک رکو!“ ۽ ڊاڪٽرن کي چوندو ته، ”نرسن تي اک رکو!“ ۽ ڊاڪٽر وري چوندا ته، ”سائين... نرسن تي ته سڄي اسپتال جي اک آهي... ڪو نئون ڪم ٻڌايو!“

هي اسپتال جا روز چڪر لڳائيندو ۽ ايستائين نه ويندو جيستائين ملازمن کي چڪر نه اچڻ لڳن. ڪنهن پڇيس، ”توهان ايترا چڪر چو تا هڻو؟“ چيائين، ”رڳو اهو ڏسڻ لاءِ ته اسپتال ۾ ڪهڙا ڪهڙا چڪر تا هلن... ۽ ڪهڙو ڊاڪٽر ڪهڙي ڊاڪٽرياڻيءَ سان چڪر پيو هلائي!“

هيءُ انهن بادشاهن کان متاثر آهي، جيڪي رات جو چمڙا پوش ڪري عوام جي خبر وٺڻ نڪرندا هئا. هيءُ وري مختلف ڊريسون پائي اسپتال تي چاپا هڻندو آهي. هڪڙي دفعي گائنيءَ جي وارڊ ۾ برقعو پائي وڃي نڪتو. ائين جو خود برقعي وارين ڀين مائين کي به خبر ڪانه پئي. برقعو ته اها جاءِ آهي جو جيڪڏهن ڪو مجرم اتي وڃي لڪي ته پوليس کان به ٻاهر نه نڪري... ۽ اسان جي خيال ۾ ته برقعو ايجاد ئي ڪنهن چور ڪيو هوندو. اڳئين زماني ۾ اهي مڙس جيڪي ٻي شادي ڪندا هئا. پهرئين زال جي ڊپ کان ٻي زال کي مهينن جا مهينا برقعي ۾ رکندا هئا. ائين ڪافي زالون ته برقعي جي اندر ئي مري ويون. ڊاڪٽر چاپي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خان جڏهن به زناني وارڊ تي ڇاپو هنيو، برقعا پائي ڇاپو هنيو. ڇاپي مهل اسپتال ۾ ايترو تيز هلندو جو لڳندو ڪتي رت ڏيڻ پيو وڃي. هن لاءِ مشهور آهي ته رت، زڪوات ۽ اوڊر هيءُ ڪنهن ڪي به ڪونه ڏيندو آهي. جيئڻ ڪجهه ڊاڪٽرياڻين ڪي رت جي ضرورت پئي، هن کان پڇيائون، ”ڊاڪٽر... توهان جو گروپ ڪهڙو آهي؟“ ته يڪدم چيائين، ”جيڪو گروپ اقتدار ۾ هجي!“

هڪڙي دفعي مون انٽرويو ڪندي چيومانس، ”سنڌ ۾ ڪيترائي ايم ايس پنهنجن پاپن جي ڪري مشهور آهن، پر توهان ڇاپن جي ڪري مشهور آهيو؟“ چيائين، ”پاپن جي ڪري اهي مشهور آهن، جن ڪڏهن پاپا نه ڪاڏا هجن... ان ڪري اهي جڏهن به ايم ايس ٿيا، پاپن ڪائڻ جي چڪر ۾ لڳي ويا. مون ڪي ننڍپڻ کان ڇاپا وڻندا آهن. انهن ڇاپن جي ڪري ته مون بابي جا موچڙا به کاڌا هئا... پر امان خوش ٿيندي هئي. جيتوڻيڪ انهن ڇاپن جي ڪري امان اڪثر نوڪرياڻيون بدلائيندي رهندي هئي.“

هيءُ اسپتال ۾ دير سان پهچندو ته به سيني ڪي لڳندو ته سوير پهتو آهي. هڪڙي دفعي هڏن واري وارڊ ۾ پنهنجو پاڻ ڪي سڄو پٽين سان ويڙهي پهتو ۽ ڊاڪٽرن هن سان مريض سمجهي مريضن جهڙو ئي حشر ڪيو. آخر ۾ پوءِ ڊاڪٽرن ڪي پنهنجا هڏا ميڙڻا پئجي ويا.

اڪين وارا ڊاڪٽر هن کي ”جيمس بانڊ جو روح“ چوندا آهن، جو هيءُ اڪين وارن ڊاڪٽرن جي اڪين ۾ به سُرمون وجهي ڇڏيندو آهي. هڪڙي دفعي انڌو ٿي ڇاپو هنيائين. ڊاڪٽر به هن کي انڌو سمجهي ڊاڪٽرياڻين سان ڪچهري ڪندا رهيا، جيئڻ سڄو سال ڪندا آهن. آخر ۾ پوءِ انهن جي اهڙي شهر ۾ ٽرانسفر ٿي ويئي؛ جتي رڳو انڌا هئا. هاڻي توهان پاڻ سوچيو ته سنڌ جو اهو ڪهڙو

شهر آهي، جتي سپ کان وڏيڪ انڌا آهن!

ذهني مريضن واري وارڊ ۾ ته هيءُ وجي ئي ڪونه... جو ان لاءِ چوندو، ”اتي ڪهڙو چاپو هٽان، چريو آهيان ڇا؟“ هڪڙي ذهني مريض جي مائٽن شڪايت ڪئي ته، ”سائين، هن وارڊ ۾ صفائي ڪانهي؟“ ته يڪدم انهن کي چيائين، ”چرين کي صفائيءَ جي ڪهڙي ضرورت... توهان جو دماغ ته صحيح آهي؟“

ڊاڪٽر چاپو خان انهيءَ عمر ۾ آهي، جتي ماڻهوءَ کي اهو ئي ڊپ هوندو آهي ته هاڻي پنيان ڪا به عمر نه بچي آهي. ان ڪري ڪائڻ تي ويهندو ته اٿين ويهندو ڇڻ آخري دفعو ويهي رهيو هجي. ڪائڻ ۾ وري ايترو پلو جو تمام گهٽو ڪائيندو ته به لڳندو هيءُ ڪجهه نٿو ڪائي. ڪنهن صحافيءَ پڇيس، ”سائين، اسان ٻڌو آهي، توهان فنڊ ڪائيندا آهيو؟“ هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي چيائين، ”مون کي شگر آهي، ان ڪري، ڊاڪٽر مون کي منيون شيون ڪائڻ کان منع ڪئي آهي!“ پيٽ جو وري ايترو پرجوش جو آپريشن ڪرائي پنهنجي پيٽ جي پر ۾، ننڍڙو پيٽ اٽيچ ڪرايو اٿس، جيڪو سندس وڏي پيٽ جو اسسٽنٽ پيٽ لڳندو آهي. انهيءَ لاءِ چوندو، ”آفيسر کي هميشه به يا ٻن کان وڌيڪ پيٽ هجن...!“ هڪڙي دفعي ته ڳائنيءَ جي وارڊ جو افتتاح ڪندي چيائين، ”آفيسر کي پيٽ به ايترا هئڻ گهرجن، جيترا پٽ هجن...!“

ڊاڪٽر چاپي خان ايم ايس ٿيڻ کان پوءِ اهڙن اهڙن ڊاڪٽرن کي به سڌو ڪري ڇڏيو، جيڪي هڏن واري ڊاڪٽر کان به سڌا نه ٿي سگهيا هئا. هڪ دفعي نڪ، ڪن ۽ ڳلي جي وارڊ ۾ هيلمٽ پائي وڃي داخل ٿيو. اتي جا ڊاڪٽر ته هڪٻئي جي ڳلي ۾ هٿ وجهيو بيٺا هئا. اڌ کان وڌيڪ ڊاڪٽرن کي ته نڪ ئي ڪونه هو. ڊاڪٽر پڇيس، ”توهان کي ڇا ٿيو آهي؟“ هيلمٽ جي اندران ئي

وقت لڳيو وڃي جيترو ڪولمبس کي آمريڪا ڳولڻ ۾ لڳو هو. پر هيءُ هڪڙي وارڊ کان ٻئي وارڊ تائين ايترو ڦڙتائيءَ سان پهچي ويندو آهي، جو ڪئين هائوس جاب آفيسرن کي ته پنهنجا هائوس ئي وسري ويندا آهن. هونءَ به هائوس جاب ۾ به خصوصيتون آهن. هڪڙو ته هيءَ واحد جاب آهي، جنهن ۾ ڪجهه نه ڪرڻ ڪانپوءِ به هن کي ”جاب“ سڏيو ويندو آهي، ٻيو ته هن ۾ انهن ماڻهن کي به هائوس آفيسر چيو ويندو آهي، جن جو ڪو ”هائوس“ ئي نه هوندو آهي ۽ ڊاڪٽر چاپو خان وري ان لاءِ چوندو ته، ”آئون رڳو انهن هائوس آفيسرياڻين کي نظر ۾ رکندو آهيان جن تي اڳ ۾ ئي هائوس فل رهندو آهي...!“

# مَڪِين جو ڊاڪٽر

اکين جي ڊاڪٽر ۽ مَڪِين جي ڊاڪٽر ۾ اهو فرق آهي تہ اهو ڊاڪٽر جنهن وٽ ڪو بہ مريض نہ اچي مکين جو ڊاڪٽر هوندو آهي. اکيون تہ هر ڊاڪٽر کي هونديون آهن، پر هڪڙن ڊاڪٽرن کي هرويرو اکين وارو ڊاڪٽر ائين چيو ويندو آهي جڻ ٻيا ڊاڪٽر ”بنا اکين وارا ڊاڪٽر“ هجن! آئون هڪڙي اکين جي ڊاڪٽر کي سڃاڻان، جيڪو شهر جي مشهور اکين جي ڊاڪٽرن مان آهي، اگر ڪنهن کي شڪ هجي تہ اهو پلي شهر جي انڌن کان پڇي ڏسي. هيءُ جنهن بہ مريض کي ڏسندو هڪ نظر سان ڏسندو يعني ان نظر ۾ اهو ٿي ڏسندو. تہ سامهون واري جي نظر ڪيتري گهٽ آهي. گهر ۾ هوندو تہ سدائين چشمو پائي ڏسندو. ڪنهن فنڪشن ۾ هوندو تہ ٻين کي چشمو ڏيندو تہ پائي هن کي ڏسن. ايم بي بي ايس واري دور ۾ بہ هن کي رڳو اکين جي ئي تلاش هوندي هئي، فرق رڳو اهو هو تہ اهي اکيون شاگردياڻين جون هونديون هيون. ڪنهن پڇيس، ”آپريشن ڪندي توهان کي ڪنهن جون اکيون بهترين لڳنديون آهن... عورت جون يا مرد جون؟“ تہ چيائين، ”نرسن جون...!“

ڪارو چشمو ٻن قسمن جا ماڻهو پائيندا آهن. هڪڙا اهي جن جون اکيون خراب هونديون آهن ۽ ٻيا اهي جن جون نيتون خراب هونديون آهن. اڇو چشمو ماڻهو نظر لاءِ پائيندا آهن ۽ ڪارو چشمو تہ اها شيءِ آهي، جيڪو ڪنهن کي نظر ۾ رکڻ لاءِ پائبو آهي، ائين جو ڪنهن کي ڪارو چشمو پيو هوندو تہ خبر ئي ڪانہ پوندي تہ اهو انڌو آهي يا ٻينَ کي انڌو پيو بنائي... اسپتال ۾ هوندي هيءُ ڪنهن ڊاڪٽرياڻيءَ کي ڏسندو تہ احترام ۾ چشمو پائي پوءِ سلام ڪندو. هونءَ بہ سرڪاري اسپتال ۾ اگر ڊاڪٽر غير شادي شده هوندو تہ ان کي هر عورت ڊاڪٽرياڻي پئي لڳندي ۽ شادي شده هوندو تہ هر ڊاڪٽرياڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عورت پئي لڳندي. ان ڪري پاڻ ئي پيو چوندو تہ ”هڪڙي دفعي اسپتال ۾ هلندي ٿي ڊاڪٽر پاڻ ۾ ٽڪرائجي پيا!“ پڇيوسين، ”ڇا ٽنهي جي نظر گهٽ هئي؟“ چيائين، ”نہ ..... ٽنهي جي نظر ساڳي نرس تي هئي!“

اڪين وارو ڊاڪٽر هر معاشري لاءِ ضروري آهي، نہ تہ انڌا اسان وٽ ايترا ٿي ويا آهن، جو انڌو انڌي کان پيو پڇندو تہ، ”ڪر خبر چار... ٽائيم گهڻو ٿيو آهي؟“ ڊاڪٽر ۽ ڊاڪو وري بہ اهڙا لفظ آهنِ، جن جي شروعات ساڳين لفظن سان ٿئي ٿي. ٻنهي جو اگر شارٽ فارم ڪجي تہ ”Doc“ ٿيندو. ائين خبر ئي ڪانہ پوندي تہ ڊاڪٽر ڪهڙو ۽ ڊاڪو ڪهڙو آهي. ڊاڪٽر ۽ ڊاڪوءَ ۾ فرق بہ اهو آهي تہ ڊاڪو ڊاڪٽر نٿو ٿي سگهي، پر ڊاڪٽر ڊاڪو ٿي سگهي ٿو.

ڪامياب اکين جو ڊاڪٽر اهو آهي جيڪو پهرئين پنهنجي زال کي چشمو ڏي ۽ ڪامياب زال وري اها آهي جيڪا اهو چشمو نہ پائي. بقول هڪ مڙس جي ”زال کي چشمي جي ضرورت نہ هوندي آهي، ڇو تہ ان جي اکين ۾ تہ اڳ ۾ ئي ايڪسري لڳل هوندي آهي!“ چوندا آهن، ”اکيون ۽ ڪٽڪ خراب ٿيڻ ۾ ويرم ئي ڪانہ ٿي لڳي!“ ائين ئي هڪ غائب دماغ اکين جي ڊاڪٽر پنهنجي زال کي چيو تہ، ”ڪلاڪ ٿي ويو آهي... مون کي چشمو نٿو لڀي!“ زال چيس، ”چشمو تنهنجي هٿ ۾ آهي!“ تہ ڊاڪٽر پڇيو، ”ڪهڙو هٿ؟“

حيدرآباد جو هڪڙو اکين جو ڊاڪٽر سڄاڻان، ڏسڻ ۾ بزرگ آهي، ڳالهائڻ ۾ چوڪرو آهي ۽ طبيعت ۾ يار آهي. اکيون ڏسندو پر ان کان اڳ مريض جو کيسو ڏسندو. ڊاڪٽر اهڙو جو جيڪو هن سان اڄا ناهي مليو تہ معنيٰ ان جون اکيون اڃا خراب ناهن ٿيون. اکين تي ايتري مهارت جو اکين تي صرف ٽارچ هٽي ٻڌائيندو تہ رات توهان ڪهڙو خواب ڏٺو هو. اگر توهان هن وٽ ڪنهن ٻئي جي سفارش ڪٽي

ويندائو تہ هو توهان جون اکيون ائين ڏسندو جڻ ڪنهن ٻئي جون اکيون ڏسي رهيو هجي! هو پنهنجي پيشي سان ايترو تہ سچو آهي جو ماڻهن جون اکيون ڏسي هن جي چهري تي بہ هڪ اهڙي انداڻ اچي ويئي آهي جو انڌو مريض سامهون هوندس تہ بہ ان کان پڇندو تہ ”تو کي ڇاٿيو آهي؟“ هن جي علاج جو طريقو اهڙو آهي، جو ڪنهن انڌي کي گوريون پيو ٻڌائيندو تہ بہ لڳندو جڻ انڌي کي پنڻ لاءِ پيو چوي... جيڪي انڌا هوندا آهن اهي تہ هن وٽ.وڃڻ کان پوءِ هونءَ ئي انڌا موٽندا آهن ۽ جيڪي انڌا نہ موٽندا آهن اهي هن جي فيءِ ٻڌي انڌا ٿي موٽندا آهن.

في ونڻ جو ايترو ايماندار جو جيڪا هڪڙي اک جي في وٺندو، ٻي اک جي بہ ساڳئي ئي في وٺندو. ايترو جو انسان پوءِ دعائون پيو ڪندو تہ شڪر جو ٻن کان وڌيڪ اکيون ڪونہ آهن. هي چشما بہ پاڻ وڪڻندو آهي، ائين شهر جا اڌ ماڻهو چشمن وارا آهن ۽ باقي اڌ ماڻهو اهي آهن جيڪي اڃا هن وٽ نہ ويا آهن. پئسو گڏ ڪرڻ ۽ ان کي نہ خرچ ڪرڻ جو شوق اٿس. هڪڙي دفعي ڪنهن چور هن جي گهر ۾ ٽپو پاتو. سڄو گهر ڳوليائين تہ اتي رڳو چشما پيا هئا. چور بہ ڪاوڙ ۾ هڪڙو ڪارو چشمو پائي رات جي اونداهيءَ ۾ نڪري ويو پر هن پڪڙي ورتس. چور کي ٻيو ڪجهہ نہ ڪيائين رڳو سزا طور هڪڙو ڪارو چشمو ڏيندي چيائين، ”هن کي اڃو ڪري ڏيکار!“ چور سڄو ڏينهن چشمو ڌوئيندو رهيو ۽ پوءِ چوريءَ کان توبهہ ڪري ڇڏيائين. هن کي غريبن سان ايترو پيار جو پاڻ بہ سڄو ڏينهن غريبن واري شڪل ٺاهيو پيو هلندو. هڪڙي واپاريءَ کي چيائين، ”تنهنجي موتئي جي آپريشن ڪندس!“ ۽ ان کي اهڙي رازداريءَ سان چيائين جڻ چرس جي اڏي تي آپريشن ٿي ڪيائين!

مون کي تہ اکين جو مريض ٿيڻ ۾ بس اها ئي خامي ٿي نظر اچي تہ اگر ڊاڪٽر چوي تہ ”اکيون ڏيکار“ تہ پاڻ کان وڌي کي

بہ اکيون ڏيکارٽيون ٽيون پون.... باقي عينڪ مون کي ان ڪري وٽندي آهي ڇو تہ ان جي آخر ۾ ”نڪ“ آهي. اهو ئي سبب آهي جو عينڪ هميشہ نڪ مٿان ئي رکي ويندي آهي. جيتوڻيڪ اسان جي ملڪ ۾ ڪيترائي اهڙا ماڻهو آهن، جن کي نڪ ئي ڪونهي مگر پوءِ بہ اهي عينڪ استعمال ڪندا آهن.

اکين جي ڊاڪٽر جو ڪمرو بہ عجيب چارٽن ۽ غريب اکين وارن فوٽن سان ڀريل هوندو آهي. جيئن هڪڙو همراھ پنهنجي ننڍڙي کي ڏيکارڻ ويو تہ ڪمري ۾ پهچي ٻار پيءُ کان پڇيو، ”بابا... ڇا هي ڊاڪٽر KG پڙهائيندو آهي؟“ پيءُ پڇيس، ”ڇو؟“ تہ پٽ چيو، ”سامهون ديوار تي ABC لکي پيئي آهي!“ ائين ئي منهنجو هڪ دوست اکين جي هڪ ڊاڪٽر کي ”اکڙين“ جو ڊاڪٽر چوندو آهي. پڇيومانس، ”ڇو؟“ تہ چيائين، ”منهنجي منگيندي پنهنجون اکيون هن کي ڏيکاريندي آهي!“

اسين هڪ ٻيو بہ اکين جو ڊاڪٽر سڃاڻون جيڪو وري ڳالهائيندو ئي اکين اکين ۾ آهي. هن وٽ مريضن جي رش ڪري ايترا تہ ڌڪا ايندا آهن، جو خود مريضن ئي ٻاهران لکي ڇڏيو آهي. ”انڌن جي اسپتال“ مريضن کي قطار ۾ ائين ويهاريندو جو لڳندو جيڪو گهڻو وقت قطار ۾ ويهندو ان جي حج جي ٽڪيٽ نڪرندي! مريض جون اکيون گهٽ ڏسندو ۽ مريض کي اکيون وڌيڪ ڏيکاريندو. سوال ايترا پڇندو جو ايترن سوالن پڇائڻ تي ڪميشن پاس ٿي وڃي... جيئن منهنجي هڪ دوست چيو، ”آئون اکيون ڏيکارڻ ويس تہ مون کي چيائين.... سامهون نهار... مون سامهون نهاريو تہ چيائين... هاڻي کاٻي نهار! کاٻي نهارم تہ چيائين، هاڻي ساڄي نهار... ساڄي ڏٺم تہ چيائين، هيڏانهن هوڏانهن ڇا پيو ڏسين... مون ۾ نهار!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻَڪرن جا چَڪرَ

اڄڪلهه ٻڪر ايترا مهانگا ٿي ويا آهن جو جيڪڏهن ڪو ماڻهو ٻڪر خريد ڪرڻ ٿو وڃي ته واپسيءَ ۾ رڳو هڪ ٻڪري گهليندو ٿو اچي... ۽ مٿان وري خوش اهڙو پيو ٿيندو، ڄڻ گورنمينٽ کان پيٽرول جو اڳهه گهٽ ڪرايو پيو اچي. جيئن اسان جو هڪ دوست هر سال پوڙهيون ٻڪريون قربان ڪندو آهي، ٻڪريءَ کي زوريءَ ڪن کان ڇڪي ائين وٺي ايندو، ڄڻ ٻڪريءَ کان زوريءَ نڪاح نامي تي صحيح وٺڻي هجيس... پر هن دفعي ته پوڙهين ٻڪرين جا اگهه به اهڙا هئا، جو اسان ڏٺو ته هو خود به پوڙهو پوڙهو پئي لڳو. چيائين "هن دفعي اهڙا بهترين اگهه آهن... جو دل چوي ٿي آئون پاڻ ٻڪريءَ جي ڪل پائي وڃي پڙيءَ ۾ ويهان...!"

ٻڪرين جي نفسيات جي ماهرن جو چوڻ آهي ته ٻڪرا پڙيءَ ۾ پنهنجا اگهه ٻُڌي ٻڪريون پاڻ ۾ پيون ڪلنديون آهن، ته "ڪهڙو نه ڪنجوس جو پٽ آهي... نياڳو اسان جا ڏند ته ڪيئن پيو ڏِسي، ڄڻ مُئو ڏندن جو ڊاڪٽر هجي، ڄڻ ڏند رڌي کائيندو... ۽ هي پاسرائين تي هٿ ڪيئن پيو ڦيرائي... مُئي کي ڪنهن نياڻي سياڻيءَ جو احترام ڪونهي... ۽ هي چا... منهنجا پير ايترا جانچي ڇو پيو ڏسي؟... مئو مونکي کهندو يا نچائيندو؟؟؟"

اسان جو هڪ دوست صبح جو ٻڪر خريد ڪرڻ نڪتو. سڄو ڏينهن ايترا مهانگا ٻڪر ڏٺائين جو شام جو پاڻ "ٻه ٻه" ڪرڻ لڳو... هڪ ٻڪر جو اگهه ويهه هزار ٻڌائين ته يڪدم پنهنجو منهن ڪٿي گاهه ۾ وڌائين. همراهه کي چيائين "يار! ڪو سستو ٻَڪر ڏيکار... "ته همراهه چيس، "سائين... جيترا پئسا توهان کٽي آيا آهيو. انهن مان ته ٻڪر جو ڏند به ڪونه ملندو..." نيٺ هٽي هٽي هڪ

جَڏِي ڪنگھ جي مريض ۽ انڊِي ٻڪري ڳهلي جڏهن گهر پهتو، تہ سندس يارن خوشيءَ ۾ وٺي اهڙو گوڙ مچايو جڻ پٽس ڏاڙيلن وٽان بنا ڀُنگ جي آزاد ٿي موٽيو هجي!

ٻڪرن جا ڪيترا بہ قسم هجن... پر اسان وٽ جيترا سرڪاري ٻڪرن جا قسم آهن. انهن کي ڏسي لڳي ٿو تہ سڀ قسم هڪڙي ئي قسم جا آهن... يعني هر قسم جو ساڳيو قسم آهي. هڪڙي ڪاسائيءَ تہ ائين بہ چيو تہ، سرڪاري ۽ غير سرڪاري ٻڪر ۾ اهو فرق آهي تہ غير سرڪاري ٻڪر صرف ”ٻہ ٻہ“ ڪندو آهي. جڏهن تہ سرڪاري ٻڪر ”ٻہ ٻہ“ سان گڏ ”چار چار“ بہ ڪندو آهي بلڪ ٻن مان چار ڪري ڏيکاريندو آهي. نئين تحقيق مطابق ٻڪرن ۾ گاھ جي ٽيڪنالاجي متعارف ڪرائڻ لاءِ هڪ جديد طريقو رائج ڪيو پيو وڃي. جنهن موجب ٻڪرن کي گهر ويٺي گاھ ملي ويندو ۽ ان جي بدلي ۾ هي ”ٻہ ٻہ، چار چار ۽ اٺ اٺ“ جهڙا غيرمهذب گفتا پڻ پنهنجي زبان مان ڪڍي نہ سگهندا...!

ڪل لاهڻ سولو ڪم ناهي، پر ان جي باوجود بہ اسان وٽ ڪل لاهڻ جي باقاعدا ٽورنامينٽ ٿيندي آهي. هر ڪاسائيءَ وٽ ڪل لاهڻ جا پنهنجا پنهنجا طريقا آهن. جيئن هڪڙي ڪاسائيءَ پڇيو تہ، ”سائين... توهان پنهنجي ٻڪر جي ڪل ڪهڙي اسٽائيل ۾ لهرائڻ پسند ڪندئو؟“ چيوسين، ”ادا توهان وٽ ڪهڙا ڪهڙا اسٽائيل آهن؟“ جواب ڏنائين، ”پوليس اسٽائيل... واپڊا اسٽائيل... ڊاڪٽر اسٽائيل... بيورو ڪريٽ اسٽائيل... منشيات فروش اسٽائيل...“ ۽ ڪجھ ٻيا 100 کن اسٽائيل ٻڌائي ويو. پڇيوسين: ”يار ڪاسائي... اسٽائيل ڪهڙو بہ استعمال ڪرين... پر منهنجي ٻڪر جي ڪل ائين لاهجان، جو خود ٻڪر کي بہ خبر نہ پوي تہ هن جي ڪل پٽي لهي. يعني اهڙو اسٽائيل جو سندس پر ۾ وينل ٻڪر کي بہ خبر نہ پوي، تہ منهنجي ٻڪر ياءُ جي ڪل ڪيڏي مهل لٿي!“ اهو ٻڌي ڪاسائيءَ منهنجي ڪن جي ويجهو ايندي چيو، ”سائين اهو تہ صرف هڪڙو ئي اسٽائيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي!“ پڇيم ”کهڙو“؟ ته چيائين ”سياسي اسٽائيل...!“

اڄوڪي عيد گوشت ڪائڻ جي عيد آهي، سو سڄو سال جيڪي ماڻهو انساني گوشت پٽيندا آهن، چڪيندا آهن ۽ وڍيندا آهن، اهي اڄوڪي ڏينهن تي موڪل ڪري پنهنجن پنهنجن ڳوٺن ڏانهن هليا ويندا آهن. سال ۾ صرف هيءُ هڪ ڏينهن هوندو آهي، جنهن ڏينهن هنن جون ڪاتيون پيتيءَ ۾ بند هونديون آهن!

اسان جي معاشري ۾ ڪاتيءَ جو ايترو ته استعمال آهي، جو هر ماڻهوءَ وٽ پنهنجي پنهنجي هڪ ننڍڙي ڪاتي آهي، جيڪا هُو... جتي به هن کي موقعو ملي ٿو، استعمال ڪري ٿو. سڄو سال ٻڪر ڪُسندا رهن ٿا، پر اڄوڪي ڏينهن جي افاديت ان ڪري به آهي جو اڄ اصلي ٻڪر ڪُسندا، ائين جو ٻڪر پيا ڪُسندا، ته ٻڪريون به اِنهن تي اعتراض نه ڪنديون... جيئن ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ ٻيواهه ٻڪريءَ کي هڪ انڌي ڪاسائيءَ مُڏي ڪاتيءَ سان ڪُهي ڇڏيو ته بيشمار ٻڪريون ”ٻه ٻه“ ڪنديون روڊن تي نڪري آيون ۽ ٻڪرين جي. حقن جي تحفظ لاءِ آواز اٿارينديون پريس ڪلب وڃي پهتيون، جتي وري ٻين شهرن کان ٻيون هزارين ٻڪريون اچي گڏ ٿيون هيون. هنن جي پٽين تي بينر لڳل هئا... جن تي لکيل هو ”ٻڪرين کي هيسائڻ بند ڪريو... جيڪو ڪاسائين جو يار آ، اهو غدار آ...!“ هڪ ٻڪريءَ ته باقاعدا تقرير ڪندي چيو ته ”اي منهنجي وطن جون غلام ٻڪريو! اسان جو ڳاهه بند ڪيو پيو وڃي... ۽ اهو هتي جي دلال ڪاسائين جي سامراجي سازش آهي. جيڪڏهن اسان جو ڳاهه روڪيو ويو ته ٻڌي ڇڏيو.. اسين به سڄي معاشري کي سنڱن تي کڻي ڏينديونسين...!“

عيد جي ڏينهن ته باقاعدا گوشت ڪائڻ جو مقابلو ٿيندو آهي ۽ ڪيترائي ماڻهو ٻوٽين سان اهڙو حشر ڪندا آهن، جو ٻوٽيون ڪنهن کي پنهنجو منهن ڏيکارڻ جي به لائق نه رُهنديون آهن. هڪ همراهه کي مون ڏٺو، ان ته ٻوٽي پنهنجي وات وٽ آڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندر ائين تي اُڇلي ڇڻ چندي جي پيتيءَ ۾ ڏهين جو نوٽ تي وڌائين. اسان جو هڪ دوست تہ رانن جو دشمن آهي. گوشت جي ران کي ائين چڪ هڻندو ڇڻ آدم خوريءَ جو ڪورس ڪيل هجيس. قربانيءَ جي هر عيد تي گوشت جون رانون فريزر ۾ لڪائي رکندو آهي. هڪ دوست پڇيس تہ ”ايترين رانون ڇا ڪندين... ڇا گهر ۾ ڊريڪولا پاليو اٿئي؟“

گوشت ڪائڻ فن هجي نہ هجي، پر گوشت پنڻ اڄڪلهہ فن تي ويو آهي. چڱا ڀلا ماڻهو بہ شاپنگ بيگون کڻي ائين پيا گوشت گڏ ڪندا، ڇڻ ٻن ڏينهن کان پوءِ زلزلو اچڻ وارو هجي. هڪ همراهہ کي تہ مون عيد جي ڏينهن گوشت سان ڀريل ايترين شاپنگ بيگون ڏنيون جو اهي ملائجن تہ هڪ عدد ٻڪر ٺهي پوي... جيئن اسان جو هڪ صحافي دوست آهي. ان کي خبر ناهي ڪنهن ٻڌايو هو تہ قربانيءَ جو گوشت يتيمن کي ملندو آهي. هاڻي جيڪا بہ عيد تي اچي تہ ان تي يتيمن واري شڪل ناهي پيو هلندو آهي... ۽ يتيمن واري بہ اهڙي شڪل ناهيندو، جو ڪير يتيم ڏسي تہ اهو بہ روئي ڏئي... هڪڙي عيد تي هڪ غريب پنهنجي مليل اوجهريءَ هن جي غربت ڀريل اداس شڪل ڏسي هن کي سڌ ڪري ڏني... ۽ هن بہ اوجهري وٺي ان کي خوشيءَ ۾ چميون ائين ڏنيون، ڇڻ آسڪر ايوارڊ مليو هجيس...!“

هن عيد تي سڀ کان وڌيڪ ڏکيو جانور جيڪو ڪاسائين کي لڳندو آهي، اهو آهي ”ڏڳو...“ ڏڳو وري اهو جانور آهي جو ان کي سندس زال بہ ”ڏڳو“ چوندي... جيئن هڪ ڏڳيءَ پنهنجي مڙس کي چيو هيڏو سارو ڏڳو ٿيو آهين... پر عقل ذري جو بہ ڪونہ اٿئي... توکي مون چيو تہ بازار مان گاهہ وٺي اچ... ۽ تون گيهہ وٺي آيو آهين...!“

# مڇرن جا حملا

اسين جيترو مڇرن جي باري ۾ ڄاڻندا آهيون. مڇر وري ان کان وڌيڪ اسانجي باري ۾ ڄاڻندا آهن... مڇرن کي خبر هوندي آهي ته اهو پري جيڪو همراهه رلي مُنهن تي وجهيو ستو پيو آهي. ان کي ڪيترا به چڪ هڻبا، ننڊ مان ڪونه ڄاڳندو... يا هُو جيڪو پيو همراهه وڏا شاهي ڪونگهرا پيو هڻي، ان جي ويجهو ڪونه وڃبو... جو ان جا ڪونگهرا ئي اهڙا آهن، جو مڇرن جو به هاڻ قاڙيو ڇڏين.

اسان جي خيال ۾، مڇر نه هجن ها ته رَلي به ايجاد نه ٿئي ها. هڪ عام مڇر وري اها شئي آهي، جو هڪڙي ماڻهوءَ کي چڪ هڻندو ته سڄي پاڙي ۾ خوار ڪندو ۽ ڳولي ڳولي ٻين مڇرن کي ٻڌائيندو ته آئون فلاڻي کي چڪ هڻي آيو آهيان، توهان به هڻي اچو... اسان جي هڪ دوست ته پنهنجي گهر کيِ ايترين ڄارين هڻايون آهن، جو هڪ مڇر ڪيس فون ڪري چيو ته "توهان ڄارين تي ايترو خرچ نه ڪريو، ايترا پئسا اسان کي ڏيئي ڇڏيو... اسين ڪونه ايندا سين!"

ڏسڻ ۾ ايئن ٿو اچي ته ماڻهن هاڻي مڇرن کان ڊڄڻ ڇڏي ڏنو آهي، جو ته هنن جو واسطو مڇرن کان به خطرناڪ وائرس سان پئجي چڪو آهي، اسان پاڻ هڪ وائرس ڏٺو، جيڪو ڪجهه ڏينهن اڳ بيان ڏيئي رهيو هو ته "ڊينگو وائرس جلد ختم ٿي ويندو... اسان جون مڇرن سان Back Door Diplomacy تحت ڳالهيون جاري آهن!" مڇرن جو وري چوڻ آهي ته اسين اهڙا ڊيل نه ڪنداسين... جيستائين ملڪ ۾ جليبين (Mats) تي پابندي نه وڌي ويندي... ۽ اسان جا ماڻهو جيڪي هر مسئلو مُڪ مڪا سان حل ڪرڻ جا عادي آهن. انهن جو وري چوڻ آهي ته، "مڇر نياڳا ايترا ته ايماندار آهن

جو چڪ نه هڻڻ جا پئسا به ڪونه ٿا وٺن...!"

انگ اکر ٻڌائن ٿا ته اسان وٽ نسپ کان گهڻا مڇر ميونسپل ڪاميٽين ۾ رهندا آهن. اسان هڪ اهڙي آفيسر کي سڃاڻون جنهن جي آفيس ۾ ماڻهن کان وڌيڪ مڇرن جا ڪم ٿيندا آهن... جيئن هڪ ناظر جي آفيس ۾ وياسين ته اتي ڪائونسلر گهٽ ۽ مڇر گهڻا هئا. هڪڙي فيميل ڪائونسلر ته اسان جي اڳيان ويٺي ويٺي ڏهاڪو کن مڇرن کي اهڙا چنبا هنيا، جو اهي مڇر وري ڪڏهن هن جي لپ اسٽڪ وٽان به ڪونه لنگهندا... هن کي مڇر ماريندو ڏسي، ناظر صاحب ائين خوش ٿيڻ لڳو ڄڻ مائيءَ آمريڪي هيلي ڪاپٽر ڪيرايا هجن.... ايترا گهڻا مڇر ڏسي اسان ناظر صاحب کان پڇيو ته "چا، هتي مليريا ڪانهي؟" ته يڪدم چيائين "نه ... هتي سڀ مسلم ليگ ۾ آهن!"

اڄڪلهه مڇر ايترا چالاڪ ٿي ويا آهن جو خود ميڊيڪل اسٽور تان مليريا جون گوريون وٺيو، کايو پوءِ ٿا چڪ هڻن. ان ڪري رپئي به رپئي واري ٽڪليءَ تي مرڻ ته ڇا، پر بيهوش به ڪونه ٿا ٿين. مورڳو ڪنن وٽ اچي چرچا ٿا هڻن... ته ڏادي تي، ڏادي تي... ڪنهن چيو، "هڪڙو مڇر انسان کي هجڙو بنائي سگهي ٿو!" ٻئي چيو، "اهي فلمي ڳالهيون آهن... پيو ته هاڻ ماڻهوءَ کي هجڙي بنجڻ لاءِ مڇرن جي ضرورت ئي نه رهي آهي."

مليريا مڇريءَ جي چڪ سان ٿهلبو آهي... انهيءَ ڊپ ۾ اسان جي ڪجهه دوستن ته اڃا شادي ڪانه ڪئي آهي. جيئن هڪ شادي شده دوست چيو ته "مڇر مون کي ان ڪري ڪونه وڻندا آهن جو اهو ڪن جي اڳيان اچي اهڙا آواز ڪڍندو آهي جنهن جهڙا آواز آئون گهر ۾ هونءَ ئي ٻڌندو آهيان!" هڪ ٻيو اسان جو دوست جنهن سڄي جواني لويريا کي منهن ڏنو ۽ شاديءَ کان پوءِ مليريا کي منهن ڏيئي رهيو آهي.تنهن جو چوڻ آهي ته "اگر توهان مڇر کي ماريو ۽ مڇر گوهي هٽي پڄي وڃي ته پوءِ توهان زال کي ته

چا، انهيءَ مڇر کي به منهن ڏيکارڻ جي لائق نه رهندئو..!“ جيئن مون پنهنجي هڪ دوست کي پهرئين دفعي ڊانس ڪندي ڏٺو، ته پڇيومانس ”چا توکي ڊانس به ايندي آهي؟“ جمپ هڻندي چيائين ”ڊانس کي هڻ گولي.... منهنجي ڪن ۾ مڇر هليو ويو آهي“

اسان جي صحت کاتي جي عملدارن مليريا جي ايتري ته خدمت ڪئي آهي، جو جتي پاڻ نه پهچي سگهندا آهن، اتي مڇرن کي موڪلي ڇڏيندا آهن.... منهنجو هڪ دوست چوندو آهي ”مڇر نعمت آهن..“ چو ته جي مڇر نه هجن ها ته پوءِ چڇيون ڪيڏانهن وڃن ها!“ هڪ چوڪيدار کي وري اسان چوندي ٻڌو ته ”مڇر نه هجن ها ته اسان کي ڪڏهن به خبر نه پوي ها ته اسان ۾ ڪو رت آهي به يا نه!“ هڪ اهڙي ئي مباحثي ۾ هڪ صحافيءَ جو وري خيال هو ته ”مڇر نه هجن ها ته اسان جون سياسي حالتون ڪجهه ٻئي قسم جون هجن ها!“ جيئن هڪڙو مڇر حيدرآباد جي صدر واري علائقي جي هڪ پرائيويٽ ڊاڪٽر جي ڪن تي وڃي وينو.... ته ٻئي مڇر چيس ”متان.... ان جو رت پيتو اٿئي؟“ پڇيائين ”چو؟“ ته چيائين ”ڪو به فائدو ڪونهي... چو ته هي به اهو ئي ڪم ڪندو آهي، جيڪو پاڻ ڪندا آهيون...!“

سنڌ ۾ مڇر ايترا آهن، جو سنڌي اقليت ۾ تبديل ٿيندي محسوس ٿين ٿا.... اتر سنڌ ۾ ته مڇرن کي به ڪارو ڪاريءَ جو اهڙو ڊپ هوندو آهي، جو مڇرُ ڇڪ هڻندو ته رڳو مردن کي ڇڪ هڻندو.... جيئن هڪ همراهه پنهنجي پيٽ کي رڳو ان ڪري ڪهاڙي وهائي ڪڍي جو هڪ مڇر چوڪريءَ جي ڳل تي وڃي وينو هو...!

مڇر مارڻ هڪ فن آهي... هڪ حڪيم ته مڇر مارڻ جا ٻٽيهه قسم ٻڌايا آهن، پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ لکي ٿو ته ”جيڪڏهن مڇر ڪنهن پٽ تي وينو هجي ته اهڙي نموني ڌڪ هڻجي، جو ڇڇيون ڏسن ته اهي به تاڙيون وڄائڻ لڳن... جيڪڏهن مڇر ڪنهن ڳل تي وينو هجي ته پهرين اهو ڏسجي ته ڳل ڪنهن جو آهي، جيڪڏهن ڳل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهان جي دشمن. جو آهي تہ پوءِ ائين ڏک هٽو جو توهان چمات بہ هٽي وڃو ۽ مچر بہ نہ مري، تہ جيئن پلي اهو پيهر اڏامي اچي ساڳئي ڳل تي ويهي... جيڪڏهن ڳل ڪنهن سياستدان جو آهي تہ بہ مچر کي چڏي ڏيو تہ جيئن سياستدان کي اها خبر پوي تہ رت پيئجڻ ڪان پوءِ ڇا محسوس ٿيندو آهي.... جيڪڏهن مچر خود توهان جي ڳل تي اچي وينو آهي تہ مچر کي زور سان اهڙو چنبو وهايو، جو مچر کي چٺيءَ جو کير ياد اچي وڃي.... پر جيڪڏهن ڳل توهان جي محبوبا جو آهي تہ پوءِ مچر کي چڏي ڏيو تہ پلي ڳل تي وينو هجي... چو تہ اهو ميڪ اپ جي ڏپ ۾ پاڻ ئي مري ويندو...!"

# ويلنٽائن ڊي: عاشقن جو ڏينهن!

ويلنٽائين ڊي اهڙو ڏينهن آهي، جنهن ڏينهن اهي پراڻا عاشق به اتي سجاڳ ٿيندا آهن، جيڪي سڄو سال محبوب جي پيءُ جي ڊپ کان انڊر گرائونڊ هوندا آهن، اُن ڪري دنيا ۾ هر ويلنٽائن ڊي تي سڀ کان وڌيڪ تحفا وڪامبا آهن، جيئن هڪڙي عاشق چيو، ”جڏهن به اسان تي عشق جو بخار چڙهيو آهي، تڏهن اسان تي اوڌر چڙهي آهي!“ هڪ عام ڏينهن ۽ ويلنٽائن جي ڏينهن ۾ اهو فرق آهي ته ويلنٽائين جي ڏينهن تي گرلس ڪاليجن جي اڳيان عام ڏينهن کان وڌيڪ رش هوندي آهي!

ويلنٽائين ڊي ته ان عيد جي ڏينهن وانگر آهي، جنهن ڏينهن پٽ پيءُ کان ۽ پيءُ پٽ کان لڪي سگريٽ پيئندو آهي، جنهن ڏينهن توهان اهي به فلمون ڏسي سگهندا آهيو، جيڪي فلمون توهان جا مائٽ توهان کان لڪي ڏسندا آهن! ويلنٽائين ڏينهن تي زالون مڙسن جو چيو مڃينديون آهن، توهان پڇندائو ته اهو ڪيئن؟ ته اهو هيئن ته مڙس هن ڏينهن تي زالن کان پڇندا آهن، ته ”توهان لاءِ ڪهڙو تحفو آڻيان؟“ جيئن اسان جي هڪ دوست کي سندس زال چيو ته، ”مون کي ڪو زيور آڻي ڏي!“ ته منهنجي دوست بازار مان ”بهشتي زيور“ آڻي ڏنس، ائين ئي حيدرآباد جي منهنجي هڪ ٻئي دوست کي زال چيو ته، ”ويلنٽائن ڊي جي خوشيءَ ۾ مون کي سوناري جي دڪان تي وٺي هل!“ ۽ هُو به ان کي سوناري جي دڪان تي وٺي ويو پر انهن ڏينهن، جنهن ڏينهن جمع هو.

ويلنٽائن ڊي دراصل عاشقن جو ڏينهن آهي ۽ هيءُ ڏينهن ان ڪري به ملهايو ويندو آهي ته جيئن ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ اهو چئي سگهي ته اسان کو ته ڪم ڊنگ وارو ڪيو. عاشق جا

آهي؟ ”اهو ماڻهو جيڪو اهي ڳالهيون چوي، جيڪي ڪڏهن به چوڻ نہ گهرجن ۽ اهي ڳالهيون بلڪل نہ چوي، جيڪي سدائين چوڻ گهرجن، تہ ان کي عاشق چئبو آهي يا.... ”اهو مرد جيڪو ان ڏينهن بہ شيو لاهي جنهن ڏينهن هن کي شيو نہ لاهڻي هجي ۽ ان ڏينهن بہ سوير اٿي ويهي رهي جنهن ڏينهن دير سان اٿبو آهي، تہ اهڙي انسان کي بہ عاشق چئبو آهي!“

سنڌي عاشق وري ٽن قسمن جا ٿيندا آهن، هڪڙا اهي جيڪي عشق پاڻ ڪن ۽ موچڙا ٻئي کي ڪارائين. ٻيا اهي جيڪي عشق بہ ڪونہ ڪن ۽ پوءِ بہ موچڙا کائين. ٽيان اهي جيڪي نڪو پاڻ عشق ڪن ۽ نڪو ٻين کي ڪرڻ ڏين! سنڌ تہ اهو علائقو آهي جتي پهرئين موچڙا کائبا آهن ۽ پوءِ عشق لاءِ سوچبو آهي، پوءِ بہ سنڌ ۾ عاشق ايترا آهن جو هر آفيس ۾ ڪم ڪندڙ پنجن ڄڻن مان ڇهہ عاشق نڪرندا.

اسين پنهنجي معاشري ۾ نظر وجهنداسين تہ اهو ماڻهو، جيڪو توهان جي پر ۾ وينو آهي، اهو عاشق هوندو ۽ جيڪو انهيءَ جي بہ پر ۾ وينو آهي اهو ڪنهن وقت ۾ عاشق رهي چڪو هوندو. عاشق ٿيڻ جي ڪا عمر بہ ڪانهي. ڪي تہ ڄمندا بغير عشق جي آهن پر مائٽ انهن جو نالو عاشق رکي ڇڏيندا آهن. عشق اهو ڪم آهي جو ماڻهو سڄي زندگي گهٽو ڪجهہ ڪندو مگر پوءِ بہ لڳندو ڄڻ ڪجهہ ڪونہ ڪيو اٿس. عشق ٻارن جي راند ڪانهي. ان ڪري اهي ماڻهو ڪندا آهن جن جو شناختي ڪارڊ ٺهيل هوندو آهي. عشق واقعي بہ ٻارن جي راند ڪانهي پر عشق ٻارن واري راند آهي، جو تہ اڪثر راند راند ۾ ٻار ٿي ويندا آهن. جيئن ڪنهن چيو، ”عشق ٻارن جي راند هجي ها تہ بهبودِ آبادي وارا اشتهارن تي ايترو خرچ نہ ڪن ها!“

دنيا ۾ جيترا بہ شوق آهن انهن ۾ عشق سيني کان مهانگو آهي، عظيم عشق تہ اهو آهي جيڪو اوڌر تي ٿئي ۽ پوءِ آخر ۾

محبوب جي شادي ٿي ويندي ته عاشق ويچارو سڄي زندگي پيو قرض لاهيندو. عشق کي ڪيترائي ماڻهو برو سمجهندا آهن ۽ هي اهي ماڻهو هوندا آهن، جن جا عشق ۾ پادر ڪاڌل هوندا آهن. جيئن گراهم بيل ٽيلي فون رڳو ان ڪري ايجاد ڪئي ته جيئن هو پنهنجي محبوبا سان سندس پيءُ کان لڪي ڪچهري ڪري ۽ سڀ ڪان وڏيڪ موچڙا به گراهم بيل ئي کاڌا، هن تي ”بيل“ نالو به ان ڪري پيو. اڄ به توهان ڏسندائو ته اسڪولن ۾ ”بيل“ سيني کان وڏيڪ موچڙا کائيندو آهي ۽ اهي عاشق ئي آهن جن جي ڪري ٽيليفون ڊپارٽمينٽ هلي رهيو آهي.

ماڻهو عشق ان ڪري ڪندا آهن ته جيئن عزت سان نه رهي سگهن. عشق اهو عمل آهي، جنهن ۾ به ڄڻا گڏجي اها ڪوشش ڪندا آهن ته هڪٻئي جو سڪون ڪيئن ڦٽائجي! جيئن هڪڙي عاشق چيو، ”آئون هر ويلنٽائين ڊي واري سڄي رات پنهنجي محبوبا جي ياد ۾ جاڳي گذاريندو آهيان ۽ پوءِ صبح جو وي سي آر بند ڪري سمهي رهندو آهيان!“ هڪڙي ٻئي عاشق چيو ته ”آئون عشق خاطر پهاڙ تان به ٽپو ڏيئي سگهان ٿو پر شرط اهو ته هيٺ درياءُ هجي...!“ هڪ ٽئين عاشق وري چيو ته، ”آئون پنهنجي محبوبا لاءِ آسمان مان تارا به لاهي سگهان ٿو پر لاهيان ان ڪري ڪو نه ٿو جو اهي رڪندس ڪٿي؟“

عاشق ختم ڪرڻ جو ڪو قوهارو به ڪونهي ڇو ته عاشق عوام لاءِ نقصانڪار نه هوندا آهن. اهي رڳو انهن کي نقصان پهچائيندا جن سان عشق ڪندا آهن. جنهن گهر ۾ عاشق هوندو اتي بچت به گهٽي تيندي، جو عاشق ماني گهٽ ۽ ڳٽيون وڏيڪ کائيندو آهي. دنيا ۾ ڪا به حڪومت عاشق ختم ڪرڻ لاءِ ڪجهه نه ڪندي آهي، ڇو ته اهي عاشق ئي آهن جيڪي ڏڪار ۾ به ڪم ايندا آهن. اهڙي ئي هڪ عاشق کي اسين سڃاڻون، اهو ڏسڻ ۾ اهڙو ئي

لڳندو آهي جهڙو پيو ڪو ڪونه لڳندو آهي. هي ته اهو عاشق آهي جو هڪڙي ڏينهن ۾ جيترا عشق ڪندو انهن تي وري هڪ نئيڙو بونس به گهرندو. ٿن مهينن کان وڌيڪ عشق ڪونه هلائيندو چو ته انهيءَ کان پوءِ هن جي اصليت ظاهر ٿي پوندي آهي. تحفا اهي ئي موڪليندو، جيڪي هن کي پين هنڌان مليا هوندا ۽ تحفا به انهن انهن وٽ موڪليندو، جن وٽ خود پين هنڌان ايترا تحفا پهتا هوندا، جو خبر ئي ڪانه پوندي ته هي تحفا وٺن پيا يا وڪڻن پيا. هن کي ڪير به ڏسي پڌائي ويندو ته هي هڪ عاشق آهي. توهان پڇندائو ته، "ڪيئن؟" ته اهو هيئن ته هنن جي چهري ۾ ڪئين هنڌن تي ڏکن جا نشان هوندا آهن!

عشق ۾ ڪامياب ڪڏهن به ڪونه ٿيئبو آهي. جنهن عشق کي توهان ڪامياب چئو ٿا دراصل ان جو نالو شادي آهي ۽ شادي ماڻهو تڏهن ڪندا آهن جڏهن سمجهندا آهن ته هاڻي اسان کان وڌيڪ اهو عشق وارو ڏنڌو ڪونه هلندو.

عاشقن جو ته دماغ ئي پنهنجو هوندو آهي. محبوبا جي اکين ۾ ويهڻ چاهيندا، چڻ اکين ۾ صوفا سيٽ رکيل هجن، جيئن هڪ عاشق پنهنجي محبوبا کي چيو، "مون کي پنهنجي وارن ۾ لڪائي ڇڏ!" محبوبا چيس "پلي اچي لڪ، پر مون کي جوئون اٿئي، جيڪي اڌ مئو ڪري ڇڏينديئي."

اهڙي ئي هڪ ٻئي عاشق پنهنجي وهمي محبوبا کي چيو ته، "تنهنجيون اکيون ڪيڏيون نه وڏيون آهن!". ته محبوبا ڪاوڙ ۾ چيس، "هڻ نظر ته ٿيان انڌي!" جيئن هڪ بلڪل نهين عاشق پنهنجي محبوبا کي چيو، "تون هلين ٿي ته توسان گڏ هوا ٿي هلي!" محبوبا به نهله پهله چيس، "آئون عورت آهيان، ڪا وهنجڻي ڪانه آهيان!" اهڙي ئي هڪ پراڻي عاشق پڌايو ته "عشق سان

ڪيترين ئي بيمارين پڇي وجن ٿيون پر هڪڙي بيماري لڳيو وڃي ۽ پوءِ نيٺ ان بيماريءَ سان شادي ڪرڻي ٿي پوي!“

عشق ۾ ماڻهو روز وهنجندو آهي، پيو نہ، تہ بہ ڦٽي روز ڏيندو. ان ڪري ڳنجن لاءِ عشق حرام سمجهيو وڃي ٿو. ٽلهن ماڻهن تي تہ عشق جائز ئي ڪونهي، ڇو تہ هنن ڪي عشق ڪرڻ ۾ جيترو تاثير لڳندو، اوتري تاثير ۾ محبوبا خود ٿلهي ٿي ويندي. قد جا بندرا مرد تہ عشق لاءِ سوچيندا بہ ڪونہ آهن، جو هي جنهن سان بہ پيار جو اظهار ڪندا آهن، اهي هنن کي ٻار سمجهي معاف ڪري ڇڏينديون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فقيرن جي دنيا

پنڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه ڪانهي.... پنڻ ايترو سولو هجي ها ته هر ڪنهن جي هٿن ۾ ڪشڪول هجن ها.... فقيرن جا به پنهنجا دماغ آهن. هڪڙي فقير کي چيوسين ”خيرات سياڻي ونجانءِ....!“ ته يڪدم چيائين، ”سياڻي چا خيرات پوسٽ ذريعي موڪليندين!؟“ هڪڙي ٻئي فقير کان پڇيم، ”پنڻ ۾ توهان جو استاد ڪير آهي؟“ ته وڏي فخر سان چيائين، ”منهنجو بابو، هڪڙي اين جي او ۾ امدادون پيو وٺندو هو.... پنڻ اسان بابا کان سکيو!“

دنيا ۾ فقير تيئن ايترو ڏکيو ڪونهي جيترو فقير کان اهو چئي جان ڇڏائڻ ته معاف ڪريو.... اڄڪلهه فقير ائين چنبڙي پوندا آهن جو فقيرن کي به خبر هوندي آهي ته ڪهڙي ماڻهوءَ کي ڪيئن سوگهو ڪجي.... جيئن عورتن کي ڏسي فقير يڪدم چوندا آهن ”شال وڏي چمار ماڻيو....!“ فقير ائين چيو ناهي ۽ مائيءَ پرس مان نوٽ ڪڍيو ناهي.... مائي به چوندي ”هلو ڏهين رپين ۾ به ٽي سال عمر وڏي ويئي ته باقي به ٽي سال وري ٻئي فقير کان وڏائي وٺنداسين!“

فقيرن جا بي شمار قسم آهن... ڳٽڻ ويهنداسين ته پنائي ماريندا.... جيئن هڪڙو جهونو فقير رستي ۾ مليو. چيائين، ”اسان ملڪ مان بي روزگاري ختم ڪرڻ لاءِ پنڻ جو هڪ ڪوچنگ سينٽر کوليو آهي.... جتي اسان هر سال 200 کن ننڍڙيون فقيرياڻيون ۽ پتڪڙا فقير تيار ڪري مارڪيٽ ۾ سپلاءِ ڪندا آهيون.... اهي مختلف بس اسٽاپن تان بازارن ۽ اسپتالن ۾ ماڪوڙين وانگر ڦهلجي ويندا آهن ۽ پنهنجي روزگار پنهنجي محنت سان پاڻ

قاسائيندا آهن...!“ پڇيوسين ”انهن ٽريني فقيرن کي توهان ڇا ڇا سيکاريندا آهيو؟“ تہ چيائين، ”اهي ڇهہ ڇهہ ڪلاڪن پنڻ جو رياض ڪندا آهن... ۽ ماڻهوءَ جو بوٽ ٻن ميلن کان ڏسي ٻڌائي ويندا آهن تہ فلاڻي ماڻهوءَ جي کيسي ۾ جيڪي پئسا آهن، اهي هو سمجهو تہ ڪونہ سان چنبڙائي پوءِ ڙان نڪتو آهي يا فلاڻو ماڻهو کيسي ۾ بلڪل بہ هٿ ڪونہ وجهندو. ڇو تہ اهو گهران کيسي ۾ هڪ ٻَلا وجهي پوءِ نڪتو آهي.... هنن ننڍڙن ٽريني فقيرن جو نعرو آهي، تہ ”جيڪڏهن وڏو ٿي بي روزگار ٿي ٿيڻو آهي تہ پوءِ هينئر کان ئي پنڻ ڇو نہ سکجي....!“

تاريخ ۾ اها خبر اجا نٿي پوي تہ سڀ کان پهرئين ڪنهن پنيو هو؟.... يا سڀ کان پهرئين، ڪنهن ڪنهن کي پنايو هو؟... پر پنڻ تاريخ جو سڀ کان قديم پيشو رهيو آهي ۽ اڄ ڄا جيڪي فقير آهن، سي انهيءَ قديم تهذيبي پيشي جو پرم اجا رکندا اچن.... هڪ اهڙي ئي فقير کان پڇيوسين تہ ”تون آخر فقير ڪيئن ٿئين؟“ تہ چيائين ”دراصل آئون بلدياتي اليڪشن ۾ ڪائونسلريءَ لاءِ بيٺو هوس.... پوءِ مان ووٽ وٺڻ لاءِ در در تي ويس.... اليڪشن ۾ تہ هارائي ويس، پر ماڻهن کان ووٽ ايترا پنياسين جو مون کي پنڻ سان محبت ٿي ويئي ۽ پوءِ مون پاڻ بہ پنڻ شروع ڪيو تہ پنهنجي دوستن يارن کي بہ پنڻ جو دَرس ڏنو... ائين اسان فقيرن واري پيشي ۾ آياسين تہ خبر پئي تہ مار.... ماڻهو خوامخواهہ بي روزگاريءَ جي ڪري پيا خودڪشيون ڪن.... هتي تہ بيروزگارن جا مزا آهن!“

فقير دنيا جي هر ملڪ ۾ هوندا آهن.... رڳو اسان وارا فقير پنندا آهن ڇڻ ملاڪڙو ڪندا آهن. جيئن هڪڙي همراهہ سان هڪ فقير ٽڪرائجي ويو تہ همراهہ ڪاوڙ ۾ چيس ”اڙي.... هي

رستي جي وچ تي ويهي ڇو پيو پنين؟“ ته فقير چيس ”پيو پنڻ لاءِ ڪئبن ڪوليان ڇا؟“ همراهه به ڪاوڙ ۾ چيس ”نه.... پر پنڻ جو هيءُ ڪهڙو طريقو آهي؟“ فقير چيس، ”پيو سائين ڇا خيرات لاءِ توهان کي ايپليڪيشن ڏيان...!؟“

ماستر ڪنهن فقير کي خيرات ڏيندو ته شڪل اهڙي ناهيندو، جو پري کان ڏسبو ته خبر ئي ڪانه پوندي ته ماستر خيرات ڏئي پيو يا خيرات وٺي پيو... صحافي وري فقير ۾ نهاريندو ئي ائين جو فقير جو اڌ ساهه ته اتي اڏامي ويندو... هڪ اهڙي ئي فقير کي هڪ صحافيءَ خيرات ڏيڻ لاءِ جيئن ئي کيسي ۾ هٿ وڌو ته فقير نچڻ لڳو... صحافيءَ پڇيس ”ڇو نچين پيو؟“ ته فقير چيو ”منهنجي ڏاڏي چوندي هئي ته جنهن فقير ڪنهن صحافيءَ مان خيرات ڪڍي، انهيءَ سمجهه ته ست مينهون هڪڙي ئي وقت ڏُڏيون...!“ صحافيءَ کيسي مان هڪ رپيو ڪڍي فقير جي ترريءَ تي رکيو ۽ چيو ”مون عا ڪئي هئي ته پڳهار وڌندو ته خيرات ڪندس!“ فقير چيو ”سائين پوءِ.... هي ڪيتري خيرات پيا ڏيو... صرف رپيو....!“ صحافي چيس ”ياءُ . . . پڳهار به ته ايترو وڌيو آهي!“

دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ اظهار جي آزادي به فقيرن کي هوندي آهي... جو هو رستي تان هلندي ڪنهن نوجوان ڇوڪريءَ جي اڳيان بيهي رهندا ته به هنن کي ڪير غلط نه سمجهندو.... جيئن هڪ عورت کي ڪنهن فقير چيو ”توکي ڏاڍو خوبصورت مڙس ملندو!“ ته عورت يڪدم چيو ”اڇا پوءِ جيڪو گنجو منهنجي گهر ۾ رهندو آهي.... اهو ڪيڏانهن ويندو؟“

ائين ئي هڪ مرد فقير کان پڇيو ”بڌاءِ ته... منهنجي شادي ڪڏهن ٿيندي؟“ فقير چيس ”جلد ئي!“ همراهه چيو ”فقير تو اڳيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيري مون کيِ چيو هو ته شادي ٿيندي، پر مورڳو منهنجو ته مڱڻو ئي ٽُٽي ويو...!“ فقير چيس ”هڪ نه هڪ ڏينهن توکي چنڊ جهڙي ڪنوار ضرور ملندي...!“ همراهه چيس ”تو منهنجي پاءُ کي به چيو هو ته توکي چنڊ جهڙي ڪنوار ملندي.... پوءِ هن کي چنڊ جهڙي ڪنوار ته ملي پر.... پهرئين تاريخ وارو چنڊ.... تو منهنجي هڪ ٻئي دوست کي به چيو هو ته توکي زال ملندي.... پر هن کي زال ٻدران هڪڙو ٻال مليو آهي...!“ فقير به ڪاوڙ ۾ چيس ”ياڻو... آئون پاڻ فقير آهيان... ڪو ڪنواريون ٺاهيان ڪونه پيو...!“

پنڻ به حق حلال آهي، جيڪڏهن سچي دل سان پنجي.... .توهان هڪڙو دڪان کوليو ۽ ٻاهران بورڊ هٽائي ڇڏيو ته ”غريب بچايو نيشنل پروگرامز“ ان جي چيف ايگزيڪيوٽو کان پڇيوسين ته ”توهان هيستائين ڪيترا غريب بچايا آهن؟“ ته يڪدم چيائين ”في الحال ته اسان جي اسٽاف ۾ رڳو اسين غريب آهيون...!“ جيئن سنڌ ۾ ٿر جي سرزمين انڪري جوڙي ويئي آهي ته جيئن ان جو نالو وٺي پيا ماڻهو روزگار ڪمائي سگهن... ٿر جي نالي ۾ پنڻ ۽ ڏٺيءَ جي نالي پنڻ ۾ اهو فرق آهي ته ٿر جي نالي ۾ پنڻ لاءِ توهان کي باقائدا هڪ آفيس جي ضرورت پوي ٿي... ٿر نه هجي ها ته بيشمار ماڻهو بي روزگار مري وڃن ها... ائين ئي ڪنهن فقير کي ڪنهن چيو ”توهان مزدوري ڇو نٿا ڪريو؟“ ته چيائين ”پنڻ به هڪ مزدوري آهي... هڪڙا پنج روپيا ته ڏجان...!“

شڪر جو اسان وٽ پنڻ جي وڏي سهولت آهي... پنڻ نه هجي ها ته بي روزگاريءَ جي شرح ۾ اڃا به اضافو هجي ها... فقير ڇون ٿا ته هر بجيٽ ۾ سيني لاءِ آهي، پر اسان لاءِ ڪجهه به ڪونهي. گهٽ ۾ گهٽ حڪومت اسان کيِ ڪشڪول مفت فراهم ڪري.... جيئن هڪڙي مصنوعي انڌي فقير کي هڪ همراهه پڪڙي

وڏو. همراهه پڇيس ”اڙي.... ڪوڙ جو انڌو ڇو ٿيو آهين؟“ ته فقير دليل ڏيندي چيو ”سائين ڏسو، اڄڪلهه روزگار ·لاءِ هر ڪو انڌو آهي.... اسان ٿياسين ته ڪهڙو ڏوهه ڪيوسين...؟ توهان ڪنهن به اداري ۾ وڃو، توهان کي پنجن مان ٽي انڌا ملندا.... همراهه پڇيو ٻ باقي ٻه...“ ته فقير چيو ”اهي ان ڏينهن موڪل تي هوندا....!“

اسان جي هڪ دوست ڪنهن فقير جي شڪايت ڪندي ٻڌايو ته ”هن منهنجي قميص ڦاڙي ڇڏي.... ائين ته قميص ڪان مون کي زال به ڪانه ڇڪيندي آهي، جيئن هي خيرات تو گهري!“ فقير کان پڇيوسين ”ڇو؟“ ته فقير چيو ”سائين هي اهڙو ته ڪنجوس آهي جو مون هن کان خيرات گهريو ته پنهنجي کيسي مان پنج رپيا ڪڍي مون کي ڏيکاري وري پنهنجي ٻئي کيسي ۾ وجهي ڇڏيائين!“

# جهاز ۾ ايئرهوسٽس

صرف هڪڙي شئي آهي، جنهن مان توهان کي پڪ ٿيندي ته توهان جهاز ۾ آهيو.... ۽ اها آهي ايئر هوسٽس... جهازن وارا به هوشيار آهن، ايئر هوسٽس رکندا ئي ان ڪري آهن ته جيئن شادي شده مڙسن کي زالون ياد نه اچن... جيڪڏهن توهان ڪنهن جهاز ۾ آهيو ۽ ايئر هوسٽس توهان کي دڙڪا ڏي ته پوءِ سمجهو ته توهان ڪنهن پنهنجي ملڪ جي جهاز ۾ آهيو... جيڪڏهن توهان اُن کان پاڻيءَ جو گلاس گهرو ۽ هوءَ توهان کي جڳ آڻي ڏي. اخبار گهرو ته مئگزين آڻي ڏي، بيضو گهرو ته مرغي آڻي ڏي ۽ مرغي گهرو ته پاڻ اچي ڀيهي رهي ته پوءِ پڪ سمجهو ته توهان ڪنهن به جهاز ۾ نه آهيو، پر توهان کو بَڪواس قسم جو خواب پيا ڏسو... ۽ ماٺ ڪري سمهي رهو...!

آئون هڪڙي جهاز ۾ هوس، ڪافي وقت کان سامهون واري ٽي وي بند هئي... پر واري کان پڇيم ”هيءَ ڪيڏي مهل هلندي؟“ چيائين، ”جنهن مهل جهاز ٻيهندو، ٽي وي هلندي... هڪڙي ٽائيم تي صرف هڪڙي شيءِ هلائيندا آهن...!“ پوءِ اجا مس مس ٽي وي هلي ته اسان جي هڪ دوست اوچتو رڙ ڪئي، ”مهرباني ڪري... ٽي ويءَ جو آواز گهٽ ڪريو... هي جهاز آهي يا منهنجو گهر آهي!“

جهاز هلندي هڪڙي مسافر پنهنجو قصو ٻڌائيندي چيو، ”اسان جا جهاز ننڍڙا ۽ ايئرهوسٽون وڏيون آهن... فلاڻي ملڪ جي جهاز جو وزن اسان جي هڪ ايئر هوسٽس جي وزن برابر آهي... جهڙو جهاز اندر جهاز!“ وري چيائين، ”اسان واريون ايئر هوسٽسون جيترو ميڪپ ٿيون ڪن، ان کان ٻيڻ تي غصو ٿيون ڪن... هڪ ايئر هوسٽس کان مون به دفعا پاڻي گهرڻ کان پوءِ جڏهن ٽيون دفعو پاڻي

گهريو ته هن اهڙي ڪاوڙ ۾ ڏنو، جو خود منهنجي اکين ۾ پاڻي اچي ويو... هڪ ٻي ايئر هوسٽس ڪان مون رڳو معڳزين گهريو ته هن اکيون اٿين ٻاهر ڪييون جو مون سمجهيو ته اجهو تي مون کي به ٻاهر ڪڍي... وري هڪ ٽئين ايئر هوسٽس کي مون چيو... مون کي ٽوال آڻي ڏي... ته اهڙي ڪاوڙ ۾ ڏنائين جڻ مون ٽوال نه پر رشتو گهريو هجي...!"

اسان جا ماڻهو به بادشاهه آهن.. جيئن جهاز هلندي اعلان ٿيو ته، سيٽ بيلٽ ٻڌي ڇڏيو... ته اسان وارو چاچو ڊول وري اگهٽ ٻڌڻ لڳو... جهاز ۾ ڏاڍي آمونءَ جو ڌوهٽو روئڻ لڳو ته ڏاڏيءَ يڪدم ايئر هوسٽس کي سڏ ڪري چيو، "اڙي امان... هي ٽورو جهاز بيهار ته ننڍڙو ڪڪر کي هٿ لائي ڏسي...!" "ماما گلڻ جهاز ۾ ايئر هوسٽس کي سڏائي ايترا ته پاڻيءَ جا گلاس پيتا جو نيٺ ايئر هوسٽس واٽر ڪولر اڳيان آڻي رکيس... ماسي ڪتل جي ٻارن جهازَ جي دريءَ تي منهن رکي ٻاهر ڏسڻ شروع ڪيو ته ماسيءَ يڪدم ايئر هوسٽس کي سڏي چيو، "اڙي ڀيڻ... ٻاهر جهاز جو جيڪو پنکو پيو هلي... اهو بيهار ته ٻارَ ان جا پَرَ ڳڻين...!"

هوائي جهاز اسان وٽ غريب ماڻهن لاءِ ناهي... جو ته جهاز جي ٽڪيٽ ٺي ايتري هوندي آهي جو ايترن پئسن ۾ ته غريب ماڻهو پنهنجي ڌيءَ پرڻائي ڇڏي... ۽ ملڪ ۾ پڳل ريل گاڏيون به اجا ان ڪري پيون هلن ته جيئن غريب ماڻهن کي هڪ شهر کان ٻئي شهر تائين پهچڻ لاءِ پنڌ نه ڪرڻو پوي... هڪڙي ايئر هوسٽس ٻڌايو ته، "جهاز ۾ پوڙهن ماڻهن کي به چڙهڻ نه گهرجي!" پڇيوسين، "جو؟" ته چيائين، "هڪڙو پوڙهو چڙهيو... اهڙي ڪنگهه هُئس جو ڪنگهندو هو ته سڄو جهاز لڏڻ لڳندو هو... آئون ويجهو وڃانس ته ماٺ ٿيو وڃي، آئون واپس وڃان ته وري ڪنگهڻ لڳي... چيائين، منهنجي اڳيان ويٺي هج!... ۽ هي وٽ ونجٽي مون کي هوا هڻ... چيومانس، ڏاڏا... توهان کي هوا جي نه پر دوا جي ضرورت آهي... چيائين، مون پنهنجي جوانيءَ ۾

ڪنهن کي ڪنگهيو نه ڪوند... ان ڪري هاڻي پيري شايد مون کي ڪنگهائي ڪنگهائي ماريندي... هڪڙي ٻئي پوڙهي وري سڏ ڪري چيو، تنهنجي شڪل پريتي زنتا سان ٿي ملي... تنهنجو هڪڙو فوٽو کڻندس... ۽ پوءِ فوٽو ڪيڏائين تہ جهڙو ساهہ ٿي ڪيڏائين...!“

دنيا ۾ جيڪي بہ لائينون آهن، انهن مان ايئر لائين منهنجي پسند جي لائين آهي، جيتوڻيڪ اسين پنهنجي زندگيءَ ۾ سئنيما جي لائين ۾ بہ بيٺاسين، ريلوي لائين تي بہ بيٺاسين، گئس ۽ بجليءَ جو بل ڀيارڻ لاءِ بہ لائين ۾ بيهڻو پيو... ۽ سڀ کان خراب لائين ريٽائر ملازمن جي اها لائين، جيڪا پينشن وٺڻ لاءِ بئنڪ جي ٻاهران اُسَ ۾ پئي سڙندي آهي... اها بہ ڏٺي سون، پر پوءِ بہ اسان جي خيال ۾ مسافر جي پنهنجي لائين ڪهڙي بہ هجي، ايئر لائين سدائين سٺي ڳوليندو... جيئن هڪ پائليٽ کان پڇيوسين تہ، ”جيڪڏهن توهان ايئر لائين ۾ نہ هجو ها تہ ڪٿي هجو ها؟“ چيائين ”فلم لائين ۾...!“

اسان جي ملڪ ۾ جهاز گهٽ انڪري آهن، ڇو تہ جهاز گهڻا هوندا تہ انهن کي بہ اليڪشن ڊيوٽين ۾ ڦاسايو ويندو... جيئن هڪ مسافر شڪايت ڪندي چيو تہ، ”منهنجو مامون جيل مان آزاد ٿي هنن جي جهاز ۾ پئي آيو تہ جهاز ئي گم ٿي ويو... ان کان پوءِ جهاز تہ ليجي ويو، پر مامون اڃا تائين ڪونہ لڌو آهي!“ ائين ئي هڪڙي پائليٽ کان پڇيوسين تہ، ”جهاز ۾ پيلا سيٽ بيلٽ ڇو هوندا آهن...؟“ تہ چيائين، ”ان ڪري جو هڪ دفعي هڪ مواليءَ اتي اچي پائليٽ کي چيو هو تہ، ”اٿ... تہ آئون تو جهاز هلايان...!“

پائليٽ جي زندگي بہ عجيب هوائن ۾ قاتل هوندي آهي... ڪنهن کي خاموش ويٺل ڏسندو تہ ان کي بہ چوندو، ”ڪهڙا ڪنڊ جا جهاز اڏامي ويا اٿئي...؟“ سڄو وقت هوا ۾ رهڻ کان پوءِ بہ رڳو هوائي قلعا پيو ناهيندو... زال بہ چوندس، ”اها هوا دماغ مان ڪڍي ڇڏجانءِ تہ ڪو مون کي ڪنهن بہ ايئر هوسٽس جي باري ۾ ڄاڻ

ڪانهي!“ اهڙي ئي هڪ يتيم پائليٽ کان پڇيم ته، ”تو پيلا جهاز اڏائڻ کي ڇو پسند ڪيو؟“ ته چيائين، ”ننڍي هوندي مکيون اڏائيندو هوس... پوءِ منهنجي ناني، جيڪا پاڻ به ڪنهن پراڻي جهاز وانگر هئي ۽ ڳوٺ پاڙي ۾ افواهه اڏائيندي هئي، ان جا لِڪايل پئسا آئون لِڪائي ويندو هوس... هڪ ڏينهن نانيءَ مونکي پاراتو ڏنو ته، منهنجا پئسا اڏايو وڃين... خدا توکي اڏائيندو... سو آئون پائليٽ ٿي ويس ۽ هاڻي چوويهن ڪلاڪن مان ٻارنهن ڪلاڪ هوا ۾ هوندو آهيان...!“

هڪڙي ٻئي پائليٽ کان پڇيم ته، ”اندرون سنڌ ۾ جهازن جي سهولت ڇو ڪانهي؟“ ته چيائين، ”هڪڙي دفعي ڳوٺ مُٺل خان جيئري جي رَن وي تي جهاز پئي هلايم ته جهاز جو ڦيٿو هڪ سِر جي اڏڙ ۾ ڦاسي پيو... مون سمجهيو انجڻ خراب آهي، پر پوءِ خبر پئي ته آفيسرن جي نيت خراب هُئي... سو سنڌ اندر ايستائين ايئر پورٽ نه ٺهندا، جيستائين نيتون نه ٺهنديون...!“ پڇيومانس، ”پيلا توهان ائير هوسٽسون ڪيتري عمر جون رکندا آهيو؟“ ته چيائين، ”عمر جي ڪيتري به هجي، پر سورنهن سالن جي ڏسڻ ۾ اچڻ گهرجي...!“

جهازن ۾ جيڪڏهن ايئر هوسٽسون نه هجن ته ڪجهه سياستدان ته چڙهن ئي ريل گاڏين ۾.... ڇو ته ريل گاڏيءَ جو وڏي ۾ وڏو فائدو اهو آهي ته توهان زنجير ڇڪي ريل مان ڪٽي به لهي سگهو ٿا، پر جهاز جو مسئلو اهو آهي ته زنجير ته توهان ڇڪي ويندئو. پر لهندئو ڪٽي...؟ جيئن هڪ هائجيڪر بال پين سان جهاز اغوا ڪيو. مطالبي ۾ چيائين ته، ”اينڊز هفتي منهنجي شادي ٿيڻ واري آهي... مون ڪان ساهرن سامان ۽ حق مهر ايترو گهريو آهي، جو مجبورن مون کي جهاز اغوا ڪرڻو پيو!“ چيائين، ”منهنجي بابي به پنهنجي زندگيءَ ۾ هڪڙو جهاز اغوا ڪيو هو...“ پڇيائونس، ”ڪيئن؟“ ته چيائين، ”پاڻيءَ وارو

پستول پائلٽ کي ڏيکاريائين تہ اهو پاٽي پاٽي ٿي ويو. بابي ايئرهوسٽس جي مٿي تي پستول رکيو تہ ان جي مٿي مان جوئون ٻاهر نڪري ڀڄڻ لڳيون... ايئر هوسٽس کا ٻوڙي .هئي... بابي چيس، هٿ مٿي ڪر... تہ هن جهاز جي دري مٿي ڪري ڇڏي... ۽ سڄي هوا اندر... بابا اڏامي وڃي بليڪ باڪس ۾ لڳو... جنهن ڪري بابا جو منهن بہ بليڪ ٿي ويو... هيترو ننڍڙو رڪشا جيترو جهاز اغوا ڪيائين ۽ ريل گاڏيءَ جيتري سزا مليس...!"

جيئن اسان جي هڪ شادي شده دوست هڪ ايئر هوسٽس سان ڪا شرارت ڪئي تہ ايئر هوسٽس يڪدم چيو، "هتان ڇنبو هٽندي سانءِ تہ دريءَ مان هيٺ وڃي ڪرندين!" اسان پڇيس تہ، "ايئر هوسٽس تو کي ڇا پئي چيو؟" تہ کلها مٿي ڪندي چيائين، "بس... يار... هتي بہ گهر وارو ماحول آهي...!"

# ايوارڊ تقريب

ٽيليويزن تي هڪ ايوارڊ فنڪشن هلي رهيو هو... ڇوڪري چوي ٿي، ”هيءَ ڪيٽيگري آهي... بيسٽ ڪوڙ ڳالهائڻ واري جي...!“ لفافو کوليندي چوي ٿي، ”هن جي لاءِ اسان وٽ نامزدگيون آهن... هڪ وڪيل، هڪ سياستدان ۽ هڪ صحافي... اچو ته ڏسون ڪير ايوارڊ ٿو کٽي...!“ ائين چئي لفافو کولي ٿي... ته اندران هڪ ٻيو لفافو نڪري ٿو... اهو کولي ٿي ته اندر وري به ٻيا لفافا پيل آهن... سهڪندي چوي ٿي، ”اسان مان اهو لفافو ڪلچر آخر ڪڏهن ختم ٿيندو... جيستائين ڪلچر ختم ٿئي تيستائين وٺون ٿا هڪ بريڪ...!“ سو ايوارڊن ۾ پاڻ کي ته سيني کان وڏيڪ وڻندو آهي مالياتي ايوارڊ.... جيتوڻيڪ اڄڪلهه هر ڪنهن جي ماليات خاليات لڳي پئي آهي... جيئن هڪ کي ٽي اين جي هيرو کان پڇيم، ”تون ڇا ٿو سمجهين ته هيل ڪهڙي هيروئين کي ايوارڊ ملندو؟“ ته چيائين، .هن دفعي ته هيروئن بدران آفيم کي ايوارڊ ملڻ گهرجي...!“

ڊرامي واري ڪيٽيگري تي وڏو مقابلو هو، ڇو ته هن ۾ وڏا وڏا ڊرامي باز لٽل هئا... هن لاءِ ڪمپيئر چيو ته: ”هيءُ واحد ايوارڊ آهي، جنهن جي ججن لاءِ اسان ڪورٽ جي ججن سان ڳالهايو آهي...!“ ايوارڊ ڏيڻ لاءِ جنهن کي گهرايو ويو. اهو خود به هڪڙي ڊرامي جي نتيجي ۾ ايڏو وڏو آفيسر ٿيو هو... ايوارڊ ڏيڻ لاءِ هن جڏهن لفافو کوليو ته اندر ڪجهه به ڪونه هو... لفافو چنڊبيندي چيائين، ”هي ڇا آهي... هيءُ لفافو به منهنجي ڪيسي وانگر خالي آهي...!“ يڪدم هڪ ڇوڪريءَ ٻيو لفافو آڻي ڏنس... ته هن لفافو کوليندي چيو.. ”ڏسون ته ٽن ڄڻن مان ڪير ٿو ايوارڊ کٽي...“ لفافي مان ڪاغذ ڪڍي پڙهڻ لڳو.. ته ”ايوارڊ جنهن کنيو آهي... اهو هنن ٽنهي مان ڪونهي... پر نالو جنهن جو لکيل آهي ان

تہ ڪڏهن ڊرامو بہ نہ لکيو آهي... "ائين چئي چوٽين کي ايوارڊ لاءِ سڏ ڪيائين... بهترين لانگ پلي جي ايوارڊ ۾ صرف هڪڙي نامزدگي هئي. جنهن لاءِ چيائون تہ انهيءَ پلي ۾ هڪڙو ئي ماڻهو هوندو آهي، جيڪو يارنهن يارنهن سالن تائين خوبصورت اداڪاري ڪريو وجي...!

اُن ڪان پوءِ نئين ڪيٽيگري هئي چمچا گيريءَ جي... ان ۾ بہ مقابلو سخت هو. بلڪ ڪانٽي جو مقابلو هو... ۽ ائين تي لڳو تہ جيڪڏهن ٿنهي مان ڪنهن کي بہ نہ مليو تہ هڪٻئي کي ڪانٽا هٽي ماريندا... يا جيڪو ڪٽيندو، ان کي باقي بہ ڇٽا ڪانٽا هٽي اڏ مئو ڪندا... ڪمپيئر چيو، "اڇو تہ ڏسون تہ هن سال جو بهترين چمچو ڪير آهي... لفافو نہ پيو کلي...لڳي ٿو ايلفيءَ سان بند ڪيو ويو آهي... يا بند دل سان بند ڪيو ويو آهي... جيڪي لفافا کليل دل سان بند ڪيا ويندا آهن اهي لفافا بہ پوءِ کليل ملندا آهن...!"

بيسٽ ٽاڪ شو جو ايوارڊ پروگرام "چانهہ جي ٿرماس تي" کي ڏنو ويو... جو تہ هيءُ واحد پروگرام هو، جنهن ۾ مهمانن کي اصلي چانهہ پياري ويندي هئي... پر انهن کان ايترو ڳالهرايو ويندو هو، جو چانهہ جي قيمت نڪري ايندي هئي... بس پروگرام جي خامي رڳو اها هئي تہ جيڪا چانهہ مهمانن کي ڏني ويندي هئي... انهن ويچارن کي اهو بہ نہ ٻڌايو ويندو هو.تہ اها چانهہ ڪهڙي ڪمپنيءَ جي آهي...!

بيسٽ ايڊيٽنگ Edi-tongve جي لاءِ انهن مسڪينن کي بہ نامزد ڪيو ويو، جن کي وچ ۾ ٽنگ اڙائڻ جي عادت ڪانہ هئي... انهيءَ لاءِ انهن سيني جا نالا ڪنيا ويا، جن جي خود پنهنجي مدر ٽنگ بہ صحيح ڪانہ هئي... هن ڪيٽيگريءَ ۾ وري جن جن جا نالا ڪنيا ويا هئا. اهي ائين پئي ڏکيا، ڄڻ سندن نالا بم ڌماڪا ڪرائڻ وارن جي لسٽ ۾ آيا هجن. سو ايوارڊن جون تقريبون اڄڪلهہ ايتريون تي ويون آهن، جو هڪ فنڪشن ۾ هڪ هيروئن ايوارڊ شرمائي ائين پئي ورتو، ڄڻ مڱڻيءَ جي منڊي پئي پاتائين...

هيروئين کان شرمائڻ جوُ سبب پڇيوسين تہ ٽڪاوڙ ۾ چيائين، ”اهڙين مڱٽيءَ جي مُنڊين کي آئون پچان بہ ڪونہ... اهڙيون تہ مون وٽ ويهہ پيون آهن!“

بيسٽ نيوز ڪاسٽر جي لاءِ پهرئين فيصلو اهو ڪيو ويو تہ ان جونالو ”بيسٽ نيوز فائيٽر“ هئڻ گهرجي... پر پوءِ وري اهو فيصلو ڪيو ويو تہ ايوارڊ صرف ڏسندڙن کي ڏيڻ گهرجي... ان ڪري ان جو نالو بدلائي لکيو ويو، ”بيسٽ صابرين ايوارڊ“... ان ڪري هن دفعي هيءُ ايوارڊ ڪٽيو آهي.... اسان وري دوست گلو ڪاسائيءَ... جنهن خبرون پڙهڻ واري مائيءَ جي باري ۾ حساب ڪري ٻڌايو تہ هن سڄي سال ۾ هڪ سئو ايڪيهہ ڪوٽ بدلايا... ۽ پوءِ ايوارڊ وٺڻ مهل ڪمپيئر هن جي ڪن ۾ چيو تہ، ”چا توهان جي نيوز آفيس لنڊا بازار جي پر ۾ آهي!؟“

هاڻي اچونَ ٿا ميوزڪ تي... جنهن ۾ سڀ کان پهرئين بيڪ گرائونڊ ميوزڪ... هن ڪيٽيگريءَ ۾ بي شمار نالا آهن... جيڪي ماٺهو بيڪ ۾ هوندا آهن ۽ اڳيان ٻين کي ڪري ڇڏيندا آهن... اهي سمجهندا آهن تہ اسان دنيا کي نچايون پيا... جيتوڻيڪ دنيا هڪ جاءِ تي بيٺل هوندي آهي.... ۽ هو پاڻ ڪنهن ٻئي جي بيڪ گرائونڊ ميوزڪ تي پيا نچندا آهن... انعام هڪڙو آهي ۽ خدشا تمام گهڻا.... چوِ تہ انهيءَ ڪيٽيگريءَ ۾ جن بہ ڪم ڪيو آهي... خوب ڪيو آهي... يعني شاعري هڪڙي ۽ وڏيو ٻيو...!“

ڪيٽيگري هئي بيسٽ رائيٽر ايوارڊ جي... جنهن ۾ نامزدگيون ايتريون هيون، جو اڌ هال ۾ تہ نامزدگين وارا ويٺا هئا... ان ڪري انهيءَ ايوارڊ لاءِ ڪُٽا بہ نہ وڌا ويا ۽ اعلان ڪيو ويو تہ انهن سڀني کيٰ ايوارڊ پوسٽ ذريعي موڪليو ويندو... منهنجي خيال ۾ تہ بيسٽ رائيٽر لاءِ هر سال صرف ”سي ڊي رائيٽر“ کي ئي ايوارڊ ملڻ گهرجي.

نئين ڪيٽيگري هئي سڀ کان غير مقبول پروگرام جي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جو ايوارڊ مليو، ”واشنگٽن کان وري به واپس واشنگٽن تائين... “هن پروگرام کي ايوارڊ رڳو ان ڳالهه تي ڏنو ويو ته تقريباً هڪ سئو پروگرام هئڻ جي باوجود ماڻهن کي هن پروگرام جي اجا تائين خبر ئي ڪانهي ته اهو هلي به پيو يا بند تي ويو... بهترين نيوز رپورٽ ۾ پروگرام ”بهترين نيوز ۽ ميزبان فيوز“ سيني کان وڌيڪ ڇهه ايوارڊ ٻهاري ويو... هڪڙو سندس ۽ باقي پنج ٽرافيون هن ٻين ڪيٽيگرين ۾ انعام وٺي گهر موٽندڙن کان رستي ۾ ڦري حاصل ڪيون...پروگرام ”جُوراسڪ پارڪ“ هن دفعي به ايوارڊ نه کٽي سگهيو، ڇو ته هن دفعي ڊائريڪٽر صاحب پارڪ جي نالي ۾ رڳو گهٽيون، گٽر ۽ پڳل قبرستان ڏيکاريا ۽ پارڪ جو نالو پري پري تائين به نه هو... پارڪ ته ڇا... هڪڙو مالهي به ڪونه ڏيکاريو ويو...!

اسان جي پسند جي پروگرام ”لوڊشيڊنگ“ کي ڪو به ايوارڊ نه مليو... ان جي بدلي ۾ ٻن بلبن کي ايوارڊ ڏئي خوش ڪيو ويو... انهن مان هڪڙو فيوز ٿيل بلب هو... پروگرام جي اها خوبي آهي ته هن ۾ انهن معذور سياستدانن جا انٽرويو ڏيکاريا ويندا آهن... جن جون ٽنگون ٻانهون ۽ زبان ته سلامت هوندي آهي، پر ان جي باوجود به ويچارا معذور لڳندا هئا... اسٽيج تي پروگرام جي جهلڪي ڏيکاري وڃي تي... ان ۾ ميزبان لڙڪ ڳاڙي رهي آهي، ۽ هڪ معذور سياستدان ان کي پرچائي رهيو آهي. ته، ”امان ... نه روءُ... سوسائٽيءَ جي ايٽري پيڻگ تي آهي...ڏس، ڇا اسين روئون ٿا!؟“

بيسٽ ”اٽيڙهيل ڊائريڪٽر“ جو ايوارڊ لاڙڪاڻي جي هڪ موچيءَ کي ڏنو ويو... تاڙين جي گونج ۾ هن هڪ ٽنگ ۽ ڪاٺي اک واري مائيءَ جي مونو گرام وارو ايوارڊ مٿي کندي چيو، ”آئون شڪريو بجا آٽيندس پنهنجي پيءُ جو جيڪو مونکي ننڍپڻ کان پٽون ۽ ياراتا ڏيندي ڇوندو هو ته، تون ڪڏهن به ڪونه سُڌرندين... ۽ نتيجي ۾ آئون ڊائريڪٽر ٿي ويس...!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌي ادب ۾ اديبائن جي کوٽ

جيئن مون تازو هڪڙي سنڌي شاعر جو ڪتاب ڏٺو، اڌ کان به مٿي ڪتاب ۾ مهاڳ هو، پوءِ خبر پئي ته اهو مهاڳ هن جي زال لکيو آهي. جيڪڏهن زال کان ئي لکرائڻو هو ته پوءِ ڪتاب جو نالو به هجي ها، ”مڙس لاءِ لکيل هڪ اداس مهاڳ“ ۽ هيٺ پاسي کان لکيل هجي ها. ”آخر ۾ ٿورڙي شاعري به پڙهي ڇڏيندا!“ اسان ڪنهن مڙس هٿان زال کان مهاڳ لکرائڻ واري اهڙي رجحان جي آجيان ٿا ڪريون، ان مان ٻين اديب مڙسن کي به سبق حاصل ڪرڻ گهرجي. سنڌي ادب ۾ زالن کان پنهنجي ڪتاب جو مهاڳ لکرائڻ سان اهو ٿيو آهي ته هاڻي سنڌي ادب ۾ عورت ليکڪائن جي واپسيءَ جا امڪان پيدا ٿيا آهن، نه ته هينئر سنڌي ادب ۾ عورت اديبائون ايتريون آهن جڻ ڪٽڪ جي پوريءَ ۾ ڪجهه داڻا چانورن جا پيا هجن. سنڌي اديبائن جي نه هئڻ سان سنڌي اديبن جي شاعريءَ تي به خراب اثر پيو آهي ۽ وڏا وڏا شاعر، اديب اهڙي وقلجنڌڙ شاعري پيا ڪن جو هڪڙي پڙهندڙ ته پنهنجي پير ۾ پيل لٺ ڪڍي پنهنجي دوست شاعر کي ڏيندي چيو، ”يا ته ماٺ ڪر يا هيءَ ڪڍي منهنجي مٿي تي هڻ!“

اسان وٽ جيترا سنڌي اديبائن جا قسم آهن. انهن کي ڏسي لڳي ٿو ته هاڻي رڳو قسم ئي وڃي بچيا آهن. هڪڙي اديبا ته ائين به چيو ته، ”اديبائون ايتريون ڪونه آهن جيترا قسم آهن.“ سوال اهو آهي ته ڇا اديبائن ۾ ڪا بي ادبي آهي... يا اديبائن ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ ڪنهن ائٽمي ٽيڪنالاجيءَ جي ضرورت پوي ٿي. جيئن اڄڪلهه سنڌي اديبن جو تعداد ايترو آهي جو انهن جي مٿان ڪو اسپري ڪرايو وڃي ته به ڇهه ست اديب بچي ويندا.

هڪڙي همراهه کي ڪنهن چيو، ”ڇا يلا، تنهنجو منهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوتل ڪونهي يا توهان نندي هوندي کان اهڙا آهيو؟“ همراهه چيو، ”نه ادا.... آئون شاعر آهيان!“ سنڌي ادب ۾ مون کي وري ٻن قسمن جون اديبائون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. هڪڙيون اهي جيڪي پاڻ کي نوجوانڻ سڏائين ٿيون ۽ ٻيون اهي جيڪي اجا پوڙهيون نه ٿيون آهن. اسان ڪيترائي اديب پڙهيا آهن ۽ ان جي باوجود به اهي نٿا وڻن ۽ ڪجهه اديبائون اسان پڙهيون به ڪونه آهن پر تنهن هوندي به اهي وڻنديون آهن. اهو آهي اديب ۽ اديبا ۾ فرق....!

سنڌي ادب ۾ اديبائڻ جي کوٽ هئڻ ڪري هاڻي ڪجهه سنڌي شاعر اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ لڳا آهن جو ڊاڪٽر به چون ٿا ته هنن کي باقاعدا علاج لاءِ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيڻ گهرجي. هڪ گڏجاڻي صبح، هڪ منجهند ۽ هڪ شام، جيئن تازو هڪ سنڌي شاعر چيو ته، ”خليفي گل محمد جي شاعريءَ ۾ “Windows xp” جي پيشنگوئي ٿيل آهي.“ يا هڪڙي اخبار ۾ اها ڳالهه ڇپرائي وئي ته ”مير عبدالحسين سانگيءَ جي شاعريءَ ۾ اها پيشنگوئي ٿيل آهي ته ”يارهين سيپٽمبر وارو واقعو پيش ايندو!“

ڪنهن زماني ۾ اديب سامراج خلاف ڳالهائيندا هئا، اڄڪلهه هڪ ٻئي جي خلاف ڳالهائيندا آهن. ڪجهه ماڻهو اديبن کي چريو سمجهندا آهن ان جي باوجود اديب ٻڌڻ بند نٿا ٿين. هاڻي ته ادبي سنگتن ۾ اديب ٻڌي جي حساب سان پيدا پيا ٿين. ڏهن . اديبن تي هڪڙو اديب فريءَ ۾ تو ملي. پر ان جو ڪو به فائدو ڪونهي، ڇو ته سنگت جي جنهن شاخ ۾ ڪا اديبا ڪانهي. ان شاخ جو سمجهو ته پاڻي سڪي ويندو. جيئن هڪڙي چرئي کان ڪنهن پڇيو، ”توکي ادب ۾ ڇا وڻندو آهي؟“ ته چيائين، ”اديبائون“ پڇيائونس، ”پر تون ته چريو آهين؟“ ته چيائين، ”چريو آهيان پر انڌو ڪونه آهيان!“

سنڌي اديبائن جا ايترا ڪتاب پڙهيا نٿا وڃن، جيترا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڪامجن ٿا. هڪڙي ڊاڪٽر اديبا ته پنهنجي مريض کي اهو چيو ته، ”توهان منهنجو ڪتاب پڙهي ڇڏيو، توهان کي مليريا نه ٿيندي!“ هونءَ به جنهن سنڌي ماڻهوءَ کي ڪتاب خريد ڪرڻو هوندو ته خريد ڪندو، اسين ته دوڪان تان ڪتاب کڻي قيمت ڏسي واپس رکي ڇڏيندا آهيون. ڪنهن اديبا جو ڪتاب هوندو ته رڳو فوٽو ڏسي پوءِ رکي ڇڏيندا اسين. جيتوڻيڪ اڄڪلهه هر ڪتاب ۾ ساڳيا مهاڳ، ساڳين شڪلين وارا ماڻهو هول سيل تي لکي رهيا آهن!

سنڌي ڪتاب نه وڪجڻ جو هڪڙو سبب اهي مزاحيه مهاڳ به آهن، جن کي پڙهڻ کان پوءِ اوچنگارون نڪري وينديون آهن ته ”مار... هيءُ عظيم شاعر يا شاعرا جيڪڏهن سنڌ ۾ پيدا نه ٿئي ها ته سنڌي ادب تباهه ٿي وڃي ها!“ اسان جي هڪڙي دوست ته پنهنجي شعري مجموعي جو نالو ئي رکيو، ”بنا مهاڳ جي لکيل هڪ ڪتاب“ ائين اسين پنهنجي هڪ دوست کي ”مهاڳ جو اديب“ ڪري سڏيندا آهيون. سنڌيءَ ۾ سئو ڪتاب ڪڍبا ته چورانوي ڪتابن ۾ هن جا مهاڳ هوندا. خود هن جي شاديءَ جو ڪارڊ ڇڏهن ڇپيو هو ته انهيءَ سان به ٻن صفحن جو مهاڳ هو.

اهي اديبائون جن جون ڪهاڻيون شاديءَ کان اڳ گهٽيون مشهور هيون بلڪ ڪهاڻيون ٻڏبيون هيون، اهي شاديءَ کان پوءِ غائب آهن. ڪن اديبائن وري شاديءَ کان پوءِ افسانا ناهيا. جيتوڻيڪ افسانا سنا رڳو شادي کان اڳ لڳندا آهن. هڪڙي محقق لکيو ته، ”شاعري ڪرڻ جا به دور هوندا آهن هڪڙو شادي کان پهرئين ۽ ٻيو شادي کان پوءِ. محقق صاحب دور به ائين ٻڌايا آهن جڻ ڪئپسول ٻڌايا اٿس. اهو ڪونه ٻڌايو اٿس ته ٻئين شادي کان پوءِ جيڪا شادي ٿيندي آهي. اها ڪهڙي دور ۾ هوندي آهي؟ محقق کان پڇيم ته چيائين، ”ٻي شاديءَ کان پوءِ دور نه، پر دورا پوندا آهن!“

جيئن عورتن لاءِ ڏار بئنڪ آهي ته جيئن زالون مڙسن کان

لڪائي اتي پئسا گڏ ڪن. تيئن سنڌي ادبي سنگت وانگر وري سنڌي اديبا سنگت به هجي، جتي اديبائن جي گلائون ڪرڻ واري ونگ وري اجا ڏار هجي. جيئن ڪراچيءَ جي سابق سيڪريٽري جان خاصخيليءَ کان پڇيم ته، ”توهان عورتن جي ونگ ڇو نٿا کوليو؟“ ته چيائين، ”ائين مردن جي ونگ بند ٿي ويندي!“

هڪ شاعر وٽ شاعري ڪرڻ جا به وقت هوندا آهن. پهريون ته هُو جاڳيل هجي ۽ ٻيو اهو ته ننڊ ۾ نه هجي... جيڪڏهن شاعر جاڳيل هجي ته ان جي پر مان به سنپالي لنگهجي. اهو قانون شاعرائن تي لاڳو نٿو ٿئي. 1994ع ۾ شيخ اياز کان هڪ انٽرويو وٺڻ جي سلسلي ۾ جڏهن آئون ۽ منوج ڪمار ڪراچيءَ ۾ هن سان مليا هئاسين ته، مون اتي پوڳن پوڳن ۾ اياز کان پڇيو هو ته، ”سنڌي شاعريءَ ۾ وڏيون شاعرائون ڇو ڪونه آهن؟“ ته، هن مسڪرائيندي چيو هو، ”جيڪي وڏيون شاعرائون هيون انهن جون شاديون ٿي ويون!“

غزل جي معنيٰ آهي، ”عورتن سان ڳالهيون ڪرڻ“ اها ڳالهه سوچي ئي اڪثر ڪنوارا اديب رڳو غزل لکندا آهن ۽ اديبائون وري غزل گهٽ ان ڪري لکنديون ڇو ته غزل ماٺ ڪري لکڻو پوندو آهي. هڪ اديبا الزام هنيو ته شاعريءَ تي اڄ جو مرد اديب قابض آهي، جيتوڻيڪ اسان ڪڏهن به ڪنهن اديب کي قبض جي شڪايت ڪندي نه ٻڌو آهي... اها ٻي ڳالهه آهي ته سنڌ ۾ ايترا شاعر آهن، جو هڪ جيب ڪتري اهو چئي پنهنجو ڌنڌو بند ڪري ڇڏيو ته، ”ڏهن سنڌين جا کيسا ٿا ڪٽيون ته نون جي کيسن مان غزل ٿا نڪرن!“

اسان وٽ بهترين اديب پيدا ڪرڻ جو واحد طريقو اهو آهي ته اسان وٽ ڪِير به نه لکي. غزل جي مقابلي ۾ وري اديبائن جا جيترا افسانا مشهور آهن، اوترا اديبن جا نه آهن. ڪجهه اديبائون ته افسانو شروع پنهنجي مرضيءَ سان ڪنديون آهن ۽ ختم وري ٻئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مرضيءَ سان ڪنديون آهن. ڪن اديبائن جو تہ وري ادب پڙهڻ لاءِ نہ، رڳو تعريف ڪرڻ لاءِ هوندو آهي. جيئن ادبي مشاعرن ۾ ڪجهہ شاعرائون اهڙي بهتر نموني ۾ پڙهنديون آهن، جو انهن جو شعر ايترو ڀڏو ناهي ويندو، جيترو ڏنو ويندو آهي. جيئن هڪ اديبا مون کان پڇيو تہ توهان جي پسند جي شاعرا ڪير آهي؟"چيومانس، "نسيم کرل" چيائين، "غلط... اها تہ ڪهاڻيون لکندي آهي!"

اڄڪلهہ شاعرائون پنهنجي شاعريءَ مان گهٽ ۽ ميڪ اپ مان وڌيڪ سجاتيون وڃن ٿيون. البت شاعرِ ڪي اهڙي قسم جي ڪا بہ محنت نتي ڪرڻي پوي. انهيءَ جي تہ منهن مان ئي پيو لڳندو تہ اهو شاعر آهي، جيئن خود مون ڪي ڪجهہ شاعر ان ڪري وڻندا آهن، جو تہ اهي شڪلين مان سائنسدان لڳندا آهن. هڪڙي شاعرا جي ڪتاب جي مهورت تي ڳالهائيندي اسان جي هڪ دوست اسٽيج تي ٻيهي چيو تہ، "هڪ عظيم شاعرا ٿيڻ لاءِ هن وٽ وڏيون اکيون آهن، ڊگها وار آهن ۽ يقين سان هوءَ لپ اسٽڪ بہ پنهنجي نظمن وانگر بهترين ٿي هڻي.... باقي بچي شاعري، اها جيڪڏهن هوءَ ڪڏهن لکائي ٿي وٺي تہ اهو هن جو جماليّاتي پهلو آهي!" اسٽيج تان هيٺ لٿو تہ، شاعرا ڪاوڙجي پئي. دوست چيس، "مون تہ توهان کي پهرئين ئي چيو هو تہ مون کي متي نہ موڪليو، جو تہ هڪڙي سني مڇي سڄي تالاب کي خراب ڪري ڇڏيندي آهي!" اسين بہ اهو تا سمجهون تہ شاعرن جي ايتري فوج ۾ شاعرائن جو اپرڻ مشڪل ٿو لڳي. ان ڪري شاعر ختم ڪرڻ جو واحد طريقو اهو وڃي بچيو آهي تہ شاعرن کان هڪ هڪ شعر تي ٽيڪس ورتو وڃي. جو تہ اهو صحيح ڪونهي تہ هو ايتري شاعري بہ ڀڏائي وڃن ۽ انهن کي ڪجهہ بہ نہ چيو وڃي!

# ”ڏ“ سان ڏاڙيل

چونڊا آهن تہ هر ڏاڙيل جي اندر ۾ هڪ عدد انسان هوندو آهي. جيڪو هُن کي پُنگ ونڻ تي مجبور ڪندو آهي. جنهن ڏاڙيل جي اندر ۾ انسان نہ هوندو آهي، اهو بنا پئسن جي بہ مغوي آزاد ڪري ڇڏيندو آهي. اسان تہ ڏاڙيل جي وصف بہ رکون ان ڪري ڪونہ ٿا ٻڌائي سگهون جو خود ڏاڙيل جون وصفون ٻڌائڻ شروع ڪيوسين تہ اسان جا ڪيترائي سرڪاري ملازم ڪاوڙجي پوندا. ڏاڙيل جيترو پڙهيل ڳڙهيل هوندو، اوترو خطرناڪ هوندو. تحقيق مطابق پنج درجا پاس اُهو ڏاڙيل جيڪو ڪنهن سرڪاري اداري ۾ هوندو، اهو ايم اي پاس ڪنهن بيروزگار ڏاڙيل کان وڌيڪ خطرناڪ آهي!

اسين مڃون ٿا تہ آمريڪا اسان کان اڳتي ان ڪري آهي جو تہ اسين پنتي آهيون، پر سنڌ تہ ڏاڙيلن جي نيوڪليئر ۽ صفا ڪليئر فيڪٽري آهي ۽ اها ٽيڪنالاجي اسان آمريڪا کي منتقل نہ ڪنداسين. جيئن هڪڙي آفيسر کان ڪنهن صحافيءَ پڇيو تہ ”توهان ڏاڙيلن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڇا ڪيو؟“ تہ چيائين ”اسان ڏاڙيلن کي ختم ڪرڻ لاءِ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ پمفليٽ ورهائيندا آهيون تہ پنهنجن مردن کي ڏاڙيلن کان بچاءَ جا ٽُڪا لڳايو!“

هڪ سروي مطابق پوليس وارن وٽ هٿيار انهيءَ زماني جا آهن، جڏهن خود اجا پوليس بہ ايجاد نہ ٿي هئي. پوليس واري چيو تہ ”پندرهن سؤ پگهار ۾ پندرهن لک وارو ڏاڙيل ڪيئن پڪڙبو... اسان وٽ بندوقون اهڙيون آهن جو ان جي نڪاءَ تي ڪتو بہ ڪونہ ٿو جاڳي. چيائين، ”هڪڙي دفعي آئون ٻيلي ۾ ڏاڙيل مارڻ ويس تہ مڇر ايترا هئا جو هڪڙو مڇر ڏيڏر جيترو هو، رستو

منجهي پيس... وٽن تي پولڙا پئي ٻوڙيا... آئون پولڙن کي ڏسي پيو ڏجان ۽ پولڙا مون کي ڏسي پيا ڏجن. نيٺ هڪڙي پولڙي کي منٿ ڪيم ته اهو ويچارو مون کي ڪلهي تي ويهاري ٽاٽيءَ تي واپس ڇڏي ويو.

اسان سنڌ جي هڪ اهڙي ماڻهوءَ سان ملياسين جنهن کي ڌاڙيلن سترهن دفعا اغوا ڪيو آهي. اسان هن کان پڇيو ته روئندي چيائين "آئون جڏهن ٻئي دفعي اغوا ٿيس ته مون ڌاڙيلن کي چيو ته "ادا آئون پهرئين به اغوا ٿيل آهيان، ان ڪري مون کي وري اغوا نه ڪريو." ته چيائون "پهرين سرٽيفڪيٽ ڏيکار ته اغوا ٿيل آهين يا نه...؟" اهو به نهرايم هڪڙي ڌاڙيل لکي ڏنو ته This is to certify that this man has already been kidnapped, so please "free him freely with free of cost" ان جي هيٺان ڌاڙيل جي سردار کان صحيح ڪرايم ۽ پن پوليس وارن کان اٽيسٽيڊ ڪرائي ٺپو هڻائي اهو سرٽيفڪيٽ کيسيءَ ۾ وجهي ڇڏيم ۽ جڏهن ٽئين دفعي ڌاڙيلن اغوا ڪيو ته انهن کي سرٽيفڪيٽ ڏيکاريم ته انهن مرڪي چيو "سرٽيفڪيٽ ايڪسپائر ٿي ويو آهي، اهو ڇهن مهينن لاءِ هو، هاڻي وري نئون نهرائجان..." ائين ڇئي مون کان پُنگ جا پئسا وٺي ويا... شڪر جو آئون خزاني آفيس ۾ ڪلارڪ آهيان، نه ته پنان ها!" وري ٿورو ساهه پٽيندي چيائين "جڏهن يارهون دفعو اغوا ٿيس ته حڪومت مون کي ايترا دفعا اغوا ٿيڻ تي سونو بلو ڏنو ۽ جڏهن ٻارهون دفعو اغوا ٿيس ته اهو سونو بلو ڌاڙيلن کي ڏئي جان ڇڏايم، حڪومت کي چيم ته مون کي وري بيو سونو بلو ڏيو ته انهن مون کي بلي جو هڪ ننڍڙو پونگڙو ڏيئي ڇڏيو، جيڪو ٻئي ڏينهن "مياڻون، مياڻون ڪري ڀڄي ويو... ۽ جڏهن سترهون دفعو مون کي ڌاڙيلن اغوا ڪيو ته هڪڙي اين جي او طرفان مون کي "محمود غزنوي ثاني" جو لقب ڏنو ويو، فرق رڳو اهو هو ته محمود غزنويءَ سترهان حملا ڪيا هئا ۽ مون تي سترهان حملا ٿيا هئا، جنهن جي ڪارڪردگيءَ جي بنياد تي مون کي سومنات

مندر اسپيشل ايوارڊ پڻ ڏنو ويو.“

ڪجهہ ڏينهن اڳ اسان هڪ ڏاڙيل ڪان انٽرويو بہ ورتو هو. اهو انٽرويو اسين هتي پيش ڪري رهيا آهيون.

**اسان:** پهرين ٻڌايو تہ توهان ڏاڙيل ڪيئن ٿيائو؟

**ڏاڙيل:** آئون ننڍو هوس تہ مون هڪ فلم ڏٺي هئي ”بغداد جو چور“... پوءِ مون سوچيو تہ جيڪڏهن بغداد ۾ چور ٿي سگهن ٿا تہ سنڌ ۾ بہ ٿيڻ گهرجن.

**اسان:** معنيٰ ان زماني ۾ سنڌ ۾ چور نہ هئا؟

**ڏاڙيل:** نہ... ان زمانيَ ۾ هتي رڳو پوليس وارا هئا ۽ چور اسان ڪي بغداد مان گهرائڻا پوندا هئا...!

**اسان:** ڪير گهرائيندو هو بغداد مان .....؟

**ڏاڙيل:** اسان جي تر جو وڏيرو مرحوم ”بهشت خان دوزخي“ ڪتا ۽ چور امپورٽيڊ پسند ڪندو هو.

**اسان:** توهان پاڻ ڏاڙيل ڪيئن ٿيائو؟

**ڏاڙيل:** آئون ڏاڙيل پوليس ڪي ڏسي ٿيس، جو تہ فلمن ۾ ڏيکاريندا هئا تہ هي ويچارا سدائين ڏاڙيل پٺيان پيا ڊوڙندا ۽ سهڪندا، پر ڏاڙيل هنن کان بہ وڌيڪ تيز هوندو هو. مون محسوس ڪيو تہ آئون بہ ڊوڙ ۾ تيز آهيان ۽ ڏاڙيل پوليس کان هوڻ ئي ڪونہ ٿا ڦاسن... ان ڪري آئون ڏاڙيل ٿيس.

**اسان:** توهان جي خيال ۾ ڏاڙيل جي وصف ڇا آهي؟

**ڏاڙيل:** خبر ناهي.... آئون تہ اسڪول ۾ بہ وصفون ٻڌائڻ ۾ ايترو ڪچو هوندو هوس، جو ماستر پڇندو ”مادي جي وصف ٻڌاءِ تہ آئون ”معدي“ جي وصف ٻڌائڻ لڳندو هوس... صرف زمان مستقبل جي وصف نہ ٻڌائڻ جي ڪري خود منهنجو مستقبل خطري ۾ پئجي ويو هو!

**اسان:** اسان ٻڌو آهي تہ توهان نوڪريءَ جي لاءِ بہ ڪوشش ڪئي؟

**ڏاڙيل:** ها! پر هڪ چنيءَ واري کي نوڪري ملي ويئي... بدلي ۾ هاڻي آئون ماڻهن کي چنيون موڪليندو آهيان، اها چنني لکڻ جي عادت مون ۾ آفيسرن وٽان پئي، آئون تہ نوڪريءَ جي ٽيسٽ لاءِ بہ اهو سوال ياد ڪري ويو هوس تہ ”سنڌ جو پهريون ڏاڙيل ڪير هو؟“ پر اهو سوال ئي نہ آيو... سوال وري اهڙن ڏاڙيلن جي باري ۾ آيا، جن جو نالو لکندي خود اسان کي شرم پئي آيو.

**اسان:** ڪهڙا سوال آيا؟

**ڏاڙيل:** جيئن علم ڏاڙيليات جي پيپر ۾ پهريون سوال هو تہ توهان پرُو ڏاڙيل جي باري ۾ ڇا ٿا ڄاڻو؟... هاڻي پڇو، آئون انهيءَ جي باري ۾ ٻڌائيندس تہ پوليس مون تي شڪ نہ ڪندي... وري لکيل هو تہ سدوري ڏاڙيل جو فئملي بيڪ گرائونڊ ڇا هو؟... ۽ مون وري لکي ڇڏيو تہ ”سدوري ڏاڙيل جي صرف بيڪ گرائونڊ ميوزڪ هئي!“

**اسان:** توهان ڏاڙيلن جي نجي زندگيءَ تي ڪجهہ ٻڌايو؟

**ڏاڙيل:** اسان رڳو نجي جيل ڏٺو آهي، اها نجي زندگي ڇا آهي...؟

**اسان:** يلا... توهان سڀ کان وڏو ڏاڙو ڪهڙو هنيو؟

**ڏاڙيل:** سڀ کان وڏو ڏاڙو مون اڃا نہ هنيو آهي. منهنجو مطلب آهي مون اڃا شادي نہ ڪئي آهي.

**اسان:** يلا ننڍي ۾ ننڍو ڏاڙو؟

**ڏاڙيل:** ها... اسان هڪڙي بس تي حملو ڪيو، پر ڏاڍي تي... سڄي بس ماسترن سان پريل هئي. ماستر خود پگهار وٺڻ لاءِ پريس ڪلب ڌاڻهن پئي ويا.

**اسان:** فلمن ۾ اسان سدائين ڏاڙيلن کي گهوڙي تي ويندي ڏٺو آهي؟

**ڏاڙيل:** نہ... اڄڪلهہ سنڌ ۾ گهوڙا تمام مهانگا آهن. ان ڪري هتي هارس ٽريڊنگ رڳو مٿين ليول تي ٿئي ٿي. اسان

غريب غريب ڏاڙيلن جي جاءِ ناهي. اسين ان ڪري پيرين پنڌ ڏاڙا هڻندا آهيون. جيتوڻيڪ هتي گڏهه گهڻا آهن. پر گڏهه تي ويهي ڏاڙو ته هڻجي ته ماڻهن کي خبر ئي ڪانه ٿي پوي ته ڏاڙيل ڪهڙو آهي!

**اسان:** چاءِ اهو صحيح آهي ته ڏاڙيل، شادي ڪندو ته ڏاڙا هڻڻ ڇڏي ڏيندو آهي؟

**ڏاڙيل:** ها! اها ڪوشش مون به ڪئي... مون پنهنجي پاڙي جي هڪ ڏاڙيل جي ڌيءُ لاءِ رشتو موڪليو. ڏاڙيل پڇيو ”مهيني ۾ گهڻا ماڻهو اغوا ڪندو آهين؟“ چيومانس ”ڇهه ماڻهو ڪڏهن ڪٽندو آهيان ته انهن مان پنج بيروزگار نڪرندا آهن ۽ ڇهون اهڙو هوندو آهي جيڪو خود ڇوندو آهي ته مون کي به ڏاڙا هڻڻ سيکاريو“. وري پڇيائين ”هيستائين گهٽيون بسيون ڦريون اٿئي؟“ چيومانس ”بس ته نه... باقي هڪ چنگچي اغوا ڪئي هئم...“ يڪدم ڪاوڙجي پيو ۽ چيائين ته ”تون منهنجي ڌيءُ کي ڪهڙو خوش رکندين...!“

**اسان:** ڇون تا ته توهان جو وڏو نيٽ ورڪ هوندو آهي؟

**ڏاڙيل:** ظاهر آهي... نه ته اسان ڇريا ڪونه آهيون جو ٻيلن ۾ ڏڪا کائون، اسين ماڻهو اغوا ڪري وري ٻين ڏاڙيلن کي وڪڻي ڇڏيندا آهيون. اهي وري اڃا ٻين ڏاڙيلن کي وڪڻي ڏيندا آهن. اهو اسين ان ڪري ڪندا آهيون ته جيئن اغوا ٿيڻ وارو بور نه ٿئي. آئون ته چوان ٿو ته هاڻي سنڌي ٻاراڻي ڪتاب مان ”ڏ“ سان ڏوٻي ڪڍي ”ڏ“ سان ڏاڙيل پڙهائڻ گهرجي، ڇو ته سنڌ ۾ هاڻي اها حالت ٿي وئي آهي جو ڪتابن ۾ اهو به سبق هئڻ گهرجي ته ”اڄ جو ٻار، سڀاڻي جو ڏاڙيل آهي.“

**اسان:** توهان ائين ماڻهن کي وڪڻندا ڇو آهيو؟

**ڏاڙيل:** اهو اسانجو اصول آهي... اسان جو هميشه اهو نظريو رهيو آهي ته ”اغوا ۽ اليڪشن“ ۾ سڀ جائز هوندو آهي!

# سگريٽ نوشي

سگريٽ جي خوبي ئي اها آهي تہ سوا ٻن انچن جي شيءِ جنهن جي سامهون ڇهن فوٽن جو همراهہ بي وس هوندو آهي. ماڻهو سگريٽ پيئندا آهن ۽ ٻين ماڻهن کي ڏيکاري پيئندا آهن ۽ اهو محسوس ڪرائيندا آهن تہ هو بہ اهو ڪم ڪري سگهن ٿا.

دونهون اڏائڻ دنيا جي قديم ترين راند آهي جنهن جي شوق ۾ ماڻهو پاڻ بہ دونهون ٿي ويندو آهي. رڳو ان ڪري تہ هيءُ دونهون اڏائي اهو سمجهندو آهي تہ هو خود بہ اڏامي رهيو آهي. اسان جو هڪ دوست تہ دونهون ڪيندو آهي تہ هر ڪش کان پوءِ مڇن ۾ هٿ وجهي انهن کي سڌو ڪندو، متان دونهون مُڇن ۾ نہ ڦاسي پوي.... ۽ ڪنهن ڪنهن مهل تہ دونهون ڪيڻ کان اڳ ڀهرئين مُڇ جي نوڪ سڌي ڪندو جڻ مُڇ هيٺان سگريٽ جو ٻيڻ لڳل هجي!

دنيا ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو آهن. هڪڙا اهي جيڪي سگريٽ پيئندا آهن ۽ ٻيا اهي جن جي مُنهن ۾ سگريٽ جو دونهون لڳندو آهي. سگريٽ ڪيترائي ماڻهو پيئندا آهن، پر ڪن جي چپن ۾ پهچي سگريٽ بہ دانهو ڪرڻ لڳندو آهي تہ هي ڪتي ڦاٿو آهيان. ڪجهہ ماڻهو سگريٽ کي ڏندن ۾ ائين قابو ڪندا متان سگريٽ فرار نہ ٿي وڃي. هڪڙي همراهہ کي مون ڏٺو ان سگريٽ ڏندن ۾ ائين قابو ڪيو هو جڻ ڏندن مان سگريٽ پڪيو هو.... وري سگريٽ ڪڍي ڏاڙن کي ائين ٿي هنيائين جڻ وات جو دروازو ٿي ڪڙڪايائين..... پوءِ وري يڪدم چپن ۾ آڻي بيهر ڏندن ۾ قابو ڪري چڏيائين جڻ نںڍڙي ٻار کي راند پئي ڪرايائين!

ڪجهہ ماڻهو سگريٽ پيئندا تہ اهو بہ ڪونہ سوچيندا تہ پر واري جو مُنهن دونهين سان ڀرجي ويو آهي. ڦوڪ ايتري ڪونہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٽندا جيترو دونهون ڇڏيندا. اسان جو هڪ دوست ايترا تہ سگريٽ پيئندو آهي جو ننڊ ۾ ستو پيو هوندو تہ بہ جهڙو وات مان دونهون پيو نڪرندس. ڪجهہ ماڻهو سگريٽ پيئندا تہ خود بہ دونهين سان ايترو پرچي ويندا جو جيڪڏهن توهان انهن سان ڳالهائيندا تہ توهان کي لڳندو ڄڻ توهان بورچيخاني ۾ بيٺا آهيو. پوڙها ماڻهو سگريٽ پيئندا تہ اڌ ڪلاڪ کنگهندا تيسين سگريٽ وسامي ويندو. هڪڙي همراهہ کي آئون سڃاڻان اهو سگريٽ جي هر ڦوڪ تي ڏهہ منٽ کنگهندو. هن جي هٿ ۾ جهليل سگريٽ کي ڏسبو تہ سگريٽ جو منهن بہ يتيمن جهڙو ٿيو پيو هوندو. هونءَ بہ کنگهہ واري همراهہ وٽ سگريٽ ويو، جهڙو دهشتگرديءَ جي ڏوهہ ۾ ڦاٿو!

سگريٽ پيئڻ ۽ سگريٽ ڇڪڻ ۾ وڏو فرق آهي. نئون ماڻهو جڏهن آڱرين ۾ سگريٽ ڪٽندو آهي تہ اهو سگريٽ ڇڪيندو آهي. ۽ پوءِ جڏهن عادي ٿي ويندو آهي تہ سگريٽ پيئڻ لڳندو آهي، آئنسٽائين جو هڪڙي ڏينهن ڊاڪٽر هن کان پڇندو آهي تہ، "معاف ڪجو!.... سگريٽ توهان کي ڪيترن سالن کان پي رهيو آهي؟"

اسان جو هڪ سگريٽائي دوست چوندو آهي تہ، "اهو سگريٽ جيڪو پنهنجن پئسن سان وٺي پيئجي تہ اهو پيئبو آهي ۽ جيڪو دوستن جي پاڪيٽ مان ڪڍجي، اهو ڇڪبو آهي!" اسان جي معاشري ۾ ڏوهہ ۽ سگريٽ ايترو تہ حاوي ٿي ويو آهي جو ڏوهاري ايترا سگريٽ ڪونہ ٿو پيئي جيترا سگريٽ پيئندڙ ڏوهہ ٿو ڪري. سگريٽ ڇڏڻ جا ڪيترائي طريقا آهن. سڀ کان آسان طريقو اهو آهي تہ توهان سگريٽ ئي نہ پيئو. اسان جو هڪ دوست سگريٽ ڇڏڻ جو طريقو اهو ٻڌائيندو آهي تہ، "توهان سگريٽ خريد ئي نہ ڪريو!" هڪڙي اين جي او مون کي چيو تہ، "اسان کي سگريٽ جي خلاف ڪجهہ نعرا لکي ڏي!" مون هنن کي چيو تہ، "توهان بہ بينر نهرايو، هڪڙي تي لکو، "سگريٽ نہ پيئو.... جيستائين توهان وڏا نہ ٿي وڃو!" ۽ ٻئي تي لکو، "سگريٽ نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيئو ... ڪمري مان ٻار وڃن، پوءِ پلي پيئو!“

سگريٽ ڪي ڪِنگ سائيز خبر ناهي ڇو چوندا آهن جيتوڻيڪ اسان نہ سگريٽ ۾ ڪِنگ واريون خوبيون ڏٺيون ۽ نہ وري ڪِنگ ۾ سگريٽ واريون خاميون ڏٺيون. جنهن زماني ۾ ڪِنگ هوندا هئا ان زماني ۾ سُلفين جو رواج هو. اڄڪلهہ باقي جيڪي ڪِنگ بچيا آهن، اهي ڪِنگ وارو ڪم گهٽ ۽ ڪانگن وارو ڪم وڌيڪ ڪندا آهن، ان ڪري منهنجي پسند جو ڪنگ هميشہ ڪِنگ ڪانگ رهيو آهي. هونءَ بہ جيڪي ماڻهو ڪِنگ سائيز سگريٽ پيئندا آهن، انهن جي پوءِ پنهنجي سائيز خطري ۾ هوندي آهي.

سگريٽ انڌو هوندو آهي، سگريٽ کي اکيون هجن تہ گهٽن گهٽن جي پوٽ اڳيان وڃڻ پسند ئي نہ ڪري. هڪڙن ماڻهن جا پوٽ ڏسبا تہ لڳندو اهي نهيا ئي سگريٽ پيئڻ لاءِ آهن. جيئڻ آئون هڪڙي همراهہ کي سڃاڻان ان سان ملبو تہ لڳندو توهان صرف ڦقڙن سان ملي رهيا آهيو. ننڍپڻ ۾ هيءُ مائٽن کان لڪي سگريٽ پيئندو هو. هاڻي هيءُ پوليس وارن کان لڪي سگريٽ پيئندو آهي. هڪڙو سگريٽ آگرين ۾ ۽ ٻيو ڪن تي رکندو، جيڪو پنهنجي واري جو انتظار پيو ڪندو.... هميشہ مهانگي برانڊ واري پاڪيٽ ۾ سستا سگريٽ رکندو. سگريٽ جي پهرئين ڦوڪ کان کنگهڻ شروع ڪندو ۽ جنهن مهل سگريٽ جي ٽوٽي تائين پهچندو تہ ايترو کنگهي چڪو هوندو جو ان کان پوءِ پاسي ۾ ويٺل ماڻهن کي کنگهہ شروع ٿي ويندي. سگريٽ جي ڦوڪ پري وري سگريٽ جي منهن ۾ ڏسندو تہ سگريٽ جا تاثرات کهڙا آهن:......هن جا موالي دوست جنهن مهل اچي چرس جا سگريٽ پيئندا تہ خوش ائين ٿيندو ڄڻ سگريٽ ايجاد ئي هنن ڳنڍجي ڪيو هجي، ڊاڪٽر چيس، ”جيڪڏهن توهان سموڪنگ ختم نہ ڪئي تہ سموڪنگ توهان کي ختم ڪري ڇڏيندي....“ تہ يڪدم ڊاڪٽر کي

چيائين، ”سگريٽ نہ ڇڏيم، جيتوڻيڪ زال ڇڏي ڏنم!“ ڊاڪٽر پڇيس، ”ڇو ڇڏي؟“ چيائين، ”جنهن مهل آئون سگريٽ پيئندو هوس تہ هوءَ ماسڪ پائي هلندي هئي....!“

سگريَٽ جيڪي ماڻهو پيئندا آهن اهي سمجهندا آهن تہ سگريٽ اسان جي هٿ ۾ آهي، جيتوڻيڪ سگريٽ وري اهو سوچيندو آهي تہ، ”همراهہ منهنجي هٿ ۾ آهي!“ سگريٽ سيني کي پيئڻ گهرجي ڇو تہ جن کي اسين جهليندا‌سين؛ اهي کهڙو اسان جي پڌندا.... مون کي تہ سگريٽ جي پيڪيٽ تي لکيل اهو لطيفو وڻندو آهي تہ، ”خبردار.... سگريٽ نوشي رڳو صحت لاءِ مضر آهي.... صحت صحيح هجي تہ پلي پيئو.... پر ٻارن کان پري رکو جيسين وڏا ٿين!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# زلزلا

زلزلن جا ڪيترائي قسم آهن، جيڪو زلزلو سمنڊ جي اندر اچي ان کي سامونڊي زلزلو چئبو، جيڪو پنجن سالن ۾ ٻه دفعا اچي ان کي اليڪشن چئبو آهي، ۽ جيڪو زلزلو زندگيءَ ۾ هڪ دفعو اچي ان کي شادي چئبو آهي. خراب ۾ خراب زلزلو اهو هوندو آهي جنهن ۾ زمين هڪ جاءِ تي بيٺي هجي، رڳو ماڻهو لڏندا رهن. سنڌ ۾ ته ماڻهو پهرئين لڏندا آهن ۽ زمين پوءِ لڏندي آهي، جن ماڻهن جي پيرن هيٺان زمين ڪانهي.... اهي ته لُڏڻ کان ٻه پهرين اتي جي رئيس کان پڇندا ته، ”سائين زلزلو پيو اچي... هاڻي ٻڌايو ته لڏون يا نه لڏون؟“

هڪ شريف ۽ شادي شده ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ زلزلو رڳو هڪ دفعو ايندو آهي، جيڪي ماڻهو زلزلن ۾ اعتبار نٿا ڪن، اهي ٻه شاديون ڪندا آهن ۽ جيڪي پنهنجو پاڻ ۾ اعتبار نٿا ڪن اهي وري ٽي شاديون ڪندا آهن.

اسان وٽ ماڻهو زلزلن کان ايترو ڪونه ڏڄندا آهن، ڇو ته اسان جي سڄي تاريخ زلزلا ئي آهي، جيئن اسان جو هڪ دوست آهي، ڪٿي بلب ٽٽندو آهي ته سمجهندو اسيمبلي ٽٽي آهي. خود سندس ڪمري ۾ غلام اسحاق جي تصوير لڳل آهي. پڇيوسين، ”ڇا، هي توهان جو فيورٽ آهي؟“ چيائين ”ها، هن جي دور ۾ منهنجي ٽنگ ۽ اسيمبلي ٻه دفعا ٽُٽي هئي!“

جڏهن 2001ع ۾ سنڌ ۾ زلزلو آيو هو ته ماڻهن خوشيءَ ۾ مٺايون ورهايون هيون، ان ڪري نه، ته ماڻهو بچي ويا هئا، پر ان ڪري ته مس مسَ ڪو اصلي زلزلو آيو هو. هن دفعي واري

سونامي زلزلي وري سوچيو تہ، آئون سنڌ ۾ نہ بہ وڃان تہ بہ اتي جهڙو پهتل لڳندس، جيئن منهنجو هڪ دوست چوندو آهي تہ، ”آئون جيڪڏهن شادي نہ بہ ڪريان ها تہ بہ شادي شده لڳان ها، ان ڪري شادي ڪري ڇڏيم!“

سنڌي زلزلي جا وري ٻہ قسم آهن ۽ هر قسم جا وري چار قسم آهن، جنهن مان هر قسم جا ڏار ڏار ڇهہ قسم آهن ۽ ان مان وري هر قسم جا جدا جدا پنج پنج قسم آهن. ٻڌايو تہ ڪُل گهڻا قسم ٿيا؟ ائين سنڌ جي ماڻهن ڪي قِسم ڳڻائي ڳڻائي اهڙو ٿڪائي ڇڏيندا آهن، جو هڪ پاسي اهي قِسم پيا ڳڻيندا ۽ ٻئي پاسو زلزلو اچي ويندو آهي!

اسان وٽ سڀ کان ٿاپ-جو زلزلو جون جي مهيني ۾ ايندو آهي، جڏهن بجيٽ جا جهٽڪا محسوس ڪيا ويندا آهن. زلزلو ۽ بجيٽ هڪڙي مائيءَ جا ٻہ مڙس آهن. چو تہ زلزلي ۾ بہ اهو ئي ڪجهہ ٿئي ٿو، جيڪو بجيٽ ۾ ٿيندو آهي. هڪ خراب زلزلي کان پوءِ ماڻهو زمين ۾ هليا ويندا آهن ۽ هڪ خراب بجيٽ کان پوءِ زمين ماڻهن هيٺان هلي ويندي آهي.... بس ايترو فرق آهي تہ زلزلي کان پوءِ عمارتون بچائڻ جي ڪوشش ٿيندي آهي ۽ بجيٽ کان پوءِ وزارتون بچائڻ جي ڪوشش ٿيندي آهي. زلزلي ۾ ڪجهہ سيڪنڊ زمين لڏندي اهي ۽ بجيٽ ۾ وري سڄو سال پئي زمين لڏندي آهي.

زلزلي کان بچڻ لاءِ هڪڙي ماهر اهو رايو ڏنو آهي تہ جيئن ئي زلزلي جا جهٽڪا اچن تہ پلنگ هيٺان هليا وڃو، پلنگ نہ هجي تہ کٽ هيٺان هليا وڃو، کٽ نہ هجي تہ ميز هيٺان هليا وڃو ۽ ميز بہ نہ هجي تہ پوءِ ڪنهن جي بہ هيٺان هليا وڃو.... جيڪڏهن کٽن ۽ پلنگن هيٺان لڪڻ سان جان بچي سگهي ٿي تہ پوءِ سڀ کان

وڏو فائدو شادي شده مردن کي پهچندو، جو ته اهو ڪم انهن کان وڌيڪ سٺو ٻيو ڪير به نٿو ڪري سگهي!

سونامي جي زلزلي جو سبب انساني عمل ٻڌايا پيا وڃن. هڪڙي ايڪانامڪس جي ايڪانامي ڪلاس جي پروفيسر ڏڪو هٽندي چيو ته، ”ايشيا ۾ پيٽرول نه چڙهي ها ته سمنڊ به نه چڙهي ها“ وري هڪڙي جيالاجيءَ جي پروفيسر ڄامشوري جو هڪڙو پٿر پنهنجي مٿي ۾ هٽندي چيو ته، ”ڏسو ... هي اهو پٿر آهي جيڪو ڄامشوري جي هڪ پروفيسر جي دل مان نڪتو آهي، جيڪو مارڪون ڏيڻ ۾ ڪنجوسي ڪندو هو. هيءُ پٿر ۽ پروفيسر ٻئي پنج هزار سال پراڻا آهن. هيءُ پٿر 1971ع واري زلزلي کان پوءِ هن پروفيسر جي وات ۾ هليو ويو هو، جيڪو هاڻي نڪتو آهي!“ مٿيءَ جي هڪڙي ڊاڪٽر مٽي سوپاري ڪائيندي ٻڌايو ته، ”جيڪڏهن اسان جي شهر ۾ زلزلو اچي ها ته سرڪاري اسپتال ۾ ايترا ايمرجنسي بسترا ئي ڪونه آهن، جيڪڏهن مريضن کي بسترا ڏنا به وڃن ته پوءِ نرسون ڪٿي سمهنديون؟“

ايشيا جي هن خطرناڪ زلزلي کان پوءِ پاڪستان ۾ جيڪي پراڻيون عمارتون آهن، انهن کي ڍهرائڻ جي باري ۾ سوچيو پيو وڃي. انهيءَ ڊپ ۾ نجم ڪاوش ۽ ممتاز ڪنول ته گهراڻ ئي ڪونه ٿيون نڪرن. مسرت شاهين ته انڊر گرائونڊ هلي ويئي آهي، جتي انڊر وارن هن کي چيو ته، ”تون هتي جو آئي آهين؟ هتي هاڻي تنهنجو ڪو به گرائونڊ ڪونهي!“ انهيءَ ڏينهن ريما ته تڪڙو تڪڙو ميڪپ روم ۾ وڃي چيو هو ته، منهنجو جلد ميڪپ ڪريو، جو ته اڳئين سال به زلزلي جي جهٽڪي ۾ منهنجو ميڪپ لهي ويو هو ۽ مونکي ڏسي ٻن ڪئميرامينن جا هانءَ ڦاٽي پيا هئا! پراڻين عمارتن کي ڍهرائڻ واري اعلان کان پوءِ اسان جا ڪجهه جهونا سياستدان به

ٽينشن ۾ آهن ۽ هاٽي هو دڪانن تان رڳو وار- ڪارا ڪرڻ وارا ٽيوب پيا گهُرن...!

جنهن حيدرآبادي پراڻي فليٽ ۾ آئون رهان ٿو، ان جون پٽيون ٻه اهڙيون آهن، جو ڪير جيڪڏهن اتي ٻيهي رڙ ڪري ته، ”زلزلو پيو اچي....“ ته پٽيون ڏڪڻ لڳنديون. ان ڏينهن ٽي وي ٽي زلزلي جي رڳو خبر ئي مس آئي ته ڊپ ۾ ڪمري جي دري بند ٿي ويئي. جيئن اسان جي هڪڙي رشتيدار قاسم آباد ۾ فليٽ ورتو. پڇيوسين، ”ڪيئن آهي؟“ چيائين ”سنو فليٽ آهي، رڳو ڪنگهندو آئون آهيان ته دروازو باٿ روم جو ڪلي ويندو آهي... بس، پر واري فليٽ وارا جيڪڏهن فرج وڪٽي ڇڏين ته پوءِ فليٽ بهترين ٿي ويندو!“ پڇيومانس، ”اهو وري ڪيئن؟“ ته چيائين، ”ادا.... هُو فرج جو دروازو اهڙو ته زور سان ٺا بند ڪن جو هر دفعي منهنجو بيڊ لُڏڻ لڳندو آهي!“

راني مکرجيءَ ته انڊيا جي متاثرين لاءِ چيڪ ٻه من موهن سنگهه کي ڏنو آهي ۽ من موهن سنگهه ويچاري راني مکرجيءَ کان چيڪ ائين مسڪرائي پئي ورتو، ڄڻ نڪاح جا ڪاغذ پئي ورتائين. اسان واري ريما ٻه چيو آهي ته آئون انڊونيشيا جو دورو ڪنديس، اهو دورو جيڪڏهن زلزلي کان اڳ ڪري ها ته فائدو ٿئي ها، ڇو ته زلزلن کي رڳو زلزلا ئي روڪي سگهن ٿا. جيئن هڪڙي صحافيءَ چيو ته، ”ڪراچيءَ ۾ زلزلو رڳو انڪري ڪونه آيو جو ان ڏينهن اتي ايم ايم اي وارن جو جلسو هو.....!“

زلزلن کان سڀ ماڻهو ڊڄندا آهن، جيڪي نه ڊڄندا آهن اهي غير شادي شده هوندا آهن. جيئن اتر سنڌ جا ماڻهو زلزلن کان وڌيڪ ڏاڙيلن کان ڊڄندا آهن، هڪڙي ڏاڙيل ڪافي عمر گذارڻ کان پوءِ شادي ڪئي، پڇيائونس، ”توهان هينئر شادي ڇو ڪئي

آهي؟“ چيائين، ”توهان جي خوشيءَ لاءِ....“ پڇيائونس، ”اسان جي خوشيءَ جو توهان جي شاديءَ سان ڪهڙو تعلق آهي؟“ چيائين، ”توهان کي خوش ڏسڻ گهرجي ته هاڻي آئون به ڪنهن کان ڏڄندس!“

سريلنڪا جي ڪرڪيٽر اريندوا ڊيسلوا ته اداڪارا پونم کي چيو آهي، ته ”منهنجو مُنهن ڏسي ته ڪير اوڏر به ڪونه ٿو ڏي.... سو مهرباني ڪري تون امداد گڏ ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ڪر....“ اسان وارن ڪرڪيٽر سان وري آسٽريليا اهڙي حالت ڪئي آهي، جو هاڻي هو جهاز مان لهندا ته جهڙا زلزلي جا ستايل هوندا..... نه هنن کي داد ملندو ۽ نه امداد ملندي.... انڊيا ۾ تازو زلزلي واري ڏينهن هڪ پار جائو ۽ مائٽن ان جو نالو ”زلزلو“ رکيو آهي، هاڻي اهو پار جڏهن وڏو ٿي شادي ڪندو ته نڪاح پڙهائيندڙ انهيءَ جي زال کان پڇندو ته، ”ڇا توکي زلزلو قبول آهي؟“

# فروٽ بازار

اهو ڏسڻ لاءِ تہ ٽماٽو فروٽ آهي يا ڀاڄي... ڪنهن چيو، ”توهان ڪنهن جي مُنهن ۾ اڇلي هٽو تہ فروٽ آهي ۽ توهان جي مُنهن ۾ ڪير اڇلي هٽي تہ ڀاڄي آهي!“ فروٽ ڇا آهي... جيئن اٺ نوَ پارٽيوُن ملي هڪڙو اتحاد ٺاهي ڇڏينديون آهن، ائين ئي توهان جيڪڏهن ڪيلا، انگور، زيتون ۽ صوف هڪڙي پليٽ ۾ رکو تہ اهڙي ڀريل پليٽ کي ڏسي هرڪو چوندو تہ، ”اهي سڀ هڪڙي ئي پليٽ فارم تي گڏ ٿيل آهن!“

هڪڙو دڪاندار مون ڏٺو، اهو تہ فروٽ وڪڻندو آهي ڇڻ ماڻهن تي ٺورو ڪندو آهي، پڇبو، ”انگور گهٽي پاءُ؟“ تہ ائين نهاريندو ڄڻ اسان انگورن جو رشتو گهريو هجي... هوڪو ڏيڻ مهل ايتري رڙ ڪندو جو بازار ۾ هلندڙ ماڻهن کي ڪنن تي هٿ رکي لنگهڻو پوندو آهي. وڏي شاهي آواز ۾ چوندو، ”گدرو“ تہ اڌ ڪان وڏيڪ ماڻهو ٻيهي رهندا تہ شايد اسان کي پيو سڏي.... هڪڙي دفعي تہ گدري کي وات جي اڳيان آڻي اهڙي رڙ ڪيائين جو گدري مان ٻج نڪري آيو.... ڇانهين يا هنداڻو وڪڻندو تہ ماڻهو هن کان فرمائش ڪندا آهن تہ، ”ادا.... ٿوري رڙ ڪريو تہ ڇانهين ٻہ اڌ ٿي وڃي!“ ماهر ايترو جو گدري تي آڱر سان ٺڪ ٺڪ ڪري ٻڌائيندو تہ اندران مٺو آهي يا نہ.... ڇانهينءَ کي ٻہ ٺوڪي ان کي ڪن تيٰ رکي ڇڏيندو ڄڻ ڇانهينءَ مان بي بي سي پيو ٻڌي..... هڪڙي دفعي هڪ ڇانهيءَ تي ٺڪ ٺڪ ڪيائين تہ اندران هڪ ڪارڊ نڪتو، تہ، ”ايترا ڏک نہ هڻ... آئون مٺي آهيان!“

ڪيلن وڪڻڻ وارن جو وري پنهنجو طريقو

آهي. ”ڪيلو“ ايتري جوش سان چوندا جو ماڻهو پنهنجو پاڻ کي ”اڪيلو“ سمجهڻ لڳندو.... چوندو، ”ڪائو ڪيلا..... نہ تہ ڪائيندئو ٿيلا“ جيئن اسان جي هڪ دوست دڪاندار کان پڇيو، ”ڪيلا منا آهن؟“ تہ دڪاندار چيس، ”نہ وٺن تہ ڪل ڪائي ڪيلو واپس ڪري وڃجو!“ ٻئي هڪڙي دڪاندار چيو، ”ڪيلو نہ وٽي تہ... ڪيلو اڇلي ڇڏجو!“ پڇوسين، ”پوءِ پئسا واپس ڪيئن ڪندين؟“ تہ چيائين، ”جيڪو ڪيلو اڇليو.... ان جي ڪل ڏيکاري، پئسا وٺي وڃجو!“

ڪيلو هونءَ بہ پولڙن جو پسنديدا ميوو آهي. جيئن هڪ دوست چيو، ”ڪيلو ڪائيندو آهيان تہ دل چوندي آهي. تہ پنکي ۾ الٽو لٽڪي پوان... ۽ ٻارن کي قاسائي قاسائي جُوئون ڪڍان....!“ ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪيلا هڏن جا ڊاڪٽر ڪائيندا آهن چو تہ هي واحد فروٽ آهي، جنهن جي ڪل تان ترڪي ماڻهو سڌو هڏن واري ڊاڪٽر وٽ پهچندا آهن... ان ڪري ڪيلن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ هڏن وارا ڊاڪٽر هميشہ اڳيان هوندا آهن.... خود پاڻ هڏن وارا ڊاڪٽر بہ ڪيلو ڪائي ان جي ڪل سدائين رستي تي ڇڏيندا.... هڪ هڏن واري ڊاڪٽر تہ ان ڪم لاءِ هڪڙو ملازم رکيو آهي جيڪو ڪيلن جون ڪلون گڏ ڪري شهر جي مختلف روڊن ۽ رستن تي اڇليندو ويندو آهي ۽ اڇليندو بہ اهڙن هنڌن تي جتان رڳو پوڙها پوڙها لنگهندا آهن!

انسان ۽ جانور ۾ بہ اهو ئي فرق آهي تہ انسان فروٽ پنهنجي پئسن سان خريد ڪندو آهي. ڪجهہ ماڻهو فروٽ وٺڻ ويندا تہ هڪ هڪ ميوي جو اگهہ پڇندا.... ۽ آخر ۾ پٽاٽا وٺي واپس گهر موٽي ايندا.... فروٽ جو اگهہ بلڊ پريشر وڌائي ٿو ان ڪري غريب ماڻهو تہ صوفن کي ڏسندا، ان کان پوءِ آسمان کي ڏسندا ۽ ان کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ گهر هليا ويندا...!

اسان جو هڪ دوست تہ انب وٺڻ ويندو تہ پهرئين پنج منٽ انبن کي غور سان ڏسندو ڇڻ انبن جو انٽرويو وَٺڻ آيو هجي! ان کان پوءِ هڪڙو هڪڙو انب هٿ ۾ کڻي جانچيندو ڇڻ انهن کان پڇندو هجي تہ، ”توهان مون سان گڏ هلڻ پسند ڪندئو؟“ ائين ئي اسان جو هڪ ٻيو دوست تہ انبن کي ايتري پيار سان کڻندو جو ايترو تہ پنهنجن ٻارن کي بہ ڪونہ کڻندو آهي. اڌ ڪلو انبن تي اڌ ڪلاڪ وڃائيندو.... هڪڙي ڏينهن تہ دڪاندار بہ چئي ڏنس تہ، ”سائين.... توهان انب کائيندئو يا نپائيندئو؟ پپيتي کي ڏسندو تہ يڪدم نوڙهہ ڪنهڻ لڳندو ڇڻ پپيتو خريد ڪرڻ لاءِ نوڙهہ کان اجازت وٺي رهيو هجي.... نارنگيءَ کي هٿ ۾ کڻي ائين ڏسندو جيئن ٻار گهنٽيءَ جو بلب پچڻ لاءِ پٽر هٿ ۾ کڻندا آهن.... چَڪُن جو تہ اگهہ پڇي کيسي ۾ هٿ وجهندو تہ هٿ ٻاهر ئي ڪونہ ڪڍندو. هڪڙي دڪاندار تہ سندس هٿ کيسي ۾ ڏسندي چيو، ”سائين.... توهان جيسين سوچيندئو، تيسين چَڪُن جي موسم هلي ويندي!“ هڪڙي ڏينهن دڪاندار کي چيائين، ”هيءُ صوف اڌ سڙيو پيو آهي!“ تہ دڪاندار چيس، ”سائين.... اهو بہ ڏسو... تہ باقي اڌ صحيح آهي!“

چانهين يا هنداڻو مون کي ميوو گهٽ ۽ جانور وڌيڪ لڳندو آهي..... جو جيڪڏهن ٻن کان وڌيڪ وٺڻا پيا تہ انهن کي گهر کڻي وڃڻ لاءِ بہ هڪ مزدور ڪرائڻو پوندو.... چانهين تہ اهو ميوو آهي جيڪو ڪائي بہ سگهجي ٿو تہ اِن سان ڪنهن کي ڊيڄاري بہ سگهجي ٿو.... توهان ڪڏهن بہ ڪنهن پيٽ نڪتل ٿلهي جي هٿ ۾ چانهين تمام گهٽ ڏٺي هوندي.... رڳو انهيءَ ڊپ کان تہ ماڻهن کي ائين محسوس نہ ٿئي تہ هڪڙي چانهين شاپنگ بيگ ۾ ۽ هڪڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چانهين قميص ۾ لڪائي اٿس.

گدرو تہ وري اهو فروٽ آهي جو هڪڙي هٿ ۾ جيڪڏهن ٻہ گدرا ڪٽنداءُ تہ ماٺهو بار بار اُهو پڇندا تہ، ”چا.... توهان سرڪس ۾ ڪم ڪندا آهيو؟“ اسان جي هڪ دوست ڪي اسان ڏنو تہ ان جي هڪڙي هٿ ۾ ڇهہ گدرا هئا.... پر ڇهہ ئي گدرا شاپنگ بيگ ۾ پيل هئا...

ائين ئي مون هڪڙي صوفن جي دڪان تي اهو لکيل ڏٺو تہ، ”روزانو هڪڙو صوف توهان کي ڊاڪٽر کان پري رکي ٿو.... پر جيڪڏهن توهان وٽ هڪ ڪان وڌيڪ صوف آهن تہ اهي ڊاڪٽر کان ٻہ پري رکو!“ جيئن مون پنهنجي ننڍڙي کان پڇيو تہ، ”A فار ڇا ٿيندو آهي؟“ تہ چيائين ”پائين ايپل“ وري هڪڙو حساب پڇيومانس تہ، ”تو وٽ 15 گدرا هجن، 20 صوف هجن، 30 چڪُون هجن ۽ 25 نارنگيون هجن تہ ڪُل ڇا ٿيندو؟“ تہ چيائين ”فروٽ جو گاڏو!“ اهو ٻڌي مون ٺهڪ ڏنو تہ يڪدم پڇيائين، ”بابا.... انب جي وڻ ۾ ڪهڙو ميوو ٿيندو آهي؟“

پپيتو اڪثر عورتن کي ڪونہ وڻندو آهي، جن عورتن جا مڙس نوڙها آهن، انهن کي پپيتو ڪائڻ گهرجي، ائين هنن کي پيٽو ثواب ملندو. پپيتو بدهضميءَ کي ختم ڪري ٿو ۽ هاضمو خراب سدائين مردن جو هوندو آهي، عورتن جو هاضمو تہ هتي هُتي جون ڳالهيون ڪرڻ سان ٺي ويندو آهي. انڪري عورتون پپيتن جي ويجهو نہ وينديون آهن.... پپيتن جهڙا مڙس هنن جي مٽي ۾ اُچي لڳندا آهن.

هڪ شاعر پنهنجي دوست کي نظم ٻڌايو تہ، هن جون اکيون انگور آهن، هن جا ڳل صوف جهڙا، هن جي چمڙيءَ ۾ زيتون جو عڪس ۽ هن جي چپن ۾ چڻ انار لڪل آهن.....“ تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوست چيس، ”اهو تو نثري نظم لکيو آهي يا فروٽ چاٽ ٺاهيو آهي؟“

سٺو فروٽ تہ اهو هوندو آهي، جيڪو ڪنهن دعوت ۾ کائبو آهي ۽ مهانگو فروٽ اهو هوندو آهي، جيڪو مهمانن کي کارائبو آهي. اسان هڪ فروٽ واري کي سجاڻون، اهو گراهڪ کي فروٽ ائين ڏيندو آهي، ڄڻ ايوارڊ ڏيئي رهيو هجي. ”هي وٺو هڪ ڪلو صوف..... تاڙيون!“ ڳالهائڻ جو ايترو هوشيار جو ڪير هن وٽ نارنگيون وٺڻ ويندو تہ نارنگين جون بہ ايتريون خصوصيتون ٻڌائيندو جو دل چوندي تہ نارنگيءَ سان شادي ڪري ڇڏجي.... هڪ دفعي چيومانس، ”هي ڪيلو تہ سُڪو پيو آهي! چيائين، .سائين... هن ڪيلي جي ڪل توهان رستي تي اڇليو، هن تان ڪير بہ ڪونہ ترڪندو... گارنٽي!“ وري هڪ دفعي چيومانس ”اڄ ڪهڙا صوف ٿو ڏين؟“ تہ چيائين، ”سائين.... هي صوف ڪٽي وجو.... هي ان صوف جي نسل مان آهن جيڪو صوف نيوٽن جي مٿي تي ڪريو هو!“

# هڪ شاعر جو پروفائيل

سنڌ ڌرتيءَ جتي انيڪ گند شاعرن جو پيدا ڪيو آهي انهن منحوس ٻوٽن مان هڪڙو نہ وٽندڙ ٻوٽ ”ڏجڻو هالائي“ بہ آهي. فجر جو ڪڪڙ جي ٻانگ کان پهرئين پيدا ٿيو ۽ ائين پيدا ٿيو جو مهيني تائين تہ سڄي پاڙي کي بہ اعتبار نہ آيو. بسين ۾ لکيل نصيحتون پڙهي پڙهي، جهڙوڪ: ”صفائيءَ جو خيال رکو“، مسافر پنهنجي سامان جو خود ذميوار آهي“ جهڙا تاريخي جملا پڙهي پڙهي هن شاعريءَ جي ڊڪيل ميدان ۾ پنهنجو اُگهاڙو پير رکيوَ. شهر جي ديوارن تي سياسي نعرن کي شاعريءَ جو رنگ بہ هن ڏنو بلڪ هي ٻاڻ زنگ جو دٻو ڪٽي پتين تي پنهنجا نہ ڍهيٰ سگهندڙ نثري نظم لکي ڇڏيندو هو، جيئن، ”نہ ڪپي، نہ ڪپي... ڪجهہ بہ نہ ڪپي!“ ۽ ”هلو هلو.... ماٺ ڪري گهر هلو!“ جهڙا آفاقي نثري نظم تخليق ڪري ذري گهٽ هر آفاق جي پاڙي ۾ ترٿلو مچائي ڇڏيائين.

هن پنهنجي شاعريءَ جو آغاز جيل کان ڪيو... جڏهن هن چرس پيئڻ جي مقابلي ۾ حصو ورتو هو... پڇيائونس، ”جناب... توهان جهڙي شاعر چرس کي هٿ چو لاتو؟“ تہ چيائين ”نہ... چرس مون ۾ هٿ وڌا...!“ سيني کي ٻڌائيندو، ”جيڪا سني شاعري جيل ۾ ٿئي ٿي... اها ٻئي هنڌ ڪٿي نٿي ٿئي!“ پڇيائونس، ”چو؟“ تہ چيائين، ”چو تہ جيل ۾ زالون گڏ نہ هونديون آهن!“ تنهنڪري هو هر آچر تي جيل ويندو آهي ۽ پوليس وارن کي منٿون ڪندو آهي تہ ٻہ ٽي ڪلاڪ لاڪپ ۾ بند ڪريو تہ غزل ٺاهي وٺان... هڪڙي دفعي تہ هڪ صوبيدار کان روزانو ڪلاڪ جي حساب سان جيل نيڪي ۾ ورتائين. اتي وري پوليس وارن کِي سڏ ڪري غزل ٻڌائيندو. انهن کي چوندو، ”يا مون کي گهر ڇڏي اچو يا منهنجو

غزل ٻڌو!“ ۽ پوليس وارا گهر ڇڏي ايندا هئس.

پاڻ ڪئسيٽي شاعر آهي. ان ڪري سندس شاعريءَ جا ٻه رخ آهن، هڪڙو side ”A“ ۽ ٻيو side ”B“. اجا تائين پاڻ کي نوجوان شاعر سڏائيندو آهي ان ڪري پنهنجن پُٽن جي پير ۾ ويهندو ته ٻه لڳندو ڇڻ سيئي ياٿر وينا آهن. مڇن تي ڪارو ڪيس ڪري آرسيءَ ۾ ائين ڏسندو ڇڻ ڪارو ڪاريءَ جو ڪيس ڪيو اٿس.

مڇون وري ايتريون سنهيون جو ڪينچي ڪٽي پاڻ ئي ٻيهي رهندو ڇڻ نڪ جي هيٺان ڪالا باغ ڊيم جي تعمير پيو ڪري... ڏکيا غزل ڪونه چوندو. غزل بس ايترا چوندو جو اجا ماڻهو ٻڌڻ جي لاءِ ڏيان ئي مَسَ ڏيندو تيسين غزل پورو ٿي چڪو هوندو. تيڙوُ ايترا فاسٽ چوندو جو پڇبس ته، ”سائين... تيڙو شروع ڪريو!“ ته چوندو، ”اجا... هاڻي ته ٻڌائي پورو ڪيم!“ ننڍپڻ ۾ جيستائين پنڌ نه ڪيائين تيسين اسڪول نه ويو ۽ جيسين اسڪول وڃڻ شروع ڪيائين تيسين هڪڙو شعر ٻه نه لکيائين. ماستر چوندس، ”هوم ورڪ ڇو نه ڪيو اٿئي؟“ ته چوندو، ”سائين... آئون هوم ۾ نه... اوطاق ۾ سمهندو آهيان!“

جيڪو ماڻهو ڪجهه ٻه نه ڄاڻندي اها دعوا ڪري ته هو سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو، ان کي سنڌي دانشور چئبو آهي ۽ جيڪو ماڻهو ڪجهه نه ڄاڻندي اها دعوا ڪري ته منهنجي سامهون وارو همراهه ڪجهه نٿو ڄاڻي ته ان کي وري سنڌي شاعر چئبو آهي. ڊڄٽي هالائيءَ کان پڇيوسين، ”توهان جو اصل نالو ڇا آهي؟“ ته چيائين، ”اصل رڳو گيهه ٿيندو آهي... نالو صرف نالوُ ٿيندو آهي!“

جتي ٻه نئين ٿهيءَ جي فضول شاعريءَ جو برو ذڪر ٿيندو اتي ڊڄٽو هالائي سيني کان نڪو اڳيان هوندو، نڪو پٺيان هوندو... وچ ۾ هوندو. پهرئين هن پنهنجو تخلص ”درد“ رکيو پر ڪنهن نجوميءَ هن کي ٻڌايو ته، ”جيڪڏهن تو پنهنجو تخلص ”درد“ لکيو ته پيراسيٽامول گورين جو قحط اچي ويندو!“ پوءِ

وري ”زخمي“ سڏائڻ لڳو... پر ان ئي ڏينهن هڪ گڏهہ گاڏيءَ جي ٽڪر سان زخمي ٿي پيو. ان کان پوءِ وري ”اجنبي“ سڏائڻ لڳو.. تہ ان ئي رات جو جڏهن گهر موٽيو تہ زالِ سڃاڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيس. دروازي تي گهنٽي هڻي چيائين، ”اجنبي آهيان! تہ اندران ئي زال رڙ ڪندي چيو، ”اسين اجنبين کي گهر ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏيندا آهيون!“

هن جي شاعريءَ ۾ سنڌ جو ايترو درد آهي جو شاعري پڙهندي سَنڌن جو درد ٿيو پوي. هڪڙي دفعي ٽي ويءَ ۾ اشتهار ٻڌائين تہ، ”سُنڌي ڪريو تباهہ...“ هن سمجهيو چون ٿا، ”سنڌي ڪريو تباهہ...“ ايترو ڪاوڙيو جو سڄي رات پنجاهہ ٽيڙو ۽ پاويهہ ڪن غزل لکندو رهيو... ۽ سندس ٻار وري هن کي مسلسل لکندو ڏسي ماءُ کان پڇندا رهيا تہ، ”امان... ڇا بابو وصيعت پيو لکي؟“ ماءُ بہ هنن کي چيو تہ، ”ٻارو... ڪڏهن توهان جي پيءُ ۾ هڪ اهڙو پوت اڇي پوندو آهي جو انهيءَ پوت ۾ بہ هڪ ننڍڙو پوت پيپل هوندو آهي!“

ٻچڙو هالائي سرڪاري ملازم هو پر سڄي زندگي نوڪري ائين ڪيائين ڄڻ سرڪار هن جي ملازم هجي...

نوي واري سال ۾ هن صرف نوي غزل لکيا. 2000ع ۾ چيائين تہ، ”آئون بہ هزار غزل لکندس!“ پر انهن ڏينهن ۾ هن کي سائيڪل تي سفر دوران ڏاڙيل ڪٽي ويا ۽ جيڪي پوءِ صرف ڏهن ڪلاڪن کان پوءِ ڪيس واپس اچلي ويا. صحافين هن کان پڇيو تہ، ”ڏاڙيلن وٽ توهان ڇا ڪيو؟“ تہ چيائين، ”انهن کي مون ايترا تہ آزاد نظم ٻڌايا جو نيٺ مون کي آزاد ڪري ڇڏيائون!“

عورتن جي حقن لاءِ ايترو ڳالهائيندو جو چوندو، ”خانداني منصوبابندي“ جي وزارت ختم ٿيڻ گهرجي... آمريڪا جي ايترو خلاف جو وڏي واقع چوندو، ”جن گهرن ۾ آمريڪن ڪچن آهن، انهن کي جلايو وڃي!“ ياداشت ايتري جو جيڪو غزل هن نہ

ٺاهيو هوندو اهو به پنهنجو ڪري ٻڌائيندو.... ۽ تجربو ايترو جو هڪ ڏينهن ۾ ڏهن. ڏهن صفحن. تي مشتمل ڏهه غزل ائين ٺاهي ڏيکاريندو جيئن بيڙين جي ڪارخاني تي ڪاريگر بيڙيون ٺاهيندا آهن. پڇيائونس، ”چا... توهان ڪڏهن افيئر ڪيو؟“ ته، چيائين، ”ها... مون فارين افيئرس ۾ به سال نوڪري ڪئي. آهي!“ پڇڻ واري به زور ڏيئي پڇيس ته، ”سائين... فارين افيئر چا ٿيندو آهي؟“ ته چيائين، ”اهو افيئر جيڪو فارين ۾ وڃي هلائجي!“

نوجوان شاعرن ۾ نوجوان شاعرائون پسند ڪندو. هوٽل تي به ويندو ته بيري کي چوندو، ڪڙهائي آٽي ڏي... پر مرغو نه مرغيءَ جي هجي!“ ٽِڪو گهرائيندو ته چوندو، ”سيني وارو هجي!“ هونءَ به مرغيءَ ۽ شاعر ۾ اها ڳالهه ساڳي آهي ته ٻنهي جو تعداد ملڪ ۾ تمام گهٽجو آهي. پنهنجا غزل سدائين مشهور ڳلوڪار ”مئترڪ فيل گنجراٽي“ کي ڳائڻ لاءِ ڏيندو. ان جي باري ۾ چوندو ته، ”مئترڪ فيل اڪيلو ڳائيندو آهي ته به لڳندو ڏهه پندرهن ماڻهو ڳائي رهيا آهن. جنهنڪري ٻين ڳلوڪارن جو خرچ بچيو پوي...!“

سندس شاعريءَ ۾ عشق جو گهٽ ۽ عشق ۾ ڪاڏل موچڙن جو پرجوش انداز ۾ ذڪر آهي. مشاعرن ۾ جڏهن به ويو، گهر جو فروٽ ۽ ڀاڄيون ساڻ ڪٽي موٽندو هو. هن جا چئوسٽا سچي سنڌ ۾ ”چور سٽا“ ڪري پڙهيا ويندا آهن جو اردوءَ جي وڏن وڏن شاعرن جون محنتون ان ۾ شامل آهن. هن ڪاپيءَ ۾ وڏو نالو ڪمايو بلڪ نالو ڪمائڻ لاءِ ذري گهٽ دڪان تي ڪوليائين. روزانا ”پٽاڪون“ اخبار ته بند ٿي هن جي ”چوسٽن“ ڪري ٿي. ان ڪان پوءِ روزانو ”سمهو“ اخبار لاءِ ”اٺ سٽا“ لکندو هو جنهن کي اخبار وارا ”اٺ سٽا“ ڪري ڇاپيندا هئا. ان ڪان پوءِ هن شاعريءَ ۾ ايتري ترقي ڪئي جو هن هڪ ”سئو سٽو“ ٺاهي هڪ مشاعري ۾ پڙهيو. هن کي سنڌي شاعريءَ ۾ ”سئو سٽو“ ٺاهڻ جو موجد به چيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو آهي ۽ هيءُ پنهنجي ان اعزاز تي خوش ائين ٿيندو آهي ڄڻ هن موهن جو دڙو ڳوليو هجي!

پاڻ شاعريءَ ۾ ٻولي ايتري سادي استعمال ڪندو جو زال ٻه سادي ڳوليائين... ايترو جو اِها صرف ٻُڌي سگهي... شهر جي هڪ سَوُ گونگين ڪان انٽرويو ڪري هڪڙي جيڪا سڀني ڪان وڌيڪ گونگِي هئي، ان سان نڪاح ڪيائين... ۽ ان تي هڪ نظم به لکيائين، ”نيٺ گونگيءَ ڳالهايو!“ اهو ئي سندس عظيم ڪارنامو هو جنهن لاءِ نشانِ شجاعت وٺڻ لاءِ چوڏري شجاعت سان رابطو ڪيائين، جنهن وري هن سان رابطو ئي نہ ڪيو... گونگي زال جي باري ۾ هڪ انٽرويو ۾ چيائين تہ، ”عظيم“ شاعر ٿيڻ جي لاءِ يا تہ توهان جي زال شاعرا هجي يا اها گونگي هجي!“

هيءُ فقيرن ۾ ڏاڍو مقبول رهيو. پنڻ جي باري ۾ ايترا غزل لکيا اٿس جو بس استاپن جا فقير تہ هن ڪان آرڊر تي شعر لکرائيندا هئا. سندس مشهور نثري نظم ”ذهن جي بورچيخاني ۾ سوچ جو پلو“ ۽ ”بدهضميءَ جي ڏينهنِ ۾ عشق“ کي ”سنڌي ڳوليءَ جي بي اختيار اداري“ طرفان انعام ۾ پستول بہ ڏنو ويو جيڪو هن ڪان هڪڙي ڏينهن ٽيڙو لکندي هلي ويو... پر هيءُ بچي ويو ڇو تہ پستول خالي هو. ڪنهن چيو، ”هيءُ ٺهڪ ورهائيندڙ شاعر آهي.“ تہ پئي چيس، ”چا، ٺهڪ ديگ ۾ رڌي ورهائيندو آهي؟“ هيءُ تہ اهڙو حسابي آهي جو ٺهڪ ورهائي بہ چوندو، ”هاٿي... بلُ هيترو ٿيو!“

ڊچٽو هالائي صاحب اسان جي مسڪين ادب جو نارٿ اسٽار آهي. ڪيس ادب پنيان اُس ۾ رلڻ ڪري ”اوسو“ تي پيو ۽ ان ۾ ئي وفات ڪيائين. ڪيس سنڌالاجي جي هڪ وڻ جي هيٺان دفنايو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ميزبان:** ناظرين..... اسان جي پراڊڪٽ بازار ۾ دستياب ناهي. اها اسان وٽ به دستياب ناهي..... بلڪ اها ڪٿي به دستياب ناهي.... هي ماڻهو پاڻ پنهنجن هٿن سان ”غريب ماڻهوءَ جي چٽني“ ٺاهيندا آهن.... توهان به پنهنجي هٿن سان يا ڪنهن ٻئي جي هٿن سان يا مرڪو ڪن ڳجهن هٿن کان، نهرائي ڪائي سگهو ٿا. اسين توهان کي پنهنجن مدهوشن ۽ بدحواسن سان هيءَ چٽني ٺاهڻ سيکاريون ٿا.... ته اچو ته شروع ڪريون.... سڀ کان پهرين توهان بورچيخاني ۾ وڃو.... ياد رهي ته اڄ ڪلهه ٺاٻڻ جو رواج ڪونهي.... ان ڪري توهان بورچيخاني ۾ وڃڻ کان نه ڊڄو.... توهان کي ڪير به بورچياڻي نه چوندو.... هونءَ به اڄ ڪلهه بورچيخانن جي سروي ڪنديئو ته توهان کي ڏهن مان اٺن بورچيخانن ۾ شادي شده مرد ملندا.... ته ناظرين.... اچو ته غريب ماڻهوءَ جي چٽني ٺاهڻ سکون.... سڀ کان پهرين هڪ غريب ماڻهو کڻو (هڪ پتاتو کٽي تي ۽ ڪئميرا کي ڏيکاري ٿي).... هي هڪ غريب ماڻهو آهي. پهرئين اچو ته هن جي کل لاهيون، ان لاءِ اسان کي هڪ وڏيري جي ضرورت پوندي.... (ڇري کٽي تي ۽ ڪئميرا کي ڏيکاري) ناظرين... هي هڪ ظالم تيز وڏيرو آهي. توهان هن جي مدد سان کل اهڙي نموني ۾ لاهيو جو غريب ماڻهو صاف چلجي وڃي. هاڻي وڏيرو واپس پليٽ ۾ رکو ۽ هن کي (بليندر کٽي) پوليس جي حوالي ڪريو. (پتاتي کي بليندر ۾ وجهي ٿي).... ناظرين..... غريب ماڻهوءَ جو صفا قيمو ڪرڻو آهي...... ان ڪري پوليس (بليندر) مان واپس پليٽ ۾ اچليو..... هاڻي توهان سوچيندا ته ”نيٽ ڇا ڪجي؟“ جي ها.... هاڻي توهان هيڏانهن هوڏانهن نهاريندئو ته توهان جي اک سڌي ديڳڙي (مهانگائيءَ) تي پوندي.”ديڳڙو دم تي.... سڄو شهر ٻَر تي..... “ناظرين جيستائين باهه ٻري تيستائين ٿورو بريڪ ٿا ونون.... ياد رهي ته هن بريڪ کي بريڪ ٽِڙو نه سمجهيو وڃي!

**ميزبان:** (بريڪ کان پوءِ) توهان پچندئو ته بريڪ ۾ اسان ڇا ڪيو... جي ها ناظرين.... دراصل ڪنهن جي خلاف باهه ٻارڻ سولي ڪانهي.... دنيا ۾ اڪثر هنڌن تي باهه ٻري پئي آهي ۽ ديڳڙا چڙهيا پيا آهن.... ته هن بريڪ ۾ اسان ٿوري ”بريڪ فاسٽ“ به ڪري ورتي، ڇو ته آئون صبح گهران فاسٽ آئي هيس ۽ سو به بغير بريڪ جي.... ته ناظرين .... باهه ٻري ويئي، هاڻي ان جي مٿان ديڳڙو رکو. ان ۾ غريب ماڻهوءَ کي وجهو.... توهان سوچيندا ته هاڻي ڇا ڪجي.... جي ها.... هاڻي توهان هڪ وڏو چمچو کڻو.... چمچي جي سائيز جي وضاحت ڪرڻ ضروري ناهي ڇو ته سنڌ اسان جو پيارو صوبو آهي ۽ هتي هر سائيز جا چمچا دستياب آهن، رڳو اها حالت نوٽ ڪندا ته چمچو جيڪڏهن سرڪاري هوندو ته غريب ماڻهوءَ جي چٽڻي مزيدار ٿيندي.... ته ناظرين..... چمچو هٿ ۾ کڻي ديڳڙيءَ ۾ تمام ٿورو پاڻي وجهو، ڇو ته غريب ماڻهوءَ سان گڏ پاڻيءَ جي کوٽ ضروري آهي.... ديڳڙيءَ ۾ پيل غريب ماڻهوءَ کي پاڻيءَ جا صرف ٻه ٽي ڦڙا ڏيو ته جيئن چٽڻي ذائقيدار ٿي سگهي.... ان کان پوءِ مٿان چمچو هلايو ۽ ايستائين هلائيندا رهو، جيستائين گورنمينٽ تبديل ٿي وڃي.... معاف ڪجو.... منهنجو مطلب آهي، جيستائين رنگ تبديل ٿي وڃي. هاڻي ڪجهه مصالحا داخل ڪريو.... هڪ عدد بجليءَ جو بل ڪٽي ديڳڙيءَ ۾ وجهو .... اٽي جو اگهه داخل ڪريو، دوائن جو بل وجهو، مٿان خوشبوءِ لاءِ ٻه ٽي ڊاڙيل وجهي ڇڏيو ۽ آخر ۾ پنهنجن جو لوڻ ٻُرڪيو ۽ چگيءَ طرح چمچي جو استعمال ڪريو.... ناظرين غريب ماڻهوءَ جي چٽڻي تيار ٿي چڪي آهي.... هن کي ڪنهن برٽيءَ ۾ وجهي رکو ۽ روزانو رشوت کائڻ کان پوءِ به چمچا چٽڻيءَ جا کائو.... توهان جو ڪيسو گرم ۽ ضمير ٿڌو ٿي ويندو.... اينڊڙ پروگرام جو انتظار نه ڪندا... سورس ۽ سفارش لڳائڻ لاءِ اسان جو فون نمبر آهي 000000، ته اجازت ڏيندا.... خدا ٿي توهان جي حفاظت ڪندو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هڪ اداڪارا جو پروفائيل

جنهن گهراڻي سان هن جو تعلق آهي اتي ڪجهه به چٽڪ نه ڪيو ويندو آهي. اتي رڳو چٽڪ ڏنو ويندو آهي ۽ چٽڪ ورتو ويندو آهي.... فلم انڊسٽريءَ ۾ وڃي ته فلم کي گهٽ ۽ انڊسٽريءَ کي وڌيڪ ترجيح ڏنائين. هيءَ ننڍپڻ کان ئي ننڍي آهي. عمر جي باري ۾ ايتري پُراعتماد جو سال پڇبس ته تاريخ ٻڌائيندي ۽ تاريخ پڇبس ته چوندي، ”امان ڪان ننڍي آهيان!“ فلم ۾ ڪم ڪندي ته پهرئين ان جو پلاٽ ڏسندي، ڪنهن سان دوستي ڪندي ته به پهرئين ان جا پلاٽ ڏسندي، جن کان ادائون سکيائين انهن کي ”ادا“ ڪري پڪاريندي هئي جيڪي پوءِ سڄي زندگي شڪايتون ڪندا رهيا ته، ”هم جو باريڪ بانهون مين ماري گئي!“

جنهن سان به ڳالهائيندي ميڪپ کان سواءِ ڪانه ڳالهائيندي. لاهور ۾ وڏي ٿي ننڍي ٿي آهي. فلمون انگريزي وٽنديون اٿس. پنجابي سني ڳالهائيندي آهي. اردو به پنجابيءَ ۾ ڳالهائيندي آهي. طبلي تي اهڙو رقص ڪندي جو لڳندو ڇڻ طبلو خود پيو رقص ڪري.... هاڻي ته وزن ايترو ٿي ويو آهيس جو هوميوپيٿڪ جا ٻه ٽي وزن ڪائيندي آهي ته به وزن نٿو گهٽ ٿئيس. ليما گهٽا ڪائيندي آهي..... ان ڪري نالو ”ليما“ پيس..... ڪنهن پڇيس، ”ڇا دوائن سان وزن گهٽ ٿيو؟“ ته چيائين، ”نه.... دوائن سان منهنجو ته نه.... باقي ڪيسي جو وزن گهٽ ٿي ويو!“

لباس اهڙو پائيندي جو لڳندو هيءَ لباس جي اجا به ٻاهران آهي. سندس هر وڳو جتان شروع ٿيندو اتي ختم ڪونه ٿيندو ۽ جتي ختم ٿيندو اتي لڳندو ته شڪر جو ڪجهه حصو رهجي ويو. ايترا سوڙها ڪپڙا پائيندي جو جيڪو هن کي ڏسندو ان جو رستو

سوڙهو ٿي ويندو. ميڪپ ڪندي ته لڳندو ميڪپ هن کي ڏکيو آهي يا هن ميڪپ کان پاڻ ڏڪرايو آهي. لپ اسٽڪ هٽندي ته چپن کان ٻاهر نڪتل هوندس ۽ ماڻهو پيو سوچيندو ته هن لپ اسٽڪ لڳائي آهي يا هيءُ لپ اسٽڪ سان لڳي آهي!

هن جا ڪيترائي پرستار آهن. اسان جو دوست سَتار به هن جو پرستار آهي. ٽي ويءُ تي به ڪم ڪندي آهي پر لڳندو ته ٽي وي هن وٽ ڪم ڪندي آهي. جنهن به فلم ۾ هيروئن هوندي هيرو هميشه نڪ جو پسند ڪندي.... اسان جا ڪجھ دوست ته هن کي ”هيروئن شيما“ چوندا آهن. هيروشيما تي ته ائٽم بم ڪريو هو پر هيءُ هيروئن شيما اهڙي آهي جو ٻين تي ائٽم بم ڪيرائيندي آهي.

مڙس آڱرين تي ڳڻڻ کان وڌيڪ ڪري چڪي آهي. شايد اهو ئي سبب آهي جو مردن کي آڱرين تي نچائڻ هن کي خوب اچي ٿو. هر مڙس لاءِ ”سابق مڙس“ ائين چوندي جڻ ”سابق وزير“ چوندي هجي. شادي جنهن سان به ڪندي ان کي پهرئين ٻڌائيندي ته، ”مون کي ٽي پُٽ آهن. پهريون تڏهن ڄائو جڏهن اجا پيو ڪونه ڄائو هو ۽ ٻيون تڏهن ڄائو جڏهن ٻيون جمي چڪو هو!“ هن جا پٽ وري ايترا جوان جو هن سان ملندا ته ڄڻ ڀيڻ سان ملي رهيا آهن. هڪ ڏينهن ته هڪ پوڙهيءَ چيس ”ڏيءَ..... هاڻي ڪٽي اليڪشن ۾ بيهه... جو ته رڳو تنهنجا مڙس توکي ووٽ ڏين ته به کٽي ويندينءَ!“

شادي هميشه شادي شده سان ڪندي.... يا ايترن ٻارن واري سان ڪندي جيڪو پوءِ ٻارن جي وڌيڪ سڌ نه ڪري سگھي..... شادي جڏهن به ڪندي لکي ڪندي ۽ ماڻهن کي تڏهن خبر پوندي جڏهن طلاق ٿيندي. طلاقون ايتريون ورتائين جو انهن جو به فائيل ٺاهي رکيو اٿس. چيائين ”منهنجو پهريون مڙس ايترو ته شڪي هو

ڪڏهن...!“

ڀهرئين هن جي ڳچي اهڙي هوندي هئي جو پاڻي پيئندي هئي تہ اهو نظر ايندو هو. هاڻي پاڻي پيئندي آهي تہ ايڪسري ڪان پوءِ بہ پاڻي ڏسڻ ۾ ڪونہ تو اچي. بيٺي هوندي هُئي تہ مجسمو لڳندي هئي، هاڻي رقص ڪندي آهي تہ ڏسندڙن ڪي مجسمو ڪري ڇڏيندي آهي. اڳي اکيون وڏيون هونديون هئس جو ڪيترائي هيرا انهن ۾ ٻڏي ويندا هئا. هاڻي تہ ڪجل لڳائيندي آهي تہ اهو بہ ٻاهر نڪريو اچي. پنجاب جي هڪ شاعر ”ابجد اسلام ابجد“ هن جي خوبصورتيءَ تي هڪ غزل لکيو هو، اڄڪلهہ ابجد چوي ٿو تہ، ”هاڻي آئون هن تي غزل لکندو آهيان تہ اهو بہ لطيفو ٿي ويندو آهي!“

# سائين ٽوپي

هن کي شهر جا سيئي ماڻهو "سائين ٽوپي" چوندا آهن. هن جي اصل نالي جي ته اها حالت هئي جو جڏهن سندس شناختي ڪارڊ ڏنو ويو ته ان ۾ به سندس اصل نالو لکيل نه هو. هڪ ڏينهن ڪنهن چيس، "توهان جي متي تي اسان سدائين ٽوپي ڏٺي آهي؟" ته چيائين، "مون به پنهنجي متي تي سدائين ٽوپي ڏٺي آهي!" اسان ته هميشه اهو ئي سوچيندا هئاسين ته ٽوپي سائينءَ ڪانه پاتي آهي، پر ٽوپيءَ سائينءَ کي پاتو آهي.

سائينءَ کي غصو ايندو هو ته يڪدم سندس ٽوپي ڳاڙهي ٿي ويندي هئي. ان مان اسان اهو اندازو لڳائيندا هئاسين ته سائينءَ جو دماغ ٽوپيءَ هيٺان آهي. ڪنهن تنقيد ڪيس ته يڪدم پنهنجي ٽوپيءَ ۾ هٿ وجهندو ۽ جيڪڏهن ان بيهر تنقيد ڪيس ته ان ماڻهوءَ جي ٽوپيءَ ۾ هٿ وجهندو.

سنڌي ٽوپيءَ ۾ ته هونءَ به اها خوبي آهي ته اها ايجاد گنجن لاءِ ڪئي ويئي، استعمال ان کي گهوٽن ڪيو... ۽ پهريو وري ان کي بس کان گهٽو ماسترن.... ان ڪري سنڌي ٽوپي گنجن لاءِ اطمينان، گهوٽن لاءِ پلاري ۽ ماسترن لاءِ مونوگرام آهي.... پر اسان سڄي زندگي اهو ئي سمجهندا رهياسين ته "سائين ٽوپي "جيڪا ٽوپي پائي ٿو، ان جي هيٺان يقين سان ڪا هڪ عدد نه ڏيکارڻ جهڙي گنج هوندي.... ڪير اڏاري ٽوپي گهرندس ته ان ۾ ائين ڏسندو ڄڻ انهيءَ ڳڙدو گهريو هجيس. سخت گرميءَ ۾ به ٽوپي ڪونه لاهيندو، بس تورو پنکو تيز ڪري ڇڏيندو ۽ جيڪڏهن پنکو اڳ ۾ ئي تيز هوندو ته پوءِ مُنهن متي ڇت ڏي ڪري ڇڏيندو. هڪڙي دفعي رسيس ۾ ڪجهه ٻارن جي ڊوڙڻ ڪري سندس اڏ ٽوپي لهي ويئي ۽ پوءِ انهن ٻارن کي اهڙا موچڙا ڏنائين جو ٻارن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مٿن تي ننڍڙيون ننڍڙيون ٽوپيون نڪري آيون!

پنهنجي نوڪريءَ لاءِ ٻڌائيندو ته، ”ماستري ايوب جي دور ۾ ملي، جڏهن بابو اتي جي وزير تعليمِ کي اخبار پڙهي ٻڌائيندو هو، وزير خوش ٿي بابي کي ٽي ماستريون گفٽ ڪيون...!“ وري چوندو، ”بس سائين.... ان وقت ۾ ته اسان جو تعليم کاتو گفٽ سينٽر لڳو پيو هو. ان ڪري اڄ تائين اڄ جي تعليم به اهو ”گفٽ پيڪ تي پيئي آهي، جنهن کي جيڪو ٿو کولي.... ان کي اندر لکيل هڪ پرچي تي ملي ته، ”ڏاڍي تي...“

سائين ٽوپي اسڪول سان سچو آهي. هو ته آچر جي ڏينهن به صبح جو ائين اٿندو جيئن ٻار اسڪول لاءِ اٿندا آهن. ڪنهن پڇيس، ”آچر جي ڏينهن سوير ڇو ٿا اٿو؟“ چيــ ”اها خاطري ڪرڻ ته واقعي اڄ آچر آهي!“ هڪ دوست کي چيائين، ”مون بابي کي چيو هو ته آئون پوليس ۾ وڃڻ چاهيان ٿو ته بابي مون کي چيو، تنهنجو پوليس ۾ ڇا.... تون پوليس ۾ ويندين ته چور کلندا.... تنهن ڪري هن مون کي چيو ته تون ماستر ٿيءُ ڇو ته ماستري اهڙي نوڪري آهي، جو ماٺهو نوڪريءَ سان لڳل هوندو ته به لڳندو ڇڻ ڪنهن سان به لڳل ڪونهي. دوست پڇيس، توهان کان انٽرويو ۾ ڇا پڇيائون؟“ ته چيائين، ”مون کان پڇيائون ته.... ڇا، توکي ڪجهه به ڪونه ٿو اچي....؟ ۽ مون چيو....نه.....ته يڪدم چيائون..... ٺيڪ آهي، تون ماستريءَ جي لائق آهين!“

هن ڪُل ٽي شاديون ڪيون. ان معاملي ۾ هوشيار آهي. شادي ئي اهڙي عورت سان ڪندو، جنهن کي آرام سان ڇڏي سگهجي. پنهنجا ڪپڙا صاف رکندو پر اهي پهريندو ڪونه، پهريندو سدائين ميرا ڪپڙا. هڪڙو وڳو به مهينا هلائيندو ۽ سندس ڪا زال جڏهن هن جو وڳو ڌوئيندي ته ماسڪ پائي پوءِ ڌوئيندي.... هڪڙي دفعي ته ڪپڙن ڌوئڻ مهل پاڙي مان ٻار آيو ته، ”ماسي... ڇا، توهان جي گهر ۾ ڪو جانور مئو آهي؟“

اسان ۾ٽ ٻن قسمن جا ماستر آهن. هڪڙا اهي جيڪي ٻارن کي نہ پڙهائيندا آهن ۽ ٻيا اهي جن وٽ ٻار نہ پڙهندا آهن ائين ئي اسان جي تعليم کي ٽن قسمن جي ماڻهن نقصان رسايو آهي. هڪڙا اهي جيڪي ماسترن کي سنو نٽا سمجهن. ٻيا اهي جن کي ماستر سنو نٽا سمجهن ۽ ٽيان اهي جيڪي ڪنهن کي بہ سنو نٽا سمجهن. پر سائين ٽوپيءَ جي خيال ۾ بهترين تعليم اها آهي جيڪا حاصل نہ ڪجي تہ بہ نوڪري ملي وڃي.

هڪڙي ڏينهن چيائين، هاڻي مون کي ريٽائر ٿيڻ گهرجي ڇو تہ مون جن ٻارن کي وڏو ماڻهو بنائڻ چاهيو ٿي اهي وڏا تہ ٿي ويا، پر ماڻهو ٿيڻ کان رهجي ويا. هڪ تعليمي سيمينار ۾ سائين ٽوپيءَ تقرير ڪندي چيو، "انسان ۽ جانور ۾ وڏو فرق آهي.... "تہ هيٺان ماڻهن مان ڪنهن چيو، "ها...جانورن کي سهولتون ڪيڏيون آهن، ڪتو ڪنهن کي چڪ هڻندو تہ ان کي پوليس ڪانہ ٻڌندي!" هڪ ٻئي همراهہ اٿي ٻيهي چيو، "ماسترياڻيون ماسترن کان وڌيڪ ڏيان سان پڙهائين ٿيون!". تہ چيائين، "انهن کي سهولتون بہ تہ اهڙيون آهن. شادي شده هجي تہ سال ۾ نو مهينا موڪل وٺي سگهي ٿي!"

هيءَ سگريٽ جي خلاف آهي پر هيءَ سگريٽ پيئندو ان ڪري آهي تہ جيئڻ ڇڏي سگهجي. سائين ٽوپي پاڻ شگر جو مريض آهي، ان ڪري هن جي زالن هن کي ڊاڪٽر سان ملڻ کان منع ڪيو آهي. ڪجهہ وقت اڳ هڪڙي دوست سان ملي وڊيو سينٽر کوليائين. ايتري جدوجهد ڪيائين جو هڪڙي بہ وڊيو ڪئيسٽ نہ رهي.... باقي رڳو سينٽر وڃي بچيو. پبلڪ رليشن ايتري اتس جو حجام جي دڪان وٽان رڳو لنگهندو تہ حجام منٿون ڪندس تہ، "سائين هاڻي ڪٽي وار لهرائڻ اچو تہ ڏسون ٽوپيءَ هيٺان ڇا آهي!"

هيءَ طبيعت ۾ نازڪ مزاج آهي. هڪڙي دفعي ڊاڪٽر کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين ”سُئي اهڙي نموني ۾ هٽجئين جو مون کي به خبر نه پوي!“ ڊاڪٽر منجهي پيو ۽ هن جي زال کي سڏ ڪري چيائين، ”هيءَ انجيڪشن ماستر صاحب کي رات جو کير ۾ ملائي ڏجئين!“

گرميءَ جي موڪلن جي خلاف آهي. چوندو، ”گرميءَ جون موڪلون وڏيڪ گرم ٿيون ڪن... گهر ۾ تا ويهون ته اسان جون زالون مرڳو اسان تي گرم ٿيون ٿين!“ ڪنهن پڇيس، ”توهان موڪلن ۾ ڇا ڪندا آهيو؟“ ته چيائين، ”صبح جو اٿندو آهيان پوءِ اتي سوچيندو آهيان ته آئون ڇو اٿيو آهيان، جتي سڀ ستا پيا آهن اتي آئون ڇو اٿيو آهيان. اهڙي اٿڻ مان ڪهڙو فائدو.... اتي صبح جو پهرئين مُنهن ڌوئيندو آهيان.... پر منهن ڌوئڻ ڪان پوءِ به ساڳيو هوندو آهيان. ان ڪري هاڻي آئون منهن ڌوئان ئي ڪونه.... هونءَ به اهڙو منهن ڌوئڻ مان ڪهڙو فائدو جيڪو ڌوپڻ ڪان پوءِ به ساڳيو رهي!“

# نصاب ۽ نصيب

نصاب جي وصف ئي اها آهي ته اها شيءِ جيڪا پنهنجي مرضيءَ سان نهرائي وڃي ۽ جيڪا ڪنهن کي به سمجهه ۾ نه اچي ته ان کي نصاب چئبو آهي. جيتوڻيڪ نصاب ۽ نصيب پنهي جي وصف ساڳي آهي جو ته ٻئي سمجهه ۾ نه ايندا آهن.

والٽيئر چيو هو، "انسان پنهنجو نصيب پاڻ ناهيندو آهي؟" اسان جي خيال ۾ انسان پنهنجو نصيب پاڻ ڦٽائيندو آهي. جيڪڏهن آئون اردو لکندڙ هجان ها ته لکان ها. "همارا نصاب اور همارا قصاب ايک جيسا هي." نصاب کي انگريزيءَ ۾ ڪورس چئبو آهي. انگريزن کي پنهنجي ڪورس سان ايتري محبت هوندي آهي جو هر ڳالهه ۾ چوندا، "Oh.... Of Course" اسان جي ماڻهن کي به پنهنجي ڪورس سان محبت آهي. ان ڪري مئٽرڪ جو سڄو ڪورس گائيڊن ۾ ملي ويندو.

اڄڪلهه سڄي پنجاب ۾ اهو بحث آهي ته اسان جو نصاب تبديل ڪيو پيو وڃي. ان ڪري اسان جو نصيب خطري ۾ آهي. پنجاب ٽيڪسٽ بورڊ وارن ڪتابن جي ٻاهران ليڊرن جا فوٽا هٽڻ شروع ڪيا آهن.... جيڪا هڪ سٺي روايت آهي. ان سان ٻار پيو نه، ته به ليڊرن کي سڃاڻي سگهندا. سنڌ جي ڪتابن ۾ وزيرن جون تصويرون هجن ته جيڪو ٻار پڙهي نٿو... اهو ڏسي سگهي. ٻائلاجيءَ جي پهرئين صفحي تي زبيدا جلال جو ڪو جلال وارو فوٽو هنيو وڃي ته جيئن ماستر ان کي ڏسي پڙهائڻ لڳن. ائين اهي ٻار جن کي پيو ڪجهه نٿو اچي.... گهٽ ۾ گهٽ وندريا پيا هوندا. حسابن واري ڪتاب جي ڪور تي خزاني واري وزير جو فوٽو هجي ۽ اندر وري جوڙ ڪٽ جي باب ۾ مٿان ٻين وزيرن جا فوٽو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجن تہ جيئن ٻارن کي خبر پوي تہ اصل حساب ڪتاب ڪٿان ٿئي ٿو ۽ اسان وٽ جوڙ ڪٽ جو ڪيئن آغاز ٿيو.

نصاب نہ هجي ها تہ ڪيترائي سياستدان ايم اي پاس هجن ها، جيتوڻيڪ نصاب آهي تہ بہ ڪيترائي سياستدان ايم اي پاس آهن. آمليٽ ناھڻ ۽ نصاب ناھڻ کي جيڪي ماڻهو هڪجهڙو سمجهن ٿا، اهي پوءِ نئون نسل نہ ناهي سگهندا آهن.... پوءِ رڳو بنگلا ٺهندا آهن، انهن جا جيڪي نصاب ناهيندا آهن. هڪڙي همراھ اعتراض ڪيو تہ هڪڙي صفحي تي غلام مصطفيٰ کر جو فوٽو آهي ۽ ٻئي صفحي تي مسرت شاهين جو فوٽو آهي تہ پوءِ اهڙي ڪتاب کي ڪليل ٿي رکڻ گهرجي، بند نہ ڪجي! هڪ سياستدان ان ڳالھ تي سخت اعتراض ڪيو تہ لفظ ”فِزِ – ڪِس“ نصاب مان ختم ڪيو وڃي ڇو تہ فزڪس ڇوڻ مهل ”ڪِسِ“ بہ چوڻو ٿو پوي.

هڪڙي سنڌيءَ وري چيو تہ، ”جيڪڏهن ٺ سان ثواب آهي تہ پوءِ ڳ سان گناھ هئڻ گهرجي.... پر هرويرو ٻارن کي ڳ سان ڳڌھ چورايو وڃي ٿو.“ اسان ان کي ٻڌايو تہ، ”تي سگهي ٿو ان ۾ ڳڌهن جي خود رضا خوشي شامل هجي.... يا ٿي سگهي ٿو اهو نصاب جنهن ناهيو آهي ان کي ڳڌھ وڻندا هجن.... يا ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ هُو ڪنهن تاريخي ڳڌھ جي فرمان جا پابند هجن!“ وري چيائين، ”ف فانوس جو هينئر زمانو ڪونهي.... پر ڪورس ۾ اهي اجا تائين فانوس ٻاريو بيٺا آهن!“ جيئن اسڪول ۾ ماستر ٺ ثواب پڙهايو تہ هڪ ٻار پڇيو، ”سائين.... ٺ ثواب ڏيکاريو.... ڪهڙو ٿيندو آهي؟“ ماستر چيس، ”پٽ .... مون کي پاڻ سال ٿي ويا آهن ثواب ڪمائيندي.“

هڪڙي همراھ چيو تہ، ”نصاب ۾ شهيد بہ شامل ڪيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجن.“ ائين تہ اسان وٽ هالا ۾ بہ هڪ شاعر حميد ”شهيد“ آهي. ان کي بہ ڪورس ۾ شامل ڪيو ويو. جيتوڻيڪ هن جي خبر نٿي پوي تہ هيءُ ڪنهن جي خلاف وڙهندي شهيد ٿيو. هيءُ واحد شهيد آهي، جيڪو بازار مان سيڊو ونڻ ويندو تہ دڪاندار اوڌر واري ڪتاب ۾ لکندو ”شهيد صاحب.... 20 رپيا.“

نصاب جا بہ قسم آهن. هڪڙو اهو جيڪو سرڪاري آهي ۽ ٻيو اهو جيڪو غير سرڪاري ڪونهي. جيئن ڪير کي خراب ٿيڻ کان بچائڻ جو واحد طريقو اهو آهي تہ توهان ڪير خريد ئي نہ ڪريو. تيئن نصاب کي عمدو ڪرڻ جو واحد طريقو اهو آهي تہ توهان ان کي خراب چئو. ڪنهن ٻار کان پڇيوسين، ”زمين ۽ چنڊ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟“ چيائين، ”زمين بہ چنڊ وانگر آهي بس زمين رڳو چت تان ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي!“ ائين ئي نصاب بہ اسان لاءِ اهو ئي بهترين آهي، جيڪو ڪتابن ۾ نہ هجي!

اسان وٽ تعليم سان واسطو انهن جو آهي، جن سان وري تعليم جو بلڪل بہ واسطو ڪونهي. هڪڙي مئٽرڪ جي شاگرد کان پڇيوسين، ”فزڪس ۾ گهٽا باب آهن؟“ چيائين، ”ايترا باب آهن جو هر باب کي سمجهڻ لاءِ هڪڙو بابو کپي!“ ائين ئي هڪڙو شاگرد هاسٽل ۾ رهندو هو، هن کي جڏهن بہ ننڊ نہ ايندي هئي تہ فزڪس يا ڪئمسٽريءَ جو ڪتاب کولي ڏسندو هو تہ سمهي رهندو هو. هڪڙي ڏينهن هو ڪاليج نہ پهچي سگهيو ۽ پنهنجي تائين ستو پيو هو. ان رات هو، ”سنڌي نصاب“ پڙهي ستو هو.

جنهن مهل اسان وٽ سنڌي گرامر نهي رهيو هو، ان وقت ضمير بہ دريافت ڪيو ويو هو. هاڻي ضمير جو استعمال رڳو اليڪشن ۾ ٿيندو آهي جنهن ۾ ماڻهن کي ياد ڏياريو ويندو آهي تہ انهن کي ضمير آهي ۽ هُو ضمير جو آواز ٻُڌن، جيئن هڪ ٻوڙي

کان پڇيائون، ”تون ووٽ ڇو نه ڏيئي آئين؟“ ٻوڙي ڇيو، ”مون ضمير جو آواز ئي ڪونه ٻڌو!“

هڪ دوست چيو، ”نصاب ۾ هاڻي ضمير اچايو آهي، ڇو ته اڄڪلهه ضمير استعمال ئي ڪونه پيو ٿئي!“ جيئن هڪ انڌي کي چيائون، ”پنهنجو ووٽ ضمير مطابق ڏجائين!“ انڌو ووٽ ڏيئي آيو ته اميدوار پڇيس، ”ڪنهن تي ٺپو هنئي..... هاٿيءَ تي يا گڏهه تي يا موٽر تي....؟“ انڌي چيو، ”پٽ تي!“ اميدوار چيس، ”پر پٽ جو نشان ته بيلٽ پيپر ۾ ڪونه هو!“ انڌي چيس، ”مون انهيءَ پٽ تي ٺپو هنيو، جيڪا اندر ڪونيءَ ۾ هئي!“ اميدوار چيس ”پٽ تي ڀلا ٺپو ڇو هنئي؟“ انڌي چيو، ”توهان تي ٺپو هڻان ها.... ته به چونڊجڻ کان پوءِ توهان اسان لاءِ هونءَ ئي پٽيون ٿي وڃو ها... ان ڪري مون ٺپو ئي اصل پٽ تي هنيو آهي!“

# ڪتاب: منهنجو دوست

چارلس ڊارون هڪڙي ڏينهن پنهنجي گرل فرينڊ کي چيو ته، ”ڪتاب ئي منهنجو حقيقي دوست آهي!“. ٻئي ڏينهن انهيءَ تحفي ۾ ڏنل هار واپس ڏياري موڪليس ته، ”هاڻي هيءُ هار ڪنهن ڪتاب جي ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏجئين!“ ڪتاب اسان جو به دوست آهي پر رڳو اهو ڪتاب جيڪو ڪنهن دوست جو هجي! سنڌي ڪتاب ته اسان ڪونه خريد ڪريون جو اهي ايترا مهانگا آهن، جو هڪڙي ڪتاب بدران ٻه شاهين ميزائيل اچي سگهن ٿا. سنڌي ڪتاب ايترا مهانگا ڇو آهن؟ اگر ايترا مهانگا رهيا ته پوءِ هڪڙو ڏينهن اهڙو ايندو جو هڪڙي سنڌي ڪتاب تي هڪڙي فرج فريءَ ۾ ملندي!

اسان وٽ اڄڪلهه ٽن قسمن جا ڪتاب ڇپجن ٿا. هڪڙا اهي ڪتاب جن کي ڪير دڪان تان چوري ڪرڻ کان پوءِ به ڪونه پڙهندو آهي. ٻيو اهي ڪتاب جن کي جيڪو چوري ڪندو آهي ان وٽان وري ڪو ٻيو چوري ڪري ويندو آهي.... ۽ ٽيان اهي ڪتاب جن کي دڪاندار چاٽي ٻجهي انهن شو ڪيسن ۾ رکي ڇڏيندو آهي ته جيئن اتان ٻلي چوري ٿي وڃن. سڀ سنڌي ڪتاب هر وقت مهانگا ڪونه هوندا آهن. خود اسان کي ته ڪنهن ڪنهن مهل ڪتاب سئو سيڪڙو رعايت تي به ملي ويندا آهن. بس ان لاءِ رڳو اهو انتظار ڪرڻو پوندو آهي ته دڪان تي رش ٿئي ۽ دڪان جي مالڪ جو ڌيان ٻين گراهڪن ڏانهن وڃي!.

سنڌي ۾ سڀ ڪتاب اهي هوندا آهن، جيڪي اڌ پڙهبا آهن ۽ باقي اڌ وري ٻارن لاءِ ڇڏي ڏبا آهن ته اهي وڏا ٿي پڙهندا. جيئن ”آگ ڪا دريا“ اهو ڪتاب آهي جو جيڪي هن ڪتاب کي پڙهڻ شروع ڪندا آهن اهي وري ڪو ٻيو ڪتاب شروع ڪري نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي اسان کي وڻتا نہ هوندا آهن.... پر پوءِ بہ دڪاندار چوندا ”اچو سائين ڇا توهان کي جوتا کپن!“ ايتري پيار سان کنهن کي جوتا ڏيڻ جي آفر اسان پهريون دفعو ٻڌي... اسان تہ سال ۾ هڪڙو جوتو هلائيندا آهيون يا شايد جوتو اسان کي سڄو سال هلائيندو آهي...

منهنجي هڪڙي دوست تہ ننڍپڻ ۾ هڪڙو بوٽ ورتو هو، جيڪو اڃا تائين پائيندو اُهي... ڇيومانس ”تنهنجو اهو تاريخي بوٽ ڇو نٿو ڦاٽي.... ڇا تون موچين جي پاڙي ۾ رهندو آهين؟“ هاڻي تہ اهو بوٽ ايترو پراڻو ٿي ويو آهي جو حڪومت کي ڏيکاري ڪلچرل اسڪالرشپ وٺي سگهي ٿو...

هڪ ٻئي دوست ٻڌايو تہ اڄڪلهہ بازار ۾ بوٽن جي قيمت ايتري آهي جو بوٽ وٺڻ لاءِ هڪڙي مينهن وڪڻڻي پوندي!“ چيائين ”مون تہ هڪڙو بوٽ قسطن تي ورتو هو... بوٽ ڦاٽي پيو پر قسطون پوءِ بہ هلنديون رهيون... ان ڪانپوءِ مون بازار ئي وڃڻ ڇڏي ڏنو.“ پڇيومانس ”پر هي تنهنجي پيرن ۾ نئون بوٽ....؟“ چيائين ”ادا.... ان کان پوءِ مون مسجد وڃڻ شروع ڪيو!“ سچ تہ جوتن جون قيمتون ايتريون تہ ڳريون هونديون آهن جو خود دڪاندار کي بہ ٻڌائيندي پيو شرم ايندو... انڪري توهان هميشہ جوتن جي قيمت جوتن جي مٿان لڳل ڏٺي هوندي... تہ جيئن ماڻهو آرام سان قيمت ڏسي جوتو واپس رکي هليا وڃن... پاڻ تہ جڏهن بہ جوتو خريد ڪندا آهيون تہ پهرئين قيمت ڏسندا آهيون پوءِ جوتو ڏسندا آهيون ۽ پوءِ راهہ ڏسندا آهيون.....!

تاريخدان پريشان آهن تہ تاريخ جي ڪهڙي دور ۾ سڀ کان وڌيڪ جوتا استعمال ٿيا ۽ ڪنهن تي...؟ جوتو ڪنهن ايجاد ڪيو....؟ ڇا جنهن جوتو ايجاد ڪيو اهو شادي شدهہ هو يا ڇڙوڇانڊ

هو ۽ وتندو هو پراڻن ڳلن جي خوشبوءِ سونگهيندو.... جوتي جو سياست ۾ ڪهڙو ڪردار آهي؟ تاريخدان اڃا تائين هڪٻئي سان وڙهي رهيا آهن ته اهو جوتن جو رواج سڀ کان پهرئين ڪهڙي دور ۾ پيو... ۽ جوتي جي زور تي حڪومت جو تصور ڪنهن پيش ڪيو ۽ جنهن به پيش ڪيو ان کي اسين ”باباءِ جوتا“ چئون... يا مرڳو ”ڏاڏاءِ جوتا“ چئون... تاريخ پڙهبي ته خبر پوندي ته بي شمار حڪمرانن جوتي جي زور تي حڪومت ڪئي.... ان ڪري تاريخ نه پڙهڻ گهرجي جو ان مان توهان کي لڳندو ڄڻ توهان ڪنهن موچيءَ جي آٽو بايوگرافي پڙهي رهيا آهيو...!

جوتو ڪاڻ ايترو آسان ڪونهي جيترو جوتو ڏيکارڻ آهي... جوتو همراهه پير مان لاٿو ناهي ته چڱا خاصا مڙس به ڀِڄي فوت پري تي ويندا... ڪي ماڻهو پنهنجي پير مان پنهنجو جوتو لاهي پنهنجي ئي مٿي تي هڻندا آهن...! ڪنهن وقت ۾ هوائي چمپل هوندا هئا... هاڻي ته اها هوا ئي ناهي ته چمپل ڪٿان رهندا... شابس ته آهي هوائي جهازن کي جيڪي اسان جي آسمانن تي بغير هوا جي به اڏامن پيا.... ڪنهن پڇيو ”جوتي ۽ چمپل ۾ ڪهڙو فرق آهي؟“ جواب مليو ”جيڪو مٿي تي سڌو لڳي اهو جوتو ۽ جيڪو گسي وڃي اهو چمپل...!“

شادين ۾ ساليون گهوٽ جو بوٽ رڳو ان مقصد لاءِ چورائينديون آهن ته جيئن گهوٽ کي اهو اشارو ڏيئي سگهن ته شاديءَ کان پوءِ اهڙي ئي قسم جون چوريون ٿينديون، ان ڪري هوشيار رهجان.... ساليون بوٽ لڪائي اهو به پيغام ڏيڻ چاهينديون آهن ته اهو عظيم بوٽ هوڻ ئي اڳيان هلي سنڌن پيٽ کي ئي ڪم اچڻو آهي... جيئن هڪڙي همراهه جون ساليون جوتو ڪٽي ويون ته هن به ڪلندي چيو ”پلي ڪٽي وڃو.... منهنجو به اهو لنڊا بازار مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورتل آهي...!“

بوٽ ۽ جوراب جنم جنم جا ساٿي آهن... جوراب نه هجن ها ته بوٽ پائڻ وارا وري جورابن جهڙي ڪا ٻي شيءِ ايجاد ڪري وٺن ها.... پوءِ انهن جو نالو به ساڳيو جوراب ئي رکن ها.... جورابن جي بغير بوٽ ائين آهي جيئن بوٽ جي بغير جوراب هوندا آهن.... جوراب نه هجن ها ته بوٽ پائڻ واري کي بغير جورابن جي به بوٽ پائڻو پوي ها ۽ جيڪڏهن بوٽ به نه هجي ها ته ماڻهو رڳو ننهاڻا جوراب پائي پيا هلن ها...!

جهيڙو انسان جي جبلت ۾ ايترو رهيو آهي جو اسان ته هر ماڻهوءَ کي پاڻ سان گڏ هڪ جوتو ضرور ڏنو آهي... سنڌي ماڻهو ته ايترا ذهين آهن جو جوتي مان ڪيترائي فائدا وٺندا آهن.... جوتي سان پکي اڏائيندا، جوتي سان ڪاڪروچ ماريندا... جوتي سان پتين ۾ ڪوڪا ڪوڙيندا.... جوتو لاهي ڪتي تي ألاريندا.... جوتو سونگهائي بيمارن جو علاج ڪندا... جُوتو ڪٽي ٻارن کي ڪُٽيندا....!

سُٺو جوتو پائڻ به اڄڪلهه اسٽيٽس ۾ شمار ٿيندو آهي.... ماڻهو نئون جوتو وٺندو آهي ته پهريان ڪلاڪ ته هر هر پيو ان کي ڏسندو ته ڪيئن پيو لڳي... دوستن کي پيو ڏيکاريندو ته ”اسان کان پڇو ته اهو اسان گهٽي ورتو آهي...!“ هڪڙو ڪامريڊ دڪان تي چڙهيو چيائين ”ڪو سامراجي جوتو ڏي!“ پڇيائون ”چو؟“ ته چيائين ”پلي پيرن ۾ پيو هجي...!“ هڪڙي اديبا دڪاندار کي چيو ”هوءَ شوڪيس مان ڳاڙهي جُتي ته ڪيجان.... جيڪا صفا مظلوم پئي لڳي....!“ وري هڪڙي پوڙهي شاعر دڪاندار کي ويهه کن جوتا ڏسڻ کان پوءِ ايڪيهين جوتي ۾ هٿ وجهندي چيو ”هي جوتو مڙيئي سٺو پيو لڳي... رڳو هن جو وزن صحيح ڪونهي!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عورتون نہ جوتن جي دڪان تي چڙهنديون نہ پوءِ انهن کي لاهڻ لاءِ خدا جا واسطا ڏيڻا پوندا آهن. اڪثر بازارن ۾ اهڙا مرد بہ ڏسڻ ۾ ايندا جيڪي پارن کي قابو ڪيو بيٺا هوندا ۽ سندن مائي پيئي جتيون پسند ڪنديٰ... جيئن هڪ مائيءَ دڪاندار کي چيو، ”هُو.. دڪان جي پاهران جيڪو گنجو بہ پار قابو ڪريو بيٺو آهي اهو منهنجو گهر وارو آهي... مهرباني ڪري پڏايو تہ انهيءَ تي ڪهڙو نمبر بيهندو؟“ دڪاندار پڇيو ”ڪهڙو گنجو.... جيڪو گوڏ سان بيٺو آهي؟“ مائيءَ چيو ”نہ اهو تہ ڳنڊيرين وارو آهي.... او.... هُو.... پري ڪان اچي وڳي وارو.... جنهن جي نوڙهہ اُس ۾ چمڪي رهي آهي!“ دڪاندار چيو ”نيڪ آهي توهان هي ڏکهي ڳُڙيءَ وارو سينڊل ڪٽي وڃو. هن کي زور سان اُڇلي متي ۾ هٽو... پوءِ اڪڙوت پڃڻ جو آواز نہ اچي تہ پئسا واپس!“ ائين ئي هڪ ٻي عورت دڪاندار کي چيو ”پليز.... اهڙو ڪو جوتو ڏيکاريو جيڪو آهستي اڇلي هٽجي تہ بہ متو ڦاڙي ڇڏي!“ دڪاندار چيو ”مئڊم... اهو توهان جوتو پائڻ لاءِ پيا وٺو يا جوتي سان چور پڃائيندائو....؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بجيٽ جي تقرير

محبت ۽ وزارت ۾ سڀ ڪجهه جائز هوندو آهي، چو ته پئي ڪم ڪرڻ سان ماڻهو پاڻ سوچي نه سوچي.... ڏسڻ وارا ماڻهو سوچيندا آهن، ته همراهه خبر ناهي ڇا پيو ڪري! وزارت ۾ اهي ڪم نه ڪرڻا پوندا آهن، جن جي باري ۾ پهرين سوچبو آهي ۽ محبت ۾ وري اهي ئي ڪم ڪرڻا پوندا آهن، جن جي باري ۾ پهرين نه سوچبو آهي. خزاني وارو وزير ٿيڻ ۾ اهو فائدو آهي ته پوءِ توهان کي رياضيءَ جي ضرورت نٿي پوي. رڳو رياض جي ضرورت پوي ٿي... جيترو توهان رياض ڪندائو اوترو توهان جي وزارت گهٽو وقت هلندي!

ڏڪئي ۾ ڏکيو ڪم بجيٽ جي تقرير پڙهڻ ۽ سڻي ۾ سئو ڪم خزاني جو وزير ٿيڻ آهي، جيڪڏهن خزاني جو وزير آهي ته پوءِ ٺلهه ۽ پينگ جو وزير به هئڻ گهرجي. خزاني جو وزير ته انهن مٿان هوندو آهي جن وٽ خزانو آهي.... پر جن وٽ صفا غربت آهي. ايتري جو انهن وٽ غريب ٿيڻ جيترا پئسا به نه هوندا آهن، انهن جي مٿان به هڪڙو ”صفا ٻُڪ جو وزير“ هئڻ گهرجي ۽ اهو به پنهنجي ڏار بجيٽ پيش ڪري ته ”هن سال اسان اڻ ڳڻپ جيترن غريبن مان ڪجهه ٻيا اڻ ڳڻپ جيترا غريب ماريا... جيڪي اڳئين سال جي پيٽ ۾ وڏيڪ آهن. هتي GDP بدران GGP يعني ”غريب جو پئسو“ استعمال ٿئي ۽ ٻڌايو وڃي ته هن سال اسان 80 سيڪڙو GGP ڪاڏو.... ڪٽڪ ڪي اسان بيهڻ ڪونه ڏنو. ان ڪري ڪٽڪ جي چرپر سنڌ کان افغانستان ايتري رهي جو هر سئو ڪٽڪ جي ٻورين تي اسان ڏهه پنڻ ڪمايا. هونءَ به اسان جي درآمدي ڊيوٽي ايتري آهي، جو خود اسان کي پنهنجي ڊيوٽيءَ تان موڪل وٺڻي پوي ٿي. تقرير ۾ پينگ جو وزير اهو به ٻڌائي ته ”پيارا غريبو!....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن سال اسان ازبڪستان ۽ تاجڪستان مان اهڙيون نيون نيون ڪنواريون درآمد ڪيون، جن تي ڊيوٽي معاف هئي.... بس انهن کي رڳو ٿوري آفيسَرن جي ديوٽي ڏيٽي پئي!“

وزيرن ۾ مون کي خزاني وارو وزير وٽندو آهي، جو ته ان جو نالو شروع ئي خزاني ڪان ٿو ٿئي.... پلي سرتاج عزيز وينو هجي، ته به ان جي گنج کي ڏسي ائين پيو لڳندو ته حڪومت وٽ گنج آهن. بجيٽ رڳو انهن کي سمجهه ۾ ايندي آهي، جن جو پنهنجو حساب ڪتاب صحيح نه هوندو آهي. ڪتاب پڙهڻ لاءِ توهان جي دماغ جو صحيح هئڻ ضروري ناهي. پر حساب پڙهڻ مهل دماغ صحيح هجي نه ته ماٺهو چوندا ته هن کي حساب آهي... اسين ته بجيٽ کي صرف ان مهل سمجهي سگهندا آهيون، جنهن مهل بجيٽ جي تقرير ختم ٿيندي آهي!

ننڍڙا هوندا هئاسين ته بجيٽ جي تقرير ٻڌڻ مهل سڀ پوڙها پڪا ٽي ويءَ تي ائين وڃي ويهندا هئا، جيئن خيرات جي ديگ اڳيان فقير ويهي رهندا آهن. اسان جو هڪڙو چاچو ته بجيٽ جي تقرير ائين ماٺ ڪري ٻڌندو هو جڻ واعظ پيو ٻڌي..... ۽ وري طرفداري ان جي ائين ڪندو جڻ ايندڙ سال اهڙي تقرير ڪيس ٻڌائڻي هجي. اسان ننڍپڻ ۾ ائين سمجهندا هئاسين ته اهو سامهون ٽي ويءَ ۾ گنجو همراهه اکين تي چشمو لڳائي ڪا مزيدار ڪهاڻي ٻڌائي رهيو آهي ۽ پوءِ اسين به ٻڌندا هئاسين. پر سمجهندا ڪونه هئاسين... جيتوڻيڪ هاڻي وڏا ٿي ويا آهيون، اڄ به ٻڌندا آهيون ۽ اڄ به ڪونه سمجهندا آهيون... اسان جو هڪڙو دوست به بجيٽ جي تقرير ٻڌڻ مهل اهڙي سيريس شڪل ناهيندو آهي، جڻ غور سان تقرير ٻڌڻ واري کي سائيڪل انعام ۾ ملندي.

خزاني جا وزير ٻن قسمن جا هوندا آهن، هڪڙا اهي جيڪي توهان کي سنا نه لڳن ۽ ٻيا اهي جن کي توهان ڏسڻ پسند نه ڪريو. سٺو خزاني جو وزير اهو آهي جنهن کي ڪجهه خرچ نه

ڪرڻو هجي ته به .پنج دفعا سوچي.... سرتاج عزيز ڪي ته ڏسي ڪيترن ماڻهن ڪي هن جي وزير هئڻ جو شڪ ٿيندو هو. هن ڪي مرد سرتاج چوندا هئا ۽ عورتون عزيز چونديون هيون... هن جو سچو نالو ونڻ سان گهٽڻ جي گهرن ۾ جهيڙو ٿيو. جن ماڻهن ڪي پيپيتو وٽندو آهي انهن ڪي سرتاج عزيز جو مٿو ان ڪري به متاثر ڪندو آهي جو هن جي مٿي ۾ لک ڪوشش جي باوجود به ڪا جوڻ داخل ٿي نه سگهندي هئي. چو ته هن جو مٿو خزاني وانگر ايترو ته لسو هو جو رڳو وچڻ جو رستو هو ۽ اچڻ جو رستو نه هو. مون ڪي ته سرتاج عزيز وڏو ذهين لڳندو هو، چو ته هن جو مٿو ايترو ته شفاف هو جو هو جيڪي سوچيندو هو اهو صاف ڏسڻ ۾ ايندو هو!

خزاني جو وزير ٺيڻ ڏکيو ڪم آهي، چو ته جيڪڏهن ماڻهو پڇندا ته خزانو ڪٿي آهي ته توهان ڇا جواب ڏيندائو.... جيئن هڪ بار پنهنجي پيءُ کان پڇيو ته "بابا..... صرف هيءُ خزاني جو وزير چو آهي؟ ڇا، ٻين وزيرن وٽ خزانو ناهي؟ هونئن به خزانو اهڙي شيءِ آهي، جو انهيءَ جو هڪ وزير ڪونه ٿو ٿئي. انهيءَ جا گهٽ ۾ گهٽ ڇهه وزير هجن. هيءُ واحد منسٽري آهي، جيڪا عوام لاءِ مسٽري هوندي آهي." "The only ministry which belongs to mystery" جڏهن اسيمبليءَ ۾ خزاني جو وزير بجيٽ پيش ڪندو آهي ته گوڙ ايڏو ٿيندو آهي، جڻ وينل تقرير پيا ٻڌائين ۽ جيڪو بينو آهي اهو ٻڌي پيو. جيئن اسان جي هڪ دوست چيو ته "تعليم جو وزير نه هئڻ گهرجي!" پڇيوسين "چو؟" ته چيائين "علم هڪ دولت آهي. ۽ دولت معنيٰ خزانو.... ان ڪري تعليم به خزاني واري وزارت ۾ هئڻ گهرجي!"

بجيٽ جي تقرير ٻڌڻ به هڪ فن آهي.... ايترو جو جيڪڏهن ڪنهن مڪمل تقرير ٻڌي ۽ اونهارو آهي ته يڪدم ان ڪي ٿڌو پاڻي پيئارجي.... جيئن هڪڙي همراهه چيو "بجيٽ جي تقرير ٻڌڻ لاءِ

همت ڪپي!“ تہ ٻئي چيو ”نہ.... بجيٽ جي تقرير ٻڌڻ لاءِ ٽي وي ڪپي!“ ائين ٿي هڪ شادي شده ڪان ڪنهن پڇيو ”چا.... تو رات بجيٽ جي تقرير ٻڌي؟“ تہ ان چيو ”ها.... تقرير تہ مون ٻڌي.... پر منهنجي زال جو نالو بجيٽ ڪونهي!“

اسان جي خيال ۾ تہ خزاني واري وزارت شادي شده عورت کان وڌيڪ بهتر ٻيو ڪير بہ نٿو هلائي سگهي... جو ان کي ٿي خبر هوندي آهي تہ ڪيسي ۾ ڪاغذن جي وچ مان پئسا ڪيئن ڪيجن.... يا وهاٽي هينان رکيل ٻتونءَ کي ڪيئن پاسو ڏجي..... عورت مرد کان وڌيڪ ذهين هوندي آهي، ايتري جو-مرد جي پيٽ مان نڪرڻ بدران پاسرائيءَ مان نڪتي.... اسان تہ تاريخ ۽ تاريخ جي ڳائيڊن ۾ عورت جي پنيان سلطنتون ڊهندي ڏٺيون آهن. اسان تہ ان ڳالھ جا قائل آهيون تہ اسيمبليءَ ۾ عورتن ۽ مردن جون سيٽون ففٽي ففٽي هجن.... ان سان ٻيو ڪجھ ٿئي نہ ٿئي اسان جا مرد ميمبر ڳڏجاٽيءَ ۾ روز ايندا... سڀ چيئنل پاڻ ۾ مليل هوندا، تہ ترقي ٿيندي، جيئن هڪڙو همراھ بجيٽ جي تقرير ٽي ويءَ تي ٻڌي رهيو هو ۽ بار بار ريموٽ ڪنٽرول سان چيئنل ڦيرائي رهيو هو تہ ٻئي هنڌ چا ٻيو هلي؟ اوچتو بجيٽ جي تقرير کان چيئنل ملائڻ شروع ڪيائين تہ سڀ چيئنل ڪجھ هن طرح ملي ويا: ”اسان ڪٽڪ جو اڳھ.... ڪائي چڏيو.... ۽ مٿان گلوڪوز پيئو.... ڏاڍي تي!“

# بيروزگاري هڪ نعمت

بيروزگاريءَ تي ايترن ماڻهن لکيو آهي جو هاڻي باقي آئون وڃي بچيو آهيان.... ۽ منهنجي خيال ۾ بيروزگاري هڪ نعمت آهي.... توهان ڏسو.... هي روزگار ۾ ڦاٿل ماڻهو ويچارا صبح جو آفيس وڃي رات جو ٿڪل ٽٽل گهر اچي پيا موٽندا آهن جو خود کين به خبر نه هوندي آهي ته اسين ڇو پيا موٽون.... آفيس ويندا ته صاحب جو مُنهن ڏسيو پيا جَلندا ۽ گهر ايندا ته زال هنن جو مُنهن ڏسي پئي جلندي.... ان جي مقابلي ۾ بيروزگار بادشاهه هوندا آهن... رات جو ايترو دير سان سمهندا جو صبح ٿيڻ تي هوندو ۽ صبح جو ان مهل اٿندا، جنهن مهل رات ٿيڻ واري هوندي....!

اڪثر بيروزگارن جي ته مائٽ شادي به ڪونه ڪرائيندا آهن، جنهن ڪري زال جي چند ڏينهن جي چاندوڪيءَ ڪانپوءِ ايندڙ باقي قيامت جي سيني راتين کان بچيل رهندا آهن.... بي روزگار جي پنيان رشتيدارن جي گُڙ گُڙ به نه هوندي آهي ته پڇڻ به ڪونه آيو... يا پير ڏيڻ به ڪونه پهتو.... جنهن ڪري ميارن جي مچ مان به بچيل هوندو... نقصان رڳو اهو آهي ته.... وقت آهستي ٿو هلي ۽ پئسو تيزيءَ سان.... جتي عشق ڪبو اتان رڳو جوتا ملندا... ۽ ايترا جوتا ملندا جو نيٺ بيروزگار کي جوتن جو پنهنجو دڪان کولڻو پوندو... ائين روزگار سان لڳي ويندو....!

اسان جي خيال ۾ نوڪري اها سني جنهن ۾ ڪم نه ڪرڻو پوي.... جيئن هڪ چوڪريءَ هڪ بيروزگار سان شادي ڪئي، ڪجهه مهينن ڪانپوءِ سهيلين پڇيس ته، "تنهنجو گهر وارو ڇا ڪندو آهي؟ فخر سان چيائين، "جيسين هن کي سروس ملي تيسين هي منهنجي سروس ڪندو آهي....!" سهيلين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇيو، ”ڪهڙي سروس؟“ ته چيائين، ”اسانَ باورچيءَ کي به جواب ڏيئي ڇڏيو آهي، ڇو ته منهنجو مڙس مرغي اهڙي سٺي ناهيندو آهي، جڻ سڄي زندگي مرغين جي پنيان هليو هجي.... ۽ برياني ته اهڙي انداز ۾ ناهيندو آهي جيئن آئون هن کي بيوقوف ناهيندي آهيان... اسان جي واشينگ مشين ته هاڻي سوال ئي پيدا نٿو ٿئي ته خراب ٿئي ڇو ته اها اسين استعمال ئي ڪونه ڪريون.... هاڻي توهان پڇنديون ته ڪپڙا ڪير ڌوئيندو آهي .ته اهو ڪم به منهنجو بي روزگار مڙس ئي سرانجام ڏيندو آهي.... منهنجو مڙس واشنگ مشين کان به تيز آهي، واشنگ مشين بجليءَ جي زور تي ڪپڙا ڌوئيندي ۽ منهنجو مڙس هٿن جي زور تي ڌوئيندو آهي... ائين اسان جي بجليءَ جو بل به گهٽ ٿو اچي....! سهيلين پڇيس، ”چا.... تون صفائي ڪانه ڪرين؟“ چيائين، ”آئون رڳو پنهنجي مڙس جي ڪيسي جي صفائي ڪندي آهيان.... جنهن جو ڪيسو به سدائين سندس دماغ وانگر خالي هوندو آهي...!“

اسان جي ماڻهن کي پيٽ ان ڪري مليو آهي ته جيڪڏهن پَريل هجي ته به ڪائي سگهجي... انڪري هر ماڻهو سرڪاري نوڪريءَ کي پسند ڪندو آهي.... ڇو ته ان ۾ نوڪريءَ جي آرڊر سان گڏ هڪ پيٽ به فريءَ ۾ ملندو آهي، جيڪو جيترو به پربو آهي، اوترو خالي رهندو آهي... جيئن هڪ نوڪري ڏيارڻ واري بروڪر کان پڇيوسين، ”توهان پهرئين چا ڪندا هئا؟“ چيائين، ”آئون پهرئين بيروزگار هوس.... پوءِ ماڻهن کي بئنڪ ۾ نوڪريون وٺي ڏيڻ جا آسرا ڏيئي پنهنجو بئنڪ بيلنس ناهي ويس!“ پڇيوسين، ”ڪهڙيون نوڪريون وٺي ڏيندو آهين؟“ چيائين، ”ماستري ڪپي ته ايترا نوٽ ڏيو، جيڪي اسان ڳڻيون ته ڳڻيندي ڳڻيندي ائين منجهي پئون جيئن نندپڻ ۾ ماستر اڳيان حسابن ۾ مُنجهي پوندا هئاسين.... ڊاڪٽري ڪپي ته ايترا نوٽ ڏيو جو اسين ڳڻي ڳڻي بيهوش ٿي وڃون ۽ پوءِ جڏهن

اسپتال پهچون ته اتي ڊيوٽيءَ تي هڪڙو به ڊاڪٽر نه هجي.... انجنيئري ڪيپي ته هڪڙا ته اسان کي نوٽ ڏيو ۽ پيو وري انهن جيترا پيا به ڏيو جيڪي اسين ڪميشن ۾ ڏيئي سگهون!“ پڇيوسين، ”ڪميشن مان توهان جي ڇا مراد آهي؟“ چيائين، ”ڪميشن مان مراد آهي، ڪميشن ڏيئي ڪميشن پاس ڪرڻ...!

ڪجهه ڏينهن اڳ آئون هڪ اهڙي شخصيت سان مليس، جنهن زندگيءَ ۾ ايترا ته انٽرويو ڏنا آهن جو ماڻهن هن جو نالو ئي رکيو آهي ”انٽرويو بابا“. نوجوان ته هاڻي هن کان فالون ڪيائڻ لاءِ ايندا آهن.... ”انٽرويو بابا... ڇا اسان کي نوڪري ملندي؟“ انٽرويو ڏيئي ڏيئي هن جا وارَ اڇا، ڏند پيلا ۽ ايمان ڪارو ٿي ويو اٿس. هاڻي ته رستن تي ماڻهن کي بيهاري بيهاري پڇندو آهي ته، ”دنيا جو سڀ کان پهريون انٽرويو ڪنهن ڏنو.... پهريون بيروزگار ڪير هو؟.... پهرئين ڪرپشن ڪنهن ڪئي؟.... ۽ پهرئين سفارش تي نوڪري ڪهڙي شخص کي ملي...؟

بيروزگاريءَ ۾ هن کي ايترو تجربو ٿي ويو آهي جو ننڍ ۾ سُتل ماڻهوءَ جو بوٽ به ڏسي ٻڌائي ويندو ته اهو ڪيترن سالن کان ڌڪا پيو کائي... بازار مان فروٽ وٺندو ته دوڪاندار کان به پڇندو، ”ڪيلو ڪنهن دريافت ڪيو؟“ هڪڙي ٻئي فروٽ واري کان پڇيائين، ”دنيا ۾ ڪيلي جي کل تان سڀ کان پهرئين ڪير ڪريو هو؟“ هڪ دفعي درزيءَ کان ڪپڙا سبايائين ته ان کان به پڇيائين، ”قميص سڀ کان پهرئين ڪنهن پاتي؟“ ۽ درزيءَ به يڪدمُ چيس، ”پائڻ جي ته خبر ناهي.... پر قميص سڀ کان پهرئين مون لاتي... ڇو ته گرمي ايتري هئي جو قميص نه لاهيان ها ته منهنجي پگهر جي ڪري پيا بيهوش ٿي وڃن ها....!“

انٽرويو بابا کان پڇيم، ”ڇا پڙهيل آهين؟“ ته چيائين، ”ايترو پڙهيو اٿم جو هاڻي ته ياد به ڪونهي ته ڇا پڙهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿم... هاٿي رڳو ماڻهن تي پڙهي ڦوڪيندو آهيان!“ چيائين، ”آئون جنهن مهل ڇمي رهيو هوس ان ڏينهن خود منهنجي بابي جي به واهِ واهِ هئي.... ان کان پوءِ ته جنهن به منهنجو مُنهن تي ڏٺو، انهيءَ جي وات مان Why why تي نڪتو... ڪجهه ماڻهن ته منهنجي منهن تي هٿ ڦيري اهو به چيو هو ته who is who...! جڻ آئون انسان جو ٻچو نه پر ڪتاب جو ايڊيشن هجان...! پڇيوسين، ”توهان ڪيترا انٽرويو ڏنا آهن؟“ چيائين، ”انٽرويو ايترا ڏنا اٿم جو ايترا ته ملڪ ۾ ڊپارٽمينٽ به ڪونه هوندا.... آخر ۾ اسيمبليءَ جي زناني سيٽن تي به فارم ڀريم.... پر مون کي جن ٽڪيٽ ڏني... اها ٽڪيٽ جڏهن مون گهر اچي ڏٺي تہ اها سئنيما جي ٽڪيٽ هئي!“

انٽرويو بابا جڏهن اڃا بيروزگاريءَ جي دنيا ۾ نئون هو ۽ جتي ڀرئين دفعي اپلاءِ ڪيائين انهن چيس، ”لکت ۾ ٽيسٽ ٿيندي....“ هن سوچيو تہ.... اها ٽيسٽ خبر ناهي ڪهڙي ليبارٽريءَ مان ٿيندي... ۽ رَت ڪيندا ۽ الائي ڇا ڪندا.... سو انهيءَ ٽيسٽ تي ويو ئي ڪونہ... ان کان پوءِ ٻيون نمبر ٽيسٽ تي ويو تہ اها اَڌ ۾ ڇڏي ڀڄي آيو... جنهن لاءِ چيائين، تہ ”ٽيسٽ ايتري وڏي هئي جهڙي ٽيسٽ مئچ پئي هلي!“ ڪير جيڪڏهن پڇندس تہ، ”توهان کي آخر نوڪري ڇو ڪانہ ٿي ملي؟“ تہ مٺو ڳنهي چوندو ”آئون... ڇا آهي تہ سمهندو گهڻو آهيان... انڪري اڪثر مون کان انٽرويو مِس ٿي ويندا آهن ۽ نوڪريون مِسز تي ويندڙيون آهن...!“

انٽرويو بابا فوٽو اسٽيٽ جي دنيا ۾ هڪ ريڪارڊ ناهيو... هن نوڪرين لاءِ پنهنجا سرٽيفڪيٽ ايترا تہ فوٽو اسٽيٽ ڪرايا جو جنهن جو فوٽو اسٽيٽ جو دڪان هو انهيءَ جو جهڙو روزگار کُلي ويو.... ۽ هي وري بہ بيروزگار ئي رهيو. پڇيوسين، ”توهان ۾ اهليت ڪهڙي آهي؟“ تہ چيائين، ”مون مئٽرڪ ڪئي تہ ڪاپي آئون پاڻ ڪندو هوس... انٽر ڪيم تہ ڪاپي مون کي ڪرائي ويئي... بي اي ۾ صبح جو گائيڊون وٺي پوءِ پيپر ڪندا هئاسين... ايم اي ۾ اسان پيپر واري

ڏينهن دڪاندار ڪان پڇندا هئاسين ته اڄ ڪهڙو پيپر آهي... ۽ جيڪو پيپر آهي ان جي گائيڊ ڏي... اها اهليت ناهي ته ٻيو ڇا آهي!“

انٽرويو بابا ٻڌايو ته، ”مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ايترا ته انٽرويو ڏنا آهن جو سوچيم ته انهن انٽرويوز جو ڪتاب ڇپرايان.... متان ائين روزگار سان لڳي وڃان.... پر ڪجهه ڪونه ٿيو.... پوءِ مون سوچيو ته سنڌين وٽ سائنسدان بلڪل ڪونه آهن... انڪري مون ماچيس جي تيلين مان ائٽم بم ٺاهيو، پر اهو بہ ڪنهن ڪونه خريد ڪيو.... چيائون، ”اسان رڳو ڳالهين جا ائٽم بم پسند ڪندا آهيون!“ پوءِ وري مون ڪوئيلن جي ٻوريءَ مان ريل گاڏي ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي... پر ريل جا ڦيٿا پاڻ وٽ هاٿي ايترا پراڻا ٿي ويا آهن جو انهن جي متان ريل هڪ دفعو هلي وئي ته پوءِ ريل بيهارڻ لاءِ ورمي خدا کي سٽاٽڪو پوندو آهي... انڪري آئون سائنسدان بہ نہ ٿي سگهيس!“

چيائين، ”مون ايترا انٽرويو ڏنا آهن جو ڪتان رشتو گهرڻ ويندو آهيان ته بہ ڏکيا ڏکيا سوال ياد ڪري ويندو آهيان.... جيئن منهنجي ٽينڊڙ سهري مون کان پڇيو، ”رشوت جا گهڻا قسم آهن؟“ ته آئون نہ ٻڌائي سگهيس، جو ته مون ڪڏهن سرڪاري نوڪري ڪئي هجي ته ٻڌايان.... نتيجي ۾ هنن اهو چئي رشتي ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته.... جنهن ماڻهوءَ کي رشوت جي خبر ناهي... اهو اسان جي ڌيءَ کي ڪيئن خوش رکندو... انهيءَ نوڪريءَ جي آسري ۾ مُونا ڇڏي ويئي، مِينا ڇڏي ويئي ۽ مُني ڇڏي ويئي.... هاڻي ته آئون ڪتان رشتو گهرڻ ٿو وڃان ته ڪا بيواهہ بہ نٿي ملي...!

# پاپ ميوزڪ

هڪڙي اجا نہ ڇپيل ڊڪشنريءَ ۾ لکيل آهي تہ پاپ ميوزڪ ان ميوزڪ جو نالو آهي، جنهن ۾ توهان ڏسو تہ توهان جي سامهون ڪو پاپ ٿي رهيو آهي ۽ توهان پوءِ بہ ڪجھ نہ پيا ڪري سگھو... تہ اهڙي ميوزڪ کي پاپ ميوزڪ چئبو آهي... جيئن جمهوريت ۾ هر ماڻهوءَ کي ڪنهن جو بہ پتڪو لاهڻ جو حق حاصل هوندو آهي. ائين ئي هن ميوزڪ ۾ بہ گلوڪار اسٽيج تي اهڙيون اهڙيون حرڪتون ڪندي ڏسڻ ۾ ايندو، جو توهان سوچيندئو تہ ”ياتو شايد ڪنهن تندُور مان تازو نڪتو آهي!“ جيئن هڪڙي گلوڪار کي چيم تہ، ”تو هينئر گاني ۾ جَمپ ڏاڍا سنا پئي پاتا؟“ تہ چيائين ”جَمپن کي هڻ گولي، پهرئين مون کي اهو ٻڌايو تہ منهنجي قميص اندر چچي ڪنهن اڇلي هئي....؟“

پاپ ميوزڪ اسان وٽ ايتري مقبول آهي، جو جن ڪڏهن پاپ نہ ڪيو آهي، انهن کي بہ وڻندي آهي... ان ڪيفيت ۾ همراهہ حرڪتون اهڙيون پيو ڪندو، جو خود ڪيس بہ خبر نہ پئي پوندي تہ اهي عادتون هن ۾ ڪٿان آيون آهن... هڪ گلوڪار کان پڇيوسين، ”پاپ ميوزڪ ڪٿان آئي؟“ چيائين ”اسان جي گروءَ کي ڏانئن ۾ ڪِيڙو لڳل هو... هڪ دفعي ڳائيندي هن جي ڏاڻ ۾ اچي سوڙ پيو... پوءِ هو ايڏو تہ اڇليو ۽ ڦٽڪيو جو مُريدن ان انداز کي پاپ ميوزڪ جو نالو ڏنو... ڪجھ ٻين تاريخي ماهرن جو اهو چوڻ آهي تہ پاپ ميوزڪ سرڪاري اسپتالن جي دريافت آهي... جتي سپ کان وڏيڪ پاپ ٿين ٿا... جيئن هڪ ڊاڪٽر مريض جي ساڄي اک جي آپريشن ڪرڻ بدران کاٻي اک جي آپريشن ڪري ويو! مريض چيس، ”سائين... هي ڇا ڪيوَ؟“ تہ ڊاڪٽر يڪدم پنهنجو پاڻ بچائيندي چيو، ”ها... اها اک نيڪ ڪرڻ بہ ضروري هئي، ڇو تہ ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي خيال ۾ ڪامياب پاپ ميوزڪ اِها آهي، جنهن کي ٻڌڻ سان ئي ائين لڳي ڄڻ پنج ڇٽا ملي ڪنهن ڪمزور کي ماري رهيا هجن... جيئن هڪ پاپ گلوڪارا آهي، اِن جا گانا ٻڌڻ ڪانپوءِ توهان جي دل به چوندي ته اڄ کو پاپ ضرور ڪجي.... هيءَ جيڪا شاعري ڳائيندي آهي، اها توهان نه ٻڌو ته به توهان جو ڪنڌ پيو جهومندو ۽ گانو پورو ڪري ويندي هلي ته به توهان جو ڪنڌ هيڏانهن هوڏانهن ائين پيو لڏندو، ڄڻ توهان اوڌر وٺي واپس ڪرڻ کان انڪار ڪري رهيا هجو....

ايتري ته پلي گلوڪارا آهي، جو هن کي توهان بنا ٻڌڻ جي به ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي ڏسي سگهو ٿا.... خود هن جي ناني به راڳ جي م ٰ جي به ماءُ هئي... هوءَ راڳ ڇيڙيندي هئي ته جهڙو سڄي شهر کي ڇيڙيندي هئي... بلڪل راڳ جي راڻي هئي... رڳو اک کان ڪاڻي هئي ۽ ڪلام ڳائي بس ڪندي هئي ته به ماڻهو ويٺا هوندا هئا.... پوءِ جڏهن انهن ماڻهن کي ٻڌايو ويندو هو ته هن اها اک توهان کي نه پڳي آهي، پر اها ته هن جي ڄائي ڄم کان پڳل آهي... ته گهڻن مرڳو اهو چيو ته ”اها ڳالهه اسان کي پهرئين چو نه ٻڌائي ويئي... خبر ناهي انهيءَ ڪاڻي اک جي آسري ۾ اسان ڪيترا سال انڌا ٻڌيل رهياسين....!“

هڪ ٻئي مشهور پاپ سنگر کان پڇيوسين ته، ”توهان ميوزڪ طرف ڪيئن آيا؟“ ته چيائين، ”مون کي ڇهه ننڍڙا ٻار آهن، اهي آئون جڏهن سنڀاريندو هوس ته انهن ٻارن کي لوليون ڏيئي ڏيئي آئون خود سمهي رهندو هوس، پر ٻار پيا جاڳندا هئا.... ائين ٻارن کي لوليون ڏيئي ڏيئي آئون موسيقيءَ جون ٻوليون سمجهي ويس...!“ وري چيائين ”مون ڳائڻ شروع ڪيو ته گهر وارا اهڙا خوش ٿيا، ڄڻ اهي روزگار سان لڳي ويا هجن....!“

اسان هڪ نوجوان گلوڪارا کان پڇيو ته، ”توهان کي ڳائيندي گهڻا سال ٿيا آهن؟“ ته چيائين، ”آئون تڏهن کان پئي ڳايان

جيڪي اسان کي ونڻا نه هوندا آهن...، پر پوءِ به دڪاندار چوندا ”اڇو سائين ڇا توهان کي جوتا کپن!“ ايتري پيار سان کنهن کي جوتا ڏيڻ جي آفر اسان پهريون دفعو ڏٺي... اسان ته سال ۾ هڪڙو جوتو هلائيندا آهيون يا شايد جوتو اسان کي سڄو سال هلائيندو آهي...

منهنجي هڪڙي دوست ته نئين ۾ هڪڙو بوٽ ورتو هو، جيڪو اڃا تائين پائيندو آهي... چيومانس ”تنهنجو اهو تاريخي بوٽ جو نٽو ڦاٽي... ڇا تون موچين جي پاڙي ۾ رهندو آهين؟“ هاڻي ته اهو بوٽ ايترو پراڻو ٿي ويو آهي جو حڪومت کي ڏيکاري ڪلچرل اسڪالرشپ وٺي سگهي ٿو...

هڪ ٻئي دوست ٻڌايو ته اڄڪلهه بازار ۾ بوٽن جي قيمت ايتري آهي جو بوٽ وٺڻ لاءِ هڪڙي مينهن وڪڻڻي پوندي!“ چيائين ”مون ته هڪڙو بوٽ قسطن تي ورتو هو... بوٽ ڦاٽي پيو پر قسطون پوءِ به هلنديون رهيون... ان ڪانپوءِ مون بازار ئي وڃڻ ڇڏي ڏنو.“ پڇيومانس ”پر هي تنهنجي پيرن ۾ نئون بوٽ...؟“ چيائين ”ادا... ان ڪان پوءِ مون مسجد وڃڻ شروع ڪيو!“ سچ ته جوتن جون قيمتون ايتريون ته ڳريون هونديون آهن جو خود دڪاندار کي به ٻڌائيندي ڏاڍو شرم ايندو... انڪري توهان هميشه جوتن جي قيمت جوتن جي مٿان لڳل ڏٺي هوندي... ته جيئن ماڻهو آرام سان قيمت ڏسي جوتو واپس رکي هليا وڃن... پاڻ ته جڏهن به جوتو خريد ڪندا آهيون ته پهرئين قيمت ڏسندا آهيون پوءِ جوتو ڏسندا آهيون ۽ پوءِ راهه ڏسندا آهيون....!

تاريخدان پريشان آهن ته تاريخ جي ڪهڙي دور ۾ سڀ کان وڏيڪ جوتا استعمال ٿيا ۽ ڪنهن تي...؟ جوتو ڪنهن ايجاد ڪيو...؟ ڇا جنهن جوتو ايجاد ڪيو اهو شادي شده هو يا ڇڙوڇانڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ۽ وتندو هو. پراڻن گلن جي خوشبوءِ سونگهيندو.... جوتي جو سياست ۾ ڪهڙو ڪردار آهي؟ تاريخدان اڃا ٻائين هڪٻئي سان وڙهي رهيا آهن، ته اهو جوتن جو رواج سڀ کان پهرئين ڪهڙي دور ۾ پيو.... ۽ جوتي جي زور تي حڪومت جو تصور ڪنهن پيش ڪيو ۽ جنهن به پيش ڪيو ان کي اسين ”باباءِ جوتا“ چئون... يا مرڳو ”ڏاڏاءِ جوتا“ چئون... تاريخ پڙهبي ته خبر پوندي ته بي شمار حڪمرانن جوتي جي زور تي حڪومت ڪئي.... ان ڪري تاريخ نه پڙهڻ گهرجي جو ان مان توهان کي لڳندو ڄڻ توهان ڪنهن موچيءَ جي آٽو بايوگرافي پڙهي رهيا آهيو...!

جوتو ڪاٺ ايترو آسان ڪونهي جيترو جوتو ڏيڪارڻ آهي... جوتو همراهه پير مان لاٿو ناهي ته چڱا خاصا مڙس به ٻه ٽي فوت پڙي ٿي ويندا... ڪي ماڻهو پنهنجي پير مان پنهنجو جوتو لاهي پنهنجي ئي مٿي تي هڻندا آهن...! ڪنهن وقت ۾ هوائي چمپل هوندا هئا... هاڻي ته اها هوا ئي ناهي ته چمپل ڪٿان رهندا... شابس ته آهي هوائي جهازن کي جيڪي اسان جي آسمانن تي بغير هوا جي به اڏامن پيا.... ڪنهن پڇيو ”جوتي ۽ چمپل ۾ ڪهڙو فرق آهي؟“ جواب مليو ”جيڪو مٿي تي سڌو لڳي اهو جوتو ۽ جيڪو گسي وڃي اهو چمپل...!“

شادين ۾ ساليون گهوٽ جو بُوٽ رڳو ان مقصد لاءِ چورائينديون آهن ته جيئن گهوٽ کي اهو اشارو ڏيئي سگهن ته شاديءَ کان پوءِ اهڙي ئي قسم جون چوريون ٿينديون، ان ڪري هوشيار رهجان.... ساليون بوٽ لڪائي اهو به پيغام ڏيڻ چاهينديون آهن ته اهو عظيم بوٽ هوڻ ئي اڳيان هلي سندن پيٽ کي ئي ڪم اچڻو آهي... جيئن هڪڙي همراهه جون ساليون جوتو ڪڍي ويون ته هن به ڪلندي چيو ”پلي ڪڍي وڃو.... منهنجو به اهو لنڊا بازار مان

ورتل آهي...!“

بوٽ ۽ جوراب جنم جنم جا ساٿي آهن... جوراب نہ هجن ها تہ بوٽ پائڻ وارا وري جورابن جهڙي ڪا ٻي شيءِ ايجاد ڪري وٺن ها.... پوءِ انهن جو نالو بہ ساڳيو جوراب ئي رکن ها.... جورابن جي بغير بوٽ ائين آهي جيئن بوٽ جي بغير جوراب هوندا آهن.... جوراب نہ هجن ها تہ بوٽ پائڻ واري کي بغير جورابن جي بہ بوٽ پائڻو پوي ها ۽ جيڪڏهن بوٽ بہ نہ هجي ها تہ ماڻهو رڳو ننڍا جوراب پائي پيا هلن ها...!

جهيڙو انسان جي جبلت ۾ ايترو رهيو آهي جو اسان تہ هر ماڻهوءَ کي پاڻ سان گڏ هڪ جوتو ضرور ڏٺو آهي... سنڌي ماڻهو تہ ايترا ذهين آهن جو جوتي مان ڪيترائي فائدا وٺندا آهن.... جوتي سان پکي اڏائيندا، جوتي سان ڪاڪروچ ماريندا.... جوتي سان پتين ۾ ڪوڪا ڪوڙيندا.... جوتو لاهي ڪتي تي اُلاريندا.... جوتو سونگهائي بيمارن جو علاج ڪندا... جُوتو ڪٽي ٻارن کي ڪُٽيندا....!

سُنو جوتو پائڻ بہ اڄڪلهہ اسٽيٽس ۾ شمار ٿيندو آهي.... ماڻهو نئون جوتو وٺندو آهي تہ پهريان ڪلاڪ تہ هر پيو ان کي ڏسندو تہ ڪيئن پيو لڳي... دوستن کي پيو ڏيکاريندو تہ ”اسان کان پڇو تہ اهو اسان گهٽي ورتو آهي...!“ هڪڙو ڪامريڊ دڪان تي چڙهيو چيائين ”ڪو سامراجي جوتو ڏي!“ پڇيائون ”چو؟“ تہ چيائين ”پلي پيرن ۾ پيو هجي...!“ هڪڙي اديبا دڪاندار کي چيو ”هوءَ شوڪيس مان ڳاڙهي جُتي تہ ڪيجان.... جيڪا صفا مظلوم پئي لڳي....!“ وري هڪڙي پوڙهي شاعر دڪاندار کي ويهہ ڪن جوتا ڏسڻ کان پوءِ ايڪيهين جوتي ۾ هٿ وجهندي چيو ”هي جوتو مڙيئي سنو پيو لڳي... رڳو هن جو وزن صحيح ڪونهي!“

عورتون ته جوتن جي دڪان تي چڙهنديون ته پوءِ انهن کي لاهڻ لاءِ خدا جا واسطا ڏيڻا پوندا آهن. اڪثر بازارن ۾ اهڙا مرد به ڏسڻ ۾ ايندا جيڪي پارن کي قابو ڪيو بيٺا هوندا ۽ سندن مائي پيئي جتيون پسند ڪندي... جيئن هڪ مائيءَ دڪاندار کي چيو، ”هُو.. دڪان جي ٻاهران جيڪو گنجو ٻه ٻار قابو ڪريو بيٺو آهي اهو منهنجو گهر وارو آهي... مهرباني ڪري ٻڌايو ته انهيءَ تي کهڙو نمبر بيهندو؟“ دڪاندار پڇيو ”کهڙو گنجو.... جيڪو گوڏ سان بيٺو آهي؟“ مائيءَ چيو ”نه اهو ته ڳنڍيرين وارو آهي.... او.... هُو.... پري ڪان اچي وڳي وارو.... جنهن جي نوڙهه اُس ۾ چمڪي رهي آهي!“ دڪاندار چيو ”ٺيڪ آهي توهان هي ڊگهي ڪُڙيءَ وارو سينڊل ڪٽي وڃو. هن کي زور سان اُچلي متيَ ۾ هڻو... پوءِ اڪڙوٺ پڇڻ جو آواز نه اچي ته پئسا واپس!“ ائين ئي هڪ ٻي عورت دڪاندار کي چيو ”پليز.... اهڙو ڪو جوتو ڏيکاريو جيڪو آهستي اچلي هڻجي ته به متو ڦاڙي ڇڏي!“ دڪاندار چيو ”مئڊم... اهو توهان جوتو پائڻ لاءِ پيا وٺو يا جوتيَ سان چور پڇائيندائو....؟“

# بجيٽ جي تقرير

محبت ۽ وزارت ۾ سڀ ڪجهه جائز هوندو آهي، ڇو تہ بئي ڪم ڪرڻ سان ماڻهو پاڻ سوچي نہ سوچي.... ڏسڻ وارا ماڻهو سوچيندا آهن، تہ همراهہ خبر ناهي ڇا پيو ڪري! وزارت ۾ اهي ڪم نہ ڪرڻا پوندا آهن، جن جي باري ۾ پهرين سوچبو آهي ۽ محبت ۾ وري اهي ئي ڪم ڪرڻا پوندا آهن، جن جي باري ۾ پهرين نہ سوچبو آهي. خزاني وارو وزير ٿيڻ ۾ اهو فائدو آهي تہ پوءِ توهان کي رياضيءَ جي ضرورت نٿي پوي. رڳو رياض جي ضرورت پوي ٿي... جيترو توهان رياض ڪندائو اوترو توهان جي وزارت گهٽو وقت هلندي!

ڏڪئي ۾ ڏکيو ڪم بجيٽ جي تقرير پڙهڻ ۽ ٻڌي ۾ سٺو ڪم خزاني جو وزير ٿيڻ آهي، جيڪڏهن خزاني جو وزير آهي تہ پوءِ نلهہ ۽ پينگ جو وزير بہ هئڻ گهرجي. خزاني جو وزير تہ انهن مٿان هوندو آهي جن وٽ خزانو آهي.... پر جن وٽ صفا غربت آهي. ايتري جو انهن وٽ غريب ٿيڻ جيترا پئسا بہ نہ هوندا آهن، انهن جي مٿان بہ هڪڙو ”صفا ٻُڪ جو وزير“ هئڻ گهرجي ۽ اهو بہ پنهنجي ڏار بجيٽ پيش ڪري تہ ”هن سال اسان اڻ ڳڻپ جيترن غريبن مان ڪجهہ بيا اڻ ڳڻپ جيترا غريب ماريا... جيڪي اڳئين سال جي پيٽ ۾ وڌيڪ آهن. هتي GDP بدران GGP يعني ”غريب جو پئسو“ استعمال ٿئي ۽ ٻڌايو وڃي تہ هن سال اسان 80 سيڪڙو GGP کاڌو.... ڪٽڪ کي اسان بيهڻ ڪونہ ڏنو. ان ڪري ڪٽڪ جي چرپر سنڌ کان افغانستان ايتري رهي جو هر سئو ڪٽڪ جي ٻورين تي اسان ڏهہ پناڻ ڪمايا. هونءَ بہ اسان جي درآمدي ڊيوٽي ايتري آهي، جو خود اسان کي پنهنجي ڊيوٽيءَ تان موڪل وٺڻي پوي ٿي. تقرير ۾ پينگ جو وزير اهو بہ ٻڌائي تہ ”پيارا غريبو!....

هن سال اسان ازبڪستان ۽ تاجڪستان مان اهڙيون نيون نيون ڪنواريون درآمد ڪيون، جن تي ديوٽي معاف هئي.... بس انهن کي رڳو ٿوري آفيسرن جي ديوٽي ڏيڻي پئي!“

وزيرن ۾ مون کي خزاني وارو وزير وڻندو آهي، ڇو ته ان جو نالو شروع ئي خزاني کان ٿو ٿئي.... پلي سرتاج عزيز وينو هجي، ته به ان جي گنج کي ڏسي ائين پيو لڳندو ته حڪومت وٽ گنج آهن. بجيٽ رڳو انهن کي سمجهه ۾ ايندي آهي، جن جو پنهنجو حساب ڪتاب صحيح نه هوندو آهي. ڪتاب پڙهڻ لاءِ توهان جي دماغ جو صحيح هئڻ ضروري ناهي. پر حساب پڙهڻ مهل دماغ صحيح هجي نه ته ماٺهو چوندا ته هن کي حساب آهي... اسين ته بجيٽ کي صرف ان مهل سمجهي سگهندا آهيون، جنهن مهل بجيٽ جي تقرير ختم ٿيندي آهي!

ننڍڙا هوندا هئاسين ته بجيٽ جي تقرير ٻڌڻ مهل سڀ پوڙها پڪا ٽي ويءَ تي ائين وڃي ويهندا هئا، جيئن خيرات جي ديڳ اڳيان فقير ويهي رهندا آهن. اسان جو هڪڙو چاچو، ته بجيٽ جي تقرير اِئين ماٺ ڪري ٻڌندو هو ڄڻ واعظ پيو ٻڌي..... ۽ وري طرفداري ان جي ائين ڪندو ڄڻ ايندڙ سال اهڙي تقرير ڪيس ٻڌائڻي هجي. اسان ننڍپڻ ۾ ائين سمجهندا هئاسين ته اهو سامهون ٽي ويءَ ۾ گنجو همراهه اکين تي چشمو لڳائي ڪا مزيدار ڪهاڻي ٻڌائي رهيو آهي ۽ پوءِ اسين به ٻڌندا هئاسين. پر سمجهندا ڪو نه هئاسين... جيتوڻيڪ هاڻي وڏا ٿي ويا آهيون، اڄ به ٻڌندا آهيون ۽ اڄ به ڪو نه سمجهندا آهيون... اسان جو هڪڙو دوست به بجيٽ جي تقرير ٻڌڻ مهل اهڙي سيريس شڪل ناهيندو آهي، ڄڻ غور سان تقرير ٻڌڻ واري کي سائيڪل انعام ۾ ملندي.

خزاني جا وزير ٻن قسمن جا هوندا آهن، هڪڙا اهي جيڪي توهان کي سنا نه لڳن ۽ ٻيا اهي جن کي توهان ڏسڻ پسند نه ڪريو. سٺو خزاني جو وزير اهو آهي جنهن کي ڪجهه خرچ نه

ڪرٽو هجي تہ بہ .پنج دفعا سوچي.... سرتاج عزيز کي تہ ڏسي ڪيترن ماڻهن کي هن جي وزير هئڻ جو شڪ ٿيندو هو. هن کي مرد سرتاج چوندا هئا ۽ عورتون عزيز چَونديون هيون... هن جو سڄو نالو وٺڻ سان ڳهٽن جي گهرن ۾ جهيڙو ٿيو. جن ماڻهن کي پيپيتو وٽندو آهي انهن کي سرتاج عزيز جو مٿو ان ڪري بہ متاثر ڪندو آهي جو هن جي مٿي ۾ لک ڪوشش جي باوجود بہ ڪا جوءِ داخل ٿي نہ سگهندي هئي. چو تہ هن جو مٿو خزاني وانگر ايترو تہ لسو هو جو رڳو وڃڻ جو رستو هو ۽ اچڻ جو رستو نہ هو. مون کي تہ سرتاج عزيز وڏو ذهين لڳندو هو، چو تہ هن جو مٿو ايترو تہ شفاف هو جو هو جيڪي سوچيندو هو اهو صاف ڏسڻ ۾ ايندو هو!

خزاني جو وزير ٺيڻ ڏکيو ڪم آهي، چو تہ جيڪڏهن ماڻهو پڇندا تہ خزانو ڪٿي آهي تہ توهان ڇا جواب ڏيندائو.... جيئن هڪ بار پنهنجي پيءُ کان پڇيو تہ ”بابا..... صرف هيءُ خزاني جو وزير چو آهي؟ ڇا، ٻين وزيرن وٽ خزانو ناهي؟ هونئن بہ خزانو اهڙي شيءِ آهي، جو انهيءَ جو هڪ وزير ڪونہ ٿو نهي. انهيءَ جا گهٽ ۾ گهٽ ڇهہ وزير هجن. هيءُ واحد منسٽري آهي، جيڪا عوام لاءِ منسٽري هوندي آهي.“ “The only ministry which belongs to mystery” جڏهن اسيمبليءَ ۾ خزاني جو وزير بجيٽ پيش ڪندو آهي تہ ڳوڙ ايڏو ٿيندو آهي، جڻ وينل تقرير پيا ٻڌائين ۽ جيڪو بينو آهي اهو ٻڌي پيو. جيئن اسان جي هڪ دوست چيو تہ ”تعليم جو وزير نہ هئڻ گهرجي!“ پڇيوسين ”چو؟“ تہ چيائين ”علم هڪ دولت آهي. ۽ دولت معنيٰ خزانو.... ان ڪري تعليم بہ خزاني واري وزارت ۾ هئڻ گهرجي!“

بجيٽ جي تقرير ٻڌڻ بہ هڪ فن آهي.... ايترو جو جيڪڏهن ڪنهن مڪمل تقرير ٻڌي ۽ اونهارو آهي تہ يڪدم اُن کي ٿڌو پاڻي پيئارجي.... جيئن هڪڙي همراهہ چيو ”بجيٽ جي تقرير ٻڌڻ لاءِ

# بيروزگاري هڪ نعمت

بيروزگاريءَ تي ايترن ماڻهن لکيو آهي جو هاڻي باقي آئون وجي بچيو آهيان.... ۽ منهنجي خيال ۾ بيروزگاري هڪ نعمت آهي.... توهان ڏسو.... هي روزگار ۾ ڦاٿل ماڻهو ويچارا صبح جو آفيس وڃي رات جو ٿڪل ٽٽل گهر ائين پيا موٽندا آهن جو خود کين به خبر نه هوندي آهي ته اسين ڇو پيا موٽون.... آفيس ويندا ته صاحب جو مُنهن ڏسيو پيا جلندا ۽ گهَر ايندا ته زال هنن جو مُنهن ڏسي پئي جلندي.... ان جي مقابلي ۾ بيروزگار بادشاهه هوندا آهن... رات جو ايترو دير سان سمهندا جو صبح ٽيڻ تي هوندو ۽ صبح جو ان مهل اٿندا، جنهن مهل رات ٽيڻ واري هوندي....!

اڪثر بيروزگارن جي ته مائٽ شادي به ڪونه ڪرائيندا آهن، جنهن ڪري زال جي چند ڏينهن جي چاندوڪيءَ کانپوءِ ايندڙ باقي قيامت جي سيني راتين کان بچيل رهندا آهن.... بي روزگار جي پنيان رشتيدارن جي ڳُڙ گُڙ به نه هوندي آهي ته پڇڻ به ڪونه آيو... يا پير ڏيڻ به ڪونه پهتو.... جنهن ڪري ميارن جي مچ مان به بچيل هوندو... نقصان رڳو اهو آهي ته.... وقت آهستي تو هلي ۽ پئسو تيزيءَ سان.... جتي عشق ڪبو اتان رڳو جوتا ملندا... ۽ ايترا جوتا ملندا جو نيٺ بيروزگار ڪي جوتن جو پنهنجو دڪان کولڻو پوندو... ائين روزگار سان لڳي ويندو....!

اسان جي خيال ۾ نوڪري اها سٺي جنهن ۾ ڪم نه ڪرڻو پوي... جيئن هڪ ڇوڪريءَ هڪ بيروزگار سان شادي ڪئي، ڪجهه مهينن کانپوءِ سهيلين پڇيس ته، "تنهنجو گهر وارو ڇا ڪندو آهي؟ فخر سان چيائين، "جيسين هن کي سروس ملي تيسين هي منهنجي سروس ڪندو آهي....!" سهيلين

اسپتال پهچون ته اتي ڊيوٽيءَ تي هڪڙو به ڊاڪٽر نه هجي.... انجنيئري ڪيي ته هڪڙا ته اسان کي نوٽ ڏيو ۽ پيو وري انهن جيترا پيا به ڏيو جيڪي اسين ڪميشن ۾ ڏيئي سگهون!“ پڇيوسين، ”ڪميشن مان توهان جي ڇا مراد آهي؟“ چيائين، ”ڪميشن مان مراد آهي، ڪميشن ڏيئي ڪميشن پاس ڪرڻ...!

ڪجهه ڏينهن اڳ آئون هڪ اهڙي شخصيت سان مليس، جنهن زندگيءَ ۾ ايترا ته انٽرويو ڏنا آهن جو ماڻهن هن جو نالو ئي رکيو آهي ”انٽرويو بابا“. نوجوان ته هاڻي هن کان فالون ڪڍائڻ لاءِ ايندا آهن.... ”انٽرويو بابا.... ڇا اسان کي نوڪري ملندي؟“ انٽرويو ڏيئي ڏيئي هن جا وارَ اڇا، ڏند پيلا ۽ ايمان ڪارو ٿي ويو اٿس. هاڻي ته رستن تي ماڻهن کي بيهاري بيهاري پڇندو آهي ته، ”دنيا جو سڀ کان پهريون انٽرويو ڪنهن ڏنو.... پهريون بيروزگار ڪير هو؟.... پهرئين ڪرپشن ڪنهن ڪئي؟.... ۽ پهرئين سفارش تي نوڪري ڪهڙي شخص کي ملي...؟

بيروزگاريءَ ۾ هن کي ايترو تجربو ٿي ويو آهي جو ننڊ ۾ سُتل ماڻهوءَ جو پوٽ به ڏسي ٻڌائي ويندو ته اهو ڪيترن سالن کان ڌڪا پيو کائي... بازار مان فروٽ وٺندو ته دوڪاندار کان به پڇندو، ”ڪيلو ڪنهن دريافت ڪيو؟“ هڪڙي ٻئي فروٽ واري کان پڇيائين، ”دنيا ۾ ڪيلي جي کل تان سڀ کان پهرئين ڪير ڪريو هو؟“ هڪ دفعي درزيءَ کان ڪپڙا سبايائين ته ان کان به پڇيائين، ”قميص سڀ کان پهرئين ڪنهن پاتي؟“ ۽ درزيءَ به يڪدم چيس، ”پاڻ جي ته خبر ناهي.... پر قميص سڀ کان پهرئين مون لاتي... ڇو ته گرمي ايتري هئي جو قميص نه لاهيان ها ته منهنجي پگهر جي ڪري پيا بيهوش ٿي وڃن ها....!“

انٽرويو بابا کان پڇيم، ”ڇا پڙهيل آهين؟“ ته چيائين، ”ايترو پڙهيو اٿم جو هاڻي ته ياد به ڪونهي ته ڇا پڙهيو

اٿم... هاٿي رڳو ماڻهن تي پڙهي ڦوڪيندو آهيان!“ چيائين، ”آئون جنهن مهل جمي رهيو هوس ان ڏينهن خود منهنجي بابي جي به واءِ واءِ هئي.... ان کان پوءِ ته جنهن به منهنجو مُنهن تي ڏٺو، انهيءَ جي وات مان Why why تي ٽڪتو... ڪجهه مائٽن ته منهنجي منهن تي هٿ ڦيري اهو به چيو هو ته who is who...! جڻ آئون انسان جو ٻچو نه پر ڪتاب جو ايڊيشن هجان...! پڇيوسين، ”توهان ڪيترا انٽرويو ڏنا آهن؟“ چيائين، ”انٽرويو ايترا ڏنا اٿم جو ايترا ته ملڪ ۾ ڊپارٽمينٽ به ڪونه هوندا.... آخر ۾ اسيمبليءَ جي زناني سيٽن تي به فارم ڀريم.... پر مون کي جن ٽڪيٽ ڏني... اها ٽڪيٽ جڏهن مون گهر اچي ڏني ته اها سئنيما جي ٽڪيٽ هئي!“

انٽرويو بابا جڏهن اڃا بيروزگاريءَ جي دنيا ۾ نئون هو ۽ جتي پهرئين دفعي اپلاءِ ڪيائين انهن چيس، ”لکت ۾ ٽيسٽ ٿيندي....“ هن سوچيو ته.... اها ٽيسٽ خبر ناهي ڪهڙي لئباريٽريءَ مان ٿيندي... ۽ رَت ڪڍندا ۽ الائي ڇا ڪندا.... سو انهيءَ ٽيسٽ تي ويو ئي ڪونه... ان کان پوءِ ٻيون نمبر ٽيسٽ تي ويو ته اها اڌ ۾ ڇڏي ڀڄي آيو... جنهن لاءِ چيائين، ته ”ٽيسٽ ايتري وڏي هئي جهڙي ٽيسٽ مئچ پئي هلي!“ ڪير جيڪڏهن پڇندس ته، ”توهان کي آخر نوڪري ڇو ڪانه ٿي ملي؟“ ته مٿو کنهي چوندو ”آئون... ڇا آهي ته سمهندو گهڻو آهيان... انڪري اڪثر مون کان انٽرويو مِس ٿي ويندا آهن ۽ نوڪريون مِسز ٿي وينديون آهن...!“

انٽرويو بابا فوٽو اسٽيٽ جي دنيا ۾ هڪ ريڪارڊ ناهيو... هن نوڪرين لاءِ پنهنجا سرٽيفڪيٽ ايترا ته فوٽو اسٽيٽ ڪرايا جو جنهن جو فوٽو اسٽيٽ جو دڪان هو انهيءَ جو جهڙو روزگار کُلي ويو.... ۽ هي وري به بيروزگار ئي رهيو. پڇيوسين، ”توهان ۾ اهليت ڪهڙي آهي؟“ ته چيائين، ”مون مئٽرڪ ڪئي ته ڪاپي آئون پاڻ ڪندو هوس... انٽر ڪيم ته ڪاپي مون کي ڪرائي ويئي... بي اي ۾ صبح جو گائيڊون وٺي پوءِ پيپر ڪندا هئاسين... ايم اي ۾ اسان پيپر واري

ڏينهن دڪاندار کان پڇندا هئاسين تہ اڄ ڪهڙو پيپر آهي... ۽ جيڪو پيپر آهي ان جي گائيڊ ڏي... اها اهليت ناهي تہ ٻيو ڇا آهي!“

انٽرويو بابا ٻڌايو تہ، ”مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ايترا تہ انٽرويو ڏنا آهن جو سوچيم تہ انهن انٽرويوز جو ڪتاب ڇپرايان.... متان ائين روزگار سان لڳي وڃان.... پر ڪجهہ ڪونہ ٿيو.... پوءِ مون سوچيو تہ سنڌين وٽ سائنسدان بلڪل ڪونہ آهن... انڪري مون ماچيس جي تيلين مان ائٽم بم ٺاهيو، پر اهو بہ ڪنهن ڪونہ خريد ڪيو.... چيائون، ”اسان رڳو ڳالهين جا ائٽم بم پسند ڪندا آهيون!“ پوءِ وري مون ڪوئيلن جي ٻوريءَ مان ريل گاڏي ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي... پر ريل جا پٽا پاڻ وٽ هاڻي ايترا پراڻا ٿي ويا آهن جو انهن جي مٿان ريل هڪ دفعو هلي وئي تہ پوءِ ريل بيهارڻ لاءِ وري خدا کي سَٽاٽو پوندو آهي... انڪري آئون سائنسدان بہ نہ ٿي سگهيس!“

چيائين، ”مون ايترا انٽرويو ڏنا آهن جو ڪٿان رشتو گهرڻ ويندو آهيان تہ بہ ڏکيا ڏکيا سوال ياد ڪري ويندو آهيان.... جيئن منهنجي ٿيندڙ سهري مون کان پڇيو، ”رشوت جا گهڻا قسم آهن؟“ تہ آئون نہ ٻڌائي سگهيس، ڇو تہ مون ڪڏهن سرڪاري نوڪري ڪئي هجي تہ ٻڌايان.... نتيجي ۾ هنن اهو چئي رشتي ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو تہ.... جنهن ماڻهوءَ کي رشوت جي خبر ناهي... اهو اسان جي ڌيءَ کي ڪيئن خوش رکندو... انهيءَ نوڪريءَ جي آسري ۾ مُونا ڇڏي ويئي، مِينا ڇڏي ويئي ۽ مُني ڇڏي ويئي.... هاڻي تہ آئون ڪٿان رشتو گهرڻ ٿو وڃان تہ ڪا ٻيواهہ بہ نٿي ملي...!

# پاپ ميوزڪ

هڪڙي اجا نہ ڇپيل ڊڪشنريءَ ۾ لکيل آهي تہ پاپ ميوزڪ ان ميوزڪ جو نالو آهي، جنهن ۾ توهان ڏسو تہ توهان جي سامهون ڪو پاپ ٿي رهيو آهي ۽ توهان پوءِ بہ ڪجھ نہ پيا ڪري سگهو... تہ اهڙي ميوزڪ کي پاپ ميوزڪ چئبو آهي.... جيئن جمهوريت ۾ هر ماڻهوءَ کي ڪنهن جو بہ پتڪو لاهڻ جو حق حاصل هوندو آهي. ائين ئي هن ميوزڪ ۾ بہ گلوڪار اسٽيج تي اهڙيون اهڙيون حرڪتون ڪندي ڏسڻ ۾ ايندو، جو توهان سوچيندئو تہ ”ياڻو شايد ڪنهن تندُور مان تازو نڪتو آهي!“ جيئن هڪڙي گلوڪار کي چيم تہ، ”تو هينئر ڳاني ۾ جَمپ ڏاڍا سنا پئي پاتا؟“ تہ چيائين ”جَمپن کي هڻ گولي، پهرئين مون کي اهو ٻڌايو تہ منهنجي قميص اندر ڇچي ڪنهن اڇلي هئي....؟“

پاپ ميوزڪ اسان وٽ ايتري مقبول آهي، جو جن ڪڏهن پاپ نہ ڪيو آهي، انهن کي بہ وڻندي آهي... ان ڪيفيت ۾ همراهہ حرڪتون اهڙيون پيو ڪندو، جو خود ڪيس بہ خبر نہ پئي پوندي تہ اهي عادتون هن ۾ ڪٿان آيون آهن... هڪ گلوڪار کان پڇيوسين، ”پاپ ميوزڪ ڪٿان آئي؟“ چيائين ”اسان جي ڳروءَ کي ڏاڙن ۾ ڪِيڙو لڳل هو... هڪ دفعي ڳائيندي هن جي ڏاڙ ۾ اچي سور پيو... پوءِ هو ايڏو تہ اڇليو ۽ ڦٿڪيو جو مُريدن ان انداز کي پاپ ميوزڪ جو نالو ڏنو... ڪجھ ٻين تاريخي ماهرن جو اهو چوڻ آهي تہ پاپ ميوزڪ سرڪاري اسپتالن جي دريافت آهي... جتي سڀ ڪان وڌيڪ پاپ ٿين ٿا... جيئن هڪ ڊاڪٽر مريض جي ساڄي اک جي آپريشن ڪرڻ بدران کاٻي اک جي آپريشن ڪري ويو! مريض چيس، ”سائين... هي ڇا ڪيوَ؟“ تہ ڊاڪٽر يڪدم پنهنجو پاڻ بچائيندي چيو، ”ها... اها اک نيڪ ڪرڻ بہ ضروري هئي، ڇو تہ ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان وري توڻ عورتن تي ميري اک رکندو هئين...!“

مڇرن جيءَ موسم پاپ گلوڪارن جي پسند ڄجي موسم هوندي آهي... جو تہ ڳائڻ مهل هي پڌندڙن کان ايتريون تہ تاڙيون وڄرائيندا آهن، جو سڄي هال جا مڇر مري ويندا آهن.... جيڪي چالاڪ مڇر تاڙين جي وچ ۾ اچڻ کان پوءِ بہ بچي ويندا آهن:. ايتريون تاڙيون پڌي انهن جي ڪنن ۾ بہ تاڙيون پئجي وينديون آهن... هونئن مڇر مارائڻ جو اهو طريقو صحيح ڪونهي، چو تہ پاپ گلوڪار جا بہ تي گانا پڌڻ کان پوءِ مڇر هونئن ئي ڦتڪڻ لڳندا آهن:..!

حقيقت ۾ دنيا ۾ ساز ايترا آهن، جو ايترا آواز ڪونہ آهن. جيترا ساز آهن... آواز تہ رڳو ٻن قسمن جا هوندا آهن.... هڪڙو مرد جو، ٻ ٻيو عورت جو... پر سازن کي اسين انڪري بيان نٿا ڪري سگهون، چو تہ رڳو هڪ شادي شدھ گهر مان ئي توهان کي ايترن سازن جي ميوزڪ ٻڌڻ ۾ ايندي، جو توهان سوچيندئو تہ اندر ڪو ميوزڪ ڪانسرٽ پيو ٿئي.... جيئن ديڳڙن، ٿانون ۽ چمچن اچلڻ جا ساز تہ جنهن گهر مان ٻڌڻ ۾ نہ اچن تہ سمجهو اتي سپ ڪنوارا رهندا آهن.. يا تہ اهو توهان تي فرض آهي تہ توهان اهڙي دروازي تي گهنٽي وڄائي وڃي پڇو تہ، ”پائو خير تہ آهي ڪافي ڏينهن ٿيا آهن وڙهيا ڪونہ آهيو...؟“

جيئن هڪ پاپ گلوڪارا کان پڇيو ويو تہ، ”توهان کي ڪهڙي عمر ۾ خبر پئي تہ توهان جو آواز هاٿي ڳائڻ جهڙو آهي؟“ تہ چيائين، ”14 سالن جي ٽيس تہ مون کي خبر پئي تہ گهٽيءَ مان لنگهندي جيڪي آواز ٽين تا.... اهي دراصل منهنجي پنيان آهن.... هڪڙي دفعي پنيان آواز ٽيو تہ مون ڪنڌ ورائي چيو لعنت هجئي مئا... اچ هيڏانهن تہ خبر وٺانءِ...! ان ڏينهن کانپوءِ منهنجي آواز ۾ اهڙو ترنم اچيُ ويو جو آئون لنگهندي هئس تہ سڄي گهٽي خالي هوندي هئي...!“

اسان جي خيال ۾ ڪامياب پاپ ميوزڪ اها آهي، جنهن کي ٻڌڻ سان ئي ائين لڳي ڇڻ پنج ڇٽا ملي ڪنهن ڪمزور کي ماري رهيا هجن... جيئن هڪ پاپ گلوڪارا آهي، اُن جا گانا ٻڌڻ ڪانپوءِ توهان جي دل ٻه چوندي ته اڄ ڪو پاپ ضرور ڪجي.... هيءَ جيڪا شاعري ڳائيندي آهي، اها توهان نه ٻڌو ته به توهان جو ڪنڌ پيو جهومندو ۽ گانو پورو ڪري ويندي هلي ته به توهان جو ڪنڌ هيڏانهن هوڏانهن ائين پيو لڏندو، ڄڻ توهان اوڏر وٽي واپس ڪرڻ کان انڪار ڪري رهيا هجو....

ايتري ته پلي گلوڪارا آهي، جو هن کي توهان بنا ٻڌڻ جي ٻه ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي ڏسي سگهو ٿا.... خود هن جي ناني به راڳ جي م ٰ جي به ماءُ هئي... هوءَ راڳ ڇيڙيندي هئي ته جهڙو سڄي شهر کي ڇيڙيندي هئي... بلڪل راڳ جي راڻي هئي... رڳو اک کان ڪاڻي هئي ۽ ڪلام ڳائي بس ڪندي هئي ته ٻه ماڻهو وينا هوندا هئا.... پوءِ جڏهن انهن ماڻهن کي ٻڌايو ويندو هو ته هن اها اک توهان کي نه پڳي آهي، پر اها ته هن جي ڄائي ڄم کان پڳل آهي... ته گهڻن مرڳو اهو چيو ته ”اها ڳالهه اسان کي پهرئين ڇو نه ٻڌائي ويئي... خبر ناهي انهيءَ ڪاڻي اک جي آسري ۾ اسان ڪيترا سال انڌا ٻٽيل رهياسين...!“

هڪ ٻئي مشهور پاپ سنگر کان پڇيوسين ته، ”توهان ميوزڪ طرف ڪيئن آيا؟“ ته چيائين، ”مون کي ڇهه ننڍڙا ٻار آهن، اهي آئون جڏهن سمهاريندو هوس ته انهن ٻارن کي لوليون ڏيئي ڏيئي آئون خود سمهي رهندو هوس، پر ٻار پيا جاڳندا هئا.... ائين ٻارن کي لوليون ڏيئي ڏيئي آئون موسيقيءَ جون ٻوليون سمجهي ويس...!“ وري چيائين ”مون ڳائڻ شروع ڪيو ته گهر وارا اهڙا خوش ٿيا، ڄڻ اهي روزگار سان لڳي ويا هجن....!“

اسان هڪ نوجوان گلوڪارا کان پڇيو ته، ”توهان کي ڳائيندي گهڻا سال ٿيا آهن؟“ ته چيائين، ”آئون تڏهن کان پئي ڳايان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سِڪيل هوندي تہ ڪم ايندي!“

مائيڪل مفت خوري ڪان ڪنهن پڇيو، ”پلا ڳائڻ جا تمام گهڻا پئسا چو وٺندا آهيو؟“ تہ چيائين، ”نہ... آئون مفت ۾ بہ ڳائيندو آهيان!“ پڇيائون، ”ڪٿي؟“ تہ چيائين ”باٿ روم ۾...!“ جيئن هڪ پاپ گلوڪارا کان پڇيوسين. ”توهان جا مشهور پاپ گانا آهن، مون کي ڳاڙهو وڳو اڇو ڏيو... مون زردو وڳو چورايو آ..... منهنجي دلبر جو آ بلُو وڳو... ايترا وڳا؟ چا توهان جو گهر ڪنهن درزيءَ جي پر ۾ آهي؟“ تہ چيائين، ”ادا.... توهان اچا منهنجو هُو ڊسڪو گانو ڪونہ ٻڌو آهي؟“ پڇيوسين ”ڪهڙو؟“ تہ چيائين، ”منهنجو ڪارو وڳو ۽ منهنجو ڪارو مڙس.... ٻئي هڪجهڙا آهن!“

# ڪجھ موالين جي باري ۾

سنڌ ۾ نشي جو استعمال ايترو تي ويو آهي، جو هر چوٿين ماڻهوءَ کان پڇبو تہ ”چا تون نشو تو ڪرين؟“ تہ باقي ٽن چئن تي الزام هڻندي چوندو تہ ”آئون نہ.... پر اهي نشو تا ڪن!“ پنگ وري اهڙو نشو آهي، جو اگر چئن چئن کي ليبارٽريءَ ۾ وٺي وڃي ٽيسٽ ڪرائبي تہ بہ باٿ روم جو بهانو ڪري پڇي ويندا. هڪڙو چوندو ”آئون پاهران ڳنڍيريون وٺيو تو اچان!“ ۽ باقي هڪڙو هٿ ٻڌي چوندو تہ، ”توهان اهي ٽيسٽ جا پئسا مون کي ڏيئي ڇڏيو، چو تہ اڄڪلهہ پنگ ڏاڍي مهانگي آهي!“

سنڌ ۾ پنگ ايتري مقبول آهي. جو پيار ۾ پنگ کي بہ ”سنڌي پنگ“ چوندا آهن. سنڌ جي هڪ شهر کي تہ پنگ ۾ ايترو بدنام ڪيو ويو، جو خود اتان جي ماڻهن نسوار ڏيڻ شروع ڪئي تہ جيئن هنن تان پنگ جو الزام ختم ٿئي. سنڌي ماڻهو تہ ننڍي ننڍي ڳالهہ تي وڏا وڏا ٺهڪ ڏيڻ جا عادي آهن. ڪير ڪيلي جي کل تان ڪرندو تہ اڌ اڌ ڪلاڪ پيا کلندا، چڱ بهترين کلڻ واري کي هڪ ڊزن ڪيلا انعام ڏنا ويندا. نسوار کي سنڌ ۾ ڪاميابي بہ رڳو ان ڪري ڪانہ ملي سگهي آهي، چو تہ نسوار ڏيڻ وارو ٻيو سڀ ڪجھ ڪندو، پر ٺهڪ نہ ڏيئي سگهندو ۽ اگر ٺهڪ ڏنائين تہ پوءِ سامهونءَ واري جو مُنهن سائو هوندو. اسان پٺاڻن کي ڪڏهن بہ ٺهڪ ڏيندي ناهي ڏٺو، چو تہ پٺاڻ کي خبر هوندي آهي تہ اگر مون ٺهڪ ڏنو تہ ڏھ روپيا نسوار جا هليا! جيئن هڪ سنڌيءَ پٺاڻ کي هڪڙو لطيفو ٽي دفعا ٻڌايو تہ بہ پٺاڻ ڪونہ کليو. سنڌيءَ پڇيو: ”لالا.... کلين چو نٿو؟“ جواب مليس، ”لالا کو سنڌي نهين آتي!“ اهو بہ شڪر جو نسوار جو رنگ سائو هوندو آهي ۽ جنهن مهل پٺاڻ وات کولیندو تہ اندر جهڙو ڪچي ۾ برسينگ پوکيو پيو

هجي. نسوار جي دبليءَ تي آرسي به ان ڪري لڳل هوندي آهي ته جيئن ان ۾ ڏسي ٻڌائي سگهجي ته نسوار وات ۾ اندر وجي چا تي ڪري؟ يا جنهن ۾ ڏسي ڪجهه پناڻ ڏند ڳڻيندا آهن، ته نسوار ڪائي ڪائي باقي گهٽا ڏند وجي بچيا آهن!

موالي نشي جي معاملي ۾ سدائين هوش ۾ هوندا آهن. زال سان گڏ پيا ويندا ۽ رستي تي سگريٽ جو اڌڙ ڏسندا ته زال چڙي، سگريٽ کٽي وٺندا. ايترا چالاڪ جو زال کي چوندا، ته تون منهنجو نشو آهين، پر نشي کي ڪڏهن به نه چوندا ته تون منهنجي زال آهين! جيئن هڪڙي موالي‌ءَ ڀنگ جا فائدا ٻڌائيندي چيو، ”ڀنگ پيئڻ کان پوءِ چور منهنجي ويجهو نه ايندا آهن.“ ٻئي موالي‌ءَ چيس ”هائو... ڀنگ پيئڻ کان پوءِ چور خود به هڪ ٻئي جي ويجهو نه وجي سگهندا آهن.“

هڪ اونڌي ۽ انڌي تحقيق مطابق هتي هر ٽئين گهر ۾ ڏنڊو ڪونڊو هوندو آهي. ٽئين گهر مان نه ملندو، ته چوٿين گهر وارا پاڻ ئي دانهن ڪري چوندا ته، ”توهان هيڏانهن ڏڪا نه ڪائو... هي ِونو ڏنڊو ۽ ڪونڊو!“ ائين به ناهي ته سڀ ماڻهو نشو ڪندا آهن. نه، ڪجهه نشو وڪڻندا به آهن. اها ڳالهه سوچيندي به نشو چڙهيو وڃي ته جنهن ماڻهوءَ سڀ کان پهرين نشو دريافت ڪيو هو، ان جو نالو تاريخدانن کان اجا تائين دريافت چو نه ٿي سگهيو آهي!

ڪجهه ڏينهن اڳ منهنجي ملاقات ”آل پارٽي ٽاپ موالي ايسوسيئيشن“ جي صوبائي صدر محترم ”نابين نشائي“ سان ٿي، جيڪو بين الموالي ڪانفرنس لاءِ هتي اسلام آباد ڄي هڪ گٽر اڳيان ٺرو پيئڻ جي ڪري اونڌو ٿيو پيو هو. اسان هن کي وارن کان جهلي اٿاريو ته رڙ ڪندي چيائين ”چرس جي منصفاڻي ورڇ نه ٿي ته آئون آواز اٿاريندس!“ ته منهنجي ڪئميرامين چيس ”سائين! ٻن توهان ته اٿو، پوءِ آواز اٿارجو!“ اڪيون پوريندي اٿي وينو ۽ چيائين، ”وٺو انٽرويو، چو ته مون کي سترهين ”وهسڪي

ايوارڊ“ جي سلسلي ۾ موالين جو موقف پيش ڪرڻ لاءِ پناڻ واري هوٽل تي پهچڻو آهي، جتي اسان جي گول مول ڪانفرنس ٿيندي، جنهن ۾ سڄي ملڪ کان آيل نياڳا موالي پنهنجي پنهنجي حڪمت بي عمليءَ جو مظاهرو ڪندا.“ مون هن کان جلد جلد انٽرويو ورتو، جيڪو ڪجهه هن طرح هو.

**آئون:** توهان سنڌ طرفان بين الموالي گول مول ڪانفرنس ۾ صوبي جي نمائندگي پيا ڪريو.... توهان جا مطالبا ڪهڙا آهن؟

**نابين:** پهرين ته اسان نشي جي هر سيڪٽر ۾ هڪ آزاد ۽ منصفاڻي ورڇ جا حامي آهيون. هيروئن، چرس، آفيم، ڀنگ ۽ ٻين ديسي نشن جي باري ۾ اسان پنهنجي واضح پاليسي مرتب ڪئي آهي. آفيم تي ايتري پابندي ڪانهي، جيتري هيروئن تي آهي. اسين چاهيون ٿا ته هر هيروئن ڪي، چاهي اها ڪنهن موالي‌ءَ سان گڏ هجي يا ڪنهن منسٽر سان گڏ هجي، پورا پورا جمهوري حق ڏنا وڃن. ان کان سواءِ ”وهسڪي ايوارڊ“ جي منصفاڻي ورڇ مطابق گهڻو شيئر سنڌ جي موالين جو ٿئي ٿو. اسان ”سگريٽ چوڙ“ هڙتال جو سڏ ڏيئي، اهو به ماچيس ڌار مطالبو ڪيو هو ته اهو ايوارڊ اسان کي موالين جي آباديءَ جي بنياد تي نه، پر ڪلئي عام نشو وڪڻڻ جي بنياد تي ڏنو وڃي. جو ته هاڻي سڀ کان وڏيڪ نشو سنڌ ۾ ئي وڪرو ٿئي پيو!

**آئون:** چڱو... اسان کي ڪجهه پنهنجي زندگيءَ جي باري ۾ ٻڌايو؟

**نابين:** آئون موالي.... منهنجو پيءُ به موالي هو. منهنجو ڏاڏو پاڻ به موالين جو لشڪر پيدا ڪري هڪڙي ڏينهن چرس جا چاليهه سوٽا هڻي، ستو ته وري ڪونه اٿيو. اسين موالي ابن موالي آهيون.

**آئون:** توهان ڪهڙي نشي کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ڏيندا آهيو؟

**نابين:** هر نشي جي پنهنجي لذت ۽ ذلت آهي... جتي ڀنگ هوندي اتي اسان جي پهتل ٽنگ هوندي. ڪوندو پيو هلندو جهڙو ڦٽين جو ڇُوندو پيو هلندو... چرس، سيئني جو ڪري ترس... شراب، اڄ ڪلهه ملي ٿو خرابُ، اهو وڏن موالين جو نشو آهي، ان ڪري اسان جا اڪثر موالي پائر سُلفيءَ کي پاسو ڏيندا آهن ۽ پوءِ اهو نعرو هڻندا آهن ته ”پري پيءُ سلفي، نه ته زمانو ڪري ڇڏيندئي قلفي.“

**آئون:** ڇا اهو صحيح آهي ته نشو معاشري کي خراب ڪري ٿو؟

**نابين:** بلڪل نه... اها اينٽي موالي لابيءَ جي پروپگينڊا آهي، نه ته هيروئن، جنهن کي آئون ”هيروئن شيما“ چوندو آهيان... ان جي هر ڦوڪ تي توهان بغير ٽڪيٽ جي ڪڪرن مٿان اڏامندا ويندا آهيو. اهو ئي سبب آهي جو سيني هوائي جهازن ۾ هيروئن ڪٽي وجهڻ تي پابندي آهي، ڇو ته اها آسمان جا سير ڪرائي ٿي.

**آئون:** توهان کي خبر آهي ته ملڪ ۾ چاليهه لک ماڻهو هيروئن پيئن ٿا؟

**نابين:** اهو ته پاڻ اسان جو ڪمال آهي ته هڪڙي هيروئن ۽ چاليهه لک موالي... آئون پاڻ جڏهن ننڍو هوندو هوس، ته پنهنجي کيسي ۾ ڇهن ڇهن هيروئنن جا فوٽو رکندو هوس... ۽ مون ۾ پاڻ تڏهن کان هيروئن جي عادت پيئي.

**آئون:** اسان ٻڌو آهي ته توهان ڪجهه سال نشو روڪڻ واري اداري ۾ به نوڪري ڪئي؟

**نابين:** جي ها.... پر پوءِ اها موالين جي احساس محرومي ختم ڪرڻ لاءِ ڇڏي ڏنم.... مون پنهنجي ان عرصي ۾ ايترا ته ڇاپا هنيا جو گهر ۾ ويندو هوس ته اتي به وجي ڇاپو هڻندو هوس. انهن ڇاپن جي عادت مون کي نيٺ طلاق ڏياري.... هڪ دفعي مون هڪڙي ٽرڪ تي ڇاپو هنيو، ته ٽرڪ ۾ اندر هڪڙي سوزوڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. سوزوڪيءَ ۾ اندر هڪ موٽر سائيڪل هئي. موٽر سائيڪل تي هڪڙو همراهه ويٺو هو. همراهه جي ڪيسن جي تلاشي ورتيسون ته هڪ ڪيسي مان هڪ پٽون نڪتو ۽ پٽونءَ ۾ هڪڙي سوپاريءَ جي پڙي پيل هئي. پوءِ اسان ان همراهه کي غلط نموني ۾ سوپاري رکي، اسان کي ٽڪائي ٽڪائي بيچڙو ڪرڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪيو!

آئون: پوءِ توهان نشي جي طرف ڪيئن آيا؟

**نابين**: هڪڙي مواليءَ جي پاراتي مون کي نابين ڪري ڇڏيو. مون ان لاءِ هڪ فلم به لکي هئي: ”آخري ڇاپو“ مون کي ياد آهي ته ان ڏينهن اسان هڪ جلوس ڪڍيو هو، جنهن ۾ بينر تي وڏن اکرن سان لکايو هوسين ”هيروئن هڪ لعنت آهي“. ان تان ريما ڪاوڙجي پئي... ۽ ايشوريا راءِ منهنجي خلاف پريس ڪانفرنس ڪئي.

**آئون**: پوءِ ڇا ٿيو؟

**نابين**: ڇا ٿيندو؟.... توهان کي خبر آهي ته ايشوريا راءِ ۽ عوامي راءِ، ٻنهي ۾ وزن ناهي رهيو. اسان وٽ ته عوامي راءِ جو ايترو به وزن ڪونهي، جيترو ايشوريا راءِ جو وزن آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پروفيسر

پروفيسرن کان اسان کي اهائي شڪايت رهي آهي ته اهي ڏسڻ ۾ سدائين پروفيسر ئي ا لڳندا آهن. پروفيسرن جا بي شمار قسم آهن. ايترا جو قسم ڪٽي ويندا ۽ پروفيسر بچي پوندا. سنڌ ۾ ته ايترا پروفيسر آهن. جو توهان ماڻهو ڳڻيو ته باقي جيڪي بچندا، اهي پروفيسر هوندا. جيئن هڪ اخباري سروي ڪيو ويو ته سنڌ ۾ ڪيترا پروفيسر آهن.... پر اخبار وارا خود مُنجهي پيا. نيٺ هنن اهو ڪمينٽ لکيو ته، ”توهان سنڌ جي ڪنهن به هڙتال ۾ وڃي ماڻهو ڳڻيندئو ته هر ٻن ماڻهن کان پوءِ هڪڙو سپلا جو ميمبر هوندو!“

اسان جي خيال ۾ سنڌ ۾ گهٽي کان گهٽ مظلوم طبقو به پروفيسر ئي آهي، جو ته هيءَ واحد نوڪري آهي، جنهن ۾ ريٽائر ٿيڻ کان پوءِ ماڻهو پنهنجي گهر ۾ به ان ڊپ کان ڪونه پيو ويندو متان ڪنهن ٻئي جي گهر نه هليو وڃي!

پروفيسر کي ڪيئن سڃاڻجي؟.... اهو ماڻهو جيڪو توهان کي روز ملندو هجي ۽ ان کان پوءِ به هڪڙي ڏينهن توهان کان پڇي ته، ”ادا.... مون توهان کي ڪٿي ڏٺو آهي!“ يا اهو ماڻهو جنهن هڪڙي ڏينهن گهٽيءَ ۾ بيٺل ٻار کي چيو ته، ”ڇا آهي جو اسان جي گهر تي گهنٽيون پيو هڻين؟“ ۽ ٻار چيس، ”بابا.... بيهو ته آئون امان کي ٿو ٻڌايان!“ ته اهڙي قسم جي ٻن ٽنگن واري ماڻهوءَ کي توهان پروفيسر چوندئو ته هو بلڪل به دل ۾ نه ڪندو، ڇو ته اهو ئي حقيقت ۾ پروفيسر هوندو.

آمريڪا ۾ پروفيسر اهو هوندو آهي، جنهن وٽ ڪار نه هجي. جپان ۾ پروفيسر اهو هوندو آهي، جنهن وٽ گهر نه هجي ۽ سنڌ ۾ پروفيسر اهو هوندو آهي، جنهن وٽ ڪجهه به نه هجي.... ان

جو مطلب اهو ته سڀ ڪجهه هئڻ جي باوجود به لڳندو جهڙو ڪجهه به نه اٿس. پنهنجي گاڏي هوندس پر چڙهندو وري به بس ۾. جيئن آئون هڪڙي پروفيسر کي سڃاڻان. اهو خود به پنهنجو پاڻ کي اڌورو اڌورو چوندو آهي. چوندو، ”باٿ روم آهي ته دروازو ڪونهي. گاڏي آهي ته پيٽرول ڪونهي، ڪيسو آهي ته پئسو ڪونهي، وري زال آهي ته اسان ۾ حال ڪونهي!“

اهو ماڻهو به پروفيسر ئي هوندو، جيڪو دڪاندار سان رڳو ان ڳالهه جي ڪري وڙهي پوي ته هن ڪيس ويهڻ لاءِ ڪرسيءَ جي آڇ چو نه ڪئي. جيئن اسان هڪ پروفيسر ڏٺو، جيڪو هڪ ڪلو نارنگيون تورائڻ ڪان پوءِ اهي نارنگيون اڌ ۾ ڇڏي هليو ويو، جو دڪاندار ويهه رپيا ڪلو واريون نارنگيون ارڙهن رپين ۾ ڏيڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو هو. ائين ئي منهنجي هڪ سڃاڻو پروفيسر رڪشا واري ڪان پڇيو ته، ”قاسم آباد جا گهڻا وٺندين؟“ ته رڪشا واري چيس، ”ٽيهه رپيا“ پروفيسر هڪ وڏي دانهن ڪري چيس، ”ايترا پئسا.... مون کي قاسم آباد خريد ڪرڻي ڪانهي.... مون کي اتي پهچڻو آهي. وٺين ٿو پنجويهه رپيا يا لهان رڪشا مان!“ رڪشا وارو به ڪو پناڻ هو.... تنهن چيس، ”چاچا.... سنو آهي ته پنڌ وڃو!“ ان ڪان پوءِ پروفيسر پنج رپيا بچائڻ لاءِ چوويهن رڪشائن سان ڳالهايو ۽ آخر پنجويهين رڪشا ۾ پنجويهه رپيا ڏيئي خوشيءَ ۾ ائين چڙهيو ڄڻ پنجويهين رپئين ۾ پناڻ ڦاسايو اٿس!

اسان جي سنڌ سونهاريءَ ڪيترائي پروفيسر پيدا ڪيا آهن، پوءِ ڪي آپريشن ڪانپوءِ پيدا ٿيا ته ڪي نارمل پيدا ٿيا... سو اسان جو هڪ سينيئر پروفيسر به انهن مان هڪ هو. جيتوڻيڪ پاڻ هڪُ هو پر زالون ٽي ڪيائين. ڪيس نندپڻ ڪان ئي سياست سان ايترو پيار هو، جو گهر ۾ ايترو ڪونه رهيو، جيترو يونين ۾ رهيو ۽ گهر ۾ جڏهن به رهيو، شادين وارن ڏينهن ۾ رهيو. پهرين شادي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڪري ڪيائين جو هن کي اڳيان هلي ٻي شادي ڪرڻي هئي، ڪنهن پڇيس، ”ٻي شادي ڇو ڪئي؟“ ته چيائين، ”ڇو ته پهرئين شادي اڳ ۾ ئي ٿيل هئي!“ ٽئين شادي وري ان ڪري ڪيائين جو ڊائريڪٽ ٽئين شادي ڪري نٿي سگهيو. ٽئين شاديءَ لاءِ اهو ضروري هوندو آهي ته توهان جون اڳ ۾ ٻه شاديون ٿيل هجن.

نوجوانيءَ ۾ منهن تي تنقيد ۽ وات تي رومال رکندو هو. جيل ۾ به ڪيترائي دفعا ويو.... پر دوستن سان ملڻ... موسيقيءَ ۾ اختلاف ڪان سواءِ سڀ ڪجهه پڙهندو. ايترو پڙهايائين ڪونه جيترو پڙهيائين ۽ پڙهندو به رڳو سياسناما هو... دوست چوندس، ”سائين.... توهان جو آواز سٺو آهي، اڄ ته ڪجهه ٻڌايو؟“ ته انهن کي رڳو مطالبا ٻڌائيندو. تعليم جي وڏي خدمت ڪيائين، ڇو ته هر تعليم جي وزير جي خلاف رهيو.

پروفيسر صاحب قد جو ايڏو جو پاڻ وينو هوندو ته به گهڻ گهڻن پروفيسرن کان وڏو لڳندو، وارن تي ڪيس ان ڪري ڪندو ته جيئن گهٽ ۾ گهٽ سندس ڪيس مضبوط هجي. پڇيس، ”جناب... صحيح عمر ٻڌايو؟“ ته چوندو، ”آئون رڳو صحيح ٿو ڪريان، عمر جو اندازو پاڻ ڪريو!“

هن وٽ ڪيترائي چشما هوندا هئا، جنهن چشمي سان صبح جو ڏسندو، ان کي وري شام جو استعمال نه ڪندو. اڪثر رات جو به ڪارو چشمو ائين پائيندو، ڄڻ رات کي ڏيهاڙي رهيو هجي. هڪڙي چشمي سان اهي پروفيسر ڏسندو، جن کي ڏسڻ کان پوءِ اڻ ڏٺو ڪري ڇڏجي. ٽئين چشمي سان انهن کي ڏسندو، جيڪي ٻيو ڪنهن کي ڏسڻ ۾ نه ايندا هجن. اهي رڳو ڪاليج جي مسٽر رول تي ڏسڻ ۾ ايندا هجن. جيئن اسان وٽ ڪجهه پروفيسر اهڙا آهن، جيڪي صرف ڪارو چشمو پائڻ کان پوءِ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. جيئن ئي چشمو لاهيو پروفيسر غائب... ۽ ڪجهه وري اهڙا آهن، جو جيسين ويلڊنگ وارو چشمو نه پائجي تيسين ڏسڻ ۾ ئي

ڪونہ ايندا!

طبيعت جو ايترو سادو جو ياجيءَ تي ملازم پاڻ سان گڏ وٺي ويندو ۽ ان سان گڏ بہ اٿين هلندو جو خبر ئي ڪانہ پوندي تہ پنهي مان ملازم ڪير آهي. هن جو ڇهرو اهڙو ، جو پوليٽيڪل سائنس جو ڪتاب پيو پڙهندو تہ بہ لڳندو ڄڻ وتائي فقير جا لطيفا پيو پڙهي. رانڌين ۾ اها ·راند پسند ڪندو جيڪا رڳو ڪٽي سگهجي. بيڊ منٽن کي سخت ناپسند ڪندو، جو ان لاءِ چوندو تہ، ”هن ۾ بيڊ تہ آهي، پر وهاڻا ڪونہ آهن!“

گرلس ڪاليج ۾ بہ هن ڪان ڇاپا هٽايا ويندا هئا، جو انهن لاءِ چوندو، ”اڄ مون ٽن گرلس ڪاليجن تي ڇاپا هنيا!“ ڄڻ هيروئن جي اڏن تي ڇاپا هڻي آيو هجي. هڪڙي دفعي چيائين، ”اسانِ کي اطلاع مليو آهي تہ هڪ گرلس ڪاليج ۾ هيروئن وڪامجي ٿي.مون ٽڪڙو ٽڪڙو ڪاليج جي اسٽاف روم ۾ پهچي چيو تہ، ”هيروئن ڪٿي آهي؟“ تہ اڌ ڪان وڌيڪ ماسترياڻيون اٿي بيهي رهيون!“

پروفيسر صاحب پنهنجو مٽ پاڻ هو. جيتوڻيڪ هاٿي تہ سڄو پيٽ مٽ جهڙو ٿي ويو اٿس. اليڪشن ۾ بيهندو تہ هارائڻ تي ايتري محنت ڪندو جو نيٺ ڪٽي ويندو. يونين جي اليڪشن ۾ بہ جيڪي پروفيسر بيهندا، انهن ۾ خدا جا ماڻهو گهٽ ۽ هن جا ماڻهو وڌيڪ هوندا هئا. جيئن مائوزي تنگ چوندو هو تہ، ”سياست ۾ تعليم جو هئڻ ضروري آهي“تيئن هي وري چوندو آهي تہ، ”تعليم ۾ سياست جو هئڻ ضروري آهي!“

# گڏهه ۽ ڊيموڪريٽڪ پارٽي

اسانجي ملڪ ۾ شادين ۾ گهوٽ کي گهوڙي تي چاڙهي سرگس ڪرائي وڃي ٿي. گڏهه تي سرگس انڪري نٿي ڪرائي وڃي ته متان گڏهه غلط فهميءَ جو شڪار نه ٿي وڃي ۽ اهو سمجهڻ لڳي ته آئون گهوٽ آهيان... پر آمريڪا ۾ گڏهه کي چونڊ نشان ٿيڻ جو مرتبو حاصل آهي. اسان وٽ وري گڏهه کي سياست ۾ اها حيثيت ناهي، ڇو ته ان سان گڏهه جون عادتون خراب ٿيڻ جو ڊپ هوندو آهي. اسان وٽ ته گڏهه جي اها اهميت آهي جو ووٽ لاءِ ڪنهن گڏهه کي چئجي ته اهو به ”گڏهه“ کي ووٽ نه ڏئي....!

اسان ان جي باري ۾ آمريڪا جي هڪ ڊيموڪريٽڪ ليڊر کان جڏهن مسٽر گڏهه جون خصوصيتون پڇيون، ته هن ايتريون ٻڌايون جو ايتريون ته خود هُن ۾ به ڪونه هيون، چيائين ”مون هڪ پيري هڪ گڏهه جو جائزو ورتو ته ان ۾ مونکي ايتريون ته خوبيون ڏسڻ ۾ آيون، جو منهنجيءَ دل مان به هينگڻ جا آواز اچڻ لڳا... گڏهه جي خاموشي ڏسو... توهان هن کي ڪيترو به چئو ته مائيندڊ نه ڪندو ۽ نه ئي گهر جا ٿانو ڪٽي زور سان زمين تي اڇليندو.... ۽ نه ئي پنهنجي گڏهِ کي طلاق ڏيڻ جون ڌمڪيون ڏيندو... ۽ نه ئي توهان جي خلاف صاحب جا ڪن ڀرڻ لڳندو ته فلاڻو هئڙو آهي، فلاڻو هئڙو آهي... گڏهه ڳالهه جو ايترو ته جمهوري هوندو آهي، جو هينگ به ڏيندو ته مُنهن تي ڏيندو....!“

جيئن صدر بُش سپ کان وڌيڪ جهيڙن جي ڪري بدنام آهي بلڪه هاٿي ته جهيڙا صدر بُش جي ڪري بدنام آهن... هُو ته لَنچ به ٽئنڪ ۾ ويهي ڪندو آهي. انڪري هاٿي صدارتي اميدوار محترمه هيلري ڪلنٽن اليڪشن دوران پنهنجي مڙس جي پر ۾ اسٽيج تي ويهي صاف صاف چئي رهي هئي ته ”گڏهه کي ووٽ

ڏيو!“ ائين چوندي هن هڪ پيرو ٻه پنهنجي مڙس ۾ نهاري ڪونه ڏٺو ۽ خود ڪلنٽن ٻه خوش ٿيو ته شڪر جو هن ائين چوندي مون ۾ نهاري ڪونه ڏٺو...!

آمريڪا ۾ گڏهن جي مقبوليت ڏسي، تي سگهي ٿو ته هتي جي گڏهن تي ان جا اثر سنا نه پون. چو ته اسانجي ملڪ ۾ گڏهه کي اليڪشن ۾ انتخابي نشان طور استعمال نٿو ڪيو وڃي باقي گڏهه بذات خود حصو ورتو ته اها گڏهه جي پنهنجي رسڪ هوندي آهي... جيئن اسان جي هڪ ڪائونسلر کي غلطيءَ سان اليڪشن ۾ ”گڏهه“ جو نشان ملي ويو ته همراهه ڪاوڙجي پيو. جيتوڻيڪ ڪاوڙجڻ گڏهه جي گهربو هو...

هڪ سنڌي رسالي جو ايڊيٽر پنهنجي ايڊيٽوريل جي آخر ۾ لکندو هو، ”وري ملنداسين.... سدائين گڏ...“ اسان جي هڪ دوست هڪ پيري ”سدائين گڏ“ ڪانپوءِ صرف ”ه هرٽي“ وڌائي ڇڏي... هاڻي پڙهڻ ۾ ڪجهه هن طرح ٿي آيو: ”وري ملنداسين... سدائين گڏهه...!“

گڏهه هڪ اهڙو جانور آهي، جو ڪجهه ڪم ته هن جا اهڙا ٻه آهن، جيڪي اسان ٻه نٿا ڪري سگهون. اسان کي رڳو اها ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي ته گڏهه چاڪاڻ ته صفا گڏهه هوندو آهي. پوءِ ڇو ڊيموڪريٽڪ وارن هن جو نشان چونڊيو... ٿي سگهي ٿو گڏهه ۾ ڪا اهڙي ڊيموڪريٽڪ خوبي هجي، جنهن جي اسانکي اڃا تائين خبر نه پئجي سگهي آهي... ٿي سگهي ٿو آمريڪا ۾ اهو گڏهه جي لاءِ ”لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ“ هجي... ته هيترا سال هو گڏهه ئي رهيو، گهوڙي ۾ تبديل نه ٿيو...!

ڏسجي ته تاريخ ۾ گڏهه انسان مان گهٽو ڪجهه سکيو آهي... يا ٿي سگهي ٿو ته آمريڪا ۾ گڏهه گهٽ هجن، انڪري انتخابي نشان ٿا رکن. ايئن ته اسان وٽ ٻه انسان گهٽ آهن.... پوءِ انتخابي نشان لاءِ ”انسان“ جو نشان ڇو نه ٿا رکون... پڇيوسين ته

چيائون، ”انسان جو نشان وننداسين ته پوءِ ماڻهو چوندا ته انسان ڏيکاريو... جيڪو ڳولڻ ۾ اسان کي مهينا لڳي ويندا...!“

آمريڪا ۾ گڏهه جي ايتري ته مقبوليت آهي، جو توهان کي باقاعدا اتي دڪانن تان هينگن جون سي ڊيون ۽ ڪئسٽون به ملي وينديون... بلڪه ماڻهو ته فرمائش تي هينگون رڪارڊ ڪرائيندا آهن.... جيئن مرحوم رنگيلي کان ڪنهن پڇيو ”گڏهه وڏيڪ يا انسان....؟“ ته چيائين، ”گڏهه!“ پڇيائون ڪيئن؟“ ته چيائين ”گڏهه وزن کڻڻ جو ايترو ته بردبار آهي جو ٽن ماڻهن کي به کڻي ويندو... ڇا اهڙو ڪو ماڻهو آهي، جيڪو ٽن گڏهن کي کڻي سگهي؟“

ايئن ئي گڏهه کان متاثر هڪ سنڌي وري چئي رهيو هو ته ”گڏهه ايترو ته ايماندار آهي جو ڪير هن تي ڪرپشن جا الزام ثابت نٿو ڪري سگهي... گڏهه ۾ اها عادت نه هوندي آهي ته بينڪن مان لون کڻي ۽ پوءِ معاف ڪرائيندو وتي... هن جي ماٺ اهڙي هوندي آهي جو هن جي پٺيءَ تي مارشل لا جا-ڪوڙا پيا لڳندا ته به هيءُ گاهه پيو کائيندو....!“

گڏهه ڪٿي جو به هجي. شڪارپور جو هجي يا شهنگائيءَ جو.... جنهن مهل آواز ڪيندو ته توهان کي لڳندو ته سيني گڏهن جي مادري زبان هڪڙي آهي.... جيئن دڪانن ۾ ايڪ دام لکيل هوندو آهي. تيئن وري گڏهن جي ”ايڪ زبان“ هوندي آهي.... ايئن لڳندو ڄڻ چئي رهيا هجن ”هم سب ايڪ هين...!“ ننڍپڻ ۾ هن لفظ ”گڏهه“ سان سڀ کان پهرين توهان کي ماستر روشناس ڪرائيندا آهن. جڏهن ڪلاس ۾ اوچتو چوندا...

گڏهه ڪنهن جاءِ جو... توهان هيڏانهن هوڏانهن نهاري گڏهه کي ڳولڻ لڳندائو... جڏهن ته پيا سڀ ڇوڪرا وري توهان ۾ نهاري رهيا هوندا!

آمريڪا ۾ سياسي پارٽين جي وڙهڻ جو اسٽائيل ئي مختلف آهي... توهان جيڪڏهن پنهنجي سامهون ڊيموڪريٽڪ ۽

ريپبلڪن ليڊر بيهاري ٻنهي ڪان ٿائيم پڇندائو ته ٻنهي جو جواب مختلف هوندو. ڊيموڪريٽڪ چوندو ”ست لڳي پنجاهه منٽ ٿيا آهن!“... ۽ ريپبلڪن چوندو ”اٺن ۾ ڏهه منٽ آهن...! گذريل ڪيترن ئي سالن کان ”صدربش“ وري ان فلم جو نالو رهيو آهي، جيڪا سڄي دنيا جي ماڻهن بغير ٽڪيٽ جي گهر ويٺي ڏٺي آهي. لڳي ٿو ته يش پنهنجي ماءُ کان دعا نه ورتي هئي.ڪلنٽن ۾ وري اها خوبي هئي ته هُو ماءُ کان دعا وٺندو هو، پر پنهنجي ٻارن جي ماءُ کان... جيئن اسان جي هڪ دوست ڪي سندس ماءُ دعا ڪئي هئي ته هو وڏو ٿي ”جنرل“ ٿيندو... ۽ پوءِ هو جڏهن وڏو ٿيو ته جنرل ٿي به ويو... پر سيڪريٽري جنرل... ۽ سو به سنڌي ادبي سنگت جو...!

جيئن اسانجي هڪ ليڊر پنهنجي سڄي زندگي ڊيموڪريسيءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي... هُو ته شيو ڪندو ته به چوندو ”اها جمهوريت لاءِ ضروري آهي...!“ ڪنهن پڇيس ”چا توهان جو فلاڻي اداڪارا سان اسڪينڊل آهي؟“ ته چيائين ”منهنجو ته نه.... باقي هُن جو آهي!“ هڪ ٽي وي ڪمپيئر هن کي ”بزرگ سياستدان“ ڪري سڏيو.... ته انکي يڪدم چيائين ”يا ته مونکي بزرگ چئو يا سياستدان چئو!“ سدائين چوندو ”اسان جمهوريت لاءِ وڙهياسين!“ ۽ اهڙي نموني ۾ چوندو ڄڻ ڇٽي رهيو هجي ”اسان جمهوريت سان وڙهياسين!“ ڪنهن پڇيس ”ڀلا آمريت سٺي يا جمهوريت؟“ ته چيائين ”آمريت ۽ جمهوريت ۾ اهو فرق آهي ته جتي هڪ ماڻهو ڏهن ماڻهن جي ڳلي ۾ هٿ وجهيو ويٺو هجي ته اها آمريت هوندي... ۽ جتي وري ڏهه ماڻهو هڪبئي جي ڳلي ۾ هٿ وجهيو ويٺا هجن ته اها جمهوريت آهي!“

# ڪُرسي!

هڪ چيني چوڻي آهي تہ، ”گهڻو وقت ڪرسيءَ تي ويهڻ سان عمر گهٽ ٿئي ٿي!“ تي سگهي ٿو چين ۾ ايئن ٿيندو هجي... پر اسان وٽ اها چوڻي هيئن گهرجي تہ گهڻو وقت ڪرسيءَ تي ويهڻ سان وري ڪرسيءَ جي عمر گهٽ ٿئي ٿي... جيئن هڪڙي سياستدان ڪان ڪنهن پڇيو، ”چا... توهان جي مقبوليت ۾ گهٽتائي آئي آهي؟“ سياستدان چيو، ”ميان آئون اڄ بہ انهن سڀني ڪان وڌيڪ مقبول آهيان، جيڪي مون ڪان گهٽ مقبول آهن....!
صحافيءَ پڇيو، ”سر توهان ڪمزور پيا ڏسڻ ۾ اچو؟“ چيائين، ”اهو ڪنهن ڪمزور جو اڏايل هوندو تہ آئون ڪمزور آهيان... آئون نہ اڄ بہ اهڙو ئي طاقتور آهيان جو ڪنهن بہ وقت ڪنهن جي بہ بي عزتي ڪري سگهان ٿو...!“ سو اهو ماڻهو جيڪو سڀ ڪان وڌيڪ بي عزتي ڪري سگهي. ان کي اسان جي معاشري ۾ چئبو آهي ”طاقتور اِنسان“... ۽ جيڪو سڀ ڪان وڌيڪ بي عزتيون برداشت ڪرڻ ڪان پوءِ بہ مسڪرائيندو رهي... اِن کي چئبو آهي... نڪ جو پڪو انسان....!

ڪرسي چا آهي؟.... چئن ٽنگن واري هڪڙي شئي.... جنهن تان سدائين پن ٽنگن وارا پاڻ ۾ وڙهندا رهندا آهن.... ويهڻ لاءِ جيتوڻيڪ ڪٿون بہ آهن، اسٽول بہ آهن.... ويهڻ لاءِ تہ ماڻهو سِر جي اڏڙ تي بہ ويهي رهندا آهن.... پر ڪرسيءَ جو مزو ڪجهہ اهڙو دِلفريب آهي، جو جنهن کي هڪ دفعو لڳي ويو، انهيءَ مان پوءِ جهڙو جهان ڦاٽو.... جيئن اسان جو هڪڙو دوست هڪ اداري جو چيئرمين ٿيو آهي.... هن جي تعليم ايتري آهي جو خود هن کي بہ خبر ناهي تہ هن جي تعليم ڪيتري آهي.... بس سدائين چوندو، تعليم ايتري آهي جو ڳالهہ سڀ سمجهي ويندو آهيان.... هُو تہ

پنهنجي محبوبا جي تعريف بہ ايئن ڪندو آهي، جو چوندو، ”انهن ڪپڙن ۾ اڄ ايتري سٺي پئي لڳين جڻ اُٺويهين گريڊ جي ڪرسي هجين!“ ملازمن کي روز چوندو ”آئون ڪرسيءَ جي مٿان ناهيان، پر ڪرسي منهنجي هيٺان آهي!“ چوندو ”تاحيات چيئرمن ڪڏهن بہ ٿيڻ نہ گهرجي، جو انهيءَ سان هيٺئين عهديدارن کي بددعائون هٽڻ جو موقعو مليو وڃي....!“ راند هميشہ اها ڪيڏندو، جنهن ۾ هارائڻو نہ پوي.... جنهن بہ ڪرسيءَ جي چارج وٺندو، ايلفي پاڻ سان گڏ کڻي ويندو.... جنهن لاءِ چوندو، ”جيڪڏهن ڪرسي وٺي ويئي تہ پوءِ ايلفي تہ چا.... ٿمد بانڊ بہ استعمال ڪرڻو پيو تہ ڪندس!“

تاريخ ۾ ڪرسي نہ هجي ها تہ بہ ماڻهو اٿي، ويهي، ٻيهي، جهُڪي، وري اٿي وري ويهي ۽ نيٺ ٿڪجي وري بہ ڪرسي ايجاد ڪري وٺن ها.... مون کي تہ حيرت آهي تہ موئن جي دڙي واري کوٽائيءَ کان پوءِ اتان ڪا ڪرسي چو نہ لڌي وئي..... ڪرسي تہ چا .... ڪا ڪرسيءَ جي ٽِنگ تنگ بہ ڪانہ لڌي.... خبر ناهي هنن جا آفيسر شايد ڪنهن ڏِکي جي سگ تي ويهي آفيس جو ڪم هلائيندا هئا.... چون ٿا، موئن جي دڙي مان ڪرسي لڌي هئي، پر هڪڙي آرڪيالاجي ماهر جي زال کي اها ڪرسي وٺي وئي تہ هن چيو، ”اها گهر کڻي هل.... انهي تي منهنجي ٻلي سمهندي....!“ ڪي ماڻهو تہ اهي الزام بہ هڻن ٿا تہ جيڪڏهن ڪرسي نہ لڌي وئي هئي تہ پوءِ پنهنجي ڪا ڪرسي وجهي بہ اهو ظاهر ڪرڻ گهرجي ها تہ ڪرسيءَ تان اسين اڄ نہ .... پر انهيءَ عظيم ڪرسيءَ تان اسين پنج هزار سالن کان وٺي وڙهي رهيا آهيون...!

ڪڏهن ڪڏهن ڪرسين تي اهڙا ماڻهو بہ اچي ويهندا آهن، جيڪي اسٽول تي ويهارڻ جي بہ لائق نہ هوندا آهن.... جيڪي کٽ تي اچي ويهندا تہ بہ پير ۾ وينل پيا ماڻهو لهي ويندا.... جيڪي صندليءَ تي وينل هوندا تہ بہ صندلي پئي لڏندي... جيئن هڪ بادشاهہ پنهنجي وزير کان پڇيو، ”اي وزير بي تدبير.... هنيءَ

منهنجي ڪرسي لڏي ڇو پئي؟” وزير چيو، ”جهان پناهه، اها بادشاهي ڪرسي آهي... اسان پاڻ ڪنهن اخبار ۾ پڙهيو هو ته، هيءَ ڪرسي لڏندي ضرور، پر ٻڏندي ڪڏهن به نه....!“ بادشاهه چيو، ”پر هن ته لڏي لڏي اسان جو معدو خراب ڪري ڇڏيو آهي!“ وزير چيو، ”نه سائين هيءَ معدو خراب نه ڪندي آهي.... هيءَ صرف نيت خراب ڪندي آهي!“ بادشاهه پڇيو، ”وزير بي تدبير، .... اهو ٻڌاءِ ته ڇا هن جا ڪوڪا ڪمزور آهن؟“ وزير چيو، ”نه ....سر، هن جا ووٽ ڪمزور آهن!“ بادشاهه چيو، ”ووٽ ته مضبوط مليا، پر ڪرسي ڪمزور ملي.... هاڻي ڇا ڪريان؟“ وزير صلاح ڏني، ”سر، هن ڪرسيءَ کي بچائڻ لاءِ توهان کي وري هڪ ٻي مضبوط ڪرسيءَ جي ضرورت آهي!“ بادشاهه ڪاوڙ ۾ چيو، ”ڇا... وري ٻي ڪرسي.... ڇا، آئون توکي ڪنهن واڍي جو پٽ پيو ڏسڻ ۾ اچان؟“ وزير مسڪرائيندي چيو، ”سر توهان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو... ته هڪڙي ڪرسي بچائڻ لاءِ وري هڪ ٻي ڪرسيءَ جي ضرورت پوندي آهي....!“ بادشاهه چيو، ”پوءِ..... مون کي اهڙي ڪا ڪرسي ٻڌاءِ.... جيڪا صرف مون سان سچي هجي.... بي وفا نه هجي.... جنهن تي آئون سدائين ويٺو هجان!“ وزير ڪجهه دير سوچيندي چيو، ”سائين. پوءِ توهان وهيل چيئر وٺو!“

ڇا، ڪرسين جا بي شمار قسم آهن؟.... جڏهن اهو سوال اسان هڪ وڏي ڪرسيءَ واري کان پڇيو.... جنهن تي هڪڙو ننڍڙو ماڻهو ويٺو هو ته مسڪرائيندي وڏي ڪرسيءَ وارڻي چيو، توهان غلط ٻڌو آهي... ۽ ڪنهن غلط ماڻهوءَ کان ٻڌو آهي.... ڪرسيءَ جو رڳو هڪ ئي قسم آهي... ۽ اهو هيءُ ته ڪرسي صرف ڪرسي ٿيندي آهي.... قسم ته صرف ان تي ويهڻ وارن جو هوندو آهي! پڇيوسين، ”پلا ويهڻ وارن جا قسم ٻڌايو؟“ ته چيائين، ”هڪڙا ماڻهو ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ خرچ ڪندا، ۽ اتان لهرائڻ لاءِ وري ٻين کي خرچ ڪرائيندا... ٻيا اهي آهن، جيڪي ڪرسيءَ تي ويهڻ کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳ ۾ چوندا اسين ڪرسيءَ جا آهيون ۽ ويهڻ ڪانپوءِ چوندا ڪرسي اسان جي آهي...!“

وري وڏي ڪرسيءَ تي ويٺل ننڍڙي ماڻهوءَ کان سندس ڪاميابيءَ جو فارمولو پڇيوسين ته پهرئين ته هن جواب ئي ڪونه ڏنو... ۽ خاموش رهيو... نيٺ زور ڀريوسين ته ڀرڳو ديوار تي لڳل هڪ تختيءَ ڏانهن اشارو ڪيائين، جنهن تي لکيل هو، ”خاموشي هزار نعمت آهي!“ پڇيوسين. ”جا تورو به ڳالهائڻ نه گهرجي؟“ ته چيائين، ”ها... پر ايترو تورو ڳالهايو، جڻ توهان ڪنهن تي تورو پيا ڪريو... ائين جو ڳالهائڻ لاءِ توهان پنهنجا چپ چوريو ۽ جيسين ٻڌڻ وارو توهان ۾ نهاري توهان جا چپ بند ٿي چڪا هجن!“

هڪ اسڪول ۾ شاگردن کان استاد پڇيو، ”چيئرمين ڇاکي چئبو آهي؟“ هڪ شاگرد جواب ڏنو، ”جيڪو ڪرسيون ٺاهيندو هجي، ان کي چيئرمين چئبو آهي!“ ٻئي چيو، ”جيڪو ڪرسيون وڪڻندو هجي، ان کي چيئرمين چئبو...!“ ٽئين چيو، ”جيڪو ڪرسيون ڳٽيندو هجي، ان کي چيئرمين چئبو...!“ نيٺ ماستر چيو، ”پوءِ جيڪو ڪرسيون نوازيندو هجي... ان کي ڇا چئبو؟“

ڪرسيءَ کي اسان جي ملڪ ۾ سيٽ به چئبو آهي... جيئن يونيورسٽيءَ جي سيٽ، نوڪريءَ جي سيٽ، بابي جي سيٽ، چاچي جي سيٽ، پڇيوسين، ”پوءِ غريب جي سيٽ...؟“ ته جواب مليو، ”غريب جي سيٽ نه ٿيندي آهي... غريب جي رڳو رلي ٿيندي آهي... اسٽول ٿيندو آهي... سِر ٿيندي آهي... صندلي ٿيندي آهي... منجي ٿيندي اهي... پر غريب جي سيٽ نه ٿيندي آهي... غريب جي اندر مان رڳو سيٽ نڪرندي آهي... ۽ غريب کي رڳو سيٽ پهچندي آهي... مهنگائيءَ جي سيٽ، بيروزگاريءَ جي سيٽ ۽ انهيءَ سيٽ ۾ ئي هُو ساهه ڏيئي ڇڏيندو آهي! جيتوڻيڪ ڪن ماڻهن وٽ سيٽ به نه هوندي آهي ته به اهي سيٽجي پيا هلندا آهن... ڪنهن وٽ ڪا سيٽ هوندي ته ان جا سڀ مائٽ سيٽيا پيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلندا....!“ جيئن هڪ سرڪاري ملازم چيو، ”اسان کي ته بس ۾ به سيٽ ڪانہ ملندي آهي... سدائين بيهي سفر ڪندا آهيون!“ پڇيوسين، ”پلا توهان کي وٽندي ڪهڙي سيٽ آهي؟“ ته يڪدم چيائين، ”ليڊيز سيٽ...!“

هڪڙي آفيسر کان پڇيوسين، ”دنيا جي سٺي ۾ سٺي ڪرسي ڪهڙي آهي؟“ چيائين، ”سٺي ۾ سٺي رڳو ڪٽ ٿيندي آهي.... جنهن تي توهان بستر وڇائي مزي سان سمهي رهو!“ پڇيوسين، ”پلا خراب ۾ خراب ڪرسي ڪهڙي؟“ ته يڪدم چيائين، ”حجام جي ڪرسي....!“ پڇيوسين، ”ڇو؟“ ته چيائين، ”اها واحد ڪرسي آهي، جنهن تي ويهڻ کان پوءِ هرڪو چاهيندو آهي ته جلد کان جلد لهي وڃان...!“

# اليڪشن ۾ ڀوڳ

تازو بلدياتي چونڊ ٿي گذري، ان سڄي چونڊ جي دوران مختلف جاين تي مختلف نمونن جا ڀوڳ ٿيا. ڪجهہ ڀوڳ هتي پيش ڪجن ٿا.

• هڪ پوڙهي مائي ووٽ ڏيڻ ويئي تہ بيلٽ پيپر کي جانچڻ ڪانپوءِ ٻن نشانن تي ٺپو هڻي آئي، پڇيائونس، ”ٻن تي ٺپو ڇو هنيو اٿئي؟“ چيائين: ”ابا... ٻئي منهنجي ڳوٺ جا آهن....!“

• هڪ پوڙهي ڳوٺاڻي کي چيائون ”ڏاڏا.... ڪرسيءَ کي ووٽ ڏبو!“ پوڙهي چيو، ”ها... بابا، ٻڌم پوڙو ڪونہ آهيان“ ... اندر ويو، بيلٽ پيپر ورتائين ۽ پولنگ آفيسر کي چيائين، ”اٿ... تہ آئون ڪرسيءَ تي ٺپو هڻان....!“

• اليڪشن مهم دوران هڪ اميدوار تقرير ڪندي چيو، ”ساٿيو! پنهنجي ووٽ کي ضايع نہ ڪريو، مون کي ڏيئي ڇڏيو، ڳالهہ ساڳي آهي...!“

• هڪ ٻئي هنڌ هڪ اميدوار تقرير ڪندي چيو، ”يارو! منهنجو انتخابي نشان اٺ آهي، 25 آگسٽ تي ايترا ووٽ ڏيو، جو چوڏاري اٺ ئي اٺ هجن....!“

• هڪ ٻئي جلسي ۾ هڪ اميدوار تقرير ڪندي چيو، ”منهنجو انتخابي نشان ميڻ بتي آهي، ان ڪري ميڻ بتيءَ کي ووٽ ڏيو، جيئن هميشہ روشنيءَ ۾ رهو...!“ اجا ايترو چيائين مس، تہ يڪدم بجلي هلي ويئي....!

* هڪ هنڌ هڪ اميدوار چئي رهيو هو، ”دوستو.... منهنجو نشان ٽيلهو آهي...!“ ۽ ٻئي هنڌ هن جو مخالف وري چئي رهيو هو، ”جنهن جو نشان ٽيلهو آهي، ان کي اهڙو ٽيلهو ڏيو، جو وري اٿي نہ سگهي!“

- هڪ همراهہ کي ”ٽوپي“ جو نشان مليو. انهيءَ وري ووٽ وٺڻ جو نئون طريقو ايجاد ڪيو. هن جنهن ڪان بہ ووٽ تي گهريو، انهيءَ جي پيرن ۾ ٽوپي تي وجي رکي....!
- اليڪشن مهم دوران هڪ اميدوار تقرير ڪندي چيو، ”منهنجو مخالف صبح جو ٻارهين بجي اٿندو آهي. اهو توهان جا مسئلا ڇا حل ڪندو. ان ڪري مون کي ووٽ ڏيو!“ پڇيائونس، ”توهان ۾ وري ڪهڙي خوبي آهي؟“ چيائين، ”آئون پنهنجي مخالف کان اڌ ڪلاڪ اڳ ۾ اٿندو آهيان...!“
- عورتن ۾ هڪڙي مائيءَ کي جڏهن انتخابي نشان ”ڪنگهي“ مليو، تہ ان جي مڙس اليڪشن ڪميشن کي درخواست ڪئي، ان ۾ لکيائين تہ، ”پهرين اهو ٻڌايو تہ توهان کي اها ڪيئن خبر پئي تہ منهنجي زال سڄو ڏينهن ڳالهائيندي آهي...!؟“
- اليڪشن جي ڏينهن هڪڙي مائي، ڇهن ئي بيلٽ پيپرن تي چيپل، سيني نشانن مٿان آڱوٺو هڻي موٽي. پڇيائونس، ”چاچي.... ڪنهن کي ووٽ ڏيئي آئينءَ؟“ چيائين، ”ابا... سيني کي آڱوٺو ڏيکاري آئي آهيان...!“
- هڪڙي ٻيءَ پوڙهي مائي ووٽ ڏيئي جڏهن موٽي، تہ اميدوار پڇيس: ”ڏاڏي، ووٽ ڏنئي...؟“ چيائين، ”پائو، تو چيو هو تہ مونکي ووٽ ڏجان... پر تنهنجو فوٽو تہ ڪٿي بہ ڪونہ هو....!“

# واهه واهه هي ٻارَ تنهنجا...!

ٻارَ نپائڻ به هزار نعمت آهي. ۽ ٻار پيا نپجندا ته به جهڙو سڄو پاڙو پيو نپجندو.... جيئن هڪڙا زال مڙس آهن، هنن کي ڇهه ٻار آهن ۽ هاڻي قسم کنيو اٿن ته آئندا پيري وري ڇهه ٻار ڪونه ڄڻيندا‌سين... مڙس کان پڇيوسين، ”ڪڏهن توهان جا ٻارَ گم ٿيا؟“ چيائين، ”منهنجا ته سدائين مسجد مان جوتا گم ٿيا آهن...!“ ٻار ايترا اٿس جو اهي پاڻ سان گڏ وٺي گهٽيءَ ۾ نڪرندو آهي ته ماڻهو کي ٿي اين جو هي ڳانو ڳائي چيڙائيندا اٿس ته، ”واهه واهه... هي ٻار تنهنجا.... واهه واهه...!“ جيئن اسان جو هڪ مئٽ جو پروفيسر ڏاڍو صاف گو آهي. ان کان وري جڏهن به پڇبو ته... ادا توکي گهڻا ٻار آهن ته يڪدم پاسي واري کيسي مان ڪلڪيوليٽر ڪڍندو...!

مرد به عجيب شئي هوندو آهي.... گهر کان ٻاهر هوندو ته جنهن سان ملندو ان کي ٻار سمجهندو ۽ گهر ۾ هوندو ته گهر واري هن کي ٻار سمجهندي... جيئن اسان هڪ همراهه کي سڃاڻون ان کي ٻار ايترا آهن جو ڪير هن کي شاديءَ جو ڪارڊ موڪليندو ته ان جي مٿان لکرائي موڪليندو، ”هڪ کان وڌيڪ ٻار وٺي اچڻ واري کي ماني ڪانه ملندي...!“ جيئن ڪن دوستن کان اسين جڏهن پڇندا آهيون ته توهان کي گهڻا ٻار آهن ته يڪدم شڪل اهڙي ڪٽي ڇاهيندا، جڻ اسان ٻارن جي ٻاري ۾ نه، پر زالن جي ٻاري ۾ پڇيو هجي... هڪ ٻئي همراهه وري ٻڌايو ته، ”مون کي ٻار نه آهن... ڦر آهن... ڇو ته ٻار ته هر ڪنهن کي ٽي يا چار هوندا آهن.... پر مون کي ته ولر آهي ولر... نالا به الائي ڇا اٿن... ليمون، اڪُ، ٻبر، ڇيڙ... ماڻهو به مون کي چوندا آهن ته اهو تون ٻارَ پيو ڄڻين يا لئبرري پيو ٺاهين.... هاڻي ته ٻاڙي ۾ ڪو ٻار بلبُ پڄندو آهي ته ٻاڙي وِارا

گھڻتي وري منهنجي دروازي تي وڄائيندا آهن....!“

ماڻهو ٻه ٻار ان ڪري ڄڻيندو آهي ته جيئن گهر ۾ ٻلي گوڙ هجي، ۽ ٻن کان مٿي ان ڪري ڄڻيندو ته ٻلي پاڙي ۾ گوڙ هجي.... جيئن هڪڙي زال ڪاوڙ ۾ پنهنجي مڙس کي پاڳل چيو ته مڙس به دانهن ڪندي چيو، ”ها، آئون پاڳل آهيان.... شاديءَ کان اڳ تنهنجي پيار ۾ پاڳل هوس ۽ هاڻي ٻار ايترا ڄڻيا اٿئي جو انهن پاڳل ڪري ڇڏيو آهي...!“

ٻار نپائڻ هڪ مشڪل ڪم آهي، جو ته انهيءَ ڪم ۾ اوچتو ئي اوچتو ڏسبو ته ٻار وڏا ٿيندا ويندا، ۽ مائٽ ننڍو ٿيندو ويندو... اسان جي خيال ۾، ”هڪڙو ٻار نپائبو آهي، ٻه ٻار پالبا آهن، ٽي ٻار پلجندا آهن ۽ ان کانپوءِ مائٽ دعائون ڪرڻ شروع ڪندو آهي...!“ ڪٿي ته ايترا ٻار هوندا آهن، جو لڳندو ته انهيءَ گهر ۾ ٻار مائٽن کي نپائيندا آهن... خود مائٽ کي ئي خبر ڪانه پوندي ته اهي ٻار ڪتان پيا اچن.... جيئن اسان جي هڪ دوست کي ايترا ٻار آهن جو پاڙي وارن هن جي گهر ٻاهران پٽين تي چاڪنگ ڪري ڇڏي آهي ته، ”ايترا ٻار... جو ۽ چالاءِ؟“

مائيٽ جو ڪم آهي نصيحت ڪرڻ ۽ ٻار جو ڪم آهي نصيحت هڪڙي ڪَن مان ٻُڌي ٻئي ڪَن مان ڪڍي ڇڏڻ.... اهو مائٽ جيڪو نصبحت نٿو ڪري، انهيءَ سمجهو ته اڃا شادي ئي نه ڪئي آهي.... گهڻن ٻارن کي توهان نصيحت به نٿا ڪري سگهو... گهڻن ٻارن وارو مائٽ رڳو پنهنجو پاڻ کي نصيحت ڪندو آهي ته، ”هاڻي بس ڪر... اي دل، هاڻي بس ڪر...!“

جيڪڏهن پٽ ماءُ کي چوي ته آئون شادي ٿو ڪرڻ چاهيان ته ماءُ خوش ٿيندي.... ساڳي ڳالهه پيءُ چوي ته گهر ۾ جهيڙو... ان ڪري پٽ شاديءَ جي ڳالهه ڪري ته ماءُ ڳل ڪٽي ايندي، ساڳي ڳالهه پيءُ ڪري ته ڏوئي ڪٽي ايندي... ٻار جي ڳالهه نه ٻڌي ويندي ته دانهون ڪندو ۽ مائٽ جي ڳالهه ٻڌي پئي ويندي ته به دانهون پيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندو...!

پار گوڙ ڪندو تہ ان کي هاسٽل موڪليو ويندو آهي ۽ مائٽ گوڙ ڪندو تہ ان کي هاسپيٽل موڪليو ويندو آهي... پار پنهنجا ڏند نوان ڪڍندو ويندو آهي ۽ مائٽ رات جو ڏند ٽيبل تي رکي سمهندو آهي... پار مائٽ کي چڪ هڻندو آهي ۽ مائٽ وري مهانگائيءَ جي ڪري ٻين ماڻهن ۾ چَڪَ وجهندو آهي... پار پنهنجو چَڪُ جنهن مهل مائٽ کي هڻندو آهي تہ ان وقت مائٽ زماني جو ايترو تہ چَڪيل هوندو آهي، جو هي واحد چَڪُ هوندو آهي، جنهن کي کائڻ ڪانپوءِ بہ مائٽ فرحت محسوس ڪندو آهي.

هڪ تمام گهڻن ٻارن واري پيءُ کان پڇيم تہ، ”توهان ايترا ٻار ڄڻي آخر ڇا ثابت ڪرڻ چاهيو؟“ تہ مٿو ڳنهندي چيائين، ”اسان وٽ گهٽ ٻار آهن ...!“ پڇيوسين، ”ڪيئن؟“ چيائين، ”جن وٽ اسان کان وڌيڪ ٻار آهن.... انهن کان تہ گهٽ ٻار آهن!“ پڇيوسين، ”ڪيترا ٻار آهن؟ چيائين، ”ايترا ٻار آهن جو انهن جو تعداد ڪاپيءَ تي لکيل آهي ۽ اها ڪاپي ٻارن ڦاڙي ڇڏي آهي...!“

گهڻن ٻارن جو پيءُ استاد ٻبن بادشاهہ تہ اهو انسان جو ٻار آهي، جيڪو ايترا ٻارَ نپائڻ ڪانپوءِ بہ اڃا تائين ٻار آهي هن جو اهو نظريو آهي تہ سنڌي ماڻهن کي اقليت کان بچائڻ جو واحد طريقو اهو آهي تہ گهڻي کان گهڻا ٻار ڄڻجن.... ان ڪري اسان تہ ڪيس جڏهن بہ ڏٺو، ميٽرنٽي اسپتال جي اندر يا ايندي ڏٺو يا ويندي ڏٺو.... ڊاڪٽرياڻيءَ تہ هن کي صلاح ڏني آهي تہ پنهنجو گهرُ ئي اسپتال جي سامهون ٺاهي ڇڏ.... اسپتال وارن وَري هن جي زال جو فوٽو آپريشن ٿيٽر ۾ هڻي ڇڏيو آهي، تہ جيڪا مائي ليبر ۾ تڪليف محسوس ڪري اها جيڪڏهن مسلسل هن فوٽوءَ ۾ ڇتائي ڏسندي رهي تہ ان جي ڊليوري نارمل ٿيندي...!

گهڻن ٻارن جو پيءُ استاد ٻبن بادشاهہ سدائين عجيب

مصيبت ۾ نظر ايندو آهي... بازار ويندو ته پاڇي ايتري ونندو جڻ هوٽل هلائيندو هجي... عيد تي درزيءَ وٽ ڪپڙا ڪٽي ويندو ته درزي پڇندس، ”استاد... چاچا، سڄي ڳوٺ جا ڪپڙا سبائڻ آيو آهين...؟“ گهر ۾ پٽ جو ديڳڙو نه پر ايڏي وڏي ديڳ اٿس، جو مهمان ايندا. اٿس ته ٻارن کي چوندو، ”اڄوڪي رات ديڳ ۾ سمهندئو....!“ ڪنهن پڇيس، ”چا سيئي ٻارَ توهان جا آهن....؟“ ته ڪاوڙ ۾ چيائين، ”ٻيو تون چا ٿو سمجهين ته مون ٻار انعامي اسڪيم مان ڪٽيا آهن!“ اڄ رات ته ٻٻن بادشاهه جي فيملي توهان کي ڪنهن شادي هال ۾ ٿي ملندي، جنهن لاءِ سدائين چوندو، ”شادي هال نه هجن ته اسان جو حال خراب ٿي وڃي...!“

جيڪڏهن ڪو مائٽ تمام گهڻا ٻار پيدا ڪرڻ ڪانپوءِ اهو سمجهي رهيو آهي ته هو اليڪشن ۾ ڪٽڻ لاءِ پنهنجا ووٽ پيو وڌائي ته پوءِ اهو جڻ زمين تي رکيل کهاڙيءَ مٿان پنهنجو پير هڻي رهيو آهي... گهڻا ٻار پيدا ڪرڻ ڪانپوءِ مائٽ پشيمان ۽ پاڙو پريشان ٿيندو آهي. جيئن هڪڙي همراهه سان جهيڙو ڪندي سندس پاڙيسريءَ چيو ته، ”تنهنجي پٽ منهنجي پٽ جو لغڙ ٽوڙيو آهي...!“ ته همراهه به جواب ڏنو، ”ادا، ايتري ڪاوڙ چو؟... لغڙ ڦاڙيو اٿس، ڪو ٽئين ته ڪونه ڦاڙيو اٿس...!“

# دانش وَرُ

اسين سنڌي دانشورن جي حوالي سان اردو دانشورن کان بہ اڳاٽا آهيون. اسان وٽ انهيءَ دور جا دانشور بہ ويٺا آهن جنهن دور ۾ اڃا دانشور نهيا بہ ڪونہ هئا.... هڪڙو دانشور تہ اسان وٽ ايترو پراڻو آهي جو اڃا نيوٽن بہ ڪونہ ڄائو هو... سندس هڪ دوست چوندو آهي تہ، ”هيءُ گراهم بيل جو ڪلاس فيلو آهي...!“

سنڌي دانشورن جي عمر بہ ننڍي هوندي آهي، هو ستر اسي سالن کانپوءِ جلد مري ويندا آهن... جيئن هڪڙي دانشور ”سنڌين جو بُڻ بنياد“ نالي ڪتاب ايترا سال پئي لکيو جو سندس ئي بُڻ بنياد ختم ٿي ويو... هڪڙو سنڌي دانشور تہ ويهہ سال ريسرچ ڪرڻ کانپوءِ رڳو اهو ٻڌائي سگهيو تہ، ”سنڌي ٻولي سنسڪرت جي ڌيءُ آهي!“ ۽ تيسين سندس ڌيءُ بہ وڏي ٿي ويئي... وري هڪڙي ٻئي سنڌي دانشور اهو نڪاءُ ڪرايو تہ مرڳو... ”سنسڪرت سنڌي ٻوليءَ جي ڌيءُ آهي....!“ اهو ڪونہ ٻڌاياائين تہ اها ڌيءُ سيزر سان ڄائي يا نارمل ڄائي... اسان پڇيس، ”سائين توهان کي ڪنهن ٻڌايو.... ڇا توهان ان وقت دائيءَ جي پيو ۾ ويٺا هئا...؟“

دانشور ڪير هوندو آهي؟.... اهو ماڻهو جنهن جي دانش ۾ وَرُ هجي ۽ جيڪو وَر پوليس کان بہ سڌو نہ ٿي سگهي تہ اهڙي وريل انسان کي دانشور چئبو آهي. دانشوري سولو ڪم ان ڪري آهي، جو تہ اهو ڏکيو ڪم هرگز ڪونهي. ان ڪري اسان وٽ بي شمار دانشور آهن ۽ باقي انسان آهن... سنڌ ۾ جيڪي شاعري ڪندا آهن، اهي شاعر هوندا آهن، جيڪي ڪهاڻيون لکندا آهن، اهي ڪهاڻيڪار هوندا آهن، ۽ جيڪي ڪجهہ بہ نہ ڪندا آهن، اهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دانشور هوندا آهن...!

سنڌي دانشور کي ڪيئن سڃاڻجي؟.... اهو فنڪشن، جنهن ۾ صدارت واري ڪرسيءَ تي توهان هڪ اهڙو مُنهن ڏسو، جنهن جهڙو ساڳيو هيبتناڪ مُنهن توهان اڳئين فنڪشن ۾ بہ ڏسي چڪا هجو ۽ پوءِ توهان سوچيندا وڃو تہ انهيءَ کان اڳ واري فنڪشن ۾ بہ توهان انهيءَ ساڳي ئي منهن کي ڏٺو هو ۽ انهيءَ اڳ واري فنڪشن کان بہ اڳئين فنڪشن ۾ توهان انهيءَ ساڳي ئي منهن کي صدارت ڪندي ڏٺو هو ۽ انهيءَ اڳ واري فنڪشن کان بہ صفا اڳئين فنڪشن ۾ پڻ توهان انهيءَ ساڳئي شخص جو منهن ڏسي چڪا آهيو... جنهن ڪانپوءِ توهان هارر فلمن وانگر دانهون ڪري اهو ڳڻڻ شروع ڪندئو تہ توهان اهڙو ساڳيو ڀوت اڳ بہ هڪ هزار ايڪيهہ سئو، ايڪيهہ دفعا ڏسي چڪا آهيو.... ۽ پوءِ آواز ايندو، تہ "صبر ڪريو... صبر جو ميوو هر بجيٽ ۾ مهانگو ضرور ٿيندو آهي، پر هميشہ مٺو هوندو آهي....!"

دانشورن جا مکيہ بہ قسم آهن، هڪڙا اهي جيڪي ٻئين قسم کان بلڪل مختلف آهن، ۽ ٻيا اهي جيڪي پهرئين قسم سان بلڪل بہ نٿا مِلن جُلن... اهڙي ئي نموني سنڌي دانشورن جا بہ بہ قسم آهن. هڪڙا اهي جيڪي جنهن بہ قسم ۾ ڏسبو تہ وينا هوندا ۽ ٻيا اهي جيڪي ڪنهن بہ قسم ۾ نہ هوندا، پر لڳندو ائين تہ اهي ٻنهي قسمن ۾ آهن... خيرپور کي پنهنجا ست دانشور آهن، حيدرآباد کي پنهنجا ست دانشور آهن ۽ ڪراچيءَ کي پنهنجا ست دانشور آهن. خيرپور جا دانشور حيدرآباد جي دانشورن سان ڪونہ ٺهن، حيدرآباد جا دانشور ڪنهن سان بہ ڪونہ ٺهن ۽ ڪراچيءَ جا دانشور پاڻ ۾ ڪونہ ٺهن....!

ڪجهہ دانشورن جا دماغ آئيني وانگر صاف هوندا آهن...

هو تہ ڪتاب جي تعريف بہ ائين ڪندا، جو اهڙي تعريف تہ هنن ڪڏهن پنهنجي زال جي بہ نہ ڪئي هوندي... نئون ڪتاب پڙهندا تہ

سيني کي ائين ٻڌائيندا، ڇڻ نئين شادي ڪئي هجين.... قانوَن جا ايترا پابند جو جيڪو ڪم .هنڻ کي نہ ايندو، ان کي غير قانوني چوندا... ترجمن سان ايتري دشمني جو رات جو جيڪو ڪتاب پڙهي ويهاڻي هينان رکندا تہ صبح جو اهو ڪتاب ترجمو ٿيل ملندو...!

جيئن توهان بہ هڪ دانشور کي سڃاڻو. هيءُ مون ·کي رڳو ان ڪري وڻندو آهي، چو تہ هيءُ ڪنهن کي بہ ڪونہ وڻندو آهي... هيءُ انهن دانشورن مان آهي، جن سان توهان رڳو هڪ دفعو ملو ۽ باقي دفعا هو پاڻهي پيو ملندو. ڪنهن دوست وٽ ويندو تہ بہ ٿي ڏينهن ان وٽ رهي پوندو، جنهن لاءِ چوندو تہ، ”آئون تحقيق پيو ڪريان تہ انسان دنيا ۾ مهمان ٿي آيو آهي يا نہ...؟“ تاريخ سان ايتري محبت جو دڪاندار کان جيڪا شيءِ وٺندو، انهيءَ کي چوندو، ”پئسا پهرئين تاريخ تي ونجان....! تهذيب سان وري اهڙي دل، جو رڪشا وارو پاڙو گهرندس تہ ان کي چوندو ”تهذيب سان ڳالهاءِ....!“ ڪنهن کي انٽرويو ڏيندو ڇڻ ڪنهن کي اوڊر پيو ڏيندو... چوندو، ”منهنجو لکيل مهاڳ جيڪڏهن ڪير سچو پڙهي وڃي تہ ان جي آخرت سنئي ٿيندي....!“

هڪ ٻئي سنڌي دانشور کي آئون سڃاڻان، جيڪو وري پرائمريءَ ۾ انگريزي سيکارڻ جي خلاف آهي، چوندو، ”انگريزن کي ڪهڙي سنڌي اچي ٿي، جو اسين انگريزي سکون...!“ وري زور ڏيئي چوندو، ”پرائمريءَ ۾ انگريزيءَ تي پابندي خود انگريزن وٽ بہ هئڻ گهرجي...!“

هيءُ پنهنجن مهاڳن ۾ شاعرن سان بہ اهو ئي ڪجهہ ڪندو آهي، جهڙو خود شاعر پنهنجن ٻڌندڙن سان ڪندا آهن.... هن وٽ ڪتابن جا مهاڳ لکرائڻ تي ايتري رش هوندي آهي، جو شاعر هاڻي پهرئين مهاڳ لکائيندا آهن ۽ پوءِ شاعري ڪندا آهن.... جيئن هن هڪ ڪتاب جو مهاڳ لکيو تہ اهو وڪامجيو ڪو نہ.... وري ٻئي هڪ ڪتاب جو مهاڳ لکيائين تہ اهو هتوهٽ وڪامجي ويو. پبلشر

ڪان پڇيوسين، ”توهان ڪهڙي اٽڪل ڪئي؟“ چيائين، ”اسان ٽائيٽل تي اهو لکرائي ڇڏيو هو ته ڪتاب ۾ اندر هن صاحب جو مهاڳ ڪونهي...!“

هڪڙي ٽئين سنڌي دانشور کي آئون سڃاڻان. هن کي وري ادبي دنيا سان ايترو پيار آهي، جو ڪنهن شاديءَ ۾ ويندو ته گهوٽ کي تحفي ۾ ٻه صفحي ڪن جو مهاڳ ڏيئي ايندو... اخبار پڙهڻ ويهندو ته لڳندو، ڄڻ اخبار هن کي پڙهي رهي آهي... هلڻ جو ايترو تيز جو اسلام آباد تائين پهچيو وڃي.... ۽ ويهڻ جو ايترو مضبوط جو جيڪڏهن ڪنهن ڪرسيءَ تي ويهي ته هن کي لاهڻ لاءِ به رينجرس گهرائڻي پوندي آهي...!

# ڳُٽڪي تي پابندي

تازو ڳٽڪي تي پابندي لڳي ته احتجاج طور ڳٽڪائين پچڪاريون هڻي، شهر جون پٽيون ڳاڙهيون ڪري ڇڏيون.... ۽ پٽين تي اهڙا نقشا نهي ويا جو ڪجهه پراڻن ڪامريڊن ته ان کي هڪ نئين ڳٽڪائي انقلاب سان پيٽ پئي ڏني. سوپاري ڪاٽڻ ڪو ڏکيو ڪم ڪونهي. ان لاءِ بس توهانِ وٽ گهٽ ۾ گهٽ ٻه يا ٻن ڪان وڏيڪ ڏندِ هئڻ گهرجن. ڌرتيءَ سان محبت ڪرڻ ڪنهن کي سکڻي آهي ته پوءِ هڪ ڳٽڪائيءَ کان سکي. حرام جو هُو پچڪاري زمين تي ڇڏي، سدائين پٽين تي اڇلائيندو....!

ڊاڪٽر ٿيڻ آسان آهي پر هڪ ڳٽڪائي ٿيڻ لاءِ شديد محنت ڪرڻي پوي ٿي. ڳٽڪو آيو ڪٿان؟.... دراصل انڊيا ۾ هڪ همراهه جي زال گهڻو ڳالهائيندي هئي.... اهو هن پنهنجي زال لاءِ دريافت ڪيو هو ته ڳٽڪو وات ۾ هوندس ته ماٺ ۾ هوندي.... اڳيان هلي مرڳو اهو سڄي برصغير جي مردن ۾ ڦهلجي ويو. ڳٽڪو رڳو اهي مرد ڪائيندا آهن، جيڪي سمجهندا آهن ته اسين ڪنهن ٻئي جو وات ته بند نٿا ڪري سگهون، ان کان بهتر آهي پنهنجو ئي وات بند رکون... ڳٽڪائيءَ جي منهن اڳيان وڃي ڪو به سوال نه پڇجي، نه ته پوءِ توهان کي پنهنجو مُنهن ڌوئارڻ لاءِ به ڪنهن ڊرائي ڪلينر سان رابطو ڪرڻو پوندو. ڪجهه ڳٽڪائين جون زالون ته هيلمٽ پائي پوءِ پنهنجن مڙسن سان ڳالهائينديون آهن....!

مين پُڙي وري اها شيءِ آهي، جيڪا "مين" لاءِ پُڙي آهي.... جيتوڻيڪ تاريخ ۾ اهو ڏنو ويو آهي ته "مين" لاءِ هميشه "وومين" پڙي رهي آهي. ڳٽڪائي بنيادي طرح ٺڏي طبيعت جا مالڪ هوندا آهن. جو ته هي سڄو ڏينهن وات هلائڻ ڪانپوءِ به ڪجهه نه ڳالهائي سگهندا آهن. باقي هڪ ڳٽڪائيءَ جي دشمني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سئو دشمنين جي برابر آهي... جو گٽڪائيءَ کي ڪاوڙ آئي ته پوءِ نه صرف توهان جي ڪپڙن جو، پر توهان جي مُنهن جو به خير ڪونهي. ان ڪري منهنجو قول آهي ته ”سوناري جا سئو ڌڪ ۽ گٽڪائيءَ جي هڪڙي پچڪاري....!“

گٽڪائين جي گهرن ۾ ڏندڻ نه هوندا آهن... جن گهرن تي نئون رنگ ڪرايو ويندو آهي، اهي وري پنهنجن گهرن ٻاهران بورڊ هڻي ڇڏيندا آهن ته ”هتان گٽڪائين جو لنگهڻ منع آهي....“ گٽڪائين کي توهان روئندي به گهٽ ڏٺو هوندو، جو ته هنن جي ماٺ ئي اهڙي هوندي آهي جڻ روئي رهيا هجن... گٽڪائيءَ سان مسئلو رڳو اهو هوندو آهي ته انهن کي اگر پٽ جائو ته پنهنجي ٻار کي چمي به نه ڏيئي سگهندا، جو ته جنهن ٻار کي گٽڪائيءَ چمي ڏني، ان ٻار کي وري ٻيو ڪير به چمي نه ڏيئي سگهندو...!

آئون هڪ گٽڪو ڪائيندڙ کي تڏهن کان سڃاڻان، جڏهن هو اڃا رڳو ٻار جا ڏڙڪا ڪائيندو هو.... هاڻي هو سياست ۾ لٿو آهي. جيتوٽيڪ هو پنهنجي گهر ۾ ڪڏهن ڪٿ تان ڪونه لٿو. چيائين ”ٻيو نه.... ته به گٽڪائين جا ووٽ ته ملي ويندا....“ اليڪشن ۾ انتخابي نشان مليس ”سوپاريءَ جو اڏڙ“.. ۽ سندس سياسي نعرو هو، ”جيڪو گٽڪي جو يار آ.... اهو ئي ايماندار آ....!“

پانُ ته ڄڀان ۾ به آهي، پوءِ اتي جو پابندي ڪانهي... توهان پڇندئو ته ڄڀان ۾ پان ڪٿان آيو... ته ادا، ڄڀان ۾ پان موجود آهي. توهان ٿورو وات سان ”ڄڀان“ پڙهو، توهان کي ڄڀان ۾ پان ڏسڻ ۾ ايندو. گٽڪي تي پابنديءَ سان وڏي ۾ وڏو نقصان ڏندن جي ڊاڪٽرن کي ٿيو آهي... گٽڪائي وري چوندو ته هاڻي کهڙو ڊاڪٽر کي وات ڏيکاريان... اول ته ڊاڪٽر کي ڏند ليندا ڪونه، جو ته اهي ايترا ڪارا هوندا جو ڏندن تي جيسين تيزاب نه هارجي، تيسين صاف ڪونه ٿيندا.... ۽ ٻيو ته جيسين ڊاڪٽر وات ۾ اندر ڪرسي رکي نه ويهي، تيسين ڪيس ڏند جو پاڇو به ڏسڻ ۾ نه ايندو... جيئن

اڌ پاءُ سوپارين جو تہ ڏجان!“ جيئن انڊيا ويو تہ هڪ همراهہ کان پڇيائين، ”ڇا هتي سوپاري ملندي؟“ همراهہ چيس، ”سائين آهستي ڳالهايو... هتي سوپاريءَ جي معنيٰ ٻي آهي...!“ ائين ئي هڪڙي همراهہ ٻڌايو تہ، ”گٽڪو آئون نتو ڇڏي سگهان... ڇو تہ اهو مون غربت جي ڏينهن ۾ شروع ڪيو ۽ هاڻي آئون لکاپتي آهيان.“ پڇيوسين ”ڇا توهان گٽڪو کائيندا آهيو؟“ تہ چيائين ”نہ، آئون گٽڪو وڪڻندو آهيان...!“

گٽڪي جي معاملي ۾ اسين جڏهن بہ پنهنجي هڪ حيدرآباد جي صحافي دوست سان ملندا آهيون تہ اهو مون کي گٽڪائين جو سلطان راهي لڳندو آهي... هر بريڪنگ نيوز تي نئين گٽڪي جي پڙي ائين کوليندو ڇڻ ڪنهن جو راز کولي رهيو هجي.... هن جي ميز اڳيان هڪ ڏٻو رکيو هوندو، جنهن ۾ جهاتي پائي ڏسبو تہ اندر دوزخ جو منظر هوندو... ڏٻو ايترو ڳاڙهو هوندو جو ايترو ڳاڙهو رنگ تہ اسٽالين بہ ڪونہ ڏنو هوندو... خود سندس ايڊيٽر جڏهن اهو ڳاڙهو ڏٻو ڏسندو آهي تہ ان جو منهن بہ ڳاڙهو ٿي ويندو آهي. هڪ ڏينهن ايڊيٽر اهو اعلان ڪيو تہ، ”جيڪو بہ هن جو ڳاڙهو ڏٻو چوري ڪندو، ان کي هزار رپيا بونس ڏنو ويندو...“ ۽ هن وري اعلان ڪيو تہ ”خبردار.... جيڪو منهنجي ڏٻي ۾ هٿ وجهندو، اهو ڄڻ تہ منهنجي عزت ۾ هٿ وجهندو...!“

گٽڪي کائڻ واري کي توهان ڪڏهن مسڪرائيندي نہ ڏٺو هوندو. ڇو تہ هو جيئن ئي مسڪرائيندو آهي تہ هن کي ڏسي سڄو شهر مسڪرائيندو آهي. جيئن هڪ گٽڪائيءَ چيو، ”گٽڪي کائڻ ۾ رڳو هڪ برائي آهي تہ اهو پنهنجن پئسن سان کائڻو تو پوي!“ جيئن هڪ گٽڪائيءَ پنهنجي دوست کي ٻڌايو تہ، ”منهنجي زال ۾ اها خوبي آهي جيڪا توهان جي زالن ۾ ناهي...!“ پڇيائونس ”ڪهڙي خوبي؟“ تہ چيائين، ”اها بہ گٽڪو کائيندي آهي!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دواخانو دَجال

اڄڪلهه حڪيمن جا اشتهار ايترا ٿي پيا آهن جو جن ماڻهن کي بيماري ڪانهي، اهي به ايترا سهڻا اشتهار پڙهيو وڃيو حڪيمن کي چون ٿا، ”حڪيم صاحب! اسان کي ڏسو، ڇو ته اسان خود اجا تائين ڪجهه ناهي ڏٺو...!“ ۽ حڪيم وري انهيءَ کي هڪ دبلي ڏيئي چوندو.... ”هيءُ اِٽئي خميرو دلِ نادان... جتي به دل ڦاٽي هجنئي، انهيءَ جي پيءَ کي وجي ڪاراءِ....! ٻن ڏينهن جي اندر يا محبوب تنهنجي پيرن ۾ هوندو يا تون پوليس جي پيرن ۾ هوندين...!“

بيمارين ٿورين ۽ حڪيم گهڻا. اسان هڪ حڪيم جو اشتهار پڙهيو، جو لِکيو پئي ته بيمارين به هن پاڻ ناهيون هجن ۽ پاڻ ئي ڦهلايون هجن. لکيل هو... اگر ڪو ماڻهو هڪڙي ڪَن کان ڳالهه ٻُڌي، ٻئي ڪَن کان ڳالهه ڪڍي ٿو ڇڏي ته انهيءَ جي ڪَنن ۾ سَت سَتِ ڦڙا ”آئل بيورو ڪريسي“ جا روز رات جو ننڊ ۾ ڪونگهرن جي دوران ائين داخل ڪريو جو خود ڪَنن کي به خبر نه پوي ته هي اسان ۾ ڇا پيو داخل ٿئي! لکيل هو... ”اسان جي حڪيم ايترا ته گولڊ ميڊل کنيا آهن جو هاڻي حڪمت ڇڏي گولڊ سمٿ جو دڪان کولڻ وارو آهي...!“

هڪ ٻئي حڪيم جي پمفليٽ ۾ لکيل هو... اسان جي حڪيم کي ايترا ٻار ڪونه آهن، جيتريون ڊگريون آهن. هن وٽ ايتريون ڊگريون آهن جو في به مائينس 180 ڊگري سينٽي گريڊ تي وننڊو آهي. ائين جو مريض جو کيسو ۽ مُنهن ٻئي 180 ڊگري جهڙا ٿي ويندا آهن. هيءُ جڙي ٻوٽيون حاصل ڪرڻ لاءِ آفريڪا جي جهنگلن ۾ اڪيلو بغير پاسپورٽ جي لانچ ۾ چڙهي ائين وڃي نڪتو جو ڏري گهٽِ سندس ٻوٽيون تي نڪتيون... جتي ويهه سال

آدمخورن کان پي ايڇ ڊي ڇڪي ڊگري وٺي پاڻ به آدمخور ٿي موٽيو... هن وٽ ڳوڻ ڊگرين جي آهي، جو هُو پنهنجي نالي اڳيان ۽ پويان ايترا اعزاز لکندو آهي جو خبر ئي ڪانه پوندي ته سندس اصل نالو ڇا آهي...، ”پروفيسر ڊاڪٽر حڪيم جناب محترم ٽريڪٽر جالينوس بن ڪالينوس بن نُوس نُوس ايم ڊي ٽي ٽي او پي ٽي او“ ...' نالو ئي اِيترو جهڙو sms جو ميسيج لکيو پيو آهي ۽ لڳندو ائين ڇڻ هي نالو پوري جو پورو پڙهڻ واري کي دوا به مفت ۾ ڏني ويندي.

هر مرض لاءِ ساڳيو ڪڪُ... جنهن لاءِ چوندو ته، ”هن ڪکَ هيٺان آهي لکُ... يعني ڪکُ وڪڻان ۽ لکُ ڪمايان...!“

هن جي مشهور ڪلينڪ ”دواخاني دَجال“ جون ڪجهه بدنامِ زمانا دوائون هتي پيش ڪجن ٿيون:

**تيل ڳنجان:** هيءُ تيل صرف انهن ڳنجن لاءِ آهي جن جي ڳنج... مَڇرن، ماڻهن ۽ مکين کان محفوظ ناهي. برسات ڳنجن جي ازلي ويري آهي ۽ اُسَ ۾ ته ڳنجو ٻاهر نڪتو ته پنهنجي ڳنج جا شعاع اِوڙي پاڙي ۾ ائين اڇليندو ويندو، جو ماڻهن کي نيٽ ڪارا چشما پائڻا پئجي ويندا. هي انهن مايوس ڳنجن لاءِ به بهترين ٽانڪ آهي. جيڪي اداسيءَ جي ڳنجان راهن ۾ ڳنجي پايو، ڳنج پڻ جي خاتمي لاءِ پنهنجا اڳهاڙا مٿا ڪٽيو محو سفر آهن... هي تيل انهن ڳنجن لاءِ هرگز ناهي، جن کي اها ڳنج صرف ڳنجن تان ڪلڻ جي ڪري ڪنهن ڳنجي جي پاراتي عيوض ملي آهي... توهان هڪ بالٽي تيل سان پريو ۽ پوءِ پنهنجو سڄو مٿو ان بالٽيءَ ۾ ٻوڙي ڇڏيو ۽ تيستائين ٻاهر نه ڪڍو، جيستائين توهان جي اکين اڳيان اونداهه نه اچي وڃي. شادي شده ڳنجن لاءِ هي تيل خاص تحفو آهي... ياد رهي ته مرد ڳنجو ٿيندو ئي شاديءَ ڪانپوءِ آهي. جيڪڏهن ڪير چوي ته... نه آئون غير شادي شده ڳنجو آهيان، ته پوءِ سمجهي وڃجو ته انهي ڳنجي ڪنهن حجام جي اوبر پيتي هوندي... اهڙن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنجن لاءِ گُلو ڪاسائيءَ فرمايو آهي ته، ”روزانو هڪڙي گنجي کي ماني کارايو... توهان وارَن ڪِرڻ واري شَرَ کان محفوظ رهندائو!“

**سفوف اقتدار:** جن ماڻهن جي گڙدي ۾ اقتدار جو پٿر ڦاسي پيو هجي ۽ جنهن کي ڪيرائڻ لاءِ توهان وٽ رازا به نه هجن، ته پوءِ هيءُ سفوف توهان ۾ ايتري طاقت پيدا ڪندو، جو پٿر ٻاهر ۽ ٻيو سڀ ڪجهه اندر.... ياد رهي ته جن ماڻهن جي پيٽ تي پٿر ٻڌل آهي، انهن لاءِ اسان وٽ ڪو به سفوف ڪونهي. ڇو ته جن جي پيٽ تي خود پٿر ٻڌل آهي، اهي اسان جي سفوف جا پئسا وري ڪٿا ڏيندا... هي سفوف کائڻ کانپوءِ ڪيتي سياستدان پيا وڙهندا، ته به توهان کي ماڻهو موڪليو ويندو ته هنن جي اڇي ڊِيل ڪرايو... طبيعت وڌيڪ خراب هجي ته ”شربتِ آمريڪا“ جا ڇهه ڇهه چمچا نيزاني ڪنهن کي ٻڌائڻ کانسواءِ پي ڇڏيو.... ته اهي ماڻهو جيڪي توهان کي نٽا وٽن، اهي به توهان کي اوچتو ئي اوچتو وٽڻ لڳندا... توهان جي جواني اگر اسيمبليءَ ۾ ننڊ ڪرڻ جي ڪري ضايع تي ويئي آهي، ته اڌ گوري صبح جو سج ايرڻ کان پهرئين ۽ اڌ گوري رات جو سج لهي وڃڻ کان اڳ پاڻيءَ جو هڪ گلاس پي، مٿان گوري کائي ڇڏيندا... توهان ۾ ايتري طاقت ايندي جو توهان جا سڀ پٿر پارس تي ويندا...!

**گوريون رستم سهراب:** ڪچي ٻَڪ هٽڻ وارن لاءِ انمول تحفو.... جيڪي ماڻهو ڪچي جاڙي تا هٽن.... يا جيڪي ماڻهو ايترو ڳالهائيندا جو ننڊ ۾ ستا پيا هوندا، ته به ٻڙ ٻڙ پيا ڪندا، اهڙن ماڻهن لاءِ هيءُ فارمولو اسان جي حڪيم کي هڪ درويش خواب ۾ ٻڌايو هو ۽ حڪيم وري ان مان ڌنڌو شروع ڪري ڏنو. هي گوريون کائڻ سان توهان ڪلاڪن جا ڪلاڪ وينا ڪچي ٻَڪ هٽندا... ته ٻڌڻ واري کي ننڊ اچي ويندي، پر توهان جون جاڙيون نه ٿڪبيون. رڳو اهي ماڻهو هي گوريون نه کائين، جيڪي اڳوات ئي گهڻو ڳالهائيندا آهن!

**روغنِ بڪواس:** هيءُ جوئن جي عرق مان تيار ڪيل خاص تيل آهي، جيڪو اسان جي حڪيم ڏينهن رات جُوئون ڦاسائي سائنسي بنيادن تي انهن جُوئن ڪي شمع تي وگهرائي هي تيل ٺاهيو آهي... هي تيل وارن کي ستن فوٽن کان به مٿي ڊگهو ڪري پيرن تائين پهچائي ٿو... ۽ پوءِ پيرن کان به هيٺ نڪريو وڃي. مهرباني ڪري هي تيل .مرد حضرات نه هڻن، نه ته انهن تان حجام ڪلندا. اهي عورتون جيڪي "جُوئون مخالف تحريڪ" جو حصو آهن، اهي ته هن تيل واري جي دڪان پرسان به نه لنگهن... اهي مرد جيڪي صدين کان "جُوئون ۽ جوءِ" جي حقن لاءِ سرگرمِ بي عمل آهن. انهن لاءِ هي گفت آهي. اشتهار وارا چون ٿا ته، "هي تيل بنائي ٿو وِگ کان به وڏا وار... ايترا ڊگها وارَ جو رات جو توهان انهن کي ويڙهي سمهندائو ته توهان کي وِهاڻي جي به ضرورت نه پوندي... روزانو رات جو سمهڻ کان پوءِ ۽ اٿڻ کان اڳ هن تيل جا وات ۾ ٿي ٿي ڏُڪ پري، وارن مٿان ڦوڪارا ڪرايو. ائين ڇڻ توهان کٽڪ تي ڪيڙا مار دوا پيا اڇليو، پوءِ ٿي ويندا وار توهان جا ايترا گهاٽا، جو ٻين جي مٿن جون جُوئون به توهان جي وارن ۾ اچي قيد ٿيڻ جي خواهش ڪنديون!"

**معجون قد وڌائڻي:** دنيا ۾ جن ماڻهن جا قد ننڍا هوندا آهن، اهي وري مشهور شخصيتن سان فوٽو ڪيرائي پنهنجا قد ٿورا وڏا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، جيڪو ناڪام طريقو آهي. اسان جي معجون کائڻ سان توهان جو قد گهر ويٺي وڏو ٿيندو ويندو... ايترو جو هڪ ڏينهن توهان جو ٿي پيءُ توهان کي چوندو ته "هيڏو سارو اٺ ٿيو آهين... اجا ڪونه ٿو سمجهين...!"

**شربت بدروح:** هيءُ شربت ساڍا ڏهن مردن جي برابر قوت پيدا ڪري ٿو.... يعني جيڪڏهن توهان ڪِي اهڙي پارٽي ناهٽي آهي جنهن ۾ "ناني ڪُنٽرو پاليسي" تحت صرف ڏهه اهڙا عهدا هجن جن تي جيڪي مرد ويٺا هجن، انهن ۾ ڪا به مردانا طاقت نه هجي، پر

اصل موبائيل توهان جي ڪڙڪندي هجي... ته اهڙي خواهش واري پارٽي ناهيندڙن لاءِ اها خوشخبري آهي ته توهان هن شربت جو شيشو سڄو وات تي رکو ۽ توهان ۾ ايتري طاقت ايندي جو توهان اڪيلي سر به اهڙي هڪڙي پارٽي هلائي سگهو ٿا. ياد رهي ته شربت ۾ غنودگي آهي. ان ڪري شربت پيئڻ کان پوءِ پارٽي ۽ گاڏي هلائڻ کان پرهيز ڪندا...!

**چمچاگيري ڪشتو:** سرڪاري ملازمن لاءِ آبِ حيات وانگر... آفيس وڃڻ کان پهريين ٻه ٽي چنبا هن ڪشتي مان ٻُوٽ تي هٽي چڙهڻ سان توهان جو ڪنڌ "نه" ڪرڻ واري حرڪت وساري ويهندو... ۽ توهان جو ڪنڌ هر وقت...ها...ها... چوڻ ۽ "ها ها" ڪرڻ ۾ ماهر ٿي ويندو... هن سان گڏ روزانو رات جو هڪ دفعو اڌ شيشو "اطريفل سائين سائين" جو وات ۾ اوتي ڇڏيندا، ته توهان ۾ پنهنجي صاحب ڪي ٻُڌڻ جي قوت برداشت ستوڻ تي وڌي ويندي. پٽيوالن کان پرهيز ڪندا... اگر ڪو ڪلارڪ چنبڙي پوي ته هڪ شيشي "لعوق چانهن پاڻي" جي ان کي ڏيئي جان ڇڏائيندا....!

**خميرو سَتياناس:** انهن مڙسن لاءِ جيڪي چاهين ٿا ته گهر ۾ دير سان اچون ۽ زال به ڪجهه نه چوي... هن جو فارمولو اسان جي حڪيم ڪي سندس پڙ ڏاڏي جي به ٽڙ ڏاڏي وٽان مليو، جنهن ڪي وري ان جي به ڪڙ ڏاڏي وٽان مليو.... جنهن ڪي وري سندس نڙ ڏاڏي هي فارمولو ڏيندي چيو هو ته هي فارمولو بادشاهه نوشيروان لاءِ منهنجي پڙ ڏاڏي ناهيو هو، جنهن کان مون هي چوريءَ ڇپي لِڪائي توکي صرف ان مقصد لاءِ ڏنو آهي، ته جيئن تون ايندڙ نسل جي سيني رولُو مڙسن جي خدمت ڪري سگهين...!

يا اديب ٿيندو آهي يا دوست ٿيندو آهي) ڪان پڇيم ته، ”سنڌ جي تاريخ متعلق ڇا ٿو چاهين؟“ چيائين، ”سنڌي تاريخ ته اڄ ويهين ذوالحج آهي...!“

اسان وٽ غربت جي انتها اها آهي ته پهرئين تاريخ جو چنڊُ صرف پهرئين تاريخ تي ئي نڪري ٿو.... حرام جو ٻيڻ يا ٽين تاريخ تي نڪري! تاريخ جن ناهي هئي انهن کي گهربو هو ته ٽي چار پهريون تاريخون ٻيون به ناهي چڙين ها... گهٽ ۾ گهٽ اوڊر ڪٽڻ ۾ ته سولائي ٿئي ها!

ننڍي ڪنڌ جي ننڍي تاريخ پڙهجي ٿي ته خبر پوندي... اسان جي حڪمرانن جو گهڻو زور شادين تي هوندو هو... زالون اٿين گڏ ڪندا هئا جيئن اڄڪلهه جا ٻار ٻوتلن جا ڍڪ گڏ ڪندا آهن. شاعرن به تاريخ سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪجهه اٿين ڪيو جو هڪڙي شاعر جي ڊائري پڙهيم ته شعر هينئن لکيل هو ”... صبح 5 بجي... باٿ روم ۾ ويندي!“

تاريخ جي حوالي سان سنڌ ۾ ته اڄڪلهه هيرا ايترا گهٽ ٿي ويا آهن جو خود سوناري جي دڪان تان هيرا ٿا پُڇجن ته اهو به چوي ٿو ته اڄ هيرا دستياب نه آهن. في الحال هيروئن ڪٽي وڃو!

ماڻهن کي نيٺ سنڌي هيرا آرڊر تي نهرائڻا پيا پون... جيئن هڪ همراهه چيو، ”منهنجو ڏاڏو انگريزن سان ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي وڙهيو... يعني هن پنهنجا ننهن هڪ انگريز جي چوٽيءَ ۾ وڌا...“ پڇيوسين، ”پوءِ ڇا ٿيو؟“ چيائين، ”انگريز جي وڳ لهي آئي...!“ وڌيڪ چيائين، ”منهنجي ڏاڏي انگريزن جي خلاف ”پٽون پاراتا تحريڪ“ هلائي... هُو انگريزن کي دل ۾ پاراتا ڏيندو هو... منهنجي ڏاڏي ته هڪ انگريز کي مٽي ۾ پٿر به اڇلي هڻيو هو...!“ پڇيوسين، ”توهان جي ڏاڏي کي ڪيئن شهيد ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو؟“ چيائين، ”منهنجي ڏاڏي کي انگريزن چيو... اسان جو ڌوٻي ٿيءُ.... هن چيو، ڦاسي چڙهي ويندس پر انگريزن جون گنجيون ۽ انڊرويئر ڪونه ڌوئندس.... نيٺ هڪ تماشام جو ڪجهه انگريزن هن کان ڌوٻي گهاٽ تي ڪناتون ۽ خيما ڌوئاري ڌوئاري شهيد ڪري ڇڏيو..!“

اسان جي خيال ۾ بهترين تاريخ اها هوندي آهي، جنهن ۾ سڀ جواب هجن. بلڪل ائين، جيئن بهترين تاريخ جي گائيڊ اها هوندي آهي، جنهن ۾ سڀ سوال هجن. اسان وٽ هاٽي هيرا رڳو فلمن ۾ وڃي بچيا آهن. جيئن عظيم تاريخدان، وِلِ ڊيورانٽ کي مائيٽن چٽيو ئي انڪري هو ته جيئن اهو وينو هر تاريخ تي نئين تاريخ لکي... ماءُ دعا ڏنس ته... پُٽ اهڙو وڏو ڪتاب لکندين جيڪو ڪير ڪڏهن مڪمل پڙهي نه سگهندو ۽ پوءِ هن story of civilization لکي ڏيکاريو... جيڪو ڪتاب يارهن جلدن تي مشتمل آهي ۽ هر جلد وري هڪ هڪ هزار صفحن تي ائين چيپيل آهي، جو هڪڙو ڪتاب پڙهڻ جي لاءِ جڏهن چار پنج چٽا گڏجي ويهي پڙهن، تڏهن وڃيٖ مَس پوزو ٿئي...! مونکي ته هن جو يارهون ڪتاب The age of napoleon اهڙو وٽيو جو سڄو ڪتاب پنهنجي هڪ دوست کان پڙهايم.... منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن ڪنهن کي عظيم سياستدان ٺيٺو آهي ته هي يارهن جلد يا پاڻ پڙهي يا پڙهائڻ لاءِ ڪو مزدور رکي... ٻه صفحا صبح... ٻه منجهند.... ٻه رات.... گهٽو ڪري ڪيس شفا ملندي!

اسان جي هڪ دوست کي تاريخ سان ايتري محبت جو روزانو بوڪ اسٽالن تي وڃي اخبار ڪٽي صرف تاريخ پڙهي واپس رکي ڇڏيندو... پڇيومانس، ”توکي تاريخ سان ايتري محبت جو آهي؟“ چيائين، ”اسان جو خاندان تاريخي آهي... منهنجي ڏاڏي جو

پڙ ڏاڏو... جيڪو ليڊرن جي جلسن ۾ نعرا هڻندو هو... منهنجي ناني جو ڀاءُ هِٽلر جي گهر ۾ وائيلن وڄائيندو هو ۽ وڏيڪ چيائين ”منهنجو ڏاڏو تلوار هلائڻ ۾ ايترو تيز هوندو هو جو پستول هٿ ۾ هوندس ته به تلوار هلائيندو....ان ڪانسواءِ منهنجو بابو سرڪاري ڪرسيءَ تي ايترو وقت رهيو جو گهر ويندو هو ته به وچي ڪرسيءَ تي ويهندو هو... بيڊ تي سمهندو ته هر هر ڪرسيءَ ۾ پيو نهاريندو... متان ڪير ڪرسي نه بدلائي ڇڏي...!“ بلڪل ائين ئي اسان جي ڳوٺ جو هڪ پوڙهو آهي... اهو وري انگريزن جي خلاف جنگين جون ڪهاڻيون به ائين ٻڌائيندو جو ماڻهو سمجهندو ته جيڪو لارڊ مائونٽ بيٽن ڏاڪڻ تان ڇڙهندي ڊِڪو ڪاڏو هو، اهو به شايد هن جي پلان جو حصو هو...

پنهنجي هڪ تلهي عينڪ جي باري ۾ سدائين ٻڌائيندو ته، ”هيءَ انگريزن جي دور جي اها عينڪ آهي جنهن کي پائي جڏهن انگريزن ۾ ڏسبو هو ته سڀ ماڻهو انگريز ڏسڻ ۾ ايندا هئا...!“ هڪڙي اُٺ سان گڏ نڪتل فوٽو ڏيکاريائين.... چيائين، ”هي اٺ انگريزن جي دور جو آهي!“ چيومانس، ”جيڪڏهن هن فوٽي جي ٻي ڪاپي اُٺ وٽ هوندي ته اهو به پنهنجن ٻارن کي ائين ئي ٻڌائيندو هوندو ته هي اُٺ انگريزن جي دور جو آهي!“ پڇيوسين، ”توهان کي کهڙي تاريخ ڪانه وڻندي آهي؟“ چيائين، ”جيڪا لائيٽ ۽ گئس جي بلن تي آخري تاريخ لکيل هوندي آهي...!“

تاريخ جي اسان وٽ اهڙي اهميت آهي، جو ڪنهن چيو، ”سرڪاري ملازمن تي به ايڪسپائري ڊيٽ لکيل هجي... مثال... فلاڻو ماستر 4 اپريل کان 14 آگسٽ تائين... فلاڻي ڊاڪٽر جو دماغ صبح 10:00 بجي کان شام 5:00 بجي تائين، پوءِ اسين ٻڌل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهيون... ۽ منسٽرن جي آفيس ٻاهران ٻه لکيل هجي....best before
چو تہ مِنسٽري ٻہ ساهہ وانگر آهي... ڪهڙي خبر، اڄ ملي آهي، سڀاڻي اچانڪ هلي وڃي...!"

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جي باري ۾ وري ايترا ڪتاب ڇپيا آهن جو پڙهڻ وارا پريشان آهن تہ ڪهڙو ڪتاب نہ پڙهون... پهرئين ڪتاب ڇپيو، "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ (ست جلد)، وري هڪ ٻيو ڪتاب ڇپيو، .سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ"... وري هڪ اديب ڪتاب ڇپايو، "سنڌي ٻوليءَ جي صفا ننڍڙي تاريخ"... وري هڪ ٻئي محقق کي ڄڄڪي آئي، تنهن ڇپايو، "سنڌي ٻوليءَ جي صفا ننڍڙي تاريخ"... وري هڪڙو محقق مرندي مرندي ڇپرائي ويو، "سنڌي ٻوليءَ جي ماڪوڙيءَ کان بہ ننڍڙي تاريخ".... وري هڪ نئين محقق ان جي مقابلي ۾ ڇپايو "سنڌي ٻوليءَ جي خوردبينيءَ جي وسيلي نظر ايندڙ تاريخ"... نيٺ هڪ اديب ڪتاب ڇپرايو، جنهن ۾ رڳو هڪڙو ڪاغذ هو.... پڇيوسين، "هي تہ هڪ ڪاغذ آهي؟" چيائين، "بس... هاڻي سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ايتري وڃي بچي آهي!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڊنر تي حملو

هڪڙي شاديءَ جي دعوت تان موٽندي هڪ همراهه چيو "ڊنر تي ايتري تہ رش هئي جو مُرغي تہ نهيو پر مُرغيءَ جو چوزو بہ ڪونہ مليو!" اڄ ڪلهہ شادين ۾ ماڻهو ڊنر تي ائين تا حملو ڪن، جيئن بيلي ۾ پوليس لهندي آهي. گهڻي رش سبب ماڻهو پنهنجون نيتون، نظريا ۽ پليٽون تبديل ڪندي دير ئي نٿا ڪن. هاڻي تہ شادين ۾ ڊنر اهڙي انداز ۾ ٿئي ٿي جو شادي ڪارڊ تي ئي لکيل هوندو آهي تہ، "ڊنر ۾ شريڪ ٿيڻ کان پهرئين ريسلنگ جو ڪورس ڪرڻ لازمي آهي!" خود اسان کي هڪڙي ڊنر ۾ ماني کانہ ملي ۽ هڪ اهڙي همراهہ کي ڏٺوسين، جيڪو پليٽ ۾ ايتري مُرغي پريو وينو هو، ڄڻ اتي دڪان کولڻ وارو هجي. پڇيوسين، "ايتري رش ۾ تو ٻوڙ ڪيئن حاصل ڪيو؟" ٻوٽي کائيندي چيائين، "هن ٻوڙ لاءِ ڇهہ مهينا جوڊو ڪراٽي جي ٽريننگ ڪئي اٿم!"

ڪجهہ ماڻهو وري شادين ۾ ڊنر تي ان ڪري حملو ڪندا، جو هنن کي خبر هوندي آهي تہ جيڪڏهن هتي نہ کاڌوسين تہ پوءِ بک اسان کي کائي ڇڏيندي. غريب ماڻهو تہ اهو ئي سوچيندو تہ سڄي ڄمار، زماني اسان کي کاڌو آهي ۽ اڄ اسين وري تمام گهڻو کائي ان جو بدلو گهوٽ کان وٺنداسين، ڪن ماڻهن کي اهو اندازو هوندو آهي تہ جيڪا شاپنگ بيگ هنن جي وَرَ ۾ لڪل آهي، اها جيڪڏهن اڄ گهر ڀري وياسين تہ زال تي بہ سٺو رعب پوندو...!

ڪجهہ ماڻهو وري شادين ۾ ڊنر تي ائين حملو ڪندا جو هنن کي خبر هوندي آهي تہ جيڪڏهن اسان هتي ڪُڪڙ نہ کاڌو تہ گهر وڃي اسان کي ڪُڪڙ تي ويهڻو پوندو.

ڊنر ۾ وڃڻ دراصل اهو معلوم ڪرڻ جو هنر آهي تہ توهان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏ ۾ وڏ ڪيترو ڪائي سگهو ٿا. جيئن اسان جو هڪ دوست سالن ڪان ڊنرن تي حملا پيو ڪري، هيءُ جنهن شاديءَ ۾ وينو هوندو آهي، اتان هن جي پر ۾ وينل ماڻهو اتي ويندا آهن ڇو ته جيڪي هن جي پِرِ ۾ ويهندا آهن، اهي وري ٻئي ڪنهن جي پر ۾ ويهڻ جهڙا نه رهندا آهن. هيءُ ڪائڻ جي معاملي ۾ سچو آمريڪا تي ويو آهي، جو مُرغيءَ ۾ به هٿ ائين وجهندو ڄڻ مُرغي ايٽمي تجربو ڪندي پڪڙي وئي هجي... عادتن ۾ وري اسان جي سياستدانن وانگر آهي. هٿ ۾ پڪل مُرغي جهليندي چوندو، "ڏسو... منهنجا هٿ صاف آهن!"

ڪنهن ڊنر ۾ جيڪڏهن ڪو شخص توهان کي ملي، جنهن جي مُڇن ۾ ڇانورن جا داڻا لڙڪيل هجن، چپن مان پوڙ جو سٽيپ وهندو هجي، هٿن ۾ پليٽ پت سان ايتري پريل هجي جو پت مان آواز ايندا هجن ته، "جيڪو پت ڪري ٿو ٻڙ ٻڙ" ته سمجهي وڃجو ته توهان "ٻبن بادشاهه" سان ملي رهيا آهيو! هيءُ گهوٽ کي سلامي ڏيڻ وقت ان کي پئسن جو لفافو به اهڙي نموني ڏيندو آهي، جهڙي بددعا ڏيئي رهيو هجي. هڪ گهوٽ کي ته لفافو رڳو ڏيکاري وري واپس پنهنجي ئي کيسي ۾ وجهي ڇڏيائين. وري ٻئي هڪ گهوٽ کي لفافو ڏيڻ وقت عين ٽائيم تي پئسا ڪڍي رڳو خالي لفافو گهوٽ کي ڏنائين. ٽئين هڪ گهوٽ کي ياڪر پائڻ مهل لفافو پنهنجي هڪ کيسي مان ڪڍي وري ٻئي کيسي ۾ وجهي ڇڏيائين. چوٿين هڪ گهوٽ کي ياڪر پائي خود گهوٽ جي کيسي مان هڪ لفافو ڪڍي اهو ساڳيو ئي لفافو گهوٽ کي ڏنائين. پنجين هڪ گهوٽ جي اڳيان جيئن ئي هي لفافو ڪٽي پهتو ته گهوٽ چيس، "هاٿي گهٽئي ٿي... اسان انهيءَ لفافي کان ئي توبهه ڪئي!" اهڙي ئي هڪ گهوٽ شاديءَ کان پوءِ لفافا کولڻ وقت جڏهن ٻبن بادشاهه جو لفافو کوليو ته اندران هڪ پرچي نڪتي، جنهن ۾ لکيو هو، "Try Again"

شڪل ۾ صورت مان ٿي ڪائڻ پيئڻ وارو لڳندو آهي، جيتوڻيڪ ڪنهن به ڪائڻ پيئڻ واري گهراڻي سان تعلق نه اٿس. ڪنهن دعوت ۾ وينو هوندو ته پر ۾ وينل ماڻهو هن ڪي ڪائڻ وارين نظرن سان پيا ڏسندا، چو ته جنهن ٽيبل تي هيءُ ڪائڻ شروع ڪندو، اتي وينل بيا ماڻهو رڳو هوا ڪائي گهر موٽندا.... هي تمام گهٽي مانيءَ کي به تمام گهٽ سمجهي ڪائڻ شروع ڪندو ۽ تمام گهڻو ڪائڻ ڪانپوءِ اوڳرائيون ايتريون ڏيندو، جو اتي وينل مائٽ يڪدم پنهنجن پنهنجن ٻارن کي سڏ ڪري چوندا ته، ”ٻارو... چاچا جون اوڳرائيون ڳڻيو... ۽ ڳڻپ سکو!“ سندس منهن ڏسي ڪو ڪاڻو به ٻڌائي ويندو ته هُو ڏينهن ۾ ڪيتريون اوڳرائيون ڏيندو آهي. خود توهان هن جو وات ڏسندائو ته ان جي هينان توهان کي بيشمار اوڳرائين جا آثار ڏسڻ ۾ ايندا، بلڪل ائين جڻ توهان هيليڪاپٽر ۾ ويهي هيٺ هڙاپا جو منظر پيا ڏسو!

شڪل صورت ۾ پنهنجي والدين تي نه ويو آهي پر لڳندو والدين هن تي ويا آهن. پندرهن ويهه سال پهرين به ايترو ئي ڪائيندو هو جيترو هينئر ڪائيندو آهي. ڊنر تي ويندو ته قدم اڳيان وڌائڻ کان به پهرئين ٻانهون اڳيان وڌائيندو. شير مال کي ائين ٽوڙيندو، جڻ ڪنهن مسڪين جي ڳچي مروڙي رهيو هجي. مُنهن ته ايترو ننڍڙو اٿس جو پيٽ جي مقابلي ۾ جهڙو اخروٽ گدري جي پر ۾ رکيو آهي. پيٽ مُنهن کان ڏهوڻ تي اٿس... گذريل سالن ۾ جيترو هن جو پيٽ وڌيو آهي. اوترو ته پاڪستان ۾ مهانگائي به نه وڌي هوندي.

تمام گهڻو محنتي آهي جو جيڪا ماني چئن ڪلاڪن ۾ ڪائجي، اها هيءُ اڌ ڪلاڪ ۾ ڪائي ڇڏيندو. هاڻي ته پيٽ ايترو وڏو ٿي ويو آهيس جو ڪير پڇندس ته ”توهان جي گهر ۾ وڏو ڪير آهي؟“ ته چوندو، ”منهنجو پيٽ!“ هڪڙي ڏينهن صبح جو ننڊ مان اٿيو ته اتي دانهون ڪرڻ لڳو. زال پڇيس ته، ”ڇا ٿيو؟“ ته رڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندي چيائين، ”هيءُ منهنجي پيٽ تي مارڪر سان ڪنهن لکيو آهي... ”ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين!؟“

چوندا آهن ته انسان ۾ رڳو اها خامي آهي ته هو ڪاڏو ڪائڻ مهل انسان نه ٿو رهي... پر ببن بادشاهه ڪاڏي جو ڪڏهن به ٻُڪيو نه رهيو، ڇو ته هن جو گهر ئي هڪ شادي هال جي سامهون آهي. ڊنر تي ته هي بذات خود بمع اهل و عيال ائين حملو ڪندو آهي، جو ٻوڙ جي ٿال وٽ پهچي چمچي جو انتظار به نه ڪندو بلڪ سڄي پليٽ ٿال ۾ وجهي ٻوڙ سان پريندي چوندو، ”ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي.“ مني کي ته ائين ڏسندو آهي، ڄڻ ان جو الٽرا سائونڊ ڪرڻو هجيس ۽ ٽِڪا ڏسندو ته چوندو، ”پل ڏکو ڪانوان، پر ٽِڪو ضرور ڪانوان...“ ۽ رش ۾ جڏهن زور لڳائي ڪو ٽڪو پليٽ ۾ وجهندو ته خوشيءَ ۾ رڙ ڪري چوندو ته ”بي عزتيءَ جو هڪڙو ٽِڪو، عزت جي هزار بار ٻُڪئي مرڻ ڪان بهتر آهي!“

هو پيدائشي بکيو آهي، ان ڪري پيدا ٿيو ته روئي رهيو هو ۽ تيستائين ماٺ نه ڪيائين، جيستائين سندس وات ۾ ڪجهه نه ويو. هن کي خانداني ڊنر خور به چوندا آهن، ان ڪري پهرئين ملاقات ۾ ماڻهوءَ جو اهو جائزو وٺندو ته اهو ماڻهو ڪيترو ڪارائي سگهي ٿو. نوڪريءَ مان به صرف ان ڳالهه جي ڪري ڪڍيو ويو، جو هيءُ رڳو ڪائيندو هو، ڪارائيندو نه هو!

ڪجهه ڏينهن اڳ اسان ببن بادشاهه جو انٽرويو ورتو، جيڪو ڪجهه هن طرح هو:

**اسان:** چيو وڃي ٿو ته توهان شادين جي ڊنرن ۾ وات جي بدران پيٽ سان ڪائيندا آهيو، ڇا اهو صحيح آهي؟

**بَبن:** مونکي ان تي فخر آهي... دراصل آئون شادي هال ڀاهران رهندو آهيان، ان ڪري منهنجو حال سنو آهي. ڊنر منهنجي ڪمزوري آهي. ايتري جو جيڪڏهن ڪنهن شاديءَ ۾ ڊنر نه ڪانوان ته پوءِ سڄو هفتو جهڙو ماڻهو مونکي ڪائڻ پيا ايندا آهن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪائين...؟“ مرڳو گهر ۾ جهيڙو ٿي پيو.

**اسان:** معنيٰ انتظام صحيح نہ هو؟

**ٻٻن:** نہ سائين! منهنجو نصيب صحيح نہ هو، نہ تہ ٻين سيني ڏوَ ڪيا.... آئون تہ آخر ۾ رڳو هڪڙو شِير مال ڪائي ۽ چار ڪيسي ۾ وجهي هليو آيس.

**اسان:** چا، مِنو بہ ڪونہ ڪاڏانوَ؟

**ٻٻن:** مِنو، جَنهنجي ڪري هي خادم تيو ڏِنو... الڪسٽر، الجيلي، جنهن سان پري آيس هڪ ٿيلهي... حلوو تہ پليٽ مان ائين غائب ٿي ويو، جيئن ڪنهن سرڪاري اداري ڪي مليل امداد غائب ٿي ويندي آهي... ان ڏينهن ڪانپوءِ مون ڊنرن تي حملا ڪرڻ سڪي ورتا!

**اسان:**توهان ڪي ياد آهي تہ توهان آخري ڊنر ڪهڙي ڪاڌي؟

**ٻٻن:** آخري ڊنر مون هڪ سياستدان جي ٻئين شاديءَ تي ڪاڌي، جتي مون ايتري تہ مُرغي ڪاڌي، ايتري تہ مُرغي ڪاڌي جو صبح جو ننڊ مان اٿيس تہ پيٽ مان ٻانگون پئي آيون!

# عيد جو ٽائيم ٽيبل

6:00 A.M پروگرام "ٽڪاءُ" هن پروگرام ۾ صبح جو سوير موبائيل جو الارم توهان جي ننڊ ڦٽائيندو ۽ توهان رليءَ مان پنهنجو مُنهن ڪڍڻ جي بدران صرف پنهنجي ٻانهن ڪڍي موبائيل جي ٻوٽ تي هڪ زوردار چماٽ ٺڪا ڪرائيندئو ۽ موبائيل ڪنهن بي گناهه جي آواز وانگر بند ٿي ويندو!

6:30 A.M پروگرام، "ننڊ ڦٽايو، جان بچايو" هن پروگرام ۾ توهان جو پيءُ توهان کي ننڍڙيون ننڍڙيون ٺڦڙيون هڻي اُٿي اٿاريندو تہ، "ساڍا ڇهہ ٿيا آهن!" ۽ توهان پنهنجي صرف ُهڪڙي اک کولي ۽ ٻيهر اها بند ڪري وري پاسو ورائي سمهي پوندئو!

7:00 A.M "پاڻيءَ ۾ ڪير" هن پروگرام ۾ توهان جي دروازي ٻاهران هڪ خوفناڪ آواز ايندو. "ڪير وارو..." توهان اهو آواز ٻڌي ٽڙڪي ويندئو ۽ رلي منهن تي پائي ڪير واري تي هڪ لعنت وجهي ٻيهر سمهي رهندئو.

7:30 A.M ٻارن جو پروگرام، "ٻچا، روئڻ جا سچا" هن ۾ پوري ساڍي ستين بجي توهان جو ننڍڙو روئڻ شروع ڪندو ۽ ايستائين ماٺ نہ ڪندو جيستائين توهان ڪنن مٿان وهاڻو رکي وري سمهڻ جي ڪوشش نہ ڪريو. توهان جي دل چوندي تہ توهان بہ ننڍڙي سان گڏ روئڻ شروع ڪريو... توهان هڪ ڀيرو وري بہ وهاڻا ٻوٽ مٿان رکي پنهنجو پاڻ کي ڪونگهرن جي دنيا حوالي ڪري ڇڏيندئو.

8:00 A.M پروگرام "گار آن ٽيرر" جنهن ۾ توهان کي ننڊ ۾ ٺي لڳندو تہ ُڪير توهان جي مٿي جا وار پٽي رهيو آهي ۽ نراڙ وارا ڏڪ هڻي رهيو آهي. توهان اک کولي ڏسندئو تہ توهان جي ٻن

سالن جي ننڍڙي پٽ جا ٻئي هٿ. توهان جي مٿي تي تجربا ڪري رهيا هوندا. توهان پنهنجي وات مان هڪ عجيب قسم جو آواز ڪڍي ٻيهر پاسو ورائي سمهڻ جي ڪوشش ڪندئو ته يڪدم پنهنجي زال جو ميوزيڪل آواز ٻڌندئو. ”اڄ عيد آهي اڄ ته انسانن وانگر سوير اٿ!“

8:30 A.M ”عيد نماز“ توهان تڪڙا تڪڙا جڏهن عيد گاهه ۾ پهچندئو ته توهان تي اهو انڪشاف ٿيندو ته عيدَ نماز ٿي چڪي آهي.... پوءِ توهان چپن ئي چپن ۾ مسڪرائيندئو ڇو ته توهان اها نماز چاٽي ٻجهي وڃائي هئي. توهان جو اڳئين عيد نماز تي بوٽ چوري ٿي ويو هو ۽ توهان نماز پڙهي پيرين اگهاڙين گهر موٽيا هئائو، جنهن ڪان پوءِ توهان آسمان ڏي نهاري چيو هو، ”مولا.... ماٺهو تنهنجي گهر ڪان به ڪونه ٿا مڙن، اسان جو گهر ڪيئن ڇڏيندا؟“ توهان ان وڃائجي ويل بوٽ کي ياد ڪري رنو به هو، ڇو ته توهان کي اهي لمحا چڱا ياد هئا، جنهن ۾ توهان دڪاندار کان سئو رپيا گهٽائڻ لاءِ سئو سيڪنڊ بحث ڪيو هو ۽ رڳو سئو رپيا بچائڻ لاءِ سئو دڪان رُليا هئائو.

9:00 A.M ”وات وراڻي“ هِن پروگرام ۾ توهان منائي، ڪيڪ ۽ کير فالودن تي ائين حملو ڪندي ڏٺا ويندئو جيئن توهان اڳئين عيدَ تي ڪيو هو ۽ محسوس ائين ٿي رهيو هو جڻ اهڙيون شيون توهان عيد عيد تي ئي ڏسندا آهيو. ايتري قدر جو توهان جي پيءُ توهان کي چئي ڏنو هو ته، ”پٽ... اهو فالودي تي حملو پيو ڪرين يا فلوجا تي حملو پيو ڪرين!“

10:00 A.M ميوزڪ پروگرام، ”منيون منيون ٽاليون“ هن رنگا رنگ پروگرام ۾ توهان اهي سڀ منيون ٽاليون چٽ ڪري ويندئو جيڪي اوڙي پاڙي مان مليون هونديون. ياد رکو ته توهان منائيءَ جا موالي، جيليءَ جا جن، سَينُ جا سڪايل ۽ فالودي جا فين آهيو. ان ڪري ٻار ڊانهون پيا ڪندا آهن ته، ”بابا سڀ ڪائي

ويو..." ۽ زال منع پئي ڪندي، تہ "ايترو منو نہ ڪاءُ، شگر ٿي پوندئي!" توهان وري بہ اڳئين عيد وارو ساڳيو جواب ڏيندئو تہ، "اڄ عيد جي ڏينهن شگر مون کي نہ... آئون شگر کي ٿي پوندس!"

11:00 A.M "پاڪر شو" هن ۾ توهان جيئن ئي نوان ڪپڙا پائي ٻاهر نڪرندئو تہ بي شمار ماڻهو توهان کي پاڪر پائڻ لڳندا. توهان توائي تي وِيندئو، جو تہ رڳو هڪڙي گهنٽيءَ ۾ توهان کي اڌ ڪلاڪ لڳي ويندو. عيد ملڻ وارن ۾ اهي ماڻهو بہ هوندا جيڪي توهان کي زهر لڳندا هوندا يا جن کي توهان زهر لڳندا هوندئو. توهان سهڪي سهڪي جڏهن هڪ سئو ٻاويهين ماڻهوءَ کي پاڪر پائي عيد ملندئو تہ توهان جا ڪلها لتل هوندا ۽ ڪُڙي ڪسڪيل هوندي. توهان يڪدم گهر پڄڻ جي ڪندا يا... ائين ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا، جيئن توهان اڳئين عيد تي ڪيو هو... يعني مُنهن تي ماسڪ پائي گهر مان نڪتا هئائو تہ جيئن توهان سان ڪير بہ عيد نہ ملي سگهي، پر اهو حشر بہ توهان کي ياد هوندو جو ڪيترائي ٻار توهان جي پنيان ڪاهجي پيا هئا ۽ توهان جي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ٻارن جي ايتري رش جو تي هئي ۽ پوءِ جڏهن توهان گهر واپس پهتا هئائو تہ توهان کي توهان جي زال چيو هو تہ، "اهو اسپائيڊر مين جو ماسڪ پائي ڪيڏانهن ويو هئين؟"

12:00 Noon "زوريءَ جي عيدي" هن ساليانا پروگرام ۾ بہ توهان جي ڪيسي ۾ اها ساڳي بلا وينل هوندي جيڪا اڳئين عيد تي وينل هئي. ان ڪري توهان ڪيسي ۾ هٿ وجهڻ مهل ڏڪندا رهندا آهيو. توهان اڳئين عيد تي جن جن ٻارن کي خرچي نہ ڏني هئي، اهي هن عيد تي توهان جي ويجهو بہ ڪونہ ايندا جو تہ توهان مان ٽڪو ملڻ جي بہ اميد ناهي. توهان جو عيدي ڏيڻ جو طريقو بہ عجيب آهي جو توهان اڪثر ٻارن کي بہ پنجين ڇا نوٽ ڏيئي هڪڙو ڏهين جو نوٽ ڪسي وٺندا آهيو ۽ چوندا آهيو، "مون توهان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي ٻه نوٽ ڏنا ۽ توهان کان صرف هڪڙو ورتو!“ توهان سمجهو ٿا ٻار اهو نتا سمجهن پر ائين چو چوندا آهيو ته، ”ٻار پيدا ئي خرچيءَ لاءِ ٿيا آهن ۽ زالون شاپنگ لاءِ وجود ۾ آيون آهن!“

1:00 P.M، ”جُوئا ٽائيم“ هن پروگرام ۾ توهان جا اهي ساڳيا دوست پيهر نمودار ٿيندا جيڪي رڳو عيد عيد تي ظاهر ٿيندا آهن، جيڪي توهان جي اوطاق تي تاش جي پتن سان گڏ نه صرف پهچي ويندا، پر انهن جي ماني به توهان جي ڳچيءَ ۾ هوندي. هن عيد تي به توهان ائين ئي هارائيندئو جيئن اڳئين عيد تي توهان جي پينگ تي هئي. جيتوڻيڪ توهان خانداني جوئاري نه آهيو پر هُو توهان کي ائين مجبور ڪندا جڻ تاش توهان جي ڏاڏي ايجاد ڪئي هجي.

3:00 P.M ذهني آزمائش جو پروگرام ”اڌ مغزي“ ان وقت شروع ٿيندو، جنهن مهل توهان جي دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿيندي ۽ توهان سوچيندئو ته توهان جو ڪو ٻيو دوست توهان جو ٽائيم وڃائڻ آيو آهي، پر جيئن ئي دروازو کوليندئو، سامهون توهان جا سالا بيٺا هوندا جن کي ڏسي توهان يڪدم چوندئو، ”اچو... توهان سالن لاءِ ته آئون سالن کان انتظار ڪري رهيو هوس...!“

4:00 P.M، ”پنڻ به آهي فن“ توهان جي دروازي تي اهو ساڳيو فقير ايندو جيڪو توهان کان خيرات گهري گهري ٿڪجي پوندو آهي. فقير ٻاهران ئي دانهن ڪندو ته، سائين اڄ عيد آهي... عيد عيد تي ته ڪجهه ڪيسي ۾ رکندا هوندئو...“

4:30 P.M مشهور تاريخي ڊرامو ”چاٽي ٻازي“ جنهن ۾ توهان پنهنجي دوستن سان گڏ مختلف گهٽين، رستن ۽ روڊن تي رلندا وتندئو ۽ اينڊز ويندڙ ڇوڪرين کي ائين جانچيندا ويندئو جڻ توهان پوليو جا ڦڙا پيارڻ نڪتا هجو... هن ڊرامي ۾ اخلاقيات جو وڏو درس شامل هوندو جهڙوڪ سيٽيون ڪيئن وڄائجن ۽ ڪيئن اشارا ڪري وڏي آواز ۾ گانا ڳائجن... توهان کي اڳئين عيد واري

اها چماٽ بہ ياد هوندي جنهن ۾ توهان کي ٽي اين جي گاني جو نقل ڪيو هو تہ، ”او مني... اچ ڏي مني!“ ۽ روڊ تان لنگهندي شهر منيءَ جي هڪ مائيءَ توهان تي وسڪارو ڪري ڏنو هو. هن عيد تي بہ توهان نہ سڌرڻ جو قسم ڪنيو آهي ۽ اچ توهان ڪٿي اهو پيا ڳايو تہ، ”جسم پورو لباس ڪاري ۾“.... تہ ڪٿي اهو پيا ڳايو تہ، ”جسم ڪارو لباس پوري ۾“... ۽ ڪٿي وري اهو پيا ڳايو تہ، ”جسم موٽو لباس سوڙهي ۾...“

7:00 P.M مشهور ريسلنگ ”ڪير پڪڙيندو ريموٽ ڪنٽرول“ هن پروگرام ۾ ٽي ويءَ تي عيد جا پروگرام ڏسڻ لاءِ توهان ۾ ۽ توهان جي زال وچ ۾ سخت مقابلو ٿيندو ۽ اچ بہ توهان هميشہ وانگر هيءُ مقابلو هارائي ويندئو ۽ ريموٽ ڪنٽرول کي صرف پري کان اداس اداس نظرن سان ڏسندا رهندئو!

10:00 P.M ڊرامو، ”نياڳو آن لائين“ هن ڊرامي ۾ ڏيکاريو ويندو تہ توهان سوچي رهيا آهيو تہ سڄو عيد جو ڏينهن گذري ويو ۽ توهان کو بہ چڱو ڪم نہ ڪيو. سڄو ڏينهن ”چڪ چڪان“ ”وٺ وٺان“ ”هڻ هڻان“ ۾ گذري ويو. هن ڊرامي ۾ توهان آخر ۾ تسبيح کڻي وڃي مُسلي تي ويهندئو. اهو ڏسي توهان جي زال توهان کي چوندي، تہ ”نيٽ لائين تي اچي وئين!“ ۽ خوشيءَ ۾ توهان طرف نهاري هڪ وڏو نعرو هڻندي تہ، ”نياڳو آن لائين...“

مان ننڍي ڪير آهي؟ ته چيائين، ”پنهي جي ماءُ!“ اڄڪلهه هُو ايترو ڪنفيوز ۽ منجهيل ٿو رهي جو ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ صحافڻ پڇيس ته، ”توهان جي ڌيءَ جي شاديءَ جي رسم ڪٿي ملهائي ويندي؟“ ته چيائين، ”ابو غريب ۾!“ ۽ ابو غريب واري واقعي هن کي ايترو بدنام ڪيو جو ڪجهه ڏينهن ته پنهنجي شڪل به غريبن واري ناهي پئي هليو. هاڻي ته ڪنهن غريب ملڪ جو صدر ڪيس چوندو آهي، ته ”اسان کي پنهنجي ملڪ مان غربت ختم ڪرڻ لاءِ امداد ڏيو!“ ته يڪدم ان تي طنز ڪندي چوندو، ”ڇو، تون پنهنجي ملڪ ۾ ابُو غريب ٺيڻ ٿو چاهين؟“

بُش وارو ڊڪ چيني جيتوڻيڪ آمريڪي آهي پوءِ به سڄي دنيا کيس چيني چوندي آهي. خود چين جا ماڻهو به هن کي چيني چوندا آهن. سڄي يورپ جي ميڊيا چوي ٿي ته، ”بش جيڪڏهن هارايو ته ان جو سبب ڊڪ چيني هوندو، ڇو ته هن جي نالي پڪارڻ سان ڪنهن ٻئي ملڪ جي مشهوري ٿئي ٿي!“ خود بش ۾ جيڪي خوبيون آهن اهي زڳو هن ۾ ئي آهن. ڪنهن ٻئي ۾ هجن ته اهي خاميون سڏجن.

بُش کي ان تصور تي پڪو يقين آهي، ته ”موت جو هڪڙو ڏينهن مقرر آهي!“ ان ڪري افغانستان لاءِ سدائين چوندو، ”دنيا خوامخواهه جنگ جي خلاف آهي، اسين بم ڪيرايون ٿا، جن کي بچڻو هوندو بچي ويندا...“ هڪڙي ڏينهن ڊاڪٽر کي سڏايائين ته، ”مون کي ڪمزوريءَ جي دوا ڏي!“ ڊاڪٽر پڇيس، ”ڇا جي ڪمزوري؟“ چيائين، منهنجي Math ڪمزور آهي!“ ڊاڪٽر چيس، ”اها توهان کي ڪيئن خبر پئي؟“ چيائين، ”هاڻي مون کي خبر ئي نٿي پوي ته دنيا ۾ مون ڪيترا ماڻهو قتل ڪرايا آهن!“

آمريڪا ۾ اڄڪلهه ايتري چيڪنگ آهي جو جيڪڏهن ڪتو ڀونڪي ٿو ته اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي ته ڪتو ڪنهن تي ڀونڪيو ۽ ڇو ڀونڪيو. جيڪڏهن رستي هلندي ڪو

ڪتو پيچ لوڏيندو آهي ته ان پيچ کي به ليبارٽريءَ ۾ ٽيسٽ ڪيو ويندو آهي، ته ”واقعي... اهو ڪتي جو پيچ آهي يا نه...“ خود بش جي ڊيئرن سان به ڇهه ڇهه جاسوس باڊي گارڊ هلندا آهن ۽ ڊيئرون وري اهڙيون جو اهي گارڊن کان وڌيڪ باڊيءَ طرف ڌيان رکنديون آهن.

آمريڪا ۾ هينئر بش ۽ ڪيريءَ جي آءِ ڪيو تي به مقابلو ٿي رهيو آهي. نيوز ويڪ جو چوڻ آهي ته، اهو مقابلو بش کٽي چڪو آهي، جو ته گذريل چئن سالن ۾ هن رڳو ”آءِ — آءِ“ يعني ”آئون آئون“ ڪئي آهي. ٿائيمر وارا چون ٿا ته، ڪيري پوري آءِ ڪيو تي حاوي آهي جو ته هن جون اکيون بش جي اکين کان سهٽيون آهن. ڪجهه ڏينهن اڳ بش اکين جي ڊاڪٽر کان پنهنجيون اکيون ٽيسٽ ڪرايون ته ڊاڪٽر چيس، ”سائين... توهان جي نظر ته صحيح آهي، پر آءِ ڪيو خراب آهي!“ آءِ ڪيو ڇا آهي؟...“ ڊاڪٽر چيو، ”اهي سوال جن جي جوابن جي توهان کي خبر به نه هجي ته به ٻڌائي وجو يا توهان ،هي جواب اڳوات ٻڌائي وجو جن جا سوال توهان کان بس اجا پڇيا ئي نه ويا هجن...“

بش جي تقرير جو انداز سنو هوندو آهي جو ته ائين محسوس ٿيندو ڄڻ هيءُ تقرير نه پيو ڪري پر تقرير هن کي پئي ڪري. شڪل صورت ۾ ڪنهن تي به ڪونهي ويو. پنڌ ڪندو ته پيو ڪلندو ۽ بيٺل هوندو ته پر وارو پيو ڪلندو. پري کان ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو آهي ۽ ويجهو کان ڏسي ڪونه سگهندو آهي. نظر جي عينڪ اڪثر پاڻ وٽ کيسي ۾ رکندو، جو هن جي خيال ۾ انهيءَ سان نظر ڪانه لڳندي. سنڊس زال لارا بش ته هڪ انٽرويو ۾ چيو، ”منهنجي مڙس ۾ وڏو ڪامن سينس آهي!“ اسين به اهو ئي ٿا سمهون ته، ”چنگيز خان، هٽلر، اسٽالن ۽ بش ۾ جيڪو سينس آهي اهو ڪامن آهي!“

بش پنهنجي ملڪ کي پنهنجو ۽ ٻين جي ملڪ کي به پنهنجو سمجهندو آهي. ڳالهه ٻولهه جو به ايترو ئي هلڪو آهي،

جيترو بدن ۾ هلڪو آهي. مخفلن ۾ ايترو گهٽ ڳالهائيندو جو توهان اجا ٻُڌڻ ٿي شروع ڪندئو تہ هن جي ڳالهہ پوري ٿي ويندي. هڪڙي صحافيءَ پڇيس، ”توهان پلا آخر جنگ ڇو ٿا چاهيو؟“ چيائين، ”هيترا ميزائيل ناهيا اٿئون، اهي ڪيرائڻ لاءِ آخر ڪو ملڪ بہ تہ گهرجي!“

هن سان جيڪي مليا آهن، انهن کي خبر آهي تہ هن سان هڪ دفعو ملڻ کان پوءِ ڪيترا ڏينهن وري پئي ڪنهن سان بہ ملي نہ سگهبو آهي ۽ جيڪي هن سان گڏ هليا آهن، انهن کي خبر آهي تہ هُو وري ڪڏهن بہ نہ هليا آهن. ڪيريءَ تہ هاڻي ڳُلئي عام اهو چوڻ شروع ڪيو آهي تہ، ”بش جي وڏي ۾ وڏي خوبي اها آهي تہ هن ۾ ڪا بہ خوبي ڪانهي!“ ڪجهہ ڏينهن اڳ تہ نيويارڪ ٽي وي جي هڪ مزاحيہ پروگرام ”Who wants to be President“ ۾ ميزبان هن کان پڇندو آهي تہ، ”آمريڪا جو صدر ڪير آهي؟“ تہ پنج منٽ سوچڻ کان پوءِ جڏهن ميزبان کي جواب ڏيندو آهي تہ چو ندو آهي، ”آئون لائيف لائين استعمال ڪندس!“

## شادي شده بمقابله غير شادي شده

ڪن ماڻهن جون نظرون اهڙيون هونديون آهن جو هو انهن تي به نظر رکندا آهن جن تي ٻيو ڪير به نظر نه رکندو آهي. هڪ همراهه کان پڇيم، ”تون شادي شده آهين؟“ چيائين، ”ها پر توکي ڪيئن خبر پئي؟“ چئمانس. ”جو تہ لڪي لڪي پيو پئسا ڳڻين!“

شادي شده ٽيڻ ۽ غير شادي شده ٽيڻ ۾ اهو فرق آهي تہ غير شادي شده ڪيسي ۾ هٿ وجهي ٻاهر ڪڍندو تہ نوٽ نڪرندو ۽ شادي شده ڪيسي ۾ هٿ وجهي ٻاهر ڪڍندو تہ هٿ اهڙو ئي نڪرندو جهڙو ڪيسي ۾ ويو ئي نہ هجي. غير شادي شده ڪيسي مان ٻٽون ان وقت ڪڍندو جنهن مهل سڀ جاڳندا پيا ۽ شادي شده ٻٽون ان وقت ڪڍندو جنهن مهل سڀ ستا پيا هوندا. غير شادي شده جو ٻٽون ڪڏي کولبو تہ ان ۾ جيڪو هوندو اهو ئي هوندو ۽ شادي شده جو ٻٽون کولبو تہ ان ۾ جيڪو هوندو اهو جهڙو ڪجهہ بہ ڪونہ هوندو. غير شادي شده جو ڪيسو جانچبو تہ اتان اداڪارن ۽ اداڪارائن جا فوٽا پيا ملندا ۽ شادي شده جو ڪيسو ڏسبو تہ اتان رڳو رسيدون، اوڌر جا بل ۽ نوٽيس پيا ملندا.

اسان جو هڪ دوست نفسيات جي ماهرن جو بہ ماهر آهي. آفيس ۾ هڪڙي ڪلارڪ لاءِ چيائين، ”اهو شادي شده اٿئي!“ چئمانس، ”تو وٽ ڪهڙو ثبوت آهي؟ چيائين، .توهان غور ڪري ڏسو...! هن جي قميص ۾ ڪيسو ڪونهي!“ جيتوڻيڪ هڪڙي ڏينهن اسان خود ڪيس هڪ درزيءَ جي دڪان تي ڏٺو جنهن کي چئي رهيو هو، ”قميص ۾ ڪيسو اهڙي جاءِ تي ٺاهجان، جتي مون کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو بہ هٿ نہ پهچي!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪڙي اخبار ۾ اسان پاڻ ڏٺو هو ته اداڪار محمد علي ۽ زيبا پر ۾ وينا هئا ۽ محمد علي جي چهري مان لڳو پئي ڄڻ اهو ڪجهه سوچي رهيو هجي. جڏهن ته زيبا جو چهرو ڏٺوسين ته ان مان ائين پئي لڳو ته محمد علي ڇا سوچي رهيو آهي! جيئن هڪڙي فنڪشن ۾ گلوڪار ثقيل خنجراڻي پنهنجي زال سان گڏ آيل هو ته هڪڙي پٽ پنهنجي پيءُ کي چيو ته ”بابا... مون کي اِهي ٻئي صاف نظر اچن پيا!“ پيءُ چيس، ”ها پُٽ... پر آئون سوچيان پيو ته .... ٻنهي مان زال ڪهڙي آهي؟“

اڪثر ماڻهو پنهنجون اهي تصويرون يادگار ڪري لڪائي رکندا آهن جيڪي شاديءَ کان اڳ جون هونديون آهن. جيئن غلام مصطفيٰ کر کان هڪڙي صحافيءَ اخبار لاءِ فوٽو گهرندي چيو، ”سر... شاديءَ کان اڳ وارو فوٽو ڏجو؟“ ته کر صاحب چيس، ”ڪهڙي شاديءَ کان اڳ وارو... پهرئين..... ٻئين.... ٽئين...؟“

دنيا ۾ جيڪي شادي ڪندا آهن انهن کي لارڊ بائرن ”جينئس“ چيو آهي. اسين ته انهن کي ”جينئس“ چوندا آهيون جيڪي شادي ڪرڻ کان پوءِ به اهو مڃيندا آهن ته، ”ها اسين شادي شده آهيون!“

دنيا ۾ ڪيترائي اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي اهو سمجهندا آهن ته اسان شادي ڪري ڇڏي هاڻي اسين سڀ ڪجهه ڪري ڇڏينداسين. ڪجهه وري اهو سمجهندا آهن ته هاڻي شادي ته ڪئيسون

پر هاڻي ٻيو جيڪو ڪم ڪنداسين، سوچي سمجهي ڪنداسين. ٽام ڪروز هڪڙي ڏينهن انٽرويو ۾ چيو، ”شادي رسڪ آهي؟“ ٻئي ڏينهن مٿي تي ملم پٽي ٻڌل هئس ۽ CNN کي چئي رهيو هو، ”بيشڪ... ماڻهوءَ کي اهڙيون رسڪون ڪٽڻ گهرجن!“

اخلاق جو ايترو مهذبّ جو سندس زال شاپنگ تي ويندي تہ پاڻ بہ ان سان گڏ ويندو. ڪنهن دوست چيس ”بازار ۾ وڃي توهان ڇا ڪندا آهيو؟“ چيائين ”جيسين زال زيور وٺندي آهي تيسين آئون ٻين عورتن جا زيور ڏسندو آهيان!“

اخبار ۾ بہ جڏهن ڪنهن. عورت لاءِ شاديءَ جو اشتهار هلندو آهي تہ ”بيواهہ يا ڪنواري...“ لکندا. اسان ڪي زڳو اها ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪانہ تي اچي تہ مردن لاءِ لفظ ”ڪنوارو“ڇو نٿا لکن.
هڪڙي محبوبا پنهنجي محبوب کي چيو، ”خبر اٿئي... دنيا ۾ جيڪي بہ مرد آهن سڀ عورتن جي چڪر ۾ آهن!“ محبوب چيس. ”ها.... پر سڀ مڙس ٽيڻ جي چڪر ۾ هوندا آهن.... ۽ ان کان پوءِ سڄي زندگي چڪرن ۾ رهندا آهن.“

# پٿائيءَ جو ميلو

پٿائيءَ جو ميلو هر سال ايندو آهي ۽ ميلي تي ايتري رونق هوندي آهي جو دل چوندي آهي تہ اهو ميلو هر مهيني اچي. هتي ڳائڻا بہ آهن پر ڏسڻ ۾ رڳو ڳائڻيون اينديون آهن. ڳائڻيون نہ اچن تہ ميلو ڇهن سالن کان پوءِ بہ نہ اچي. بزرگن جي سڀ کان وڌيڪ عزت ڳائڻيون ڪنديون آهن جو ڪُو ڪلام شروع ڪنديون تہ پهرئين قلندر جي ڌمال هڻنديون. پٿائيءَ جي ميلي جي وري اها خصوصيت آهي تہ هتي ڪل ڇَر وارا ”مقالن جي نشست“ ڪرائيندا آهن، جيئن ڪنهن چيو، ”مقالن جي نشست دراصل اوٻاسين جي ”نشست“ آهي يعني جنهن مقالي ۾ گهٽيون اوٻاسيون ايندو، اهو بهترين مقالو تصور ڪيو ويندو... مقالي ۾ ڇا هوندو آهي؟... بس، ڪجهہ نہ ڪجهہ هوندو آهي. صفحا ايترا پريل هجن جو ڳڻڻ ۾ نہ اچن. مقالي ۾ اڪثر اهي ڳالهيون چئبيون آهن، جيڪي منهن تي نہ چئي سگهبيون آهن. هڪ دوست کان پڇيم، ”مقالن جي نشست ۾ ڇا هو؟“ چيائين، ”پهرئين هڪڙو مقالي نويس آيو، پوءِ ٻيو مقالي نويس آيو، پوءِ ٽيون آيو ۽ پوءِ منهنجي اک لڳي ويئي!“

مقالو اهي پڙهندا آهن جيڪي سڄو سال ٻيو ڪجهہ ڪونہ پڙهندا آهن. گهر جو لائيٽ جو بل ايندو تہ اهو بہ ڪونہ پڙهندا. اهو بہ زالن کان پڙهائيندا... جن مقالي نويسن کي چوندبو ويندو آهي انهن جا ڪٽا پوندا آهن ۽ نالا وري انهن جا نڪرندا جن جا نالا ڪٽڻ ۾ بہ نہ هوندا. جيئن هڪڙي دانشور چيو، ”جيئن تہ هيءُ منهنجو پهريون مقالو آهي، ان ڪري اڄ آئون اهڙو نروس آهيان، جهڙو نڪاح مهل هئس!“ منهنجو هڪ دوست تہ چوندو آهي، ”هر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڄڻ راڳ کي کوٽي پيو ڪڍي. ڳلي مان آواز پيو ڪڍندو ته منهن اهڙو ڏاهيندو ڄڻ وڻ پيو وڍي. پٺاڻيءَ جي ڪلامن کي ته اهڙي نموني ڳائيندو جو اهي پٺاڻيءَ جا ته لڳندا ئي ڪونه. جيئن اسان وارو دوست طفيل گنجراٽي ڳائڻ وقت ايتري جدوجهد ڪندو آهي. جيتري اسان جي سنڌ جو ماستر پڳهار وڏائڻ لاءِ ڪندو آهي. ائين ئي ريسٽ هائوس ۾ رهندڙ هڪ ڳلوڪار کان ڪنهن صحافيءَ پڇيو، ”رات توهان سڄي رات بهتر ڳايو.... پر اهو ٻڌايو ته توهان اهو ڪهڙو سُر پئي ڳايو؟“ ڳلوڪار چيس، ”رات ته آئون ستو پيو هوس... اهو منهنجي ڪونگهرن جو آواز هو!“

اسان کي ته ميلي ۾ سيني کان وڌيڪ پولڙا وڻندا آهن، جو ته هي به اهي ئي ڪم ڪندا آهن جيڪي انسان ڪندا آهن. هڪڙي مداريءَ پولڙي کي چيو، ته ”ڏاڙيل تي ڏيکار... ته پولڙو يڪدم پوليس واري جي ٽوپي پائي ڊوڙڻ لڳو. وري پولڙي کي چيائين، ”شاهه رخ خان تي ڏيکار!“ ته پولڙو يڪدم ڪارو چشمو پائي ڊانس ڪرڻ لڳو. ايترو ڪم ته خود شاهه رخ به ڪونه ڪري ها.... وري مداريءَ چيس، ”اليڪشن ۾ بيهي ڏيکار!“ ته پولڙو يڪدم ٻن ٽنگن تي بيهي رهيو. مداريءَ چيس، ”هاڻي عوام کان ووٽ وٺ!“ ته پولڙو هڪڙو وٺو ڪٽي سيني ماڻهن کان پئسا وٺڻ لڳو.

ميلي مان اِهي فائدا آهن ته هتي چورن، چرين ۽ چرچائين کي روزگار ملي ويندو آهي. ميلو دراصل لڳايو ئي ان ڪري ويندو آهي ته جيئن ماڻهو تفريح لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڌڪا نه کائين... پر هڪڙي جاءِ تي پهچي ڌڪا کائين. ميلي ۾ هر قسم جو رانديڪو هوندو. خود توهان جڏهن تنبوري واري چوڪ تي رش ۾ بيهندا ته توهان کي لڳندو ڄڻ توهان خود به رانديڪا آهيو. توهان بيٺا هوندائو، پر ڌڪا ايترا هوندا جو لڳندو توهان هلو پيا!

پٺاڻيءَ جي ميلي ۾ هوٽلن تي ڇوڪرا به نچندا آهن. سنڌي

ڀهراڙيءَ جو ماڻهو لفظ ”چوڪرو“ تي ائين چرڪندو آهي، جيئن شهري ماڻهو ٻي شاديءَ تي چرڪندو ۽ انتظاميه به خاموش هوندي آهي! اين جي اوز به خاموش هونديون آهن ڇاڻ اهي چوڪرا هنن جا موڪليل هجن. هڪڙي ليڊر چيو، ”اسين به اهو تا سمجهون ته سنڌي ماڻهو آهستي آهستي انقلاب آڻي پيو!“ پڇيائونس، ”ڪهڙو؟“ ته چيائين، ”اڳي جيڪي ڪم لڪي ڪندا هئا. هاڻي اهي کلئي عام ڪندا آهن!“ اسان پاڻ ڏٺو ته هڪڙي چوڪري تي ڍُهر سنڌي ڏند ڪڍيو بيٺا هئا ۽ چوڪري کي گهورَ ائين پئي ڏنائون، ڄڻ ملڪ جو قرض پئي لاٿن! جيئن ڳائڻين جي محفل ۾ هڪڙي سنڌيءَ ٻئي کي چيو ته، ”ناچڻيون پليون آهن... هڪڙي چوڪري ته اهڙي سهڻي آهي جهڙو چوڪرو!“

ميلي ۾ مٺائيءَ جا دڪان ايترا آهن، جو هڪ ڊاڪٽر چيو، ”شگر سنڌ ۾ سڀ کان ڀهرئين پٽ شاهه مان ڦهلي!“ سڄي ميلي ۾ لائوڊ ايترا جو سڀ لائوڊ ملي ائين ڳالهائيندا جو هڪڙو به ٻڌڻ ۾ ڪونه ايندو. لاهوتيءَ جو شربت ته توهان کي سنڌ جي هر ميلي تي ملندو رڳو لاهوت تي ڪونه ملندو. ميلي ۾ هاٿيءَ جي سامهون ايندي ڪيترائي تلها ماڻهو گهٻرائيندا آهن. رڳو ان ڪري ته متان هاٿي ميار نه ڏيئي وجهي. جيئن اسان جو هڪ تلهو دوست ٽڪيٽ وٺي وڃي هاٿيءَ سامهون بيٺو ۽ لڳو ائين پئي ڄڻ هاٿي ٽڪيٽ وٺي هن کي ڏسڻ آيو هجي!

شينهن هاڻي پٺائيءَ جي ميلي تي ڪونه اچن... سرڪس جي مالڪ کان پڇيم ته چيائين، ”سائين.... هي سامهون ڏسو... شينهن ته آهي!“ چئمانس، ”ڪوڙ ڇو ٿو ڳالهائين.... اها ته ٻڪري آهي!“ چيائين، ”نه سائين.... لاهور ۾ اهو شينهن ئي هو.... سنڌ آيا آهيون ته ٻڪري ٿي ويو آهي!“

# سياسي ڪرڪيٽ

اڄڪلھ ڪرڪيٽ جي هر طرف ايتري ديوانگي آهي جو ڪنهن کان اگر پڇبو تہ، ”توهان جي پوڙهي ڏاڏي جي طبيعت ڪيئن آهي؟“ تہ چوندو، ”طبيعت صحيح ناهي.... هاڻي فيصلو ٿرڊ ايمپائر ڪندو!“ اگر ڪنهن جو جهيڙو ٿي پيو ۽ پڇبس تہ چوندو، ڏوهہ ٻئي رانديگر جو هو، رنس جي ضرورت نہ هئي، ان ڪري رن آئوٽ ٿي پيس!“ ڪنهن شادي ڪئي تہ ماڻهو چوندا، ”هي بہ ويچارو ايل بي ڊبليو ٿي ويو!“ بازار مان فروٽ وٺڻ وجبو تہ دڪاندار چوندو، ”سائين، نارنگيون اهڙيون اٿانو جهڙا يارڪر بال... جيئن هڪ دڪاندار کي چيم، ”گولڊن صوف ڏي!“ تہ چيائين، نہ سائين... هي گگلي صوف ڪٽي وجو!“پشاور واري مئچ هلندي مون هڪ همراهہ کان ٽائيم پڇيو تہ چيائين، ”98... تي آئوٽ!“

ڪرڪيٽ سان محبت سيني کي آهي رڳو انهن کي ڪانهي جن کي ڪرڪيٽ سمجهہ ۾ نٿي اچي. چوڪرين لاءِ تہ ڪرڪيٽ سمجهڻ ايتري ضروري ڪانهي جيتري ڪرڪيٽر سمجهڻ ضروري آهي. جو اهي تہ ان مهل بہ تاڙيون پيون وڄائينديون جنهن مهل شاهد آفريدي زيرو تي آئوٽ ٿي پيو موٽندو. سعيد انور لاءِ ڪنهن وقت چوڪريون متي تي پوتي رکي پوءِ تاڙيون وڄائينديون هيون.

پشاور ۾ ياسر حميد اٺانوي تي آئوٽ ٿيو تہ چوڪرين ايتريون تاڙيون وڄايون جو ياسر حميد جي ڪنن ۾ تاڙيون پئجي ويون. شبير احمد ٽي وڪيٽون ورتيون تہ ليڊيز پورشن ۾ ايترو جوش ٿيو جو ڪجهہ مڙسن پوءِ پنهنجيون زالون پئي ڳوليون.... جيئن ڪجهہ چوڪرين کان پڇيو ويو تہ، ”چا، توهان کي راولپنڊي واري مئچ ۾ بالنگ وڻي؟“ تہ چيائون، ”ڦ... بالرس!“

هيلمٽ تہ عورتن کي بلڪل ڪونہ وڻندو آهي. ان لاءِ چوندي يون تہ، ”انهيءَ سان رانديگر پورو ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي!“ ائين ئي عورتن واري ڪرڪيٽ مئچ ۾ هڪ اوپنر عورت کان پڇيائون، ”توهان هيلمٽ پائي ڇو نٿيون وڃو؟“ تہ چيائين، ”دراصل.... هيلمٽ سان ميڪ اپ خراب ٿيو وڃي!“ پاڪستاني عورتون تہ پاڪستاني ٽيم لاءِ ايتريون صلواتون پڙهنديون آهن، جو اگر شادي شده عورتون ايتريوَن صلواتون پنهنجن مڙسن لاءِ پڙهن تہ سندن مڙس بہ ٽيم ۾ سليڪٽ ٿي وڃن!“

اڄڪلهہ ڪرڪيٽ ڏسڻ بہ اهڙو معاملو ٿي ويو آهي جو اسٽيڊيم ۾ راند ڏسڻ لاءِ بہ هيلمٽ پائي وڃڻو ٿو پوي. راولپنڊيءَ ۾ تہ ماڻهن جي تلاشي چار دفعا ورتي ويئي. جو هڪڙي همراهہ مرڳو چيو تہ ”منهنجي کيسي مان ساڳيو سگريٽ جو پاڪيٽ چار دفعا ڪڍيو ويو ۽ چارئي دفعا هڪڙو هڪڙو سگريٽ غائب هو... پنڊيءَ جي باري ۾ گنگوليءَ چيو تہ ”هتي جا ماڻهو مٺا آهن ”انهيءَ حساب سان انڊين رانديگرن کي منيءَ ۾ بہ مئچ کرڻ گهرجي ڇو تہ.مني سڄي مٺي آهي ۽ حيدرآباد ۾ مئچ رکو انهيءَ ڊپ کان ڪانہ ڪرائي ويئي جو حيدرآباد جا ماڻهو ايترا تہ مٺا آهن جو رانديگرن کي شگر ٿيڻ جو ڊپ هو! جيتوڻيڪ هيءَ امن جي راند آهي پر ڪن ماڻهن کي گنگوليءَ جو نالو رکڻو ان ڪري ڪونہ ٿو وڻي جو ان جي نالي ۾ پهرئين ”Gun“ آهي ۽ پڇاڙيءَ ۾ ”گولي“.

انضمام جي صحت جو راز تہ الائي ڇا ۾ آهي! هو سيني کان تيز ڊوڙندو آهي ۽ پوءِ جڏهن ڊوڙندو آهي تہ سيني کان پٺيان هوندو آهي. ڊاڪٽر هن کي ڏسي ٻين رانديگرن کي مشورو ڏيندا آهن تہ، ”توهان انضمام کي ڏينهن ۾ ٽي دفعا ڏسو. هڪ صبح هڪ منجهند هڪ شام.... ائين گهٽ ۾ گهٽ توهان انضمام جهڙا ڪونہ ٿيندئو!“ انضمام ڊاڪٽر کي ٻڌايو تہ ”آئون گوشت کي

هٿ ۾ ڪونہ لاهيندو آهيان، جيڪا ٻوٽي ڪٽندو آهيان ڪانٽي سان ڪٽندو آهيان!“ اڄڪلهہ انضمام جو وزن گهٽ آهي چو تہ سڄي ٽيم جو وزن هن تي آهي.

اسان کي تہ رڳو اها ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪانہ ٿي اچي تہ ايمپائر سدائين پوڙها پوڙها ڇو رکندا آهن. ڊيوڊ شيفرڊ تہ ويڪرو ۽ ايترو آهي جو هڪ دفعا شعيب اختر چيس، ”آئون بالنگ ڪندي جنهن مهل تو وٽان گذران ٿو، تون پيٽ ڇو ٿو هٽين؟“ شيفرڊ چيس ”اهو پيٽ ناهي... اهو آئون ساهہ ڪٽندو آهيان!“ اسان جا ايمپائر وري اهڙا آهن جو جيسين ٽي ڏينهن کنهن ”اکين جي ڪئمپ“ ۾ رهي ان جو سرٽيفڪيٽ نہ ڏيکارين ٽيسين ڪين ايمپائر نہ رکيو ويندو آهي. هونئن بہ اسان جا ايمپائر اهڙا آهن جو ڪو رانديگر بولڊ ٿيندو تہ بہ ٿرڊ ايمپائر کان اشارو ڪري پيا پڇندا تہ ڇا ٿيو... ٿرڊ ايمپائر کان رانديگر وري اهڙو ڊڄندا آهن، ڄڻ اهي رومن ايمپائر هجن! هن سيريز جي ڪن مئچن ۾ ٿرڊ ايمپائر اهڙيون ٿرڊ ڪلاس ڪالون ڏنيون جو چيوسين تہ سٺو ٿيو جو اهي ايمپائر ئي آهن، ويمپائر ڪونہ آهن...!

جنهن فاسٽ بالر جو ايمپائر سان جهيڙو نہ ٿيو آهي، ان کي اسين فاسٽ بالر ئي ڪونہ ٿا سمجهون. سنڌي ماڻهو پاڪستاني ٽيم ۾ بہ رڳو ان ڪري ڪونہ آهن، جو سنڌي بالر ايمپائر کان بال پيو گهرندو تہ بہ لڳندو ڄڻ انصاف پيو گهري. جيئن پشاور واري مئچ ۾ عبدالرزاق ايل بي ڊبليو جي هڪ اپيل ايترو تہ آهستي ڪئي جو ايمپائر چيس ”يار... ٿورو زور سان تہ اپيل ڪر، ماڻهو سمجهندا تہ اها تون ڪال پيو گهرين يا ايڏهاڪ ملازمن جو رڪيل پگهار پيو گهرين؟“

”نو بال“ وري اها شيءِ آهي جنهن ۾ سڌو سنئون بال ڏسڻ ۾ ايندو پيو تہ بہ ايمپائر ”نو بال“ چوندو. شعيب اختر تہ ايترا نو بال هلائيندو آهي جو ٻن سالن تائين هن جنهن بہ ڇوڪريءَ کي

رشتو موڪليو ٿي، اتان جواب ٿي آيو ”نو بال....!“ راولپنڊيءَ واري مئچ ۾ هڪ ڀار شعيب اختر کي چيو ته ”ماڻهوءَ توهان کي راولپنڊي ايڪسپريس ٿا چون... توهان انسان آهيو يا ريل گاڏي!“ شعيب اهو ٻڌي مسڪرائڻ لڳو ته ڀر ۾ بيٺل هڪ همراهه يڪدم چيو ”هي ٻئي ڪونهي!“ ڀار پڇيس، ”ڇو؟“ ته جواب ڏنائين، ”پٽ... جنهن اسپيڊ سان هي بالنگ ڪرائي ٿو اهو ڪم انسانن وارو ڪونهي....!“

سياستدان سمجهن ٿا ته ڪرڪيٽ هڪ راند آهي.... ۽ ڪرڪيٽر به سياست جي باري ۾ ائين ئي سمجهن ٿا. ڪراچيءَ ۾ نيشل اسٽيڊيم کي ته ڪنوار وانگر سينگاريو ويو هو. ايتري قدر جو شيخ رشيد آيو ته ڪجهه ماڻهو لفافن ۾ پُوئو ڪٽي پهچي ويا. ڪجهه سياستدان ته سياست ۾ به اسپننگ ڪندا آهن پر گهر ۾ بولڊ ٿيا پيا هوندا آهن.

انڊيا لاءِ لاهور جي مئچ اهم آهي جنهن لاءِ گنگولي پنهنجي انتظاميا کي منٿ ميڙ ڪئي آهي ته لاهور واري مئچ کٽڻ لاءِ اتي ماهيما چوڌريءَ کي موڪليو وڃي. ماهيما جي وڏي ۾ وڏي خوبي اها آهي ته اها چوڌري آهي. هن ڀيري وارين مئچن ۾ سياست ايتري ٿي آهي جو پهرئين مئچ انڊيا کٽي ته بي جي پي هزارين موبائيل فونن تي ميسيج موڪليو ته، ”جيئن انڊيا مئچ کٽي آهي تيئن بي جي پي اليڪشن کٽيندي.“ بي مئچ انڊيا هارائي ته ڪانگريس وارن بي جي پي تي ٽوڪ هڻندي چيو، ”هاڻي، ڪهڙو ميسيج موڪليندئو؟“ ته بي جي پي جيڪو ميسيج موڪليو، اهو هيءُ هو، ”جيئن هيءَ مئچ انڊيا هارائي آهي، تيئن اليڪشن ۾ ڪانگريس هارائيندي!“

# "Suffer نامو"

محترم الطاف شيخ مون کي اهو اعزاز بخشيندي چيو آهي ته آئون هن جي هڪ جپاني سفرنامي تي مهاڳ لکان، سو به مزاحيه..... اها ڳالهه ڪانهي ڇو ته مهاڳ هونءَ به مزاحيه هوندا آهن. توهان جيئن ئي مهاڳ لکڻ شروع ڪندئو تيئن اهو خودبخود مزاحيه ٿيندو ويندو. توهان کهڙي به سنڌي ڪتاب جو مهاڳ کولي پڙهو، توهان کان ٽهڪ نڪرندا ويندا. آئون ته ڪنهن بوڪ اسٽال تي سنڌي ڪتاب ڏسندو آهيان ته ان جو مهاڳ پڙهي، ٽهڪ ڏيئي، وري واپس رکي ڇڏيندو آهيان. جيئن مون هڪ سنڌي شاعريءَ جو ڪتاب ڏٺو، ان سڄي ڪتاب ۾ مهاڳ ئي هو ۽ آخري صفحي تي صرف هڪ غزل هو، جنهن جي هيٺان لکيل هو، "توهان به گهڻن سان گهٽي ڪئي هوندي.... اڄ توهان سان ٿي...!"

الطاف شيخ جپان جو ملڪ ايترو ته گهميو آهي جو جپانين به ايترو ڪونه گهميو هوندو، جيترو الطاف ڏٺو آهي. خود جڏهن ڪو جپاني ڪنهن گهٽيءَ يا روڊ جي معاملي ۾ منجهي پوندو آهي ته يڪدم پهرئين پنهنجي پاسي واري ڪيسي مان الطاف شيخ جو سفرنامو ڪڍي پڙهندو آهي ۽ پوءِ ان گهٽيءَ جي خبرچار وٺي اڳيان وڌندو آهي. جپان جي باري ۾ الطاف شيخ جا سفرناما ايترا ته لکيل آهن جو هڪڙي جپانيءَ ته باقائدا الطاف کي خط لکي چيو ته، "اسان توهان جو ڏوهه ڪهڙو ڪيو آهي... توهان پوگندا تي سفرنامو ڇو نٿا لکو؟"

سفرنامو لکڻ هڪ آرٽ آهي، جيڪو يقين سان الطاف شيخ کي اچي ٿو. اسان کي نٿو اچي... اسين ته سفرنامو لکڻ ويهندا آهيون ته آخر ۾ خبر پوندي آهي ته اهو Suffer نامو هو،

جيئن اسان جو هڪ دوست ناول لکندو آهي ته سفرنامو نهي ويندو آهي ۽ سفرنامو لکندو ته درسي ڪتاب نهي ويندو آهي!

الطاف شيخ جي ڪتابن جو تعداد هاڻي ايترو ٿي ويو آهي، جو اهي ڪتاب پڙهائڻ جي لاءِ به هڪ عدد ملازم ٿو رکڻو پوي. ان ڪري ئي الطاف شيخ کي ”سنڌي سفرنامي جو ابو“ چيو ويندو آهي ۽ باقي بيا جيڪي سفرناما لکندڙ آهن، انهن مان ڪي ماما آهن ته ڪي چاچا آهن!

ڪجهه ليکڪن جا سفرناما وصيعت ناما لڳندا آهن. پڙهبو ته لڳندو آخري پيرو لکيا ويا آهن ۽ هاڻي نه لکندو... خود پڙهڻ کان پوءِ توهان جي دل مان آواز ايندو ته، ”خدا ڪري.... هن کي هاڻي ڪنهن به ملڪ جي ويزا نه ملي....!“ ڪجهه ليکڪن کي وري پڙهبو ته لڳندو ته ياٺوءَ سفرنامو نه پر ڊڪشنري لکي آهي. ڪجهه وري ليکڪن جا سفرناما اجا پڙهڻ ئي شروع ڪبا ته يڪدم توهان کي محسوس ٿيندو ته، ”هيءُ سفرنامو نه پر صِفرنامو آهي!“ الطاف شيخ وري انهن سيني کان مختلف آهي، مختلف ان ڪري جو بيا سيئي ليکڪ الطاف شيخ کان مختلف آهن...!

ناول لکڻ وڏي محنت جو ڪم آهي، ان ڪري سنڌيءَ ۾ نتو لکيو وڃي. سفرنامي لکڻ لاءِ توهان کي رڳو ياڙي ۽ خرچ پنيان محنت ڪرڻي پوي ٿي. ان ڪري سنڌيءَ ۾ سفرناما گهڻا لکيا ٿا وڃن. اسان جو هڪ دوست ته سفر ئي ان ڪري ڪندو آهي ته جيئن گهڻ موٽي اچي سفرنامو لکي. جيئن هڪ دفعي لفٽ ۾ ڦاسي پيو ۽ پورا اٺ ڪلاڪ ان ۾ بند رهيو ته گهر موٽي اچي 88 صفحن جو ڪتاب لکيائين، ”لفٽ ۾ اٺ ڪلاڪ“ آهي!“ هونءَ ليکڪ جڏهن لکڻ شروع ڪندو آهي ته سفرنامو سمجهي لکندو آهي، پر ڪيترن ئي ليکڪن کي خبر ئي نه پوندي آهي ته اهو پڙهندڙن لاءِ Suffer نامو ثابت ٿيو!

الطاف شيخ ايترا ته سفرناما لکيا آهن، جو هاڻي مئرين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪيڊميءَ وارا سنڌي چوڪرن کي رڳو ان ڊپ جي ڪري ڪونہ ٿا ڪٽن تہ متان اهي بہ سفرناما نہ لکڻ لڳن! جڏهن آئون انٽر ۾ پڙهندو هوس تڏهن مون مزاحيہ اداڪار جيري ليوس جي فلم ”گيشا بواءِ“ ڏٺي هئي. تڏهن اسان جيري ليوس جا عاشق هوندا هئاسين. گيشا بواءِ کان پوءِ اسان کي الطاف شيخ جي ڪتابن مان خبر پئي تہ جپان ۾ دراصل گيشا گرلس ٿي هونديون آهن، جيڪي مردن کي وندرائيندڙ چوڪريون هونديون آهن. جپان واري سفرنامي ۾ الطاف شيخ گيشا عورتن جو اهڙو تہ خوبصورت انداز ۾ ذڪر ڪيو آهي، جو خود گيشا گرلس کي بہ ايتري معلومات ڪانہ هوندي، جيتري الطاف شيخ کي آهي!

ننڍپڻ ۾ الطاف شيخ اسان جي پاڙي ۾ رهندو هو. اسين سڀ هن کي ”ادا پپو“ ڪري سڏيندا هئاسين. جيتوڻيڪ هاڻي هو ”پپو“ رهيو ناهي، پر پوءِ بہ ڪيترائي اسان جا ڳوٺائي ڪيس پپو چوندا آهن، بلڪ ڪجهہ پوڙها پوڙها تہ هن کي اڄا تائين ”پپو“ سمجهندا آهن.

جپان جو سفرنامو لکڻ سولو ڪم ناهي. اهو ائين آهي جڻ توهان ٽوڪيو جي رستي تي بيهي ٽوڪيو جي ماڻهن کي ٽوڪيو!.... جپان جي ڏکي ۾ ڏکي ڳالهہ اها آهي تہ هتي توهان کي رڳو جاپاني ڏسڻ ۾ ايندا. مون کي وري جاپاني ٻولي نہ وڻندي آهي، جو تہ مون کي اچي ئي ڪانہ.... مون کي رڳو جپاني سامان وڻندا آهن، توهان جپان ۾ ويندئو تہ اتي سيني جپانين جون شڪليون هڪ ٻئي تان فوٽو اسٽيٽ ٿيل لڳنديون. سيني جپانين جا مُنهن هڪڙي ئي مونوگرام ۾ هوندا. خبر ناهي جپاني عورتون پنهنجا پنهنجا مڙس ڪيئن سڃاڻنديون هونديون!

الطاف شيخ يقين سان جپان ۾ وڃي جيڪو جپانين تي لکيو آهي، اها همت جي ڳالهہ آهي، جو تہ جيڪڏهن توهان ڪنهن هوٽل تي وڃو تہ سڌي سنئين ماڻهوءَ کي بہ وات مان ”چون چان

چين چين“ ڪرڻي پوندي، تڏهن وڃي ماني نصيب ٿيندي... آئون سوچيندو آهيان تہ جپاني پيار جو اظهار ڪيئن ڪندا هوندا. ٻن لفظن ”چوُن چان چان“ تي چوڪري راضي ٿيو وڃي. هتي سنڌ ۾ جيڪڏهن ڪير چوڪريءَ کي ”چون چان چان“ چوي تہ ان جي مرڳو مڳٽي نٽني پوي ۽ ان جا مائٽ چوڪريءَ کي ”چون چون جو مربو“ بنائي ڇڏين.

جپانين کي انگريزي گهٽ ايندي آهي. ان جو دليل هُو اهو ٻڌائيندا، تہ ”انگريزن کي کهڙي جپاني اچي ٿي؟“ جيئن اسان وارو هڪ عظيم سنڌي دانشور آهي چيائين، ”پرائمريءَ ۾ انگريزي زبان چو تي سيکاري وڃي؟“ پڇيوسبين، ”ڀلا، کهڙي زبان سيکارجي؟“ تہ چيائين، ”شرافت جي زبان!“

الطاف شيخ جو جپان جو سفرنامو سٺو آهي، چو تہ اهو بغير ٽڪيٽ جي توهان کي جپان گهمائي ٿو. توهان چوندئو تہ، ”نہ، اسان صحيح طرح سان جپان نہ گهمي سگهياسين، تہ منهنجا سائين... ايترن پئسن ۾ تہ توهان ايترو ئي جپان گهمي سگهو ٿا.... ۽ جيڪڏهن توهان ڪتاب ٻہ دوست جو پڙهي رهيا آهيو تہ پوءِ جيترو بہ جپان توهان ڏٺو آهي، ان کي گهٽو ڪري سمجهو.... ڇو تہ يقين ڪريو جيترو جپان توهان کي الطاف شيخ گهمايو آهي، اوترو جپانين بہ ڪونہ ڏٺو هوندو!

ڪنهن بہ ڪتاب ۾ مهاڳ رڳو ان ڪري لکايو ويندو آهي تہ جيئن پڙهندڙن کي ٻڌائي سگهجي تہ جيڪڏهن هيءُ ڪتاب نہ ڇپجي ها تہ وڏي تباهي اچي وڃي ها، ان ڪري الطاف بہ مهاڳن تي گهٽ زور ڏيندو آهي. مون کي چيائين تہ، ”ٻہ ٽي اکر لکي ڏي...“ ۽ مون کي وري جپان تي لکڻ سٺو ان ڪري لڳي رهيو هو، چو تہ جپاني ٻوليءَ ۾ بہ مون کي سنڌيءَ جا لفظ ملبل محسوس ٿيا، جنهن مان مون کي پڪ ٿي تہ اسان جي ٻولي پنج ڇا.... ڪا ست اٺ هزار سال پراڻي آهي. اهي لفظ آهن، هيرو، شيما، ناگا، ساقبي ۽

ڇُون ڇُون.... اهي سنڌيءَ ۾ بہ استعمال ٿين ٿا. هيرو اسان وٽ ڪيترائي نوجوان آهن. شيما اسان جي پاڙي ۾ رهندي آهي. ناگا کي اسين ”نانگا“ ڪري چوندا آهيون. ساقي تہ اسان جي هر ذهن ماڻهن ۾ ڳولبو تہ چار ساقي ملندا ۽ باقي رهيو ڇُون ڇُون.... اهو تہ اسان وٽ سنڌيءَ ۾ جهرڪيون ڪنديون آهن!!

جپان دنيا جو پهريون نمبر جمهوري ملڪ آهي، جتي برداشت Tollerence ايترو تہ بهترين آهي جو توهان ڪنهن بہ جپانيءَ کي سنڌيءَ ۾ ڇا بہ چئو، هُو دل ۾ نہ ڪندا.... جپاني ٻولي دنيا جي سولي ٻولي آهي، جو تہ اها سکڻ لاءِ توهان کي دماغ استعمال ڪرڻ جي ضرورت نٿي پوي.... بس ڪجهہ جهرڪيون پاليو ۽ جپاني سکو... جيڪڏهن توهان ڪنهن هوٽل تي وڃي ويهي چئو، ”پين پين پُون پان“ تہ پڪ سان اهو ڪنهن ڊش جو نالو هوندو... جيڪڏهن ڊش جو نالو نہ نڪتو تہ پوءِ توهان جي پنهنجي ڊش پڳل هوندي.... انهن ڳالهين جي ڪري جپان ڏاڍي ترقي ڪئي آهي. جيئن مون کان هڪ دوست پڇيو تہ، ”ڇا، تون ڪڏهن جپان ويو آهين؟“ چيم، ”ها...“ پڇيائين، ”جهاز ۾؟“ چيم، ”نہ.... خواب ۾!“

# فيملي پلاننگ

اها پلاننگ جيڪا ڪنهن فيمليءَ جي خلاف ڪجي تہ ان کي فيملي پلاننگ چئبو آهي... چون ٿا، وقفو ڪريو... ڪيئن بہ ڪري وقفو ڪريو... اسان کي تہ وقفو ٽي وي ڊرامن ۾ بہ نہ وڻندو آهي.... جيڪڏهن ڪمپيئر چوندو تہ، هاڻي وڻون ٿا وقفو تہ لڳندو ڇڻ اسان کي ڇٽي رهيو آهي تہ، اهي بار ڪوڙ آهن، هاڻي وقفو ڪريو... جيئن هڪ هوسٽ ڇوڪريءَ چيو تہ.... دوستو.... هاڻي وڻون ٿا وقفو.... تہ منهنجي هڪ دوست ان ڇوڪريءَ جي مڙس کي وڃي چيو، تہ تنهنجي زال ٽي ويءَ تي هر پندرهن منٽن کانپوءِ چوي ٿي تہ.... وقفو ڪريو.... ڇا توهان جي زال هيلٿ ورڪر آهي!؟

جيئن اسان هڪ ٻارنهن ٻارن جي پيءُ جنهن جي ٻارن جو تعداد ايترو آهي جو ٻاهر پاڙي ۾ جيڪڏهن ڪو ٻار ٽنبي جو بلبُ بہ پيجي ڇڏيندو تہ سيني کي پڪ ٿي ويندي تہ اهو ببن بادشاهہ جو ٻارُ هوندو... اسان ٻبن جي زال کان پڇيو تہ، ”ايترن ٻارن ۾ گذران ڪيئن ٿو ٿئي؟“ تہ چيائين، ”صبح جو پاپا کائون.... ٻارن جو پاپا خود پاپا کائيندو آهي.... چانهہ جو ايڏو وڏو ديڳڙو چڙهندو جو پاڙي جون مايون گهر اچي پڇنديون، تہ ”ادي... ڇا سڄي پاڙي ۾ چانهہ ورهائيندئو!“ منهنجو مڙس وري اهڙو وات جو وائڙو جو صبح جو آئون ٻارن ۾ چانهہ ورهائينديس تہ پري کان ٿي رڙ ڪري چوندو تہ، ”دو چاءِ مارو استاد....!“ پَٽَ جي لاءِ تہ جڏهن اسان هڪ وڏي ديڳ پئي خريد ڪئي تہ خود دڪاندار بہ پڇيو هو تہ، ”ايڏي ڏي ديڳ پيا خريد ڪريو.... ڇا گهر ۾ ڪمرا ڪونہ آهن ڇا؟“

فيملي پلاننگ جي ٻي معنيٰ اها بہ آهي تہ، ”اها فيملي جيڪا سڄو ڏينهن ويٺي ڪنهن نہ ڪنهن جي خلاف پلاننگ ڪري...!“ فيملي پلاننگ کي انگريزيءَ ۾ خانداني منصوبابندي

ڇٽبو آهي ۽ خانداني منصوبابنديءَ کي وري سنڌيءَ ۾ فيملي پلاننگ ڇٽبو آهي. اهي ڪم جيڪي خانداني منصوبابنديءَ ۾ ٿيندا آهن اهڙا ساڳيا ڪم فيملي پلاننگ ۾ نہ ڪري سگهبا آهن. جيئن هڪ نوجوان شادي شده کي چيم تہ ٻار فقط ٻہ ڄڻيو... تہ مرڳو منهنجا ٻہ اڌ ٿي ڪيائين... وري هڪ ٻئي شخص کي چيم تہ، ”ٻار ايترا ڄڻيو جو گهٽ ۾ گهٽ توهان کي ڳُٽپ ۾ تڪليف نہ ٿئي!“ تہ اهو ٻڌي هن مون ۾ ائين نهاريو، ڄڻ مون هن کان ٻہ ٽي ٻار اُڌارا گهريا هجن!.... وري هڪ ٽئين شخص کي چيوسين، ”گهٽا ٻار مٽي جو سور آهن...“ تہ يڪدم ايڏو وڏو ليڪچر شروع ڪيائين جو خود منهنجي مَٽي ۾ سور ٿِيڻ لڳو. جيئن هڪڙي پٽ تي لکيل هو، ”ٻار ايترا ڄڻيو جو اهي وڏا ٿين تہ گهٽ ۾ گهٽ توهان کي سڃاڻي سگهن!“

ائين ئي هڪ پاپوليشن جي ملازم کي چيوسين تہ، ”توهان هيستائين ڪجهہ بہ نہ ڪيو آهي؟“ تہ چيائين ”ڪجهہ نہ ڪرڻ بہ ڪجهہ ڪرڻ آهي...!“ هڪ ٻئي ملازم وري چيو تہ، ”اسان جي آفيسر کي خود اٺ ٻار آهن...!“ آفيسر کان پڇيوسين تہ، چيائين ”پلي ايترا ٻارَ هجن آفيسر آهيون، مال تا ڪائون ايتري ملڪيت ويندي ڪيڏانهن؟“ هڪ قوم پرست کان پڇيوسين تہ چيائين، ”اسين ٻار گهٽ ڄڻينداسين تہ اقليت ۾ تبديل ٿي ويندآسين... اها اسان کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش آهي!“

هڪڙي غريب کان پڇيوسين تہ، ”توهان کي يارنهن ٻار آهن تہ پوءِ سمهندا ڪيئن آهيو...؟“ تہ چيائين، ”هڪڙي کٽ تي ايترا ٻار سمهندا آهن جو ڪو بہ هڪڙو ٻئي کي سمهڻ نہ ڏيندو آهي... ڪو ٻار کٽ هيٺان، ڪو ٻار ڪٽن جي وچ ۾، ڪو ٻار الماڙيءَ مٿان، ڪو ٻار الماڙيءَ ۾ اندر، ننڍا ننڍا ٻار تہ اسان پٽ ۾ ڪوڪا هڻي ٽنگي ڇڏيندا آهيون يا پٽ مان گهڙيال لاهي ان جي جاءِ تي ٻار ٽنگي ڇڏيندا آهيون...!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتي سمهاريندو آهين؟“ چيائين، ”مون وٽ ٻارن جي لائبرري آهي.... A کان Z تائين هر ٻار مون وٽ پڪي جلد ۾ رکيل آهي!“

ٻارن کي پوليو جا ڦڙا ائين پياريندو جو ٻه پيئندا ۽ ٽي پڇي ويندا.... ۽ جيڪي نه پيئندا، انهن جي ٻدران وري پاڻ پي ڇڏيندو، چيائين، ”مون واري هڪ ننڍڙي ته هن دفعي رڙيون ڪندي چيو، one hundered دفعا پي چڪو آهيان، ڦڙا ڦڙا ڪري پيا ڏيو يڪو گلاس نٿا پياريو...!“

ٻارن کي اسڪول ڇڏيندو ته ڳٽي ڏيندو ۽ ڳٽي وٺندو... ڪيڏانهن گهمڻ ويندو ته موٽر سائيڪل تي ايترا ٻار ويهاريندو جو جنهن موٽر سائيڪل تي ٻارَ ويهاريندو آهي اها صرف ڏکن ۽ ڏُکن سان هلندي آهي... اها شهر جي واحد موٽر آهي جيڪا سائيڪل کان به آهستي هلندي آهي... ۽ ان تي ٻار وري ايترا اچي ويهي رهندا جو اڌ موٽر تي ويهندا ۽ اڌ سائيڪل تي ويهندا.... پاڻ وري چوندو، ”هي شهر جي واحد سائيڪل آهي، جنهن مان آئون موٽر وارو ڪم وٺندو آهيان.“ ٻار وري چوندا، ”اسين موٽر سمجهي چڙهندا آهيون ۽ سائيڪل سمجهي لهندا آهيون...“ ڪنهن پڇيس، ”موٽر سائيڪل تي هيلمٽ جو نٿو پائين؟“ چيائين، ”هيلمٽ پائيندس ته پوءِ ننڍڙو ٻِبُو ڪٿي ويهندو؟“

ٻَبن بادشاهه چاڪاڻ ته اخبار ۾ ڪم ڪندو آهي ان ڪري ٻارن کي به اهڙين نظرن سان ڏسندو، ڄڻ انهن ۾ به پروف جون چُڪون ڳوليندو هجي.... ٻارن کي سزا ڏيڻي هوندس ته سيني کي اخبار جو ڪو ايڊيٽوريل پيج ڏيندي چوندو، ”هاڻي اهي سڀ ڪالم سچي جا سچا پڙهي ڏيکاريو...!“ هڪ دفعي ڪنهن پڇيس، ”توهان کي پلا نوٽل ملائي گهٽا ٻار تيندا؟“ چيائين، ”اٺويهه شايع ٿي چڪا آهن ۽ ويهون پريس ۾ آهي..!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاپيءَ سان ٽيل هئي... چيائين، ”سنڌيءَ جي پرائمري تعليم جو نظام تباهه ٿي چڪو آهي“ ته هينان آواز آيو.... ”هائو... اتي ڪاپيءَ جي ايتري سهولت ڪانهي...!“ هڪ ٻيو ڏاهو جيڪو مونکي چاهو پئي لڳو.... چيائين ته... ”سنڌ ۾ تمام گهٽي بيروزگاري آهي...!“ هينان آواز آيو، ”چا ان ڳالهه لاءِ عالمي ڪانفرنس سڏائي اٿوَ... اها ته اسان کي خبر آهي...!“ ٻڪر ٻڪباز چيو ته، ”شيخ اياز جهڙو شاعر هاڻي سنڌ ۾ ڪڏهن به پيدا نه ٿيندو!“ ته يڪدم هيٺ وينل هڪ اديب چيو ته، ”چو سائين... چا سنڌ جون سڀ دايون مري ويون؟“

ڪنهن ڪان پڇيوسين، ”اهي شيلڊون چو پيا ڏيو؟ چا.... اديبن ڊوڙ جو مقابلو ڪٿيو آهي؟“ ٻڌائون، ”هنن وڏا، ڏکيا ۽ شاهي مقالا پڙهيا آهن، سي به بلند آواز ۾....“ چيوسين، ”شيلڊون ته انهن کي ملڻ گهرجن..... جن مقالا ٻُڌا آهن... جنهن سيئي مقالا ٻڌا هجن ان کي ”برداشت شيلڊ“ ملڻ گهرجي.... جنهن سيني نشستن ۾ شرڪت ڪئي ان کي وري ”صابرين شيلڊ“ ملڻ گهرجي.... انهن مان ٿي اسٽيج تي وينل هڪ اديب ٻلانا ڪان پڇيم ته، ”توهان ته ضياءَ جي اهل قلم ڪانفرنس ڪان وٺي ڪروڙ ڪن ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪئي هوندي؟“ چيائين، ”هنن معمولي ڪانفرنسن ۾ ته صرف چيڪ ٿو ملي، پر ضياءَ جي ڪانفرنس ۾ ته ڪيش ملندو هو... اهو ڪيش جنهن جي مٺان ڪو به چيڪ نه هو..!“

سنڌي محققن جا ٽي قسم آهن... پهريان اهي جيڪي پاڻ ۾ ٺٺا نهن... ٻيا اهي جيڪي پهرئين قسم سان ٺٺا نهن ۽ ٽيان اهي جيڪي ڪنهن سان به ٺٺا نهن.... پهريون قسم چوي ٿو، ”تحقيق ڪندڙ رڳو اسين آهيون...“ ٻيو قسم چوي ٿو، ”پهرئين قسم وارا ٻڏاڪون ٽا هڻن“ ۽ ٽئين قسم جو چوڻ آهي، ته ”پهريان ٻئي قسم ڪوڙ ٽا ڳالهائين!“ ڳالهيون به عجيب عجيب ٿي رهيون هيون.... جهڙوڪ هڪڙو وڏو اديب (عمر ۾ وڏو) اسٽيج تي چئي رهيو هو

تہ، ”پٺائيءَ تي بہ هاٿي ريسرچ تيڻ گھرجي.... شيخ اياز تي بہ هاٿي ڪم ڪرڻ گھرجي.... فلاڻي تي بہ هاٿي تحقيق تيڻ گھرجي...!“ تہ هيٺان مهمانن مان ڪنهن چيو، ”توهان ڪي بہ هاٿي هيٺ لهڻ گھرجي..!“

جيڪو ماڻهو ڪجھ بہ نہ ڄاڻندي اها دعويٰ ڪري تہ هو سڀ ڪجھ ڄاڻي ٿو، انکي اديب چئبو آهي ۽ جيڪو ماڻهو ڪجھ بہ نہ ڄاڻندي اها دعويٰ ڪري تہ منهنجي سامهون وارو همراھ ڪجھ نٿو ڄاڻي. تہ ان کي وري سنڌي اديب چئبو آهي... هڪ نشست.... ”خراب ماضي، بدحال مستقبل“ ۾ ايترا تہ اديب پهتا جو هال ۾ ”ڪرسيون گھٽيون ۽ اديب ٿورا“ جي عنوان سان نشست اندر نشست شروع ٿي ويئي.. جيڪو همراھ ڪولڊ ڊرنڪ ڪٽي آيو هو.. ان کي قابو ڪري چيائون تہ، ”متي هلي مقالو پڙهہ.... نہ تہ پئسا ڪونہ ملندئي!“ جنهن ويچاري مجبور ٿي اچي مقالو پڙهيو، ”سنڌي اديبن ۾ گلائون ڪرڻ جو جمالياتي پس منظر..!“

هڪڙو بيو انسان نما دانشور ساهمي ڪٽي اچي اسٽيج تي ويٺو.... ۽ شاعرن جي تور ۽ وزن ڪرڻ لڳو.... تہ، ”فلاڻو وڏو شاعر آهي، فلاڻو ننڍو آهي.... فلاڻو وچولو آهي... فلاڻو ميڊيم سائيز آهي... فلاڻو فئملي سائيز آهي!“ هيٺ وينل هڪ اديب چيو، ”ائين تہ مان بہ شيخ اياز کان وڏو آهيان...!“ پڇيوسين، ”ڪيئن؟“ تہ چيائين، ”شيخ اياز جو وزن 60 ڪلو هو ۽ منهنجو 80 ڪلوگرام آهي!“ منهنجي ئي پر ۾ هڪ ٿلهو اَرڙ بلا جهڙو اديب ويٺو هو... يڪدم چيائين، ”ائين آهي تہ پوءِ آئون سڀ کان وڏو شاعر آهيان...!“ پڇيوسين، ”ڪيئن؟“ تہ چيائين، ”منهنجو وزن ايترو آهي جو مشين تي بيهندو آهيان تہ ان مان هڪ عورت جو آواز ايندو آهي تہ، ”برائي مهرباني ڪجھ دير بعد ڪوشش ڪيجئي گا...!“

# موبائيل فون

موبائيل اڄڪلھ ايتري ته ويئي آهي جو ماڻهو موبائيل تي لڪي ٿو ڳالهائي ته جهڙو لڪي چرس پيو پيئي.... هڪڙو منهنجو دوست پٽ سان منهن لڳايو موبائيل تي ڳالهائي رهيو هو، پڇيومانس، ”ڇا پٽ تي هلندڙ ماڪوڙين سان پيو ڳالهائين؟“ چيائين، ”نه يار..... پنهنجي منگيندڙ سان پيو ڳالهايان ان ڪري مون کي پاڻ ماڪوڙو ٿيٺو پيو آهي!“ ڪنهن دوست چيو، ”موبائيل ايجاد ئي عورتن جي ڪري ٿي آهي!“ پڇيومانس، ”اهو ڪيئن؟“ ته چيائين، ”سئو موبائيلن تي تجربا ڪيا ويا ته خبر پئي ته انهن مان نوي عورتن جي استعمال ۾ هئا.... ڏهن مان موبائيل تي عورتن ڳالهايو پئي ۽ ٻين تي عورتن سان ڳالهايو پئي ويو!“

موبائيل جي باري ۾ اسان جي پسند بس ائين آهي ته اها موبائيل سٺي ۾ سٺي آهي جنهن ۾ بيلنس استعمال ڪرڻو نه پوي... موبائيل ۾ خود فائدا به ايترا آهن جو جيڪڏهن فائدا ڳڻيندا سين ته نقصان ڳڻڻ وسري ويندا.... جيئن هڪڙي همراهه موبائيل تي شادي ڪئي. نڪاح رنگ ٽون (Ring tone) ۾ ٻڌايائين ۽ حق مهر ۾ خود زال کي چيائين ”ڇهه مهينا ايس.ايم.ايس فري اٿئي!“

ٻڌڻ جي معاملي ۾ اسان جي پسند ته ائين آهي جو جيڪڏهن ڪير پڇي، ته ”توهان کي آواز ڪنهنجو وڻندو آهي؟“ ته آئون اهو ئي چوندس ته، ”اهو جيڪو منهن تي ٻڌائي....“ اها ٻي ڳالھ آهي ته جيڪو سڌو سنئون ٻڌائيندو آهي... ان جو Off وارو

ٻنڻ سدائين ٻيو ڪير دٻائي ويندو آهي... موبائيل ۾ اها خوبي آهي ته هيءُ ٻاس ڄجي آواز ڪان منو ۽ زال جي آواز ڪان ٽڏو سرور ڏيندڙ بڻايو ويو آهي. هڪڙي ڏڪاندار ته هڪڙي ٽيهين هزارين واري موبائيل ڏيکاريندي چيو، ”هن ۾ جيڪڏهن توهان ڪي زال دڙڪا ڏيندي هجي ته به توهان کي محسوس ٿيندو ڇڻ توهان ڪا عمدي رنگ ٽون ٻڌي رهيا آهيو...!“ ٿي سگهي ٿو اهو دڪاندار غلط هجي پر ڪجهه ڏينهن اڳ آئون هڪ ڪانفرنس ۾ ويس، جتي موبائيل فون جا ايترا ته فائدا ٻڌايا ويا جو مون يڪدم کيسي ۾ هٿ وجهي شڪر ادا ڪيو ته مون وٽ موبائيل آهي.... نه ته هنن جو اهو چوڻ هو ته، ”جنهن وٽ موبائيل ناهي... اهو زنده ڪيئن آهي!؟ ڪانفرنس ۾ هڪ سنڌي اديب ته اسٽيج تي چڙهي چيو ته، ”ڪجهه اديب چون ٿا ته سنڌي ادبي سنگت جون گڏجاڻيون به موبائيل تي شروع ٿيڻ گهرجن!“ اديب کيسي ۾ هٿ وڌو، مون سمجهيو موبائيل ٿو ڪڍي.... پر هڪ وڏو شاهي مقالو ڪڍيائين، عنوان هو، ”موبائيل فون سنڌ دشمن پاليسي آهي!“ ان ڪانپوءِ ايترو وقت ڳالهايائين جو جيڪڏهن موبائيل تي اهو مقالو پڙهي ها ته ڇهين سئو وارا ڇهه ڪارڊ ختم ٿي وڃن ها ۽ پوءِ به مقالو بچي پوي ها.... منهنجي اک ته ان مهل کلي جنهن مهل پاسي واري همراهه جي کيسي مان ڏهل ۽ شرنائين جا آواز اچڻ لڳا ۽ همراهه کيسي ۾ هٿ وجهي موبائيل ائين لڪائي ڪڍي ڄڻ جيڪڏهن پڪڙجي پيو ته هيروئن پڪڙجڻ وارو ڪيس لڳي ويندس. سنڌي اديب چيو، ”اها موبائيل فون آمريڪا سامراج جي سازش آهي جيڪا هو سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڦهلائي رهيو آهي. پر سنڌي ٻولي، منڙي ٻولي... اهڙي منڙي جو ان سان شگر ٿيڻ جو به خطرو ڪونهي... اها ڪڏهن به ختم نه ٿيندي!“ ان ڪان پوءِ هال ۾

تاڙيون وڄڻ لڳيون، مون سوچيو، ”تقرير سني ڪئي اٿس!“ پر غور ڪري ڏٺم ته خبر پئي اهي تاڙيون صرف هن جي تقرير ختم ڪرڻ تي هيون!

موبائيل جي چوري ته اسان جي ملڪ ۾ ايتري وڏي ويئي آهي، جو ان سان ڪافي قدر بيروزگاريءَ جو مسئلو حل ٿي ويو آهي، خود حڪومت موبائيل جي چوريءَ کي دل جي چوريءَ سان مشروط ڳنڍي رهي آهي. شيخ ٻناڪيءَ جو چوڻ آهي ته، ”ملڪ ۾ موبائيل چورن ۽ دل چورن کي ڊڪنيڪٽ ڪرڻ اسان جي وس جي ڳالهه ڪانهي...“ هڪڙي شاعر انَ تي اعتراض ڪيو ته ان کي چيائين، ”ادا... جنهن جي موبائيل چوري ٿي وڃي ٿي ان جي دل ڪان پڇي ڏسو ته ان تي ڇا ٿو گذري!“

پراڻي زماني ۾ پيغام پهچائڻ لاءِ گهوڙي تي چڙهي وڃبو هو. پوءِ يا ته گهوڙو مري ويندو هو يا همراهه مري ويندو هو. ويچارن غريب ڪبوترن کان بغير پگهار جي پيغام پهچائڻ جو ڪم مفت ۾ ورتو ويندو هو. ڪيترائي ڪبوتر بغير پگهار جيءِ مري ويا.... ڪبوتر سهڪي سهڪي خط کڻي ايندا هئا ته انهن کي Tip به ڪانه ملندي هئي.... عاشق جو عشق ڪرڻ ۾ سِرُ ئي رُلي ويندو هو. رڳو خطن پهچائڻ ۾ ايترا سال لڳندا هئا جو ايترن سالن ۾ اڄڪلهه پي ايچ ڊي ٿيو وڃي، پوءِ جڏهن ”ٽرون ٽرون“ واريون فونون آيون ته گهٽي کان گهٽو خوش به عاشق ٿيا.... پر تڏهن لائين مين عوام جي لاءِ اسپائيڊر مين تي حملا ڪندا هئا. هاڻي هڪ ننڍڙي شيءِ کيسي ۾ پئي آهي... پوءِ چاهي توهان ”مس ڪال“ ڏيو يا ”مسز ڪال“ ڏيو... دڪاندار ته چون ٿا ته، ”هيءَ ننڍڙي شيءِ جنهن جي هٿ ۾ آهي... سمجهو ته زمانو ان جي هٿ ۾ آهي.“

ڪانفرنس ۾ هڪ ڇوڪريءَ اسٽيج تي اچي چيو

ته، ”ڪاليج جا ڇوڪرا مون ڪي مس ڪالون ٿا ڏين. گلو حلوائيءَ جو پٽ ڇهه ڇهه انڊيون رنگون ڪندو آهي... شل انڌو ٿئي.... آئون چونديس ”هلو...“ ته چوندو ”ڪيڏانهن هلون... مون وٽ ته پاڙي جا پئسا به ڪونه آهن... ان ڪري موبائيل فون معاشرو بگاڙي رهي آهي...!“ هيٺ لٿي ته ڪنهن صحافيءَ پڇيس، ”توهان پاڻ ڪنهن سان ڳالهائينديون آهيو؟“ ته چيائين، ”آئون ته ان ڪي رنگ ڪنديس جيڪو مون کي رنگ پهرائيندو... باقي رانگ نمبر ايترا اينداآهن جو محسوس ٿيندو آهي ته شهر جو جيڪو به غلط نمبر لڳندو آهي ته اها گهنٽي منهنجي موبائيل ۾ وڄندي آهي!“

اسان جي هڪ دوست جو چوڻ آهي ته موبائيل جي ڪري ڪرائيم ۾ اضافو ٿيو آهي، هڪڙو ڌاڙيل ٻئي ڌاڙيل کي SMS ڪندو ته، ”پوليس توهان جي پٺيان آهي... فلاڻي ڪنڌ ڪان نڪري وڃو...“ هاڻي ته ڌاڙيلن کي موبائيل رسيلي ٻيلي جي اندر ميوزڪ ٻڌڻ جي به سهولت مهيا ٿي ويئي آهي. ڪانفرنس ۾ هڪ ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽر چيو ته، ”موبائيل محبت جي ڪنجي آهي ۽ دشمنن لاءِ درد آهي. محبوبا کي جيڪڏهن پيءُ گهر ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي، ته اها توهان سان باٿ روم جي اندران به ڳالهائيندي. موبائيل سان امتحان ۾ سڄو پيپر حل ٿي ويندو. موبائيل دهشتگردن جو شان آهي ۽ جيڪي بم فٽ ڪندا آهن، انهن لاءِ مانُ آهي.“

موبائيل جي هڪ اشتهار ۾ هو ته، ”ڪنهن محفل ۾ جيڪڏهن توهان جي کيسي اندر رنگ وڄي ته هيڏانهن هوڏانهن نهاريو ته سڀ ماڻهو ڏسن پيا يا نه... جڏهن سڀ ڏسي وٺن پوءِ توهان ڳالهايو. جيڪڏهن محبوبا آهي ته ان کي چئو ته، ”هينئر رت نه پيءُ.... چو ته سامهون وينو آهي منهنجو پيءُ!“ جيئن اسان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ دوست جي نئين موبائيل گم ٿي ويئي. ان ڪان پوءِ هن پنهنجي آفيس جي ديوار تي لکي چڏيو ته، ”هميشه پراڻي اڏوراڻي گسيل ۽ سَستي موبائيل استعمال ڪندا ڪريو... جنهن ڪي جيڪڏهن چور چوري ڪري ته به شرمندو ٿي واپس ڏيئي وڃي!“ ائين ئي منهنجي هڪ دوست مون کي ٻڌايو ته، ”آئون هڪڙي پبلڪ باٿ روم ۾ وڃي وينس ته پر واري باٿ روم ۾ به ڪو همراهه وينو هو. اڃا آئون وينس مس ته پر واري باٿ روم مان همراهه پڇيو ته، ”ڪر خبر چار ڇا پيو ڪرين؟“ چيومانس، ”اهو ئي پيو ڪريان جيڪو تون پيو ڪرين!“ وري پڇيائين، ”پر آخر تون اتي اڪيلو ڇو وينو آهي؟“ چيومانس، ”ادا.... باٿ روم ۾ ۽ قبر ۾ ماڻهو اڪيلو ئي ويندو آهين!“ ته يڪدم وڏي آواز ۾ چيائين، ”آئون توکي ٻيهر فون ٿو ڪريان، ڇو ته آئون ڳالهايان توسان پيو ۽ جواب هيءُ همراهه پيو ڏي، جيڪو منهنجي پر واري باٿ روم ۾ وينو آهي!

# ”لالُو پرساد“ يا ”ديوُ“

ڏسڻ ۾ لال، سڏجڻ ۾ لالوُ، مسڪرائي تہ لالوُ پَرساد ۽ اخبار ۾ لکجي تہ لالو پرساد يا ديو... لالو پرساد ڪي جڏهن نہ ڏٺو آهي، اهو سمجهي تہ پنهنجي زندگيءَ ۾ اجا ڪا سٺي مزاحيہ فلم نہ ڏسي سگهيو آهي. لالوءَ کي توهان جڏهن بہ ڏسندا، لڳندو پهرئين دفعا ڏسي رهيا آهيو. مسلمانن کي چوندو توهان جو آهيان. هندن کي چوندو توهان منهنجا آهيو ۽ ٻُڌن کي چوندو اسين هڪ ٻئي جا آهيون. سياست جي ايتري چاڻ، جو پنهنجي اڻ پڙهيل زال رابڙي ديويءَ کي بہ وزيراعليٰ ڪري ڏيکاريائين. ڪنهن پڇيس، ”چا رابڙي توهان کان وڌيڪ پڙهيل آهي؟“ تہ چيائين، ”ها... هوءَ پڙهيل آهي. ايتري قدر جو مون کي پاٽي بہ پڙهي پياريندي آهي، آئون جڏهن اليڪشن ۾ ووٽ وٺڻ ويندو هوس تہ منهنجي پنيان پڙهندي رهندي هئي.... مون کي تہ هاٽي ايترو وهم ٿي پيو آهي جو هوءَ گهر ۾ اگر ڪو لڏون ڏيندي آهي تہ اهو بہ مون کي پڙهيل لڳندو آهي!“

هن کي تمام گهڻا لطيفا ياد آهن، جيڪي ياد نہ اٿس انهن کي هي لطيفو ئي نہ چوندو آهي. هونءَ بہ دنيا ۾ جيترا سنا لطيفا اسيمبلين ۾ ملندا آهن، اهي ڪتابن ۾ نہ ملندا آهن. پاڪستان ۾ آيو تہ انٽرويو ائين پئي ڏنائين جڻ انٽرويو ورتائين پئي. سوالن جا جواب وري ائين پئي ڏنائين جڻ صحافين کي امداد پئي ڏنائين. ڪنهن پڇيس، ”توهان هروپرو پنهنجيءَ زال کي وزيراعليٰ چو بنايو؟“ تہ چيائين، ”پيارا... گهر ۾ ۽ سياست ۾ اهڙيون رسڪون ڪٽبيون آهن!“ هي ايترو تہ حب الوطن آهي، جو هن هميشہ ملڪ کي سياستدانن کان بچائڻ جي ڪوشش ڪئي. هڪ صحافيءَ پڇيس، ”توهان تي جيڪو فودر اسڪينڊل لڳو، جنهن جي ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهان چيف منسٽريءَ تان استعيفيٰ ڏني. ڇا واقعي توهان ڏهن اربن جو استعمال ڪيو هو؟“ چيائين، ”ڪمال آهي.... توهان کي عربن تي اعتبار آهي، باقي هڪ انڊين تي اعتبار ڪونهي!“

صورت ۾ هُو جنهن تي به ويو آهي، جهڙو ڪنهن تي به نه ويو آهي. جو ته جهڙي نموني ۾ نهيل آهي، اهڙي نموني جا ماڻهو رڳو غريب ملڪن ۾ ئي نهندا آهن. ننڍپڻ کان ئي سياسي آهي. ڪلاس ۾ هن کان ماستر ايترا سوال ڪونه پڇندو هو، جيترا هي ماستر کان پڇندو هو. جڏهن ستين جماعتِ ۾ هو ته سال گذرڻ ڪانپوءِ به ساڳئي جماعت پڙهڻ جي درخواست ڏنائين ۽ ان ۾ لکيائين ته، ”آئون جماعتون بدلائڻ جو قائل ناهيان!“ جنهن سان پيار جو اظهار ڪيائين ته ان چيس، ”آئون ڪنهن ٻئي سان پيار ڪريان ٿي“، ته يڪدم ان کي چيائين، ”اِها ڏانڌلي آهي!“

هيءُ جنهن مهل پريس ڪانفرنس ڪندو آهي ته صحافين جي ڪنن مطابق ڳالهائيندو آهي. هي پنهنجي زبان ڪڏهن صحافين ۾ اڇلي ڇڏيندو آهي. ڪنهن پڇيس، ”توهان کي ڪيترين زبانن تي عبور آهي؟“ چيائين، ”مرد جي هڪڙي زبان هوندي آهي!“ جيتوڻيڪ توهان ڏٺو هوندو ته سياست ۾ ڪيترن ئي ماڻهن جي هڪڙي زبان ۾ ڏهه ڏهه ننڍڙيون زبانون چنبڙيل هونديون آهن!

ماڻهو پهرئين ڳالهه ڪندا آهن ۽ پوءِ عمل ڪندا آهن. هيءُ پهرئين عمل ڪندو، پوءِ ڳالهه ڪندو. ڪنهن پڇيس، ”توهان پنهنجي وڏي ڌيءَ ميسا ديويءَ جي شاديءَ تي ڪروڙين رپيا خرچ ڪيا، ان تي انڪم ٽيڪس وارن توهان کي ڪهڙا نوٽيس موڪليا؟“ چيائين، ”هنن مون کان رڳو پڇيو ته اڃا توکي ڪيتريون ڌيئرون آهن؟“ ساڳئي همراهه چيس، ”توهان کي غريب ڌيئرن جو مسيحا چوندا آهن، پر توهان پنهنجي ٻي ڌيءَ روهڻيءَ جي شاديءَ تي ايترو ته پئسو خرچ ڪيو، جو رڳو 45 ايئرڪنڊيشن

ڪارون مهمانن ڪي وني ۽ چڙي اچڻ لاءِ هيونَ؟“ ته ان ڪي يڪدم چيائين، ”45 نه پر 47 ڪارون هيون...“

لالو پرساد جلسن ۾ ويندو آهي ۽ اجلاس ۾ شريڪ ٿيندو آهي. هونءَ به جلسن ۾ اهو ڪجهه چيو ويندو آهي، جيڪو پيو ڪٿي به نه چيو ويندو آهي، ۽ اجلاسن ۾ وري اهو چيو ويندو آهي، جيڪو ڪيو نه ويندو آهي. هيءُ پنهنجن جلسن ۾ غالب جا ايترا شعر ٻڌائيندو، جو تقرير گهٽ ۽ شعر وڌيڪ پيا ٻڌڻ ۾ ايندا ۽ ماڻهو هڪ ٻئي کان پيا پڇندا ته، ”چا... اڄ غالب جي ورسي آهي؟...“

هيءُ هميشه چوندو ته جيت اسان جي ٿيندي، هار ڪان ايتري نفرت جو نڪاح مهل به دوستن کي چيائين، ”مون ڪي هارَ نه پارايو...“ دوستن پڇيس، ”چو؟“ ته چيائين، ”مرد جي هار ان مهل شروع ٿيندي آهي، جنهن مهل هُو شاديءَ ۾ هارَ پائيندو آهي.“ پنهنجي شاديءَ ۾ به اتي بيهي تقرير ڪئي هئائين، ”بهار جا رهواسيو..... اڄ آئون گهوٽ ٿيو آهيان، سياڻي چيف منسٽر ٿيندس!“ ڪنهن چيس، ”اڄ توهان هتي ست ڦيرا پيا ڏيو، چيف منسٽريءَ لاءِ دهليءَ ۾ گهڻا ڦيرا ڏيندائو؟“

انگريزيءَ ۾ تقرير ڪندو، ته جن کي انگريزي نٿي اچي، صرف اهي ئي سمجهي سگهندا. هنديءَ تي به ايترو عبور اٿس جو اگر مارواڙي ڳالهائي ته مارواڙي سمجهندا ته هيءُ هندي پيو ڳالهائي. سردو پسند اٿس ۽ گرمي ناپسند..... غصو ۽ سوپاري تمام گهٽي ڪائيندو آهي. طبيعت ۾ به سياسي آهي. غصي ۾ غصو نه ڪندو آهي ۽ جڏهن غصو نه هوندو اٿس ته پوءِ وري غصو ڪندو آهي.

توهان هن کي غور سان ڏسندائو ته خبر پوندي ته هي بدن ۾ پنهنجي جسم کان به ٿلهو آهي. جيئن رابڙي ديوي رنگ جي اهڙي آهي، جو ماڻهو هڪ ٻئي کان پڇندا آهن ته، ”آخر هن جو

رنگ کهڙو آهي؟“ هيءَ ميڪپ ڪندي تہ بہ جهڙي بنا ميڪپ جي بيٺي هوندي. اڄڪلهہ تہ ميڪپ ڪانہ ڪري، جو تہ اتي اسيمبليءَ ۾ جهيڙو ايترو ٿيندو آهي، جو جيترو وقت هيءَ ميڪپ ۾ لڳائيندي، تيسين حڪومت تبديل ٿي ويندي.

پنهنجي ڪمري ۾ انگريزي ڪتاب رکندو آهي، متان ڪير دوست اچي پڙهي... پاڻ پولِيٽيڪل سائنس ۾ ايم اي آهي، ان ڪري پوليٽيڪل سائنس کان سواءِ هر ڪتاب پڙهندو آهي. پريس فوٽو گرافر تہ هن سان پيار ڪندا آهن جو تہ هن جو فوٽو ڪڍڻ تي ڪئميرا جي رول جو نمبر نہ وڌندو آهي. راڻي ديويءَ سان فوٽو ڪڍائيندو تہ صحافين کان پڇندو، ”ڇا اسان ٻنهي جي هڪڙي فوٽوءَ لاءِ پورو رول ڪافي آهي؟“ هڪڙي صحافيءَ چيس، ”توهان کان تيز راڻي ديوي آهي، جيڪا آفيس صبح جو سوير پهچي ويندي آهي!“ تہ چيائين، ”ها بس... هن کي ’اهو فائدو آهي تہ صبح جو ننڊ مان اٿي هن کي شيو ڪرڻي نٿي پوي!“

ڏسڻ ۾ رڳو پنهنجي قد کان وڏا وٺندا اٿس ۽ ٻڌڻ ۾ عورتن کي ٻُڌڻ پسند ڪندو آهي. چوندو، ”عورتن کي ٻڌڻ کان پوءِ اهو فائدو ٿئي ٿو جو توهان ٻڌڻ جا ايترا عادي ٿيو وڃو، جو اپوزيشن وارا توهان کي ڪريون ڪريون ٻڌائين ۽ ڪيتريون بہ ڪٽي ٻڌائين پر توهان ٻُڌي وينداٿو!“ ڪنهن پڇيس، ”ڀلا توهان کي عورتن ۾ ڪير وڻندو آهي؟“ تہ چيائين، ”گهر ۾ راڻي ديوي ۽ گهر کان ٻاهر سڀري ديوي...!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گنجن جي واپسي

قولن ديوي ڏاڙيل هئي. هن سوچيو تہ عورتن کي بہ هن ڪم ۾ مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلڻ گهرجي... پوءِ ان جدوجهد ۾ پَلي ڪلهو ئي نڪري وڃي " ته ديويءَ کي تہ شيڪر سمن پنهنجي طرفان نوبل پيس ايوارڊ لاءِ نامزد ڪيو هو، پر چيائين تہ، ”ايوارڊ لالو پرساد جي حصي ۾ ايندو، جو تہ لالو راڀڙيءَ سان هيترا سال گڏ رهڻ ڪان پوءِ بہ اجا زندهہ آهي!“ اسان جي ملڪ جي ماڻهن کي نوبل انعام ان ڪري نٿو ملي جو تہ اسان جي ملڪ ۾ ڊگا گهٽا آهن ۽ نوبل اصل ۾ ”No Bull“ ايوارڊ آهي. هيءُ ايوارڊ صرف اتي عمل ۾ ايندو جتي Bush هجي تہ هجي پر ”Bull“ نہ هجي.

ڪيمسٽريءَ جو No Bull پرائيز جن ٽن ڄڻن کي مليو آهي، اهي ٽيئي گنجا آهن ۽ اخبار ۾ فوٽو وري ائين ڇپيل آهن، جو ٽيئي گنجا هڪ ٻئي کي پيا ڏسن. فزڪس جو No Bull جن ٽن ڄڻن کي مليو اهي بہ ٽيئي گنجا آهن. هاڻي دنيا جي گنجن ۾ پاڇ پئجي ويئي آهي تہ، ”مار... 2004ع جو سال گنجن جو سال آهي!“ معاشيات ۾ بہ جن ٻن ڄڻن جا فوٽو ڇپيا آهن، اهي بہ ٻئي گنجا آهن. ميڊيسن ۾ بہ جنهن هڪ همراهہ کي پرائيز مليو اهو A گريڊ جو گنجو آهي. انهن ايوارڊن سان بهرحال گنجن جي همت افزائي ٿي آهي، پر ڪجهہ ماڻهو سمجهن ٿا تہ هڪ ئي وقت ايترن گنجن کي انعام ڏيڻ بہ شايد ”نيو ورلڊ آرڊر“ جو حصو ٿو لڳي. ان سان هڪ ئي وقت گنجن کي بيهر جيئارڻ لاءِ هڪ تاريخي ”گنج نامو“ جڙيو آهي. گنجن جو هر دور ۾ استحصال ٿيو آهي، جيئن هڪڙي گنجي گنج پڻ کي ختم ڪرڻ لاءِ دوا استعمال ڪئي تہ مرڳو گنجو پاڻ ختم ٿي ويو ۽ ان جي پاڙي وارا چوندا رهيا تہ، ”نہ رهيو گنجو نہ

رهي بانسري!“ جيئن هڪ اخبار جي اشتهار ۾ مون ڏٺو ته گنج پڻ ختم ڪرڻ لاءِ ٽي گنجا مٿا ڏيڪاريل آهن. پهرئين فوٽو ۾ گنجو مٿو ائين ڏيکاريل آهي، جو لڳي ٿو فوٽو گرافر مٿي پنکي ۾ لڙڪي هيٺ بيٺل گنجي جو فوٽو ڪڍيو آهي، جنهن به فوٽو گرافر. انهن گنجن جا فوٽو ڪڍيا آهن، انهي جو ڪمال اهو آهي ته فوٽن ۾ رڳو گنج نظر پيئي اچي، گنج ڪنهن جي آهي اها خبر نٿي پوي!

گنجن کي مليل هيلوڪي ايوارڊ اهو ثابت ڪيو آهي، ته ”هڪ گنجو ڏهه وارن واري جي برابر هوندو آهي!“ گنجن جي ذهانت کان انڪار ڪرڻ سج کي ڪاري جي هينان لڪائڻ آهي. خود اسان جي سنڌ سونهاريءَ بي شمار ذهين گنجا پيدا ڪيا آهن، جن مان ڪجهه گنجن جو ته اسان نالو به نٿا وني سگهون؛ جو اهي ٻڌندا ته پوءِ اسان کي گنجو ڪري ڇڏيندا.

اهڙي قسم جا فل سائيز گنجا اسان وٽ به آهن، پر اهي ڪئمسٽريءَ ۽ فزڪس جا امتحاني ڪارتوس پهچائڻ تي ته ايوارڊ ڪٿي سگهن ٿا پر No Bull انهن لاءِ مشڪل آهي. هن سال ته لڳي ٿو ڳولي ڳولي گنجن کي No Bull ڏنو ويو آهي ۽ جن ٻن عورتن کي ادبي ايوارڊ مليو آهي اهي پاڻ ته نه پر پڪ سان انهن جا مڙس گنجا هوندا.

اڄ جي دور ۾ گنجو ٿيڻ هاڻي خوشنصيبي تصور ڪئي وڃي ٿي. ايوارڊن کان پوءِ يورپ ۾ گنجن مڙسن جي ڊماند وڌي ويئي آهي. ڇوڪريون ڪلبن ۾ انهيءَ بواءِ فرينڊ رکڻ کي ترجيح پيون ڏين، جنهن جي ٿوڙهه پري کان چمڪندي هُجي. جيئن هڪ شڪاگو جي ڇوڪريءَ پنهنجي گنجي بواءِ فرينڊ کي رڳو ان ڪري ڇڏي ڏنو ڇو ته سندس سهيليءَ جو بواءِ فرينڊ ان کان وڌيڪ گنجو هو.

گنجن جي ذهانت ثابت ٿيڻ سان دنيا جي اندر هڪ نئين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچ کي اپرندي ڏنو پيو وڃي. هاڻي تہ ماڻهو چون ٿا تہ اسين ووٽ ٿي ان کي ڏينداسين جيڪو گنجو هوندو يا مقابلي ۾ جيڪڏهن چار گنجا بيٺل آهن تہ وار وار جي ڳڻپ ٿيندي، جنهن جا سيني کان گهٽ وار هوندا، ان کي اسيمبليءَ ۾ موڪليو ويندو.

ڪو وقت هوندو هو، جو چيو ويندو هو تہ ”گنجن کي عشق ڪرڻ جو ڪو بہ حق ناهي!“ هاڻي گنجو عشق جي علامت ٿيندو پيو وڃي. اهو گنجن لاءِ بہ چڱو آهي چو تہ گنجن صدين کان ڏک ڏٺا آهن. هاڻي تہ بہ شهيليون پاڻ ۾ ٿيون ملن تہ پهرئين اهو سوال ٿيون پڇن تہ، ”چا تنهنجو منگيندو گنجو آهي؟“

گنجن کي No Bull ايوارڊ ڏيڻ سان گنج پڻ ختم ڪرڻ وارين دوائن ۽ حڪيمن کي ملين رپين جو نقصان ٿيو آهي، چو تہ بي شمار گنجن پنهنجو علاج اڌ ۾ ڇڏي ڏنو آهي، پر حڪيم بہ چالاڪ آهن، انهن وري نيون دوائون مارڪيٽ ۾ آنديون آهن، تہ ”هي ڪئپسول کائو، چوويهن ڪلاڪن ۾ توهان جي ٽنڊ باهر.... گنجا نہ ٿيو تہ پئسا واپس...“ ماڻهن جي رش ٿي ويئي آهي تہ پهرئين اسان کي گنجو ڪريو. ڪجهہ ماڻهو تہ وڏن گنجن جون تصويرون کڻي حڪيمن وٽ پهچي ويا آهن تہ، اسان جي گنج هئڙي اسٽائيل ۾ هئڻ گهرجي!“ ماسڪو ۾ تہ گورباچوف گنج اسٽائيل رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن. خود هتي سنڌ ۾ بہ ڪيترن ئي گنجين هستين جون تصويرون مارڪيٽ ۾ وڪيون پيون وڃن. خود انوپم کير ڪالهہ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي تہ، ”انڊيا جون اينڊڙ فلمون گنجن هيرن تي مشتمل هونديون، ان ڪري فلمن ۾ منهنجي واپسيءَ يا قوي امڪان آهن!“

ماڙي وڏي آهي... هڪ دفعي ته هڪ ٻڇڻ پڇيو ”ماڙي يا مائي؟“ پڇيوسين ”ڇو؟“ ته يڪدم چيائين، ”مائي ته منهنجي وڏي آهي...!“ پڇيم، ”ان جو قد ڪيترو آهي؟“ ته چيائين، ”اها ايتري وڏي آهي جو هيٺ نهاري ئي نٿي سگهي!“ چيومانس، ”مار پوئي... ڇا ڪنهن ڊائناسور سان شادي ڪئي اٿئي؟“ چيائين ”هن جو قد تمام وڏو آهي، ڇو ته هوءَ ڪسٽم ۾ آفيسر آهي...!“

آئون: اسان کي صرف اهو ٻڌايو ته توهين چنڊ ڪيئن ڏسندا آهيو؟

ميمبر: چنڊ ڏسڻ ڪو ڏکيو ڪم ڪونهي... جنهن جي گهر جي ماڙي وڏي آهي، اهو انهيءَ ڪُڏ تي چڙهي هڪ ته ڇا... ٻه ٻه چنڊ ڏسي سگهي ٿو...!

آئون: پوءِ توهان اهو اعلان ڇو ڪندا آهيو ته اڄ چنڊ نظر نه آيو...؟

ميمبر: ظاهر آهي...؟ چنڊ اسان جي پيءُ جو نوڪر ته ڪونهي جو سڄو ڏينهن اڱڻ ۾ اسان جو انتظار ڪندو رهي ته ”اچو ۽ اچي مون کي ڏسو...!“ تي سگهي ٿو، جنهن مهل اسان چنڊ ڏسڻ پئي چاهيو، اهو ان وقت شاپنگ تي ويو هجي!

آئون: اسان ٻڌو آهي توهان وٽ پراڻيون دوربينيون آهن؟

ميمبر: هائو... چنڊ ڏسڻي ڪميٽيءَ جون دوربينون ايتريون ته پراڻيون آهن، جو جيسين اهي سيٽ ٿيون ڪجن، تيسين چنڊ ڪنهن ٻئي سان سيٽ ٿيو وڃي...!

آئون: شايد ان ڪري چنڊ جو اعلان دير سان ٿيندو آهي...؟

ميمبر: جي ها... هي دوربينيون ته انهي دور جون آهن، جنهن دور ۾ هڪڙو چنڊ ڳولڻ لاءِ ڪُڏ تي چڙهبو هو ته سڄي پاڙي جا چنڊ ڏسڻ ۾ ايندا هئا. هاڻي ته هڪڙو اڌ چنڊ به ڏسڻ ۾ نٿو اچي... نتيجي ۾ اسان ڪجهه گنجا بيروزگار ڇوڪرا ڪرائي تي وٺي رکيا آهن، پوءِ انهن کي سج لٿي مهل ڇتين تي چاڙهي ڇڏيندا آهيون ۽ هينان وري هڪ پيو همراهه ٽارچ جي روشني انهن جي ٽوڙهين تي تيستائين هڻندو رهندو آهي، جيستائين ٻاهران گهٽيءَ مان دانهون نه ٿيڻ لڳن ته...

مبارڪون.... چنڊ نظر اچي ويو...!
آئون: پلا توهان خود عيد ملهائيندا آهيو يا نه؟
ميمبر: اسان جي کهڙي عيد... مرد جي عيد ته تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن هن کي پگهار ملندو آهي ۽ عورت جي عيد تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن اهو مرد اها ساڳي پگهار ڪٽي وجهي هن جي ترڻيءَ تي رکندو آهي.... منهنجي ته خيال ۾ اصل عيد حجامن جي ٿيندي آهي.... عيد جي ڏينهن ۾ تمام گهڻا پئسا گهرندا آهن... اهو ڪم وري اهڙو آهي جو ماڻهو پاڻ به نٿو ڪري سگهي... جيئن اسان جو هڪڙو حجام دوست ماڻهن جا وار لاهي لاهي ايترو شاهوڪار ٿي ويو آهي، جو ڪنهن سان ملندو ته ان ۾ نهارڻ ٿي ڪيسي ڪان شروع ڪندو.... عيد کان اڳ اگهه اهڙا ٻڌائيندو جو ماڻهو چوندس، ”ايترن پئسن جو ته مٿو ئي ڪونهي، جيترا تون وارن جا پئسا تو گهرين!“ عيد جي ئي رات هڪ همراهه کان صرف شيو جا پنجاهه رپيا گهريائين ته همراهه چيس، ”ايتري مهانگي شيو... ڇا پاڪيءَ ۾ CNG لڳائي اٿئي؟“
آئون: اسان ٻڌو آهي توهان ماڻهن سان عيد نه ملندا آهيو....؟
ميمبر: نه.... ڇو ته اِن جو مون کي هڪ تلخ تجربو آهي... پهرئين آئون ماڻهن سان عيد ملڻ ائين نڪرندو هئس، ڇڻ ووٽ وٺڻ نڪتو هجان... ماڻهن کي قابو ڪري ڪري ائين پيو عيد ملندس، ڇڻ آخري پيرو ملي رهيو هجان... ۽ پوءِ هڪ عيد تي آئون هڪ سئو پنجانوي همراهن سان عيد ملي جڏهن هڪ سئو ڇهانوي همراهه طرف وڌي رهيو هوس ته مٿي ۾ چڪر اچي ويو، ۽ هڪ چٽڻ واري جي مٿان وڃي ڪريس... پوءِ جڏهن ٿاٻڙندو گهر پهتس ته اهڙي حالت تي وئي هئي، جو خود منهنجي ئي زال پڇيو، ”جي! فرمايو توهان کي ڪنهن سان ملڻو آهي؟“
آئون: معنيٰ هاڻي توهان عيد جا پاڪر نه پايو...؟
ميمبر: بس هاڻي منهنجي اها عمر به نه رهي آهي، عيد تي پاڪر پائي ملڻ دراصل اهو جانچڻ آهي ته همراهه ۾ ڪيتري طاقت بچي

آهي... اينڊڙ سال هلي سگهندو يا نہ؟... پر هر دفعي پاڪر پائي ملڻ ڪي بہ عيد جو پاڪر ڪونہ چئبو آهي.... جيئن رمضان ۾ ڪراچيءَ جي طارق روڊ تي ايتري رش هئي، جو ماڻهن جي وچ مان ائين ٿي لنگهڻو پيو، جو جيسين عيد نتي ملڻي پئي، تيسين ڳس ئي ڪونہ ٿي مليو... جيئن هڪڙو انگريز سنڌ گهمڻ آيو تہ ٻن ڄڻن کي ملهہ وڙهندي ڏٺائين... اڳيان وڌي هڪ همراهہ کان پڇيائين، ”هي ڇا پيا ڪن؟“ همراهہ غور سان انگريز کي ڏسندي چيو، ”هي عيد پيا ملن...!“

آئون: پلا توهان سڀ کان پهرئين چنڊ ڪڏهن ڏٺو؟

ميمبر: سڀ کان پهرئين مون هڪ پارٽيءَ جي جهنڊي تي چنڊ ڏٺو هو... پر بابي چيو، اهڙي چنڊ تي عيد نہ، پر اليڪشن ٿيندي آهي...!“ تڏهن منهنجي عمر ايتري هئي، جو جيڪي مون کان وڏا هئا.... آئون انهن سڀني کان ننڍو هئس...!

ائون: توهان سياست ۾ بہ آهيو؟

ميمبر: نہ .... سياست مون ۾ آهي... آئون تہ پيدا ئي هڪ پارٽيءَ ۾ ٿيو هوس...!

آئون: ڪهڙي پارٽي؟

ميمبر: افطار پارٽي...!

# سنڌ جو ڳري ۾ ڳرو شاعر

سنڌ جي وڏي ۾ وڏي شاعر جو سوال تہ، دانشور ساهميون ڪٽي تورَ ڪانپوءِ حل ڪري وٺندا..... پر اسان سنڌ جي جڏي ۾ جڏي شاعر جو انٽرويو ڪيو، جنهن جو خود چوڻ هو تہ آئون سنڌ جو ڳري ۾ ڳرو شاعر بہ آهيان چو تہ... نہ صرف منهنجي غزل ۾ وزن آهي، پر منهنجي پيٽ جو ئي ايترو وزن آهي، جو چار سنهڙا امدادي شاعر ساهميءَ ۾ هڪڙي پاسي ويهارجن ۽ ٻئي پاسي آئون ويهان تہ منهنجي پاسي وارو پڙ وڃي هيٺ زمين سان ڦهڪو ڪندو...!

اسان: توهان ۾ شاعريءَ جي اها عادت ڪٿان پئي؟

شاعر: آئون هڪڙي دفعي هڪڙي وڻ هيٺان ستو پيو هوس تہ اوچتو هڪڙو صوف ڪريو، جيڪو سڌو منهنجي وات ۾ هليو ويو... ان ڏينهن خواب ۾ مونکي نيوٽن آيو ۽ دعا ڏنائين تہ تون سنڌي شاعريءَ ۾ ڪا صنف ايجاد ڪندين.... پوءِ مون تخريبي نظم ايجاد ڪيو.

اسان: تخريبي نظم ڇا آهي... ڇا توهان سنڌي ادب کي بم سان اڏائڻ ٿا چاهيو؟

شاعر: تخريبي نظم دراصل تجريدي ڪيفيت جي اها ڪيفيت آهي، جنهن ۾ اهڙي ڪيفيت پيدا ٿيندي آهي، جو انهيءَ ڪيفيت ۾ ڪير بہ پنهنجي ڪيفيت تي ڪنٽرول نہ ڪري سگهندو آهي، جو اڳيان هلي اها ڪيفيت هڪ اهڙي نئين ڪيفيت کي جنم ڏيندي آهي... جو جيڪو بہ ماڻهو ان ڪيفيت ۾ شاعر جو نظمَ نہ ٻڌندو آهي تہ شاعر جي دل چوندي آهي تہ لاهي جُوتو ورڇ ۾ ٻائي ڇڏجي.... اهڙو جو آئندا جيڪڏهن ڪو شاعر شعر ٻڌائي تہ ڪو بہ ماڻهو ٻڌڻ

ڪان انڪار نہ ڪري سگھي...!

اسان: توهان ٽئگور پڙهيو آهي؟

شاعر: جو پڙهان... ٽئگورَ وري ڪهڙو مون کي پڙهيو آهي....!

اسان: پوءِ توهان اڄڪلھ ڇا پيا پڙهو؟

شاعر: اڄڪلھ آئون رڳو تعويذ پڙهندو آهيان...!

اسان: اسان ٻڌو آهي توهان تي اڌ اڌ رات جو شاعريءَ جا حملا ٿيندا آهن؟

شاعر: توهان تہ ائين پيا چئو، ڄڻ مونتي ڏاڙيل حملو ڪندا آهن.... ادا شاعري مون تي زرعي ٽيڪس جيان لهندي آهي... ها ڪنهن زماني ۾ مون تي شعرَ اڌ اڌ رات جو پٽِ ٽپي حملو ڪندا هئا، پر هاڻي رات جو 2 وڳي شعرُ ايندو آهي، منهنجو پچندو آهي... جيڪڏهن آئون گهر ۾ نہ هوندو آهيان تہ هليو ويندو آهي...!

اسان: ڇا شاعري ڪرڻ مهل خاموشي ضروري آهي؟

شاعر: بلڪل.... اهڙي خاموشي، جيڪا رشوت وٺڻ مهل اختيار ڪبي آهي...!

اسان: توهان جي پسند جو ليکڪ....؟

شاعر: آسڪر وائيلڊ.... جو تہ هُو پنهنجين عادتن ۾ صفا وائيلڊ هو...!

اسان: هڪ سٺو نظم ڪيئن لکي سگهجي ٿو؟

شاعر: منهنجي خيال ۾.... سٺو نظم صرف اهو لکي سگھي ٿو، جيڪو خود بہ نظم و ضبط ۾ نہ هجي. جيئن سٺي کهاڻي رڳو اهو لکي سگھي ٿو، جنهن جي خود کهاڻي ڏڪن ٽاپن تي مشتمل هجي... آئون بہ جينئس هوس، مونکي خبر هئي تہ جيسين ڏڪا نہ ڪائيندس تيسين سٺو شاعر نہ ٿي سگھندس. انڪري مون ڄاڻي ٻُجهي اهڙا اهڙا ڏِڪا کائڻ شروع ڪيا، جو اهڙن ڏڪن جو پهرئين رواج ڪونہ هو.... ان حساب سان مون سنڌي ادب ۾ نوان نوان ڏڪا ٽاپا ۽ ٽيلھا روشناس ڪرايا...!

اسان: مشهور شاعر ٿيڻ لاءِ توهان نون شاعرن کي ڪهڙو آسان فارمولو ٻڌائيندا؟

شاعر: ادا.. هڪڙي ٺري واري سان دوستي رکي ڇڏيو... آئون ته عظيم شاعر ٿيڻ لاءِ هڪڙي ڄڻ جي بوتل هڪڙي ڄڻ جهڙي ايڊيٽر کي روزانو پياريندو هوس...!

اسان: مشهور ليکڪ "الزام شيخ" توهان لاءِ لکيو آهي ته توهان جي شاعريَءَ ۾ اٿاهه درياءُ چوليون پيو هڻي.... هڪ ٻئي ليکڪ شوق علي "نواز" توهان لاءِ چيو ته، توهان جي شاعريءَ ۾ سنڌوءَ جون موجُون آهن...!

شاعر: جي... ها.

اسان: پوءِ ڪجهه پاڻي توهان سنڌو درياءَ کي ڇو نٿا ڏيو...؟

شاعر: دراصل آئون شاعريءَ ۾ جنهن هَلڪي خَلقيَ جو ماڻهو آهيان، اهو ايترو ته هلڪو آهي جو انهن وٽ ڪجهه ڏيڻ جون نه، پر رڳو وٺڻ جون عادتون آهن...!

اسان: ڀلا توهان جي پسند جو شاعر؟

شاعر: جيڪو پنهنجي شاعري پوءِ ٻڌائي، پهرئين منهنجي ٻُڌي...!

اسان: توهان پنهنجي پسند جو گلوڪار ٻڌايو؟

شاعر: منهنجي پسند جون رڳو گلوڪارائون آهن...!

اسان: ڪهڙي گلوڪارا کان توهان متاثر آهيو؟

شاعر: جيڪا مونکان متاثر ٿئي... جيتوڻيڪ آئون پاڻ رڳو سرديءَ کان متاثر ٿيندو آهيان...!

اسان: توهان جي پسند جو رنگ؟

شاعر: سارَنگ ..!

اسان: توهان جي پسند جو گل؟

شاعر: مون کي گَلَ کان وڌيڪ گل جي ڏيءِ وڻندي آهي.

اسان: پسند جي راند؟

شاعر: ڪُرسي ٽينس...!

اسان: پر اسان تہ ٽيبل ٽينس ٻڌي آهي...؟
شاعر: ٽيبل ٽينس عوام جي ۽ ڪُرسي ٽينس خواص جي راند آهي....!
اسان: پسند جي ڊش؟
شاعر: ڊش اينٽينا...!
اسان: توهان ڪي آواز ڪنهنجو وڻندو آهي؟
شاعر: اسپيڪر جو...!
اسان: توهان اسان جو سوال ڪونہ سمجهيو...؟
شاعر: توهان بہ اسان جو جواب ڪونہ سمجهيو...!
اسان: توهان پنهنجي اولاد ۾ ڇا شاعريءَ جو اثر ڏسو ٿا؟
شاعر: منهنجن ٻارن تي رڳو سندن ماءُ جو اثر آهي...
اسان: آخر ۾ توهان اسان کي...
شاعر: ڇا مطلب... آخرت ۾...؟
اسان: نہ سائين... انٽرويو جي آخر ۾ توهان پنهنجو ڪو آفاقي، وشال ۽ مهان نثري نظم ٻڌايو؟
شاعر: ٺيڪ آهي... توهان نہ پڇو ها... تہ بہ ٻڌايان ها.... عرض ڪيو اٿم.

”تون مان آهيان ۽ مان تون آهين...!
انڪري پگهار منهنجو آهي ۽ خرچ تون پئي ڪرين.
انڪري اوڌر تون پئي ڪٽين ۽ پئسا آئون پيو پريان!
انڪري دڪان تان لِپ اِسٽڪ چوري تو ڪئي.
۽ جُوتا مون پئي کاڌا چو تہ...
تون مان آهيان ۽ مان تون آهين...!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ريٽائر ملازم

ريٽائرمينٽ ڇا آهي؟ ڪنهن چيو، ”ڪيل عملن جي سزا“...
ٻئي چيو، ”ماڻهن جا اهي ڪم، جيڪي توهان نہ ڪريو ۽ صاف انڪار ڪري ڇڏيو تہ ان کي بہ ريٽائر ٿيڻ چئبو آهي.“ سئو ماڻهن کان پڇيو ويو تہ، ”اها ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا ڪير بہ استعمال نٿو ڪري؟“ ٻن ڄڻن جواب ڏنو، ”سنڌي ماڻهوءَ جو دماغ“، جڏهن تہ اٺانوي ماڻهن چيو، ”ريٽائر ٿيل ملازم“ اسان جي خيال ۾ ماڻهو ريٽائر انڪري ٿيندو آهي تہ جيئن باقي زندگي کي صحيح ڪم ڪري سگهي!

ڏنو وڃي تہ ريٽائر ٿيڻ هڪ رتبو آهي جو ان سان گهٽ عقل وارو ماڻهو بہ بزرگ پيو سڏبو. جيئن هڪ مائيءَ چيو تہ، ”مرد کي ريٽائر ٿيڻ ئي نہ گهرجي جو اهو ريٽائر ٿيو تہ پوءِ سڄو ڏينهن گهر ۾ وينو نوڪري هلائيندو!“

ڪرڪيٽرن کي تہ هميشہ ريٽائر ڪيو ويندو آهي ڇو تہ اهي پاڻهي ريٽائر ٿيڻ وارا ڪونہ هوندا آهن. سياستدان ڪڏهن بہ ريٽائر ٿيڻ جو اعلان نہ ڪندو آهي ڇو تہ انهن مان اڪثر تہ هونءَ ئي ريٽائر لڳندا آهن. بئنڪ وارا وري ريٽائرمينٽ گهُري وٺندا آهن، ڇو تہ هُو جيترو ڪم ڪندا آهن اهو انسانن جي ڪرڻ جهڙو ڪونہ هوندو آهي.

ڊاڪٽر ان ڏينهن ريٽائر ٿيندو آهي، جنهن ڏينهن هو پنهنجو علاج ڪرائڻ لاءِ ڪنهن جونيئر ڊاڪٽر وٽ ويندو آهي ۽ پروفيسر تہ اها قوم آهي جيڪا نوڪريءَ جي پهرئين ڏينهن کان وٺي ريٽائر لڳندي آهي، ڇو تہ ڪاليج وڃڻ لاءِ نڪرندو پر موڪل تي ويندي ڪاليج ڪونہ پهچندو. جيڪڏهن ڪاليج پهچندو تہ شاگردن کي ائين ڏسندو ڄڻ پهريون دفعو ڏسي رهيو هجي.

جيڪڏهن شاگردن کي سجاڳي به ويو ته ڪتابن کي ڪونه سجاڳائندو ۽ جيڪڏهن ڪو ڪتاب کولي به وڏائين ته چاڪَ کي ائين ڏسندو ڄڻ اڇو وڇون ڏسي رهيو هجي: ”هڪڙي نوجوان پروفيسر ته چيو ”بلئڪ بورڊ ناهڻ کان پوءِ چاڪَ سان سچو متو اڇو ٿيو وڃي... ماڻهو ڪلاس ۾ ويهن سالن جو ٿو وڃي ته چاليهن سالن جو ٿو موٽي!“

ريٽائر ٿيڻ سيني کي ڏکيو لڳندو آهي پر پوءِ به هر ڪو ٿيندو آهي. ماستر ته ريٽائر ٿي ويندو ته به ماڻهو پيا کيس ”سائين“ چوندا. پوليس وارو اگر ريٽائر ٿي وڃي ته به ماڻهو ان کان ڊڄندا، جو پوليس وارو نوڪريءَ تان لهڻ کان پوءِ به جهڙو نوڪريءَ تي چڙهيل لڳندو آهي. انجنيئر ته ريٽائر ٿيڻ کان پوءِ به اهي ئي ڪم ڪندو آهي جيڪي نوڪريءَ ۾ هوندي ڪندو آهي جو ته هنن کي خبر هوندي آهي ته اسين هونءَ ئي دوزخ ۾ ويندا سين!

ريٽائرمينٽ کان پهرئين ڄڻ جواني هوندي آهي ۽ ريٽائرمينٽ کان پوءِ ماڻهو جهڙو به هزار سال پراڻو لڳندو آهي. ريٽائرمينٽ کان پهرئين ماڻهو سئو سلام ڀڏندو آهي ۽ ريٽائرمينٽ کان پوءِ وعليڪم سلام به ڪونه ڀڏندو آهي. ريٽائر ماڻهو ويچارو ڳالهائيندو پيو تڏهن به لڳندو ڄڻ مانڪو وينو آهي. جيڪي ماڻهو وقت کان اڳ ريٽائر ٿيندا آهن، انهن کي ته پاڙي وارا به ائين ڏسندا آهن جيئن جنگ ۾ هارايل فوجين کي سندن قوم ڏسندي آهي.

ڪجهه ريٽائر ماڻهو ته اها شيءِ هوندا آهن جو چون ٿا، ”انهن جي رڳو ڪا ننڍڙي ڳالهه نه مڃڻ سان امن امان جو مسئلو ڪڙو ٿي ويندو آهي!“ پر ڪجهه ريٽائر ماڻهو وري انب جي وڻ وانگر هوندا آهن... پر اهو وڻ جنهن مان علائقي جا ماڻهو سڀ انب چوري ڪري ويا هجن!

ريٽائر ٿيل ماڻهو ڪٿي به نه رهندو آهي. ڪٿي ويندو ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڍو ڏکيو واپس ايندو آهي. نوان ڪپڙا بلڪل ڪونہ پائيندو ۽ اگر پائيندو تہ لڳندو ڄڻ ڪپڙن هن کي پاتو آهي. ريٽائر ماڻهن جي ڪاوڙ تيز هوندي آهي. اگر ڪنهن شادي شده عورت کي چون تہ، ”تنهنجو دماغ خراب ٿي ويو آهي“ تہ اها بزرگ سمجهي اعتبار ڪري وٺندي ۽ اگر ڪنهن شادي شده مرد کي چون تہ، ”جهنم ۾ وڃي پئو!“ تہ مرد اڪثر پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي ايندا آهن!

ريٽائرمينٽ ڪان پوءِ اڪثر ماڻهو عجيب ٿي ويندا آهن ۽ جيڪي امير هوندا آهن سي غريب ٿي ويندا آهن. جيئن واجپائي صاحب ريٽائر محسوس ٿيندو آهي: جيتوڻيڪ مون کي وٽندو رڳو پن ڳالهين جي ڪري آهي. هڪڙو تہ هن ڪنهن سان بہ شادي نہ ڪئي ۽ ٻيو تہ ڪنهن بہ هن سان شادي نہ ڪئي!

ڪائڻ.... اهو ڪم آهي جيڪو ريٽائر ماڻهو هميشہ ڪنهن ٻئي جي مشوري بغير ڪندو. مئين شين ڪان منع ڪبي تہ چوندو، ”شگر مون کي آهي... آئون تہ شگر کي ڪونہ آهيان...“ هڪڙي ريٽائر کان پڇيوسين، ”سائين... توهان کي شگر ڪيئن ٿي؟“ چيائين، ”پٽ، ڪميشن گهٽي ڪائڻ جي ڪري...“

هڪ ٻئي ريٽائر آفيسر کي پنهنجي پٽ چيو، ”بابا توهان کي بلڊ پريشر هئڻ ڪري لوڻ کان پري رهڻو آهي!“ چيائينس، ”اهو چئي تون منهنجي ڦٽن تي لوڻ نہ ٻرڪ...!“ اسان پڇيس، ”سائين، پريشر ڪيئن ٿيو؟“ چيائين، ”پٽ سڄي زندگي وڏو ڪاڙوسين!“ اسان تہ هڪ اهڙو بہ ريٽائر آفيسر ڏٺو جنهن جون اکيون ايتريون تہ خراب هيون جو ڊاڪٽرن کيس چيو، ”توهان روز صبح جو ٽي ڳاڙها نوٽ ڏسندا ڪريو، نظر صحيح ٿي ويندي..!“ هن کي تہ ڪائڻ ۾ رڳو ڦسڻ وڻندو آهي. ڦسڻ اٿين ڪائيندو ڄڻ انهي ۾ وٽامن بي هجي! جيئن هڪ ريٽائر کان پڇيوسين، ”چا، توهان پنهنجي گهر ۾ سمهندا آهيو؟“ چيائين، ”نہ آئون گوڏ ۾ سمهندو آهيان.“

ريٽائر ماڻهو اهي سڀ نصيحتون ڪندو جن مان هڪ تي
بہ پاڻ عمل نہ ڪيو هوندائين. ڪيترن ئي ريٽائر ملازمن کي
بئنڪ اڳيان قطار ۾ بيهاري بئنڪ وارا اهو ياد ڏياريندا آهن تہ، ”ياد
ڪريو ڪڏهن توهان بہ ماڻهن کي ائين ئي بيهاريو هو!“ هڪ
ريٽائر تہ چيو، ”پينشن وٺڻ ۾ رش ايتري هوندي آهي، جو جيسين
وارو اچي تيسين ٻئي مهيني جي پهرئين تاريخ اچيو پهچي.“

هڪڙي ريٽائر کي آئون سڃاڻان جنهن جي يادداشت
ڪمزور آهي. هو صبح جو منجهند لاءِ ڀاڄي وٺڻ نڪرندو تہ ان
مهل واپس پهچندو جنهن مهل رات جي ماني کائڻ جو ٽائيم پيو
ٿيندو. ويسارو ايترو جو چوندس مرغي تہ بيضا وٺيو پيو ايندو. هر
شيءِ ۾ شڪ ڪندو. چئبس، ”سياڻي عيد آهي“ تہ چوندو ”تي
سگهي ٿو اها آمريڪا جي سازش هجي.“ هڪڙي ڏينهن زال
چيس، ”بازار مان ٿيلهيون وٺي اچ!“ تہ هي ٿالهيون وٺي آيو. هر
شيءِ جو اونداهو پاسو ڏسندو. ان ڪري سدائين کيسي ۾ ميڻ بتي
رکندو. دل جو ايترو سنو جو ريٽائرمينٽ جي اڌ رقم ايڌيءَ ۾ جمع
ڪرائي آيو. ايڌيءَ وارن چيس، ”خدا توهان کي اُجورو ڏيندو.“ تہ
انهن کي چيائين، ”اهو ملندو تہ اهو بہ توهان کي ڏيئي ويندس!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# محقق ۽ تحقيق

اسان جي هڪ سنڌي محقق پنجن سالن جي سخت تحقيق کان پوءِ اهو انڪشاف ڪيو آهي ته، ”هوشو... واقعي شيدي هو.“ اها هڪ وڏي ڳالهه آهي. ڪنهن پڇيس، ”ڇا پنج سال توهان شيدين تي پئي تحقيق ڪئي؟“ ته چيائين، ”نه... ميرن تي!“ جيئن هڪ سنڌي محقق کي چيائون ته، ”تون شيخ اياز تي تحقيق ڪر...“ ته هن ٻن سالن کان پوءِ جيڪا ٿيوري ڏني، اها هيءَ هئي ته ”اياز مرد هو...!“

محقق ڇا آهي... محقق اهو هوندو آهي، جيڪو هڪ اهڙي ڳالهه ڪري جو انهيءَ ڳالهه تان وري ٻيا ڳالهيون ڪن. اسان جو هڪ دوست چوندو آهي ته، ”اهو ماڻهو جنهن جون ڳالهيون ڪنهن کي به ٻڌڻ ۾ نه اچن، ان کي محقق چئبو آهي ۽ اهو ماڻهو جنهن جون ڳالهيون خود ڪيس به ٻڌڻ ۾ نه اچن، ته ان کي وري سنڌي محقق چئبو آهي. سنڌ ۾ محقق ٿيڻ جو هڪ اصول اهو به آهي ته اوهان اهي ڳالهيون بنهه نه ڪريو، جن جي ڪري محقق ٿي وڃبو آهي.

سنڌي محققن جا ٽي قسم آهن. پهريان اهي جن جا خود ٽي قسم آهن، ٻيا اهي جن جا ٽي قسم نه آهن، پر ٽن کان وڌيڪ قسم آهن ۽ ٽيان اهي جن جا ڪي به قسم نه آهن. پهريون قسم چوي ٿو، ”تحقيق ڪندڙ صرف اسين آهيون...“ ٻيون قسم چوي ٿو، ”تحقيق ڪندڙ صرف ۽ صرف اسين آهيون“ ۽ ٽيون قسم چوي ٿو، ”پهريان ٻئي قسم بڪواس ٿا ڪن...!“

نئين سال ۾ ڇا ٿيندو... اها خبر محققن کان سواءِ ٻيو ڪير به نٿو ٻڌائي سگهي. جمنا جي ڌوهڻي ڳلو پڪوڙن واري سان ٻن ڪپڙن ۾ ڇو هلي ويئي، ٽن ڪپڙن ۾ ڇو نه وئي؟ محقق نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجن ها تہ موهن جي دڙي مان ناچڻين بدران ناچڻا نڪرن ها!
جيتري قدر تحقيق جو فن آهي، تہ اسان جي خيال ۾ مرد جي مقابلي ۾ زالون بهترين تحقيق ڪري سگهن ٿيون. پاڪستان ۾ ڪيتريون زالون هونديون جيڪي پنهنجن مڙسن جي ڪيسن جي تحقيق نہ ڪنديون هونديون يا اهي زالون بہ تحقيق جي ميدان ۾ ڪامياب ويون، جن پنهنجي ڪوجنا وسيلي پنهنجن مڙسن جون سڀ لڪل محبوبائون ڳولي لڌيون.

اسان ڪي سمجهہ ۾ رڳو اها ڳالهہ ڪانہ ٿي اچي تہ هڪ اصلي محقق جي سڃاڻپ لاءِ نشان ڪهڙو ياد رکون...؟ ڇا اُن جون مُڇون ايتريون ننڍيون هجن جو انهن ڪان ننڍيون مُڇون پيون ڪنهن جيون بہ نہ هجن، يا ان جون مڇون وزن ۾ ايتريون هلڪيون هجن جو خود مڇن ڪي بہ خبر نہ پوي تہ اسان ڪٿي آهيون... پهرئين تہ اها تحقيق ٿيڻ گهرجي تہ محقق ڪهڙا هئڻ گهرجن. اسان جي خيال ۾ تہ اسڪالر ان ئي ڏرتيءَ تي ملندا، جتي اسڪالرشپ ملندي.

چوندا آهن تہ محقق ڪيءِ زندگيءَ ۾ ٽن شخصيتن ڪان نفرَت هوندي آهي. هڪڙو محققن ڪان، ٻيو محققن ڪان ۽ ٽيون بہ محققن ڪان. اصلي محقق اهو هوندو آهي جيڪو تحقيق نہ ڪري سگهڻ جي صورت ۾ مَنجي اونڌي ڪري سمهي رهندو آهي. اهڙي محقق جي ٻي خوبي اها هوندي آهي تہ ايترن صفحن جو ڪتاب لکندو جيڪو ڪير بہ نہ پڙهي سگهي ۽ ايتريون وڏيون تقريرون ڪندو جو وڏي ۾ وڏيون تقريرون بہ ننڍيون لڳن. جيئن هڪ محقق ڪان پڇيم، ”توهان جون تقريرون ايتريون ڊگهيون ڇو ٿينديون آهن؟“ چيائين، ”اها تڪليف رڳو پهريون ڪلاڪ محسوس ٿيندي آهي...“ پڇيم ”پوءِ...؟“ تہ چيائين، ”پوءِ ٻڌندڙ اتي هليا ويندا آهن!“

جيئن بي روزگاري ختم ڪرڻ جو واحد طريقو اهو آهي تہ اسين بي روزگارن کي بي روزگار سمجهڻ ڇڏيَ ڏيون. ائين ئي

بهترين محقق پيدا ڪرڻ جو بهترين طريقو اهو آهي ته سڀ محقق تحقيق ڪرڻ ڇڏي ڏين. عظيم ترين محقق پيدا ڪرڻ جو وري آسان طريقو اهو آهي ته سيني محققن کي ڏار ڏار ڪمرن ۾ بند ڪري ڪيڏانهن پڃي وڃجي...

اهڙي ئي هڪ محقق کي آئون تڏهن کان سڃاڻندو آهيان، جڏهن هو اڃا ڪنهن کي به سڃاڻپ ۾ ڪونه ايندو هو. هو ايتري ئي ٿاڻيم ۾ ڪتاب لکي پورو ڪندو آهي، جيتري ٿاڻيم ۾ ڪتاب پڙهي پورو ڪبو آهي. سنڌي ٻوليءَ تي هن جيڪا تحقيق ڪئي انهيءَ مان ٻوليءَ کي ته پروموشن ڪونه مليو باقي هن ڏاڍا پروموشن حاصل ڪيا. مقالو پيو پڙهندو ته اهو وسري ويندس ته مقالو پڙهي ختم به ڪرڻو آهي. جيڪي هن جو مقالو پيا ٻڌندا اهي ڪنن جا ڊراپس به پاڻ سان گڏ کڻي ايندا آهن: هونءَ به محققن کي پنهنجا ڪن نه هوندا آهن.

اسان جي خيال ۾ محققن کي پنهنجا مقالا ٻڌائڻ جي بدران ڇپرائڻ گهرجن، ڇو ته ڪتاب وري به اها شيءِ آهي، جيڪا نه وٽي ته واپس ڪبٽ ۾ رکي سگهجي ٿي. هن هڪڙو ڪتاب لکيو "سنڌي ڇپ جي مختصر تاريخ" هن ڪتاب کي گونگن ڏاڍو پسند ڪيو. هڪڙي گونگي کان پڇيم، "سنڌي زبان جي باري ۾ ڇا خيال آهي؟" ته چيائين "مون کي ڪهڙي خبر.... آئون ته گونگو آهيان!"

تحقيق هڪ ڏکيو فن آهي ۽ هڪ محقق جون ڳالهيون ته سياري جي ڪپڙن وانگر هونديون آهن. جيسين پڙهجن نه تيسين گرم نه لڳنديون. هڪ اديب چيو، "اسين محققن جي ايتري ته عزت ڪندا آهيون، جو انهن سان ڳالهائيندا ئي ڪونه آهيون...!" جيئن آئون رڳو انهيءَ محقق جي عزت ڪندو آهيان، جنهن جي پيو ڪير به عزت نه ڪندو آهي.

محقق ته اهي آهن جو جيڪڏهن انهن جي اکيان اُٿ لنگهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو تہ اُت کي ڏسي هڪڙو محقق چوندو، ”اهو اٿ موهن جي دڙي مان پيو اچي...“ ٻيو محقق چوندو ”نہ... اُت راجستان جو ٿو لڳي!“ ۽ ٽيون محقق چوندو تہ، ”توهان ٻئي وڙهو نہ... اچو تہ اٺ کان پڇي ڏسون!“

دنيا ۾ تحقيق کي ڏاڍو پسند ڪيو ويندو آهي، پر سنڌ ۾ رڳو محقق کي پسند ڪيو ويندو آهي. جو تہ اهي ڳالهيون بہ اهڙيون ڪندا آهن، جيئن هڪڙي اها ٿيوري ڏني تہ، ”توهان بہ بيضا هٿن ۾ ڪٽي هڪ ٻئي سان ٽڪرائيندئو تہ اهي ٻچي پوندا...“ انهيءَ تحقيق تي ڪيس ”تمغہ مسز شجاعت“ مليو.

هڪ ٻئي محقق چيو تہ ”توهان جيڪڏهن ڪتي کي لٽ هنئي تہ ان جي ڏانهن مريخ تائين ٻڌڻ ۾ ايندي...“ پڇيوسين، ”چا.... توهان مريخ تي ويا هئائو؟“ تہ چيائين ”نہ... دراصل مريخ تي ڪير ڪتي کي لٽ هڻندو آهي تہ ان جي ڏانهن زمين تي ٻڌڻ ۾ ايندي آهي!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اخبار

اخبارن جا ڪيئي قسم آهن. هڪڙي اُها، جيڪا اسين روزانو پڙهندا آهيون ۽ ٻي اها، جيڪا روزانو اسان کي پڙهندي آهي، ۽ ٽئين اها، جيڪا جڏهن به پڙهندا آهيون، لڳندو آهي چڻ اها اسين پهرئين به پڙهي چڪا آهيون.

اخبار پڙهندڙن جا وري به قسم آهن.... هڪڙا اهي جيڪي پنهنجن پئسن سان اخبار ڪونه وٺن ۽ ٻيا اهي جيڪي سدائين مفت جون اخبارون تاڙيندا رهندا.... جيڪي مفت ۾ پڙهندا آهن، انهن جا وري به قسم آهن. هڪڙا اهي جيڪي هوٽل تي وڃي پڙهندا ۽ ٻيا اهي جيڪي هوٽل تي ويندا ته ماٺ ۾ هوندا پر موٽندا ته سندن پاسي واري کيسي ۾ اخبار لڪل هوندي ۽ پنيان هوٽل وارو پيو ڳوليندو.... ائين ئي هڪڙي هوٽل واري جون اخبارون ايتريون ته چوري ٿيون جو هن نيٺ اخبار کي زنجير ۾ ٻڌي ڇڏيو.....!!

اخبار جي شروع ۾ ”اخ“ اچي ٿو، ان ڪري ظاهر آهي ته کي خبرون اهڙيون به هونديون آهن، جن کي پڙهي وات مان ”اخ“ نڪرندو آهي.... پنيان ”بار“ آهي. جنهن مان به نتيجا نڪرندا آهن.... هڪڙو ته پڙهندڙ خبر پڙهندي پاڻ تي بار محسوس ڪندا.... ۽ ٻيو ته ساڳيون تقريرون بار بار پڙهيل محسوس ٿينديون....!

هڪڙا ڪالم اهڙا ڇپبا آهن، جن جا رڳو عنوان ئي پڙهبا آهن... ۽ پوءِ ورق ورائي ڇڏبو آهي. جيئن، رهجي ويل روڊ تي وسري ويل سيمنٽ جي ٻوري... مغرور هارياڻين جي مٿان بيٺل اداس وڏيرو..... مسجد مان چوراڻل جتيءَ جي پريس ڪانفرنس.... پڪوڙن جي ٿال جهڙي قسمت رکندڙ هڪ چنٽيءَ جهڙو شهر...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳي ويندو... هڪڙا ماڻهو رڳو تڪڙو تڪڙو هيڊ لائينون پڙهي اخبار ائين ڦٽي ڪندا جڻ ڪو گناهه لڪائي رهيا هجن... اسانجي شهر جي لائبريريءَ ۾ ته هڪ اهڙو به همراهه آهي. جيڪو ڪا اخبار ڪڻندو آهي ته بين ڪي اها اخبار گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ ڏينهن ڪانه ملندي آهي.

آفيسن ۾ ته اخبارن ويچارين تي حملا ٿيندا آهن... ۽ خود اخبار ايترن حصن ۾ ورهائجي ويندي آهي، جيئن اسان وٽ اڄڪلهه پارٽيون ورهائجي وينديون آهن... اخبار نه پڙهڻ سان رڳو اهو نقصان آهي جيترو اخبار پڙهڻ سان فائدو آهي. جيئن اسان جو هڪ دوست اخبار پڙهندو ته شڪل اهڙي ٺاهيندو جڻ پاڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو هجي، هر خبر تي خبر مطابق شڪل ٺاهيندو... ايڪسيڊنٽ واري خبر هيٺ جهڪي پڙهندو، جڻ ڪيس فريڪچر آيو هجي. ڪنهن سياسي خبر تي هلڪي مسڪراهٽ آڻيندو، جڻ ڪو پراڻو لطيفو پڙهيو هجيس....

اخبار ۾ جيتوڻيڪ ماضي ڇپبو آهي پر اخبار اهو سياڻو آهي، جنهن ۾ اسان پنهنجو اينڊڙ صبح ڳوليندا آهيون. شايد ان ڪري اسان جو هڪ سڄاڻو اخبار پڙهڻ جو ايترو ته مست آهي، جو رستي تي ڪا اخبار پيل ڏسندو ته اها به ڪٽي پڙهڻ لڳندو... منائيءَ وارو اخبار ۾ مائو وجهي ڏيندس ته مائو ڪائي اخبار پڙهڻ لڳندو. ماني کائيندو ته به اخبار وڇائي ان مٿان کائيندو ۽ هڏا اخبار تي اڇليندو ويندو... ان حساب سان هو الائي ڪيترن ماڻهن تي بوڙ هاري چڪو آهي... سيڌي جي دڪان تي ويندو ته پراڻين اخبارن ۾ جهاتيون پيو پائيندو.... ڏيان طلب ايتري غور سان پڙهندو جڻ اهي هن جي ئي ڏيان لاءِ ڇاپيا ويا هجن. اهي اشتهار به پڙهندو جن ۾ ننڍڙن قد وارن سان وڏا واعدا ٿيل هوندا آهن. نيٺ پاڻ ئي چوندو آهي ته وڏو قد ڪرڻ جو واحد طريقو اهو آهي ته ”توهان پاڻ کان وڏي قد وارن سان هلڻ ڇڏي ڏيو، ۽ انهن سان گڏ ويهو ۽ هلو، جن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا قد توهان کان ننڍا آهن...!

هڪڙا ماڻهو گهڻو وقت اخبار پڙهي نہ سگهندا آهن، ڇاڪاڻ تہ انهن کي ڏپ هوندو آهي تہ اخبار پڙهڻ کانپوءِ هو ٻيو ڪجهہ ڪونہ پڙهي سگهندا. اخبار پڙهڻ سولو ڪم ناهي. ڪن ماڻهن لاءِ تہ اخبار پڙهڻ باقاعدا ڪم هوندو آهي. هو جيسين اخبار نہ پڙهندا، زال جو منهن ڪونہ ڏسندا...!

منهنجي هڪ دوست پئسا بچائڻ خاطر اخبار پڙهڻ جو هڪ نئون طريقو ڪڍيو. هيڊ لائينون حجام جي دڪان تي وڃي پڙهندو. ”ڏسو صفحو فلاڻو“ واريون خبرون هوٽل تي پڙهندو. خط آفيس ۾ پڙهي ايندو. ڪالم پڙهي ڪونہ. جو ان لاءِ چوندو تہ پهرئين ليڪڪ فوٽا فضيلت وارا هٽائين، پوءِ پڙهنداسين. هڪڙي ڏينهن تہ باقاعدا هڙتال واري اسٽائيل ۾ چيائين تہ ليکڪن جا ڪاليج واري دور جا فوٽا ڏيڻ بند ڪريو. جام ساقي جي فوٽي لاءِ خط لکيائين تہ، ”ياءُ عزيز، يا فوٽو ڏيو يا ڪالم ڏيو...!“ منظور ميراڻيءَ جو بہ فوٽو لڳي ٿو تہ ڪاليج جي ايڊنٽيٽي ڪارڊ مان ڇڪي ڪڍيل آهي. محمود مغل جي فوٽي ۾ جيڪي مڇون پيون ڏسڻ ۾ اچن، اهي ٻئي ڪنهن جي فوٽوءَ مان ڪڍي مٿان چنبڙايون ويون آهن. اسحاق سميجو تہ فوٽي ۾ ائين پيو ڏسي، جهڙو ننڍڙي ٻار کان قلفي ڦرائجي ويئي آهي...!

اخبار سيني کي پڙهڻ گهرجي، جو تہ اُن سان توهان بہ ٽي منٽ قابو هوندائو... اگر توهان گلاخور آهيو تہ پوءِ تہ توهان جي واهہ واهہ ٿي ويئي... جو تہ اڌ ڪلاڪ پنجين رپئي واري اخبار پڙهي توهان پنج ڪلاڪ عالمي سياست تي ڦوڪون هڻي سگهو ٿا... بمن جا ڌماڪا پڙهي پڙهي توهان جي دل مضبوط ٿيندي، جو ننڍڙن ننڍڙن ڌماڪن کي تہ توهان ڪنگهندائو بہ ڪونہ.

اسان جو هڪ دوست روزانو جيسين اخبار جو منهن نہ ڏسي تيسين آرسي ڪونہ ڏسندو آهي. اخبارون پڙهي پڙهي سندس

پيشاني ۾ ڪالمي تي ويئي آهي. اخبار سان ايتري محبت جو جتان رشتو گهريائين اتان ۾ پهرين پڇيائين، ”ڇا ڇوڪري اخبار پڙهندي آهي؟...“ ۽ ڇوڪريءَ ۾ چيو، ”ها... پر اِها جيڪا پڪوڙن ۾ ايندي آهي!“ هڪڙو مگڻو تہ ان ڪري ٽٽي ويس جو ڇوڪريءَ کي چيائين، ”تنهنجي سُرخي ۾ اخبار جي سرخيءَ وانگر آهي...!“ ڇوڪريءَ ۾ مسڪرائيندي چيس، ”ماٿهو تي، ڌيان طلب نہ تي...!“ هن چيو، ”سهڻي... مون کي اخبار سمجهي پڙهندي وڃ..!“ تہ ڇوڪريءَ چيس، ”ها... پر ياد رک... آئون اخبار پڙهي اڇلي ڇڏيندي آهيان...!“

# ڪالم گيري

ڪالم لکڻ محنت جو ڪم ۽ پڙهڻ صبر جو ڪم آهي.
هڪڙن ڪالمن جا رڳو عنوان پڙهبا آهن ۽ باقي سمجهي وجبو آهي... هڪڙا ڪالم ته سڄا پڙهي اچا بس ڪبا ته پڙهڻ وارو اهڙو سهڪڻ لڳندو جڻ ڪنهن خودڪش حملي مان بچي نڪتو هجي... هڪڙن ڪالمن پڙهڻ لاءِ وري طاقت جا ڪئپسول کائڻا پوندا آهن!

هڪڙا ماڻهو سڄو ڪالم پڙهي نه سگهندا آهن، جيتوڻيڪ سڄي جو سڄو ڪالم پڙهڻ واري کي انعام ڏيڻ گهرجي... خود ذوالفقار سيٺارجا چار سڄا ڪالم پڙهڻ واري کي هڪڙو سگريٽن جو پاڪيٽ مفت ڏنو وڃي... يا جيڪو ماڻهو آچر واري صفحي نازڪ جا ڪالم سڀ جا سڀ پڙهي ڏيکاري، ته ان کي به نازڪ چوڙيون انعام ۾ ڏنيون وڃن... جيڪڏهن نه پڙهي سگهي ته ان کان ڊزن نازڪ چوڙيون ڏنڊ ۾ ورتيون وڃن...!

ڪي ڪالم اهڙا هوندا آهن، ڄڻ توهان پاڪستان اسٽنڊيز جي گائيڊ قسطن ۾ پڙهي رهيا آهيو... ان ڪري ڪن ماڻهن کي وري اهو ڊپ هوندو آهي ته جيڪڏهن سڄو ڪالم پڙهيوسين ته پوءِ سڄو ڏينهن ويو... ڪجهه وري سوچيندا ته جيڪڏهن سڄو ڪالم پڙهيوسين ته پوءِ اخبار ۾ بيو ڪجهه ڪونه پڙهي سگهنداسين، جو ته جنهن جي اخبار هوندي اهو واپس وٺي هليو ويندو... يا جيڪڏهن سڄو ڪالم پڙهيوسين ته پوءِ گهر ڪير ڪٽي پهچائيندو...؟ ان حساب سان ڪالمن جو ماڻهن جي زندگين تي به اثر ڏنو ويو آهي... جيئن اسان جي هڪڙي دوست، محمود مغل جا ڪالم ايترا پڙهيا آهن، جو هاٿي تعويذ لکندو آهي...!

پيش آهي محمود مغل جي ڪالم جي هڪ پيروڊي: ”شڪر ذاتي تعاليٰ جو... جو هن زال جو وجود بڻايو... جهانِ رنگ و بُو ۾

بيشڪ زالون تخليق ڪيون ويون.... ۽ بيشڪ پوءِ ڪن عزيزان من ڪي ﭔ زالون عطا ٿيون تہ ڪن ڪيٽ وري ﭘن ڪان ﭔ انگ چڙهي ويو.... هن حياتيءَ جي بساط تي لشڪر ﭘارن جو ڇا ڪا سزا آهي؟ يا بس اهو هڪ خواب نگر آهي.... عزيزانِ جگر، ٻار ڄڻيو... پلي ڄڻيو. ايستائين ڄڻيندا وڃو جيستائين توهان جي جاهہ و جلال ۾ جمال آهي... پر منظور سان اهو واعدو هو تہ هاڻي ڪنهن ڪي ٻہ منظورِ نظر نہ ڪبو... هاڻي وڏيڪ ڪو ﭔ ٻار نہ ڄڻبو ڇو تہ هن ٻي مقصد جهان ۾ سڀ ڊاڪٽرياڻيون آپريشن ڪانسواءِ ڪنهن ﭔ ٻار کي هن جهان خاڪيءَ ۾ آڻڻ لاءِ تيار نٿيون ٿين... تہ منهنجا مهربانو ۽ جان نثارو، هيءَ ڏمڪي ﭔ غورِ فڪر جي حاصلات لاءِ سرگردان رهي تہ وري ملنداسين اينڊڙ ڪالم ۾....عزيزو... اڄوڪو سبق پورو ٿيو....!“

ڪڏهن ڪڏهن تہ اخبار جو ايڊيٽوريل صفحو ڪولبو تہ جهڙي ڪالم نگارن جي ٽورناميٽ لڳي پئي هوندي... ايڊيٽر چوندو، ”هن پاڻوءَ کي ڪُنڊ ۾ اڇل... ۽ هن کي اهڙو اڇل جو اخبار کان ﭔ ٻاهر وڃي پوي..!“ چار چار ليکڪن جا فوٽا ائين پيا لڳندا، ڄڻ دهشتگردن تي انعام رکيل هجي... منظور ميراڻيءَ کان پڇيم، ”ارباب نيڪ محمد جو فوٽو ڇو نٿا ڏيو؟“ چيائين، ”انهي جي ڪاري ڪاپي ڏوئبي آهي تہ ﭔ ڪاري هوندي آهي... ۽ ٻيو تہ ان جو فوٽو ڏيڻ سان گناهگارن ۾ احساسِ ڪمتري پيدا ٿيندي....!“

ڪالم پڙهڻ سولو ڪم ناهي، ان لاءِ توهان کي هڪ عدد ميڄالي جي ضرورت پوي ٿي... جيڪڏهن توهان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن مجبور شخص جو مغز هرويرو کاڌو آهي تہ پوءِ جنهن مهل توهان امر سنڌوءَ جا ڏکيا ڪالم پيا پڙهندا تہ لڳندو ڄڻ قدرت توهان کان بدلو پئي وٺي... پيش آهي امر سنڌوءَ جو هڪ ڪالم: ”شروعات: عورت مظلوم آهي... وچ: عورت مظلوم آهي.... آخر: ثابت ٿيو تہ عورت مظلوم آهي... ڪالم ختم...!“

منوج جو ڪالم پڙهي آيو آهين؟“ بلڪل ائين ئي منظور ميراٿيءَ جي ڪالمن ۾ وري اهڙن سياستدانن جو ذڪر هوندو آهي، جيڪي بازار ۾ دستياب نہ هوندا آهن...!

جيڪڏهن توهان کان پڇجي تہ، دنيا ۾ سڀ کان وڏو مسئلو ڪهڙو آهي؟ تہ توهان چوندئو تہ... اهو جيڪو توهان سان پيش آيو هجي! دنيا جي ڪنهن بہ ملازم کان پڇندئو تہ ”سڀ کان خراب نوڪري ڪهڙي آهي؟“ تہ چوندو، ”اها... جيڪا آئون ڪندو آهيان!“ جيئن هڪ سياستدان کان پڇيوسين تہ، ”سڀ کان بهترين نعرو ڪهڙو آهي؟“ تہ چيائين، ”اهو جيڪو منهنجو مخالف نہ هٽي سگهي...!“

ٻن قسمن جا ماڻهو ڪالم پڙهندا آهن، هڪڙا اهي جيڪي ڪالم پڙهندا ويندا آهن، جهڙا جيئرا تيندا ويندا... ۽ ٻيا اهي جيڪي جيئرا ئي ان ڪري آهن، جو تہ اهي ڪالم نٿا پڙهن...! جيئن هڪڙو ڪالم نگار لکڻ ويهندو تہ شڪل بہ موضوع مطابق ٺاهيندو آهي... ايڪسيڊنٽ تي ڪالم لکندو تہ اهڙو منهن ٺاهيندو جڻ پاڻ هڏن واري وارڊ ۾ ستو پيو هجي... پيار جي پرٽي تي ڪالم لکندو تہ ائين سهڪڻ لڳندو جڻ هنن ٻنهي کي پاڻ ٻجائي آيو هجي ۽ شڪل تي وري اهڙي اداسي آڻيندو، جڻ هن کي نڪاح لاءِ سيني مولوين جواب ڏيئي ڇڏيو هجي...! منشيات تي لکندو تہ چپ ائين پيڙيندو جڻ چرس پيئندي ڦاٿو هجي... جيئن هينئر تازو بلدياتي اليڪشن تي پئي ڪالم لکيائين تہ سندس تاثرات ڪجهہ اهڙا هئا، جڻ تازو ڪوڙو ووٽ ڏيئي گهر موٽيو هجي...!

(هيءُ ڪالم ڪاوش جي سالگره ايڊيشن ۾ ڇپيو هو.)

## ڪاوش جا ڪالم نگار ۽ انهن جا فوٽو

اسان ته ان ڏينهن کان پين جا ڪالم پڙهڻ ڇڏي ڏنا، جڏهن کان خود اسان لکڻ شروع ڪيو. دنيا جو ڏکئي ۾ ڏکيو ڪم پئي جو ڪالم پڙهڻ آهي ۽ اهو به سچو... ڪالم ۾ فوٽو ڇپائڻ دراصل اهو ٻڌائڻ آهي ته اهو آئون ئي آهيان، مون ڪانسواءِ پيو ڪير به ڪونهي.... اهڙا عجيب عجيب فوٽا جو دل مان آواز نڪرندو، "بيشڪ... خدا معاف ڪرڻ وارو آهي!"ڪاوش ۾ شهريار علي ته انڪري فوٽو ڪونه ڇپرائي جو هو چڏهن ڇائو ته خود مائٽن به هن جو منهن ڪونه ڏٺو... جيڪو پاسپورٽ فوٽو اٿس، ان کي ابتو ڪبو. ته چوڪرو ۽ سبتو ڪبو ته ڏاڙهيءَ وارو پائي نهي ويندو. ان ڪري ڪاوش وارا شهريار عليءَ جو اهو ڊپلوميٽ فوٽو ڪونه ڇاپين.

خود مون جيڪو فوٽو ڇپرائڻ لاءِ ڏنو هو، اهو فوٽو گرافر کان ڪيرائي جڏهن ڪٽڻ ويو هئس ته فوٽو ڏسي منهنجي دوست منوج ڪمار پڇيو ته، "ڇا ڪرفيو جي ڏينهن ۾ فوٽو ڪڍايو اٿئي؟" چئمانس، "نه مون ته مسڪرايو هو... پر هاٿي ڏوپڇي آيو آهي ته لڳي پيو ڇڻ ڪنهن کان اوڌر پيو گهران!"

حبيب جتوئيءَ جون ته مون کي ٽي ڳالهيون وڻنديون آهن. هڪڙو ڪالم، پيو ڪچهري ۽ ٽيون مُڇون... هڪڙي پڙهندڙ ته خط لکي پڇيو ته، "هيترن سالن کان ساڳيو فوٽو ڇاپي رهيا آهيو، نئون فوٽو ڇاپيو ته اسان کي خبر پوي ته حبيب جتوئيءَ کي اڃا مُڇون آهن يا نه...؟" هڪڙي ٻئي پڙهندڙ ته باقاعدا اي ميل ڪري پڇيو ته، "مهرباني ڪري... حبيب صاحب کان اهو پڇي ڏيندا ته هو مُڇن کي ڇا ڪارائيندو آهي؟"

دنيا جو هر ماڻهو فوٽو ڪيرائڻ مهل اهڙو ئي پوز ناهيندو

آهي تہ جيئن سني ڪان سنو لڳي. ڪاوش ۾ فوٽو ڏيڻ لاءِ مشتاق راڄپر فوٽو ڪيرائڻ ويو تہ فوٽو گرافر چيس، ”توهان زور سان ٺهڪ ڏيندئو تڏهن وجي فوٽوءَ ۾ مسڪراهٽ ايندي!“ ۽ پوءِ جڏهن فوٽو ڏوپجي آيو تہ ان ۾ مشتاق صاحب اهڙين سنجيدا ويٺو هو، جيئن ماٺهو زال سان گڏ فوٽو ڪيائيندا آهن. مون کيس چيو تہ، ”اهو تو فوٽو ڪيايو آهي يا سنڌ ۾ غربت تي مضمون لکيو آهي!“ خود منظور ميراڻيءَ جو هلڪي مسڪراهٽ وارو فوٽو بہ شاديءَ کان اڳ جو نڪتل ٿو لڳي، جو تہ ايترو خوش ماڻهو رڳو انهن ڏينهن ۾ هوندو آهي. الطاف شيخ جو تہ مون کي سفرنامن کان بہ وڌيڪ فوٽو وٽندو آهي جيتوڻيڪ هاڻي هو نئون فوٽو ڪيائيندو تہ بہ ساڳيو ايندو. ان ڪري ادا الطاف کي منهنجي گذارش آهي تہ هاڻي هن کي هڪ عدد سنڌي ٽوپي وٺي چڏڻ گهرجي... جو تہ هڪڙي ڏينهن منهنجي پٽ فيضان فوٽوءَ مٿان اکين ڪان مٿي واري ايريا تي آڱر رکي چيو تہ ”بابا... اڇو تہ ملائيشيا ڳوليون!“

انعام شيخ جو ڪالم جنهن ڏينهن ايندو هو، ان ڏينهن آئون انٽرنيٽ تي ڪالم پڙهندو هوس، جو تہ هتي اهو فائدو هوندو آهي تہ ڪالم پڙهڻ ڪانپوءِ بہ خبر ڪانہ پوندي تہ توهان سان اها جنهن ڪئي، ان جو مُنهن ڪهڙو هو...؟

نثار کوکر تہ فوٽوءَ ۾ ڏاڙهيءَ تي هٿ لاهيو ائين ويٺو آهي جڻ چوندو هجي، ”نہ چڏيندو سانءِ!“.... يا تہ ڏاڙهيءَ تي هٿ لاهيو حجام کي پيو چوي تہ، ”ادا... ڏاڙهي تہ لاٽي اٿئي، پر منهنجو توسان واعدو پئسا عيد تي....!“

اشفاق آذر جو فوٽو ڏسي توهان چوندئو تہ اشفاق وڏي آزار ۾ آهي، جو تہ فوٽوءَ ۾ بہ لڳي ٿو تہ هو ڪنهن کي چتائي ڏسي رهيو آهي ۽ جنهن کي چتائي ڏسي پيو اها شايد هن کي ڪا نہ پئي ڏسي... هن جي فوٽوءَ ۾ هڪ درد آهي. اهڙو درد جيڪو فلمن ۾ هيري جي چهري تي ان وقت ڏسبو آهي، جنهن مهل هيري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي محبوبا ڪنهن ٻئي سان پئي گهمندي آهي ۽ هيرو دل ئي دل ۾ پيو چوندو آهي ته، ”اهو وڳو منهنجو گفٽ ٿيل پاتو اٿس ۽ گهمي وري ٻئي سان پئي...!“ هيءُ فوٽو ڏسي مون ان جي هيٺان عنوان لکيو ”اشفاق آزار ۾“

سڪندر علي هليو جو فوٽو شايد فوٽو گرافر صاحبڻ سان ڏوئيندا آهن ته به ڏنڌلو ايندو آهي ان ڪري ڪاوش ۾ هن جو ڪالم بغير فوٽوءَ جي ائين آهي جڻ ڇهن ٻارن جي وچ ۾ هڪڙو يتيم ٻيٺو هجي. ائين ئي هڪڙي ڏينهن سون منظور ڪان پڇيو ته، ”هن کي هيترن ڏينهن کان ”هليو“ پيو لکين، آخر هي ڪيڏانهن هليو ويو... ڇا گهر وارن کان رُسي هليو ويو...“ ته چيائين ”نه... اهو لفظ ”هَليو“ نه پر ”هُليو“ آهي...“ چئمانس، ”پوءِ هن جو فوٽو ڇو نٿا ڇاپيو... ڇا هن جو هُليو صحيح ناهي؟“

ڊاڪٽر نازيه ميمڻ ته خبرن مهل جيترو مسڪرائيندي آهي، اوترو ڪاوش جي فوٽوءَ ۾ نٿي مسڪرائي... هوءَ ته خبرون پڙهندي ته به مسڪرائي چوندي، ”اڄ بس جي حادثي ۾ ويهه ماڻهو مَري ويا...“ ۽ ٻڌڻ وارو سمجهندو ته هيءَ مسڪرائي پئي ٻُڌائي معنيٰ ماڻهو آرام سان مئا هوندا... امر سنڌوءَ جو فوٽو به اخبار ۾ ڏيڻ جي باوجود به ماڻهو خط لکي اهو پڇندا آهن ته، ”هيءُ ڪير همراهه آهي، جيڪو ايترا ڏکيا ڪالم ٿو لکي!“

امداد سومري جي فوٽوءَ جا به خصا آهن، هڪڙو نڪ کان مٿي ۽ ٻيو نڪ کان هيٺ. نڪ کان مٿي ڏسبو ته هن جي مٿي جا وار ڦٽا پيا آهن، جنهن مان هي شادي شده ۽ گهڻن ٻارن وارو ٿو لڳي، جڏهن ته نڪ کان هيٺ ڏسبو ته هيءُ مسڪرائي پيو جنهن مان وري هيءُ غير شادي شده ٿو لڳي.

قربان بلوچ جو فوٽو ڏسي اندو به ٻڌائي ويندو ته هن جي پٺيءَ ۾ ڪير خنجر هٽيو ٻيٺو آهي. پر سلام آهي هن شخص کي.... ته پوءِ به فوٽو مڪمل ڪڍائي ويو آهي. قربان صاحب کي به



مهراڻ آرٽس ڪلب جي اسٽيج ڊرامن ۾ گڏ اداڪاري ڪرڻ، هالا جي روڊن تي شاعري شيئر ڪرڻ کان وٺي ڪمپوچيا جي سياست کان وڃي نڪرڻ، سنڌ يونيورسٽي جي هوشو هاسٽل کان مهراڻ جي هاسٽلن تائين دوستن وٽ پهچڻ، ادبي پروگرامن ۽ مشاعرن ۾ هوٽنگ ڪرڻ کان وٺي ڪاليج جي اسٽاف رومن ۾ دوستن سان ڀوڳ چرچا ڪرڻ تائين... ائين ڪندي منهنجي ۽ امتياز جي دوستيءَ کي هڪ صديءَ جي چوٿائيءَ جو عرصو گذري ويو.... پر اڄ به جيڪڏهن مون کان پڇيو وڃي ته امتياز ابڙو ڪير آهي ۽ ڇا آهي ته آئون شايد يڪدم جواب ڏئي نه سگهان.... انهيءَ جو سبب اهو آهي ته امتياز جي ذات جا تمام گهڻا حوالا آهن... ۽ ذري گهٽ اهي سڀ حوالا هڪٻئي کان مختلف آهن. امتياز ابڙو سروري اسلاميا گورنمينٽ ڪاليج هالا ۾ مئٿميٽڪس جو ليڪچرار به آهي ته ٽي وي اسٽيج لاءِ ڊراما لکندڙ به آهي... هن ڪهاڻيون به لکيون، ڪتاب به ڇپرايا آهن.... اسٽيج ۽ ٽي ويءَ تي ڊائريڪشن به ڏني آهي.... ڪرڪيٽ جو رانديگر به رهيو آهي.... سنڌ گريجوئيٽس ائسوسئيشن جي پليٽ فارم تان ٻارن جي لاءِ ٽيبلو لکڻ ۽ ڊائريڪٽ ڪرڻ تي ايوارڊ به کنيا اٿس.... اهي سڀ سندس شخصيت جي گهڻ رخي هئڻ جو ثبوت آهي.

امتياز جو موجوده تعارف هڪ مزاح نگار جو آهي. هو گذريل ڪيترن ئي سالن کان ڪاوش ۾ ”ڀوڳن ڀوڳن ۾“ جي نالي سان ڪالم لکندو اچي.... سندس ڪالمن جي مقبوليت جو اهو عالم آهي ته ڪافي ليکڪ به اهو اعتراف ڪندا آهن ته سندن فيملي جي اندر به امتياز جي ڪالمن کي وڏي چاهه سان پڙهيو وڃي ٿو... اخبار ۾ ڇڪجندڙ جهيڙن، قتلن، سياسي ڀيڄ ڊاهه، پريمي جوڙن ۽ تباهيءَ وارين اداس خبرن ۽ مضمونن جي وچ ۾ امتياز ابڙي جا مزاحيه ڪالم مايوس ٿي ويندڙ سنڌ واسين کي هڪ خوبصورت ٽهڪ ڏيڻ جو موقعو فراهم ڪن ٿا.

سچ ته مٽياري ڪتاب دوست وارن هي ڪتاب ڇپرائي سنڌي ٻوليءَ ۾ مزاح جي کوٽ کي پوري ڪرڻ ۾ اهو ڪردار ادا ڪيو آهي.

**منوج ڪمار**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني ۾ چار ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آس رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي ڄڱَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڙَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙَهَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان ڳڌ جوابَ ڳولڻ کي نه رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان به پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو ته ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو سات نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book